
ريڑهي ميات



منصور ٽلهو

ريڑهي مِيانڻ

(ناول)

منصور ٽلهو

سڀئي حق ۽ واسطا محفوظ آهن.

ڪتاب جو نالو:	ريڑهي مِياڻ (ناول)
لکيڪ:	منصور ٿلهو.
ڇاپو پهريون:	آڪٽوبر 2011ع
ڇاپو ٻيو:	اپريل 2015ع
ڇپائيندڙ:	سنڌ ساحل ڪارو ڇاڻ پبليڪيشن.
ڪمپوزنگ:	اشرف سولنگي ۽ محمد عمر ناريجو.
ٽائيٽل:	عبدالفتاح هاليپوٽو.
ڇپيندڙ:	پارس پرنٽنگ ايجنسي حيدرچوڪ. حيدرآباد (0300-3014195)
تعداد:	1000.
قيمت:	300.
رابطي لاءِ:	0306-3946830

Rehri Marian
Novel

Writer:	Mansoor Thalho.
Title:	Fatah Halepoto
First Edition:	October 2011
Second Edition :	April 2015.
Quantity:	One thousand.
Composed by:	M. Umar Narejo.
Printing by:	Paras printing agency Hyder Chowk Hyderabad.
Published by:	Sindh Sahil Kharo Chhan Publication.

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
01	باب پهریون	35
02	باب پیو	61
03	باب ٹیون	90
04	باب چوٹون	120
05	باب پنجون	141
06	باب چهون	155
07	باب ستون	182

ننڍڙي پيٽ شيرا گون گون

(Sheira Gon Gon)

شيرا جي چهري تي سدائين ماڪ جهڙي معصوم مرڪ پکڙيل هوندي هئي. ٿوري ٿوري ڳالهه تي ٽهڪڙو ڏيندي، سنڌودرياءَ جي چولين وانگر بي پرواهه، مستيءَ ۾هلندي هئي. شيرا پوارتوريڪو(PUERTO RECO) جي شهر آر روجو(AR Rojo) ۾ سيپٽمبر 1983ع ۾ جائي، 13 جنوري 2014ع آمريڪا ۾ وفات ڪيائين.



September 1,1983-
enero 13, 2014

هڪ ڏينهن چيائين.....!

ادا.....زندگي ٿوري آهي.....

دل ۾ چوندي آهيان .....

ڪلي وٺ ۽ ڪلائي وٺ، پاڻ ڪي ريجهائي وٺ

پوءِ گهڙي ملي يا نه ملي

اندر ۾ ڏک هوندي به

آئون ٽهڪ ڪيئن ڏيان ٿي.....!؟

سا..... مون کي خبر نا هي.....!؟

شايد..... زندگي ٿورڙي آهي....

ٻئي ڏينهن رات جو خبر پئي ته شيرا اسپتال ۾ داخل آهي، اُن وقت دوست ڊارون ٽريادو (Darwin Triado) سان گڏجي اسپتال ويس، شيرا جون اکيون بند هيون، سندس مُنهن تي مُسڪراهٽ پکڙيل هئي.ان گهڙيءَ ايئن محسوس ٿيو، جڙ شيرا ٽهڪ ڏيڻ واري آهي. پرنہ..شيرا ٽهڪ نہ ڏنا. هاڻي هن جا ٽهڪ سانت ۾ڪڏهن فضائن ۾، ڪڏهن هوائن ۾ ٻڌان ٿو.

منصور ٿلهو

Dedicated To.....

Little Sister Sheira Gon Gon

Sheira smiled as the dew glittered in the morning. Her Laughter was as Spontaneous and free as the waves of Sindhu and always full of vigour.

Sheira was born in September, 1983 in AR Rojo, Puerto Rico and died on January 13,2014 in US.


One day she said life is indeed very short. "Sometime I say in my heart. happiness and freedom should prevail human spirit. Let yourself be happy let others be happy and let life be an inspiration before we are no more".

How could I Laugh despite all these odds and pain. I simply don't know, may be life is too short for regrets and grievances.

And the next day, I came to know that she was admitted in hospital. I went to see her with my friend Darwin Triado. Though her eyes were closed, but a deep, fascinating smile dominated her face.

I felt like sheira would stand up and smile as before, but now her little laughter could only be heard in the air.

Mansoor Thalho **7th April 2015**



پہ اکر

هَڊسن درياءَ (HUDSON RIVER) جي ڪناري سان هلندو، ڊگهن، گهاٽن وڻن جي اُنهن چوٽين کي ڏٺم. جيڪي هوا تي لڏي رهيون هيون. درياءَ ۾ اُنهن وڻن جو عڪس ڏاڍو سهڻو لڳي رهيو هو. ڪُجهہ وکون کڻي اڳتي هليس تہ درياءَ جي ڪناري سان ٻيڑين کي ٻيڙل ڏٺم تہ منهجا خيال ريڑهي مياڻ جي ٽڙ ڏانهن هليا ويا. اکين اڳيان ريڑهي مياڻ جي ڳوٺ جو نظارو اچي ويو. ريڑهي مياڻ جي ڳوٺ ۾ ننڍڙا وڏڙا سترنهن (17) ٽڙ (ٻيڑين جي ٻيهڻ واري جاءِ کي ٽڙ چئبو آهي) آهن.

تڙن تي جڏهن گهاتو مڇيءَ جو شڪار ڪري آڻين ٿا تہ ناکئن جا ميلا لڳي ويندا آهن. اهو سوچيندي منهنجي ذهن ۾ ريڑهي مياڻ جا تڙ، گهاتن، خلاصين ۽ ٻيڙائتن جا تصور ۽ انهن جون درد پريون ڪهاڻيون سوچن ۾ سِرجڻ لڳيون. جڏهن گهاتو پنهنجا ٻيڙا ، هوڙا ٽڙ ڪان هڪلي سمنڊ طرف مڇين جي شڪار لاءِ نڪرندا آهن تہ اُن مهل ٽڙ وارو ماحول ڏڪارو ٽي ويندو آهي. هر ڪو اُداس نگاهن سان گهاتن کي ڏسندو آهي،ٻيڙائتن ۽ گهاتن جي ٽڙ ڇڏڻ سان انهن جي مائرن، پينرون ۽ ونين کي اندر ۾ هزارين وَڍِ پئجي ويندا آهن. پوءِ وسوسا ، اُلڪا ۽ اُڌما اُنهن جي مَنِ ۾ درياءَ جي ڪُن وانگر وراڪا ڏيندا آهن. اُهي مائرون ، پينرون ۽ ونيون اُلڪن ۽ اُڌمن سان گڏ ، تن جا ساهہ ، آسن ۽ اُميدن جي ڏور ۾ اٽڪيا ٻيڙا هوندا آهن. سي گهڙيون وڏيون ٻيڙاڻ واريون هوندیون آهن.

جيئن لطيف سرڪار سُر سامونڊيءَ ۾ فرمايو آهي.

"نہ سي ٽڙ هوڙاڪ، نہ وايون وڃارن جون!
سرتيون سامونڌين جا، اڄ پڻ چڪيم چاڪ،
مارينم فراق، پاڙيچون پريَن جا.

جيستائين ٻيڙائتا شڪار گهوري واپس ورندا ناهن، تيسين اُهي مائرون، پينرون ۽ ونيون پنهنجي من ۾ اُميدن جا ڏيئا ٻاريندیون رهنديون آهن. تن جي ساهه جون تندون درياءَ جي ڏڏڪن ۽ سمنڊ جي لهرن سان اٽڪيل هوندیون آهن. اُنهن جي سينن ۾ پلجندڙ درڊن جي پيڙاءُ کي ٻيو ڪير ڄاڻي ڪونہ سگهندو آهي. ڪاش جيڪر ڪو وڃي ٻيڙائتن جي مائرن، پينرن ۽ ونين کان پڇي ڏسي.....! اُن منظر کي ياد ڪندي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو بيت ياد اچي ويو.

ڪالهَہ ڪَلاڇِيءَ وئا، گهاتو ۔ ۔ ۔ ۔ هور،
مـادَر ملاحَـن جـا وينـي سَـهان سـور،
مَون کي ڪري مَلوُرَ، اونهين وئا اوهري.

آئون جڏهن ٻيڙين کي ڏسان ٿوتہ سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ جا خيال رَيڑَ (جار) وانگر وجود کي وکوڙي وڃن ٿا. جيئن رَيڑَ ۾ ميڇي ڦاسي پوڻ ڪانپوءِ ڦٽڪندي، لُڇندي ۽ تڙپندي آهي، تيئن آئون پڻ لُڇڻ ۽ ڦٽڪڻ لڳس. ريڑهي مياڻ ڳوٺ جي هڪ هڪ شيءِ ياد اچڻ لڳي. ريڑهي مياڻ جا ٽڙ، انهن ٽڙن تي ڪِيڙَ (ننڍي ميڇي) جا ڍير، گند (سَنهي ميڇي) جا کوڙ، ريڑهي مياڻ جون گهٽيون، ريڑهي مياڻ جي مختلف پاڙن ۾ عورتن جا هوٽل، خاص طور مائي فاطمي (فاطمہ) جي هوٽل ٻاهران پَٽ تي ويهي ڊاڪٽر جليل ڪٽي ۽ ريڑهي مياڻ

جي نوجوان محمد حسن جنهن کي ريڑهيءَ ميان وارا ماڻهو "گهڇ" سڏيندا آهن. اسان گڏجي چانهه پيتي هئي پوءِ مائي فاطمي اچي اسان سان گڏ ويٺي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي ڪجهه واقعن جي بابت ٻڌايو هو .

"ٻيڙائتن جون عورتون پنهنجن پيارن گهاتن جي ياد ۾ هڪ هڪ پل اُنهن جي انتظار ۾ ڪيئن گذاريندیون آهن...!!! انهن جي وڇوڙي ۾ سڄي حياتيءَ پيون وهَ جا ڏُکَ پريندیون رهنديون آهن."

هڏسن درياءَ جي ڪناري سان گهاتن وٽن جي ساون پنن مان هوا گذرندي جڏ سُرَ آلاپڻ لڳي هئي. اِئين ٿي لڳو جڏ ريڑهيءَ ميان جا فنڪار گهاتن جي وڇوڙي جا درد پريا گيت ڳائي رهيا هجن. مونکي ريڑهيءَ ميان جا فنڪار اِبو وادو، رزاق راهي ۽ ٻيا فنڪار جن سان ريڑهي ميان جي ٿڙ ٿي گهاريل محفلون، گهاتن، خلاصين ۽ ٻيڙائتن سان ڪيل روح رهاٽيون ياد اچي ويون پوءِ ڪيئي پهر بيٺو رهيس.

گهاتن ۽ ٻيڙائتن جي زندگي ڏاڍي ڏک پري هوندي آهي، سي ڪئين پنهنجا ٻيڙا ڪاهي ٿڙ کي ڇڏي، پنهنجي پيارن کي ڇڏي، درياءَ جي ڏڏکن جو رُخ ڪندا آهن ۽ سمنڊ جي تيز لهرن جو مڙسيءَ سان مقابلو ڪندا آهن.

گهاتو سمنڊ ۾ رَڇ (ڇار) کي پوکي ڪيئي راتيون ۽ ڏينهن اتي ترسي اوجاڳا ڪري، شڪار گهوري جڏهن ٿڙ تي موٽي ايندا آهن ته ميلا مچي ويندا آهن، انهن جي عزيزن، دوستن، سڄڻن، ونيٽن، مائرن ۽ پينرن جي چهرن تي نئين

زندگي جا آثار گلن وانگر ٽڙي پوندا آهن، جيڪي ٿورو اڳي پنهنجن پيارن ٻيڙائتن ۽ گهاتن جي انتظار ۾ جهريل هيا.

"چمڪيون چوڏار، ڏڃون ڏاريچن جون،
ماءُ! ساموندي آئيا، سهسين ڪري سينگار،
انين جي پچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري."
(سُرسامونڊي)

پرڏيهَ ۾ ڏيهه وارن جون يادون پيڙائي وجهن ٿيون. وطن جون هوائون، سڃڻن، سنگتين جون يادگيريون ۽ انهن سان گهاريل قربائتيون گهڙيون، روح رهاڻيون اندر کي اُڌما ڏياري ، ماري ۽ رلائي وجهنديون آهن. عزيزن قريبن ، رفيقن جون تصويرون سيئي فلم جيان اکين اڳيان ڦرنديون رهنديون آهن. ان وقت ائين محسوس ڪندو آهيان، جڙ آريءَ سان ڪوئي منهنجي وجود کي ويڍي، ڪپي ۽ ڪوري، اڌو اڌ ڪري رهيو آهي. ڪيئي پهر ڪناري تي ڦٽڪندڙ مڇي وانگر ڦٽڪندو لڇندو رهندو آهيان.

ڪڌهن خيالن جي ڪُن ۾ ائين ڦاسي پوندو آهيان، جڙ سمنڊ جي ويڑ ۾ ڳچل ٻيڙيءَ جو تختو هجان ۽ بي وس لهرن جي آڌار تي ڪنهن گهڙيءَ ڪهڙي طرف ته ڪڌهن ڪهڙي ڪنڊ ڏانهن لڙندو ٿو وتان، پوءِ اُميد جي آس تي ساهه ڪٽي سوچندو آهيان.

"اُهو وقت ڪڌهن ايندو جو وطن وري ويندس، سڃڻن جا ماڳ ۽ ميائيون ڏسندس، درياءَ جون ڪاريون، ڇڇ ڇاڙون ۽ سنڊوءُ جون قربائتيون ڪنڊيون ۽ ڪنارا ڏسندس.
سياڻن سچ چيو آهي، ديس ۽ پرديس ۾ وڏو فرق آهي. پرديس ۾ نه ڪو عزيز، نه ئي عزيزائپ، نه ڪي مَانجهين وارا منڍا

بول بولڻ وارو، نہ ئي بانهن ٻيلي، نہ کو اوکي ۾ سڏ ڏيڻ ۽ ٻڌڻ وارو، نہ ئي وري سڏ پنڌ هلڻ وارو. پر مان گذرندڙ ماڻهو بہ اِئين لڳندا آهن، جڻ اسان جي وچ ۾ سوين ميلن جو مفاصلو هجي ۽ اُهي درياءَ جي ٻئي ڪنڊيءَ تي رهندا هجن.

گس ۽ وات تي هلندڙ ماڻهو هڪٻئي کان اوپرا، اڻ واقف ۽ اڻ ڏٺل اُهي هڪٻئي جي پاسن کان هوا جي جهُوٽن وانگر گذري ٿي ويا. ان وقت ماڻهو کي اڪيلائپ جو احساس وڌ ويڙهيءَ وانگر ورائي وجي ٿو. ديس وارن جي آس ۽ تانگهه ۾ ساهه آٽڪيو، اُڏما ڪائيندو آهي. اُن وقت يادن جو سُيون جسم ۾ چُبندي محسوس ڪندو آهيان اُنهن سُئين جو درد اُهو جاڻي جنهن جي وجود ۾ لڳنديون آهن.

هت ساهه ڪڍي اِيئنءَ پائيندو آهيان، جڻ پويان پساهه هجن ۽ ساهه نڪرڻ وارو هجي جڏهن اهو خوف اندر کي وکوڙي وٺندو آهي تہ وجود مان اُپ ڏارينڊ دانهن نڪري ويندي آهي..."هتڙي ساهه نہ نڪري. هتي جيئري ڪوئي ڪنهن جو ڪونهي ، هت ڪو ڪنهن جو ڪانڊي ڪونهي..... اتي دل اُڏما ڏئي اِئينءَ تنواريندي آهي، جيئن لطيف فرمايو آهي تہ

"واجهائي وطن کي، آئون جي هت مُياس،
گور منهنجي، سومرا! ڪج پنوهارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وجي مڙهه مليرڏي .
(سُر مارئي)

"الا! ائين مَ هوءِ، جئن آن مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وجان لوءِ، مَرپجنم ڏينهڙا .
(سُر مارئي)

هڏسن درياءَ منجهه هڪ ٻيڙي وڃي رهي هئي، اُنهيءَ ۾ ويٺلن ماڻهن کي ڇتائي ڏسان ٿو. مونکي ناڪئا ۽ خلاصي ڏسڻ ۾ ڪو نه آيا. خيال کي جهٽڪو ڏئي ان ٻيڙيءَ کي ڏنر ته نوجوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ٽهڪ ڏيندا، خوشيءَ مان هڪٻئي سان کيچل ڪندا ، گيت گائيندا وڃن پيا.... اُها ٻيڙي گهڙيءَ کان پوءِ اکين کان اوجهل ٿي ويئي من ڪوماڙجي ويو. تنهن وقت سانجهيءَ مهل ٿي چڪي هئي.هڏسن درياءَ جي ڪناري سان وڻن کي ڏسڻ لڳس مون کي پکين جا آواز ٻڌڻ ۾ ڪونه آيا، نه وري وڻڻ جي ٽارين ۾ پکين جو ڪو آکيرو ڏسڻ ۾ آيو.

ريڙهيءَ ميان بابت من ۾ گهاڻيون اورينديءَ هڪ گاله ياد اچي وئي ته سلمونبي ماڻهن جي لهجي ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهه لفظ اسپيني ٻولي ۾ موجود آهن.

آئون هڪ ڏينهن مئنيجر ماريا موريل (Maria Morial)، جي آفيس ۾ داخل ٿيس ته ٽهڪڙن وارو ماحول لڳو پيوهيو. ماريا موريل جي زبان اسپيني (Spanish Language) هئي. هن جي آفيس ۾ اسپني ڇوڪريون، اَميليا (Amelia)، جزيل (Giselle)، سارا (Sara)، شيرا (Sheira)، ملينيا (Milena)، ڪارمين(Carmen)، ڪيشلا (Keishla)، تريسا(Teresa) ڪُليڪا،(Culeyka) ۽ تمارا (Tamara) ويٺيون هيون. پوءِ آفيس ۾ راحيلامائيڪل، (Reheela Micheal) روبِن(Robyin) آيون.

مئنيجر ماريا موريل (Maria Morial) پاسي واري ڪرسيءَ ڏانهن مون کي ويهڻ جو اشارو ڪيو.

ماريا.....مهرباني

"گراسيا"..... (اسپيني ٻوليءَ گِراسيا لفظ جي معنيٰ آهي مهرباني).
ماريا موريل جو(Grasia)"گراسيا" لفظ ٻڌندي، مونکي ساموندي پٽيءَ ۾ "گراسيا" جَتَن جو پاڙو (اوڙڪ) ياد اچي ويو. پوءِ آئون سيني جيَ ڳالهه ٻولهه ڏيان سان ٻڌي رهيو هوس، سيئي پاڻ ۾ اسپيني ڳالهائي رهيون هيون. پر ڪيترائي لفظ سنڌي ٻوليءَ. وارا ٿي ڳالهايائون. أنهن لفظن منهنجي ذهن کي جهنجهوڙي ڇڏيو. ڇو ته انهن جو أُچار هوبهوسنڌي ٻوليءَ جي لفظن جهڙو هو. ۽ معنيٰ به ساڳي ظاهر ڪري رهيا هئا.
مثلاً. سنڌي ٻولي جو لفظ "تو"
اسپيني ٻوليءَ جو لفظ "TU"
سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "سپانو" معنيٰ (پيرجي جُتي)
اسپيني ٻوليءَ جو لفظ "سپاتو" (Zapato)
اسپيني ٻوليءَ ۾ "ز" (Z) جو أُچار "س" (S) ڪڍيو ويندو آهي.
پوارٽو ريڪو (Puerto Reco) جا ماڻهو چمپل کي "چنڪليتا" (Chancleta) ۽ سپاتو (Zapato) چوندا آهن.
سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "پئسو" معنيٰ رقم
اسپيني ٻوليءَ جو لفظ (Peso) پئسو معنيٰ رقم
ڏنو وجي ٿو ته حروف تهجي جي حوالي سان مٿين لفظن جي شڪل مٽيل ضرور آهي، پَر أُچارَ، معنيٰ ۽ مطلب ساڳيا آهن.
ڪجهه لفظ اهڙا آهن. جيڪي منهنجي ذهن ۾ درياءَ جي ڪُن وانگر ڦرندا رهيا. منهنجو خيال ريڙهي مياڻ جي ماڙهن (ماڻهن) ڏانهن هليو ويو. جو ته اسپيني چوڪريون پنهنجي

ڳالهه ٻولهه ۾ جيڪي سنڌي لفظ استعمال ڪندين رهيون اهي لفظ "لاڙي لهجي" ۾ خاص ڪري ريڙهي ميارُ جا ماڻهو (ماڙ) استعمال ڪندا آهن. ريڙهي ميارُ جي ماڻهن جو گفتگو ڪرڻ جوانداز بلڪل نرالو آهي. هن ڳوٺ جي هڪ خاص ڳالهه اها آهي تہ "ريڙهي ميارُ" جي هر پاڙي جي ماڙهن(ماڻهن) جو سنڌي زبان جو لهجو ٿورو الڳ آهي. اهو لهجو هر ماڻهو سمجهي نہ سگهندو، جيڪو ماڻهو ريڙهي ميارُ جو رهاڪو هوندو، اهوئي ڄاڻندو آهي تہ هي "ماڙ" (ماڻهو) ريڙهي ميارُ جي ڪهڙي پاڙي جو آهي. ريڙهي ميارُ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي جو رنگ ڍنگ بہ نرالو آهي. اهي پنهنجي عام ڳالهه ٻولهه، ڪرت ۽ وهنوار ۾ "جو"، "جا"، "جالاءِ"، "ڪهڙو"، "ڪنهن جي لاءِ" لفظ استعمال ڪونہ ڪندا آهن. پر متين لفظن جي جاءِ تي "ڪي"، "ڪِ"، "ڪِجا"، "ڪُجاڙو" ۽ "ڪِجاڙو" وارا لفظ استعمال ڪندا آهن.

"مون" ۽ "منهنجو" لفظن جي جاءِ تي "مِي" جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. ريڙهي ميارُ جي ماڻهن جو سامونڊي پٽين سان گهڻو تعلق آهي، هنن جو ڏنڏو "گهاتن" وارو آهي. هي ماڻهو سمنڊ سان سڌ رکندا آهن ۽ سمنڊ تي ساهه ڏيندا آهن. جيئن تہ سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ جو گهڻو حصولاڙ (ڏنڏو ضلعو) ۾ اچي ٿو. اُتي ماڻهن جو لهجو بنهه سادو ۽ مانيٽو آهي. لاڙ جي شهري ماڻهن ۽ سامونڊي پٽيءَ ۾ رهندڙ ماڻهن جي لهجي ۾ فرق آهي.

ريڙهي ميارُ جا ماڻهو ڪ، ڪو، ڪي، تون، مي، وارا لفظ عام طور استعمال ڪندا آهن. اُهي ساڳيا سنڌي زبان وارا لفظ اسپيني ٻوليءَ ۾ پڻ استعمال ڪيا وڃن ٿا.

مثال طور: توکي ڪِ هاج ڪپي...؟ (توکي چا ڳُهرجي)
اسپيني جملو. ڪ تون ڪيرس (Que Tu Quieres) توکي چا ڳُهرجي
چوڪري ڪِ ڪار پئي ڪرين...؟ چوڪري کهڙو ڪم پئي ڪرين...؟
ناکئي ۾ ڪِ هاج پئي..؟ ناکئي ۾ کهڙو ڪم پيو.
"لِي! توزيبوءَ وٽ ڪو وئين"..؟ (مائي! تون زيبوءَ وٽ ڇو وئين..؟)
"لِي! ڪُجا گهنڻ آئي آهين" مطلب ته (مائي چا ونڻ آئي آهين)..؟
اندونيشيائي بوليءَ ۾ "لِي" جي معنيٰ "چوڪري"
"لِي" جو لفظ ريڙهيءَ ميارَ جي ملڪاڻي پاڙي جا ماڻهو استعمال ڪندا هئا.
هينئرريڙهيءَ ميارَ جي سيني پاڙن ۾ "لِي" (مائي) جو لفظ استعمال ٿئي ٿو.
سنڌي بوليءَ ۾ لفظ "مائي" جيڪو عام عورت ۽ ماءُ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.
اسپيني بوليءَ ۾ خاص طور تي ماءُ (Mother) جي لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي. مثال: جو ڪِيرو اِي مِي مائي. (Yo Qiuero a mi mai) هن جملي جي معنيٰ آهي، آئون پنهنجي ماءُ سان پيار ڪريان ٿي/ ٿو.
جڏهن ته اسپيني بوليءَ ۾ ڪَ، ڪِ، تو، مائي انهن لفظن جا اُچار هوبهو ريڙهي ميارَ جي ماڻهن جي لهجي جهڙو آهي.
مثال:
ڪ پاسا (Que Pasa) ..... چا مسئلو آهي؟
ڪِي پاسو (Que Paso).....چا مسئلو هيو؟
ڪِ تو ڊي سيس (Que Tu Dices)..... چا تو چيو؟
ڪِي تو پيئن ساس (Que Tu Pinsas) چا تون پي رهيو آهين؟

ڪِي تو ڪوميس (Que Tu Comes) چا تون ڪائي رهيو آهين؟
اسپيني جملو1. مِي ڪا تيرا ايس گراندا (Me Cartera Es Granda)...منهنجي وڏي بيگ آهي.
2. ايستا ايس مِي ڪارو(Esta Es Mi Carro) هيءَ منهنجي ڪار آهي.
ريڙهي مياڻ جا ماڻهو "مِي" جو لفظ هن طرح سان جملن ۾ استعمال ڪندا آهن.
مِي ڪي ڏي.....(مون کي ڏي)
هوڙو مِي جو آهي.....(هوڙو منهنجو آهي)

انسانن وانگر ٻولين جو به پاڻ ۾قديم رشتورهيو آهي. جيئن ته ڪو ماڻهوڪٽي دنيا جي ڪهڙي به حصي يا خطي سان تعلق رکندڙ هجي، پر ان جون ڪجهه عادتون، خصلتون، رنگ ڍنگ، اُٺڻ ويهڻ جو انداز، کلڻ ۽ روئڻ، اشارا ۽ مهاندن جي بيهڪ، ٻي خطي جي ماڻهن سان نهڪندڙ ۽ ملندڙ جُلندڙ هوندیون آهن. اهڙيءَ طرح سان دنيا جي مختلف حصن يا خطن ۾ هزارين ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن ٻولين جا ڪجهه آواز ۽ اکرن جي اُچارڻ وارا پد هوبهوهڪجهڙا هوندا آهن، ڪي لفظ ساڳي معنيٰ ڏيندا آهن ۽ ڪجهه لفظ جن جو آوازن وارورڊم ساڳيو، پر معنيٰ ۽ مطلب مٽيل هوندا آهن. حروف تهجي جي حوالي سان لفظن جي بيهڪ، جوڙجڪ ۽ شڪل ۾ مٽيل هوندا آهن.

مثال طور: سنڌي زبان جو لفظ "ساڌا" جنهن جي معنيٰ "جِيت" آهي. هي جيت زهريلو ٿيندوآهي، هن جو قد بن انچن کان ڇهن انچن تائين ٿيندو آهي. "ساڌا" جيت جون ٽنگون ڏگهيون ٿيندیون آهن. ساڌا جي نالي سان ديهه

شيخاڻي، تعلقو ٽنڈو ضلعو ٽنڈو ۾ حيدرآباد کان ڏکڻ ويندڙ رستي ۾ "ساپا" موري جو هنڌ آهي. ڇيو وڃي ٿو ته ڪنهن زماني ۾ هن جاءِ تي جيت (ساپا) هوندا هئا. ڪن روايتن موجب ساڻيا موريءَ وارو لفظ سپاهَ مان ورتل آهي.

انڊونيشيائي (Indonesia) ٻوليءَ ۾ "ساپا" (Sapa) جي معنيٰ ڪيڪار، دعا سلام ڪرڻ.

ملائيشائي (Malayisa) ٻوليءَ ۾ "ساپا" جي معنيٰ ڪير (Who) آهي.

لفظ لاري (Lari) سنڌي ٻوليءَ ۾ "لاري" جي معنيٰ گاڏي (بس) آهي.

انڊونيشيائي ٻوليءَ ۾ "لاري" جي معنيٰ آهي ڊوڙڻ، ڊُڪڻ، ڀڄڻ،

ملائيشيائي ٻوليءَ ۾ ۽ "لاري" جي معنيٰ آهي ڊوڙڻ، ڊُڪڻ، ڀڄڻ،

سنڌي ٻوليءَ ۾ "ماني" جنهن جا ڪيترائي قسم آهن.

چانورن جي ماني، ڀاجهر جي ماني، جوئر جي ماني، ڪڻڪ جي ماني،

ڀهراڙي جو عورتون گهرن ۾ چانور، جوئر، ڀاجهر ۽ ڪڻڪ جي داڻن کي جنڊ ۾ پيهي انهن جو اٽو ڪنديون آهن، هاڻي چڪين جي ذريعي پيسائي وارو ڪم ڪيو ويندو آهي.

اسپيني (Spanish) ٻوليءَ ۾ "ماني" جي معنيٰ مڱيرا (Peanut) ، ڪاجا.

انڊونيشيائي ٻوليءَ ۾ "ماني"، (Mani) مانس (Manis) معنيٰ منائي،ڪنڊ ڪاڍ مني شئي. ٽنهي ٻولين (سنڌي، اسپيني، انڊونيشيائي) ۾ لفظ "مانِي" جو مطلب ۽ مقصد هڪجهڙو آهي، (ڪاڍي جي شئي).

سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "سارنگ" معنيٰ "وسڪاري جي مند" خوشيءَ جي نشاني يا خوشحالي جي علامت.

انڊونيشائيءَ ٻوليءَ ۾ "سارنگ" (Sarong) جي معنيٰ "وهاڻي جي چَوَ" ۽ وهاڻي کي "بنڈل" (Bantal) چوندا آهن.

انڊونيشائي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ آهن جن جي اُچارڻ وارو ڍنگ، معنيٰ ۽ مطلب سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جهڙو آهي.

مثال: سنڌي ٻوليءَ جا لفظ:

صابڻ، ميدان، ٽوپي، ڪرسي

انڊونيشائيءَ ٻوليءَ جا لفظ:

Sabun "صابن"، Medan "ميدان"، Topi "ٽوپي" Kursi "ڪرسي"

انڊونيشائي ٻوليءَ ۾ ڪي لفظ اهڙا آهن، جو هڪ لفظ ڪي بن يا چئن اسمن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

مثال: سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ "ٻِيبِي" عورت جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پر انڊونيشائيءَ ٻوليءَ ۾ پيءُ جي پيٽ (ڦڏي) ۽ ماءُ جي پيٽ (ماسي) کي "ٻِيبِي" (Bibi) چوندا آهن.

انڊونيشائي ٻوليءَ ۾ پيءُ جو ياءُ، "چاچو"، پيءُ جي پيٽ "ڦڏي"، ماءُ جو ياءُ "مامو" ۽ ماءُ جي پيٽ "ماسي" انهن سيني رشتن جي لاءِ هڪ لفظ "Paman" "پامن" ڪتب آڻيندا آهن.

وڏي پيٽ ۽ وڏي ياءُ جي لاءِ "Kakak" "ڪاڪَ" ۽ ننڍي پيٽ ۽ ننڍي ياءُ جي لاءِ "Adik" آدڪ جو لفظ استعمال ڪندا آهن.

بي خاص ڳالهه اها ته ڪجهه رشتن جي لاءِ هڪ لفظ استعمال ڪندا آهن. چاچي جي اولاد "سؤٽ"، مامي جي اولاد "ماروٽ" ماسي جي اولاد "ماسات" ڦڏي جي اولاد "ڦڏات" انهن سيني رشتن لاءِ هڪ لفظ "سِپوپُو" (Sepupo) ڪتب آڻيندا آهن.

ڏنو وجي ته مختلف زبانن جا لفظ اچارڻ ۾ هڪجهڙا آواز ڪڍن ٿا پر مختلف ۽ متيل معنيٰ ڏيکارين ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "اِيسَ" معنيٰ گڏ جي بانهن يان بانهين.

اسپيني ٻوليءَ جو لفظ (Es) اِيس معنيٰ "آهي".
سنڌي ٻوليءَ جو لفظ ڪارو.....گهوڙي جو قسم، رنگ جو قسم
اسپيني ٻوليءَ جولفظ (Carro) ڪارو..... معنيٰ "ڪار" سواري جو قسم.
سنڌي ٻوليءَ جو لفظ "ساءِ" جنهن جي معنيٰ "ساهه"
ٽائي ٻولي ۾ "ساءِ" (Sroi) جنهن جي معنيٰ آهي "هار"
ٻنهي ٻولين ۾ لفظ "ساءِ" جي اُچارڻ وارو رڌم ساڳيو آهي پر مطلب مختلف ڏيکارين ٿا.

سنڌي ٻولي جو جملو آهي، "بَس اچي پئي" يا "بس آيو". نيپالي ٻولي ۾ به "بس آيو" ساڳيو جملو استعمال ٿيندو آهي. جنهن جي معنيٰ ۽ مطلب به هڪ جهڙو ظاهر ٿئي ٿو.

هن سڄي بحث ۽ اُپنارجو مطلب آهي ته دنيا جي ٻين ٻولين ۾ به اهڙا لفظ آهن، جيڪي سنڌي ٻولي ۾ گهاڻايا وڃن ٿا ۽ پڻ سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جي به پروڙ پئي ٿي، اهو هڪ اهم لساني بحث آهي. ٻولين جي تقابلي تحقيق جو ڪم اسان وٽ ٿيوئي نه آهي، جيڪو ٿيڻ گهرجي، آئون يقين سان چوان ٿو ته اهڙي تحقيق سان سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ وسعت وڌيڪ نڪري نروارٿيندي.

ناول ريڑهي ميان جي ٻئي ڇاپي ۾ مان ڊگري ڪاليج ننڍي جي استاد محترم اعجاز"اسد" پليجو، رسول بخش سولنگي، محمد عمر ناريجو ۽ اشرف سولنگي جو ٿورائتو آهيان.

منصور ٽلهو

چپائيندڙ پاران

منصور ٽلهي جو ناول "ريڑهي ميان" جو پهريون چاپو 2011ع ۾ سنڌ ساحل کاروچاڻ پبليڪيشن پاران ڇپرايو ويو هو. ريڑهي ميان قديم بندرن مان هڪ بندر آهي ۽ اڄ به وسندڙ آباد بندر آهي.

ان کان اڳ ليکڪ جو تاريخي ناول "مِٺي ۽ مهاڻا" 2008ع ۾ ڇپرايوسين. هي ٻئي ناول سنڌ جي ساموندي پٽيءَ ۾ درياهن جي ڪنڌين ۽ ٻيٽن تي رهندڙ مهاڻن، خلاصين، ناکُدائن، ملاحن جي زندگي بابت ڇڻو ۽ حقيقت پريو احوال پيش ڪيو آهي. هتي جي ماحول ماڻهن جي سماجي ۽ معاشي، رهڻي ڪهڻي، انهن جي ريتن رسمن جا احوال سهڻن لفظن ۾ ليکڪ محفوظ ڪيا آهن.

ليکڪ ساموندي پٽيءَ جي اُجڙيل ماڳن، بندرن، ڪنڌين جي درد کي پنهنجو درد سمجهي ناول جي ڪردارن ۾ ڏيکاريو آهي. سنڌ جي ڇوڙ وارو علائقو جيڪو ماضيءَ ۾ خوبصورت، خوشحال ۽ تاريخي حصو رهيو آهي ۽ هيءَ پٽي پاڻ واري ليکي ويندي هئي ۽ حقيقت ۾ اها هئي. پر افسوس جوواڳ ڏٺي هن ڌرتيءَ جو درد وساري وينا آهن، هينئر ساموندي پٽيءَ وارو علائقو ڏک پريو ڏيک ڏئي ٿو.

منصور ٽلهو درياهن جي ڪنڌين سان قرب وندينڊي کارين، ڇاڙين ۾ هلندي ملاحن، مهاڻن، خلاصين ۽ گهاتن سان ملندو، انهن جي اندر واري پيڙاءَ کي محسوس ڪندي لکندو رهيو. ليکڪ جو ساموندين سان سڪ جو سڳو ڳنڍجي ويو، جيڪو اڄ ڏينهن تائين هلندو اچي ٿو. پر ڏيهه ۾ رهندي به هر هفتي ساموندي پٽين ۾ رهندڙ ناکئائن، شاعرن، سڳهڙن،

فنڪارن سان حال احوال اورينڊو رهيو آهي. ڪين اهو احساس ڏيارينڊو رهيو آهي تہ آئون درياهہ جي هڪ ڪنڊيءَ تي آهيان ۽ توهين ٻئي ڪنڊيءَ تي آهيو، پاڻڻي ايندوهڪ ڏينهن ملائيندو.

منصور ٿلهي جو سامونڊين ماڻهن سان محبت جو هڪ ٻيو مثال ٻڌايان ٿو. منصور ٿلهي "اڪر پٽي" (سامونڊين جا لفظ) ياڳو پهريون، هي ڪتاب جولاءِ 2014ع ۾ سنڌيا پبليڪيشنس شڪارپور، حيدرآباد وارن ڇپرايو آهي. ليڪڪ هتي جي ماڻهن جي ڳالهہ ٻولهہ ڪي ۽ ان ۾ استعمال ٿيل سنڌي ٻوليءَ جي پراڻن لفظن ڪي ڪنو ڪري، سامونڊي لفظن جي لغت (اڪر پٽي) تيار ڪئي آهي. شايد منصور ٿلهي اهو محسوس ڪري ورتو تہ سمنڊ جي ڪاري پاڻي سان قديم ماڳ ۽ درياهہ جون ڪنڊيون اُجڙنديون وڃن ٿيون، ماڻهو لڏ پلاڻ ڪندا وڃن ٿا. انهن جي لڏپلاڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پراڻا لفظ گم ٿي مري ويندا. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جو زخيرو ۽ سونهن آهن. منصور ٿلهي ڪي انهيءَ پورهئي ڪرڻ تي مبارڪون ڏيون ٿا، هن ڪي جس هجي جو سامونڊي پٽيءَ سان نينهن نيائيندو اچي پيو.

ليڪڪ جا ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب:

1. "ناول" جيون ليکا 2005ع.
2. "ڪهاڻين جو مجموعو" جي هانءُ نہ هارين 2005ع.
3. "ناول" زندگي پوڳ 2007ع.
4. "ناول" مِٽي ۽ مُهاڻا 2008ع.
5. 2009ع ۾ ايم فل "سنڌي ۽ سرائيڪي ناول ۾ موضوعي ۽ فني هڪجهڙائي" 1871ع کان 2007ع تائين (اڻ ڇپيل).
6. "ناول" ريڙهي مياڻ ڇاپو پهريون آڪٽوبر 2011ع.
7. "اڪر پٽي" لغت "سامونڊي پٽيءَ جا لفظ" 2014ع.

جيئن تہ سنڌ ساحل کارو چاڻ پبليڪيشن طرفان ماستر محمد هاشم لهر ڪيٽوي جو شاعري جومجموعوحراس پرنٽنگ پريس چاپي هيٺ آهي. جيڪو جلد منظر تي ايندو.

عبدالجليل "آزاد" ڪٽي
سنڌ ساحل کارو چاڻ
پبليڪيشن
پوسٽ آفيس ڳاڙهو ضلعو
ٺٽو
0306-3946830

مُهاڪ

(مَلاح تُنهنجي مَكڙي)

مونکي تڏهن ڪيڏي نہ خوشي ٿي هئي. جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي ڪهاڻيڪار، ناول نگار، اديب منصور ٿلهي جو ناول "مٽي ۽ مهاڻا" چپيوهو. جيڪوسنڌ جي ساموندي ڪناري واري علائقي ۾رهندڙ ماڻهن جي ثقافتي، سماجي ۽ معاشي حالتن جي موضوع تي مشتمل آهي ۽ اُن ۾ ساموندي طوفانن ۽ تباهين جا منظر ڏيکاريل آهن، اُهو هڪ تاريخي ناول آهي. ايان ٻہ وڌيڪ خوشي تڏهن ٿي جڏهن سندس ناول "ريڑهي مياڻ" چپجي آيو هو. ريڑهي مياڻ سنڌ جو هڪ قديم بندر آهي. جڏهن ڪيٽي بندر اُجڙي ويو تہ اُتي جا ماڻهو ٻہ لڏي اچي هتي ٽانيڪا ٽيا آهن.

آڪاڻي زماني کان سڄي دنيا ۾، درياهن، ساموندي ڪنارن ۽ خاص ڪري درياهن جي ڇوڙ وارن ساموندي علائقن جي خاص اهميت رهندي آئي آهي. ڪيترن ئي سببن سان گڏ ان جو هڪ خاص سبب هيءُ رهيو آهي تہ آڪاڻي زماني ۾ لاريون،موٽرون، ريل گاڏيون ۽ هوائي جهاز تہ هوندائي ڪونہ هئا. هر قسم جي آمدرفت، وٽڇ واپار وغيره گهٽو ڪري سمنڊن ۽ درياهن جي رستي ٽيندو هو. جيتوڻڪ ڪجهہ ملڪن ۾ جانورن جي سواري ذريعي خشڪي رستي ٻہ واپار ٽيندا هئا.اڄ جيڪا اهميت روڊن، رستن، ريلوائي اسٽيشن ۽ هوائي اڈن جي آهي، اها اهميت تن ڏينهن ۾ ساموندي ۽ درياهي

بندرن جي هوندي هئي، بلڪ ان کان به وڌيڪ هئي. توڙي جو ساموندي بندرن جي اهميت اڄ به موجود آهي، پر آڪاڻي زماني ۾ انهن جي اهميت تمام گهڻي هوندي هئي ان زماني ۾ بندر ته وڏي ڳالهه هوندا هئا پر اُن وقت ۾ جيڪا اهميت درياهي پٽڻن جي هئي، تنهن اهميت جو هاڻي ته تصور به نٿو ڪري سگهجي.

سنڌوءَ جو ڇوڙ وارو علائقو قديم زماني کان سڄي دنيا ۾ مشهور ۽ دلچسپي جو مرڪز رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته ٻين سببن سان گڏ معاشي لحاظ کان به سنڌ جو هي علائقو اهم رهيو آهي. هونئن ته سنڌ جو ساموندي ڪناري وارو علائقو وسيع رهيو آهي يعني "پوربندر" کان "ڪي" تائين ڪلمت، گوادر، پسني کان ويندي مڪران تائين رهيو آهي. هن پاسي جاتي کان وٺي سونمياڻيءَ جي وچ واري ساموندي علائقي جي گهڻي زماني کان خاص اهميت رهي آهي، بلڪ اڄا وڌندي رهي ٿي. سنڌ جي هن علائقي تي تحقيقي ۽ تاريخي ڪم ڪندڙ جنرل هيگ (General Haig) پنهنجي شاهڪار ڪتاب "سنڌوءَ جو ڇوڙ واروعلائقو" (Indus Delta Country) ۾ لکيو آهي ته "سنڌوءَ جي ڇوڙ واري هن علائقي جي سرحدي ليڪ پنجاهه ميل اولهه، ڏکڻ هلي ننڍي جي اوسي پاسي پهچي ٿي. اتان کان ست ميل سڌ اولهه هلي ڪراچيءَ پرسان سمنڊ تائين ڇوڙ ڪري ٿي. اهڙيءَ ريت ڇوڙ واري علائقي جي ڪل ايراضي ڏهه هزارميل هم چورس بيهي ٿي. ڇوڙواري هن علائقي جي پاسن جي ڏارڏار ماپ هن ريت آهي: حيدرآباد کان

هينان سنڌوءَ کان وڻي عمر ڪوٽ تائين نوي ميل ۽ عمر ڪوٽ جي اوپر کان وڻي ڦاٽ جي چوڙ تائين هڪ سئو پنجاهه ميل آهي. حيدرآباد کان ٺٽو ۽ ٺٽي کان ڪراچي ويجهو ڪلفٽن جي واريائسي جُوءِ جي ڏکڻ، اوپرتائين، اولهه واروپاسو هڪ سئوڏهه ميل ۽ ساموندي ڪنارو هڪ سئو پنجويهه ميل آهي. اها ڪُل پکيڙ پنجويهه هزارچورس ميل بيهي ٿي. جنرل هيگ پنهنجي حساب سان جيڪا ماپ ڏني آهي اُها گهٽي معياري آهي پرمنهنجي خيال ۾ اها ايراضي ڪجهه وڌيڪ ٿيندي. ٿوري گهٽي اختلافن کي هڪ پاسي رکي جنرل هيگ هن علائقي جو هڪ بهترين نقشو ڏيئي چڏيو آهي.

آڪاڻي زماني کان سنڌ جي هن علائقي جا احوال دنيا جا سياح، جاگرافيدان ۽ تاريخ دان پنهنجن دستاويزن ۾ ڏيندا رهيا آهن. اُنهن آڪاڻن داستانن مان سڪندر اعظم (Alexander the Great) جي اميرالبحر نيرڪس (Near Chus) جنهن جو ٻيڙين وسيلي سنڌوءَ مان ٻيڙين هاڪاڙ جو ٻيرائتو احوال ايرين (Arrian) تمام سُٺي نموني سان ڏنو آهي. نيرڪس گهاري واري ڦاٽ مان ٻيڙيون هاڪاري سمنڊ تائين رسيو هو، ائين سڪندر اعظم جي دؤر جا ٻيا تاريخ دان به هن علائقي جي ساراهه جا ڏُڪ پريندي نظراچن ٿا. چين جي "ٻڌ يڪشو شين سئنگ" جو سفر نامو جنهن کي هو دستاويز ڪوٽي ٿو، سو به هن علائقي متعلق هڪ اهم ڪتاب آهي. علي ڪوفيءَ جو ترجمو ڪيل "چچ نامو" ۾ به هتي جي آڪاڻي جاگرافي وغيره ڏسي سگهي ٿي. اصطخري، اِبن حوقل ۽ المسعودي ڏهين

صديءَ ۾ هتي پهتا هئا. البلاذريءَ جي ڪتاب "فتوح البلدان" ۾ هڪ ڏگهو باب هن علائقي متعلق ملي ٿو. اِبن حوقل جي ڪتاب "اشڪال البلاد" ۾ ڏنل سنڌ جي نقشي ۾ هيءَ ايراضي به ڏيکايل آهي. البيروني جي ڪتاب ۾ سنڌ جي اهم احوال ۾ لاريَ/ لاهوري بندر ۽ آس پاس جي علائقن جو ذڪر دلچسپ انداز سان ملي ٿو.

12 عيسوي صديءَ جي آخر ۾ هڪ عرب جاگرافيدان جو ڪتاب "غرائب الغنون و ملع العيون" جنهن ۾ سنڌ جو نقشو ڏئي سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۽ شهرن جو احوال ڏنو ويوآهي. تڏهن سنڌ ملڪ جون. سرحدون وسيع ڏيکاريل آهن. هن ڪتاب ۾ ملتان جو ذڪر سنڌ جي مکيه شهر طور ڪيو ويو آهي. سنڌ جي شهرن جو ذڪر ڪندي ليکڪ لکيوآهي ته "مڪران سنڌ جي ساموندي شهر وارو ڪنارو آهي، جتي بلوچ آبادي به آهي". مطلب ته مڪران به ان وقت تائين سنڌ جو شهر هو.

رشيد الدين جي تصنيف "جامع التواريخ" جيڪا 1310ع ۾ لکيل آهي. سا به دلچسپيءَ کان خالي نه آهي. ابن بطوطه جي مشهورسفرنامي ۾ به سنڌ جي مختلف علائقن جو احوال چگو ۽ معياري ڏنل آهي. هن هتي گيندي جو شڪار به ڪيو هو. پورچوگيزن جي حملي وارين خبرن، رپورٽن۽ تاريخن ۾ سنڌ جي ساموندي ڪناري جو خاص احوال ملي ٿو. هتي آيل فرينچ واپارين به سنڌ جو احوال قلمبند ڪري تاريخ جو اهم باب رقم ڪيو.

جڳ مشهور واپاري ۽ سياح اليگزينڊر هيملٽن (Allexander Hamilton) تہ هن علاقي جو بنهہ دلچسپ احوال ڏنو آهي، جيڪو مختصر هوندي بہ جامع آهي. 1630ع کان 1636ع تائين. پوءِ 1758ع کان 1843ع تائين ايسٽ انڊيا ڪمپني جي رپورٽن وغيره ۾ بہ هن علاقي ۽ علاقي ۾ رهندڙ ماڻهن جا داستان ڏنل آهن.

ڊاڪٽر جيمس برنس (Dr. James Burnes) جو "سنڌوءَ جو سفر" بہ هڪ شاهڪار ڪتاب آهي. ميڪمرڊو (McMurdo) ۽ ڊيل هوسٽ (Delhouste) جون رپورٽون (Account of Sindh) تاريخي لحاظ کان بنهہ اهم آهن. جنرل هيگ جو ڪتاب "سنڌوءَ جو چوڙوارو علائقو" تہ هڪ شاهڪار ڪتاب آهي.

راورٽيءَ (H.G Ravarty) جي "سنڌ جو مهراڻ" (Mehran of Sindh) ڪتاب ۾ بہ هن علاقي جا خوبصورت داستان پڙهي سگهجن ٿا. محترم بدرابڙي جي ڪتاب "سنڌوءَ جو سفر" ۾ بہ هن علاقي جو ڪارائتو احوال ڏنل آهي. تازو الائيس ايلبينيا (Alice Albinia) جو لکيل ڪتاب "سنڌوءَ جون سلطنتون (Empires of Indus) بہ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ سڄي سنڌ جي احوال سان گڏ ساموندي پٽيءَ جو خاص ذڪر ڪيل آهي. مطلب تہ ڪيترائي سفرنامہ، روزنامچا ۽ ڪتاب ملن ٿا. جن ۾ سنڌ جي سمنڊ جي ڪناري جا احوال موجود آهن پر هيءَ هڪ حقيقت آهي تہ هي هڪ اهڙو وڏو، وسيع ۽ اهم موضوع آهي، جنهن تي اڃان گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌ جي لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ بہ هن علاقي جو خوبصورت

۽ دلچسپ ذکر ملي ٿو. شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ ٽ سڄا سارا ٽي سُر (1) سُر سري راڳ، (2) سُر ساموندي ۽ (3) سُرگھاتو موجود آھن، جن ۾ ھتي جي رھندڙ ماڻھن جي معاشي، سماجي، ۽ ثقافتي حالتن جا عڪس، ڇٽا پَسَي سگھجن ٿا. شاھ لطيف جي آفاقي شاعريءَ جي مٿين سرن ۾ ھتي جي ماڻھن جون ھمٿون، حوصلا، سونھن، سياڻ، عشق، دلچسپيون، مختلف ڪيفيتون، نفسيات، رھٽي ڪھٽي، مطلب ٽ مڪمل زندگي پڙھي ۽ محسوس ڪري سگھجي ٿي. شاھ لطيف جا مٽيان سُر پڙھندي ماڻھو ڇڙ ٽ اُن ماحول ۾ وڃي بيھي سڀ ڪجھ اکين سان ڏسڻ پسڻ لڳندو آھي.

سنڌ جي ساموندي ڪناري واري علائقي سان منھنجي خاص دلچسپي رھي آھي، آئون ننڍپڻ کان ھن علائقي ۾ گھمندوقرندو رھيو آھيان. ھتي جي ڪيترن ئي جن ڳوٺن ۽ ھنڌن تي جن دوستن وٽ مون رات رھاڻيون ڪيون انھن ڳوٺن ۽ ھنڌن تي ھاڻي سمنڊ جي پاڻيءَ جون مست لھرون آھن ۽ ھاڻي اُتان فقط ٻيڙيءَ تي چڙھي گذري سگھجي ٿو. ڪاش انھن ڳوٺن ۽ ھنڌن تي ٻہ ائين لکيو وڃي ھا جيئن ھاڻي اسان جي پياري دوست منصور ٽلھي پنھنجي ناولن ۾ ھن علائقي تي لکيو آھي.

سنڌي ٻوليءَ جي جاتل سُجاتل ڪھاڻيڪار،ناول نگار ۽ اديب منصور ٽلھي سنڌ جي ساموندي ڪناري واري علائقي تي قلم کڻي، سنڌي ادب خاص ڪري سنڌي ناول ۾ ھڪ موضوعاتي نواڻ آندي آھي. ھن اِھو ڪارنامو سرانجام ڏئي سنڌي ٻولي، ادب خاص ڪري ھن علائقي تي وڏا وَڙ ڪيا آھن. منصور ھڪ

محنتي ۽ اورچ اديب آهي. مونکي سندس انهيءَ خوبيءَ جو احساس تڏهن ٿيو، جڏهن هن ايم فل ۾ داخلا ونيِ ۽ منهنجي نگراني ۾ مقرر وقت ۾ ايم فل مڪمل ڪري گهٽن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو، ايم فل دوران سندس تحقيقي مقالي جو عنوان هو. "سنڌي ۽ سرائيڪيءَ ناول ۾ موضوعاتي ۽ فني هڪجهڙائي. سال 1871ع کان 2007ع تائين." جيڪو پاڻ هڪ دلچسپ عنوان آهي. سندس ڪهاڻين جا موضوع به دلچسپ رهيا آهن. خاص ڪري منصور سنڌ جي ساموندي ڪناري تي رهندڙ ماڻهن جي حالتن تي مشتمل ناول "مِٽي ۽ مُهاڻا" جهڙو ناول ڏئي هڪ ڪارنامو سرانجام ڏنو. ان ناول ۾ هتي جي ماڻهن جي زندگيءَ جي ڀرپور عڪاسي ڏنل آهي. هن هي ناول سرجي سنڌي ادب ۾ هڪ نواڻ ڏيئي هڪ نئين واٽ جوڙي آهي.

منصور ٿلهي جو هڪ ٻيو به سنڌي علم ۽ ادب ۾ وڏو ڪارنامو آهي، جيڪو سندس ڪتاب "اڪر پٽي" آهي. ڪتاب "اڪر پٽي" سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهڙي لغت آهي جيڪا ساموندي پٽيءَ ۾ ڳالهائيجندڙ لفظن تي مشتمل آهي، يعني هيءَ لغت سنڌي ٻوليءَ جي ساموندي ڪناري واري لهجي جي لغت آهي. آئون ذڪر ڪري چڪو آهيان ته منصور هڪ محنتي اديب ۽ محقق آهي، جنهن جو وڏو ثبوت سندس لغت "اڪر پٽي" آهي. سنڌ جي ساموندي ڪناري جي ننڍي وڏي تڙ، هاڻوڪن ۽ جهونن بندرن، گهاٽن، گهيڙن ۽ ٻيٽن تي وڄي مقامي ماڻهن سان ملي ڪائن ڪٽو ڪٽو ڪري اتي استعمال

ٿيندڙ لفظن ۾ سندن معني معلوم ڪري هن ڪتاب ۾ ڏيئي، سچ پچ لغت ۽ لسانيات ۾ هڪ تاريخي ڪم ڪيو آهي. هن انهيءَ دوران جتي به ضرورت پئي آهي اُتي جامع سنڌي لغات سان پيٽي حوالا به ڏنا آهن. اهڙيءَ ريت هي ڪتاب وڏيڪ سگهارو ۽ معياري بڻجي پيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته سندس اها لغت مستقبل ۾ حوالي (Reference) طور استعمال ٿيندي رهندي. هي هڪ اهڙو تاريخي ڪم آهي جيڪو سچ پچ ڪنهن اداري جي ڪرڻ جهڙو آهي جيڪو هڪ شخص منصور ٿلهي ڪري هڪ مثال قائم ڪيو آهي. مستقبل ۾، هن ميدان ۾ ضرور وڏيڪ ڪم ٿيندو پر ان جا بنياد منصور ٿلهي ڪتاب "اکر پٽي" وسيلي وجهي چڏيا آهن.

منصور ٿلهي جو ناول "ريڑهي ميان" گهٽن لحاظن ڪان نہ رڳو دلچسپ پر سماجي، معاشي ۽ ثقافتي لحاظ ڪان هڪ خوبصورت ناول آهي. لسانيات ۽ تاريخ جي لحاظ سان به واهہ جو ناول آهي. هن ناول ۾ ڪيترين ئي اهم ڳالهيون آهن. هي ناول ڪو خيالي پلاٽن، اڻ ٽيل ڳالهين، نا اميدن ۽ منجهارن سان پريل نہ آهي، پر هن ناول ۾ شروع کان آخر تائين عام زندگيءَ جا چٽا عڪس پيش ڪيل آهن، هن ناول ۾ ريڑهي ميان جي عام زندگي اهڙيءَ ريت ڏنل آهي، جو پڑهندڙ ناول پڑهندي ان جو حصو بڻجي وڃي ٿو. ناول جو موضوع، ڪردار، گفتگو، بلڪ سڀ سڀ ريڑهي ميان جي ماڻهن جي عام زندگيءَ جي عڪاسي ڪري ٿي. ناول ۾ ڪردارن جا نالا به اصلوڪا آهن، بلڪ ريڑهي ميان جي ماڻهن

جا جاتل سجاتل آهن ۽ لڳ ڀڳ سيئي ڪردار هن وقت به حال حيات آهن. ناول جو مک ڪردار حسن "گهڇ" کي هتي جا سپ ماڻهو سجاڻن ۽ ساڻس محبتون ڪن ٿا. ڄاموٽ، عبدالله ناکئو، محمد ناکئو، قاسم، ناکئو عمر ملکائي، سيٺ اسماعيل عرف ککو، سليمان جت، ولي محمد، احمد موساڻي، سيٺ هارون، مولو، هاشم درزي، ابراهيم موساڻي، دوسو ناکئو، ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽي، (وفات: 22 مارچ 2011ع). سليمي، ايلي، شمي، ذليخا، جينو، رشيدا، آمي ۽ ٻين ڪردارن جا نالا اصلوڪا آهن. منصور ٽلهي جي هن ناول ۾ جيڪي واقعا ۽ حقيقتون پيش ڪيون ويون آهن سي سموريون سچيون ۽ اصلي آهن. ان ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته هن ناول ۾ حقيقي موضوع ۽ ڳڙوگڙ مواد به نئون آهي. ناول ۾ پڙهندڙ کي لڳ ڀڳ سمورو مواد نئون ۽ گهڻي معلومات وارو ملندو. جيئن مثال وڃي ته هن ناول ۾ ڪيترن ئي ڪارين (جنهن کي هتي جا ماڻهو درياهه چون) جا ٻالاڻ پار ۽ پتا ڏنل آهن، جيئن مُٺي، حجامڙو، روهڙو، پٽاٽي، ڪاهي، ڪڍي، ڪاجر، واهڻ ميرواهه، مل، ڪانگڻي، گورو، دبو، ترسياڻ، ڦٽي، ڪانيَر، ڪارونيار، ڪورنگي، آڏياڙي، ٻيرم، پاٽار، ڏرڙ، سوداگر، سيسا، سيتل، سنهڙو، رَتو، ڪانڻو، لوياري ۽ ٻين به ڪيترين ئي ڪارين جو احوال پيش ڪيل آهي. اٿين آڳاٽن ساموندي بندرن جو مختصر ئي سهي پر ذڪر ضرور ملندو جن ۾ سوڪي بندر، شاهه بندر، وڪر بندر ۽ ٻيا بندر اچي وڃن ٿا.

بوليءَ جي لحاظ کان تہ منصور ٽلهي جو هيءُ ناول هڪ شاهڪار ناول آهي. چاکاڻ تہ سندس بوليءَ جو سامونڊي ڪناري واري لهجي ۾ خاص ريڙهيءَ (گهاري کان ڪراچي) جو مخصوص لهجو ناول جي سِٹ سِٹ ۾ سجايل ۽ سينگاريل آهي. ائين هي ناول جڏ تہ هڪ لغت بہ آهي، تہ لسانيات جو هڪ ڪتاب بہ آهي. هتي فقط مثال طور ناول مان ڪنيل ٽڪرا پيش ڪجن ٿا.

"ادا گهُڇ! اوڏر واريون بنديون درياهہ منجهہ وتائي چڏيان، پيو ڪُجاڙو ڪريان...؟"

"مکي آن دلاسو ڏيو پيون، پر منهنجي دل ڪِجا ڪري...!"

"ناکٹا! آئون شيدوءَ ڏانهن ويو هئس، تنين سان سليميءَ جي خبر ڪئي، ان مِکي هيکي رَڇَ جي پٹي ألارڙ لاءِ ڏني..."

"پيلي الو(علي محمد)! رات منهنجي گهر گورو ڏيجانءِ"

"لِي ڪجا پئي ڪرين..!؟"

"اچو ڪُڇَ ۾ ويهون"

"لِي...! هليا ويهہ، توکي پارانيو مليو؟"

"لِي....! ناکئي جانوءَ جو هوڙو گهِريو پيو آهي."

"جينو.! آن جو گورو ڏنو، سار لڏي..."

ناول ۾ مختلف پيڙين جا قسم ۽ ان سان لاڳاپيل سَنڌ، سامان، اوزارن وغيره جا نالا ائين ڏنا ويا آهن، جو نہ رڳو انهن جا نالا ملن ٿا پر انهن جي استعمال جي سُڌ بہ ملي ٿي ۽ پڙ رَڇن جا قسم، رڇن جي ناهڙ ۽ ان جي استعمال جي

معلومات ۾ ملي ٿي. ايئن اهي لفظ ۾ محفوظ هميشہ محفوظ ٿي ويا آهن.

ناول ۾ ريڙهي ميان جي ماڻهن جي معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جا عڪس بنهہ ڇڻيءَ ريت پيش ڪيل آهن. هتي جي ماڻهن جي مسئلن ۽ حالتن کان پڙهندڙن کي آگاهہ ڪري، خاص ڏيان ڇڪايو ويو آهي. ثقافتي لحاظ هن ناول ۾ عام زندگي ائين پيش ڪيل آهي، جو ناول نگار پڙهندڙکي ڇڻ ساڻن گڏ ٿو بيهاري ڇڏي. هتي جي ماڻهن جي رهڻي، ڪهڻي، ريتون، رسمون، رواج وغيره ڏاڍي وڻندڙ نموني سان ڏنل آهن.

ناول جي هڪ اڌ فني ڳالهہ کي ڇڏي، سنڌيءَ ۾ ڳنڀل پينل موضوعن تي لکيل ڪيترن ئي ناولن کان هيءُ ناول متاهوُن آهيٌ. منهنجي خيال ۾ هن ناول تان جيڪڏهن ناول جو ليبل لاهي، ٿوريون گهڻيون تبديليون ۽ واڌارا ڪبا تہ منصور جو هيءُ ناول ريڙهي ميان انسائيڪلوپيڊيا جو هڪ جلد بڻجي پوندو. مستقبل ۾ جڏهن بہ ڪنهن ليکڪ يا محقق ريڙهي ميان تي قلم کنيو تہ منصور ٿلهي جو هِيءُ ناول ريڙهي ميان بنيادي ماخذ يا حوالي طور ڪتب ايندو بلڪ سامونڊي ڪناري تي تحقيقي يا تخليقي ڪم ڪندڙ لاءِ هڪ رهبر بڻبو. سندس هِيءَ محنت سجائي آهي.

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ منصور ٿلهو توڙي جو ڪجهہ سالن کان آمريڪا ۾ رهي ٿو، پر آمريڪا ۾ رهندي، اُتي سيني مصروفيتن باوجود لڳاتار سنڌي ادب پڙهي ۽

سرجي رهيو آهي. هي دوست اتان به روز ٻئي ڏينهن فون وسيلي ڳالهه ٻولهه ڪندو رهندو آهي، سندس اُنهيءَ ڳالهه جو موضوع سنڌ ۽ سنڌي ادب هوندو آهي. هي دوست آمريڪا ۾ رهندي به جڏ ته سنڌ ۾ موجود هوندو آهي بلڪ سنڌ ۾ رهندڙ ڪيترن ئي ماڻهن کان سنڌ سان وڌيڪ سلهاڙيل آهي.

توڙي جو منصور ٽلهي جو هي ناول آڪٽوبر 2011ع ۾ ڇپجي ڇڪو آهي ۽ هي ان جو ٻيو ڇاپو آهي پر سندس هن ناول جي ٻيهر ڇپائيءَ ۾ خاص دلچسپي رهي آهي. ڪيتري وقت کان منصور آمريڪا مان فون ڪندو ، پريس ۾ ڏنل مواد متعلق هر پل حال احوال ونندو ۽ ڏيندو رهيو. ناول جي ٻيهر ڇپائيءَ سان سندس ايتري دلچسپي جو هڪ ڏينهن فون ڪري چيائين ته پاڻ ڪجهه ڏينهن لاءِ سنڌ اچي رهيو آهي. مون جڏهن ڪانئس اڇڻ جوسبب پڇيو، تڏهن مون کي چيائين مونکي اُتي اچي ناول جي ڇپائي مڪمل ڪرائڻي آهي ۽ سنڌ ۾ اچي خاص ڪري حيدرآباد ۽ پنهنجي ڳوٺ جو پيرو به ڪري ويندس. هو هٿي ايندي سان ٻئي ڏينهن تي ئي پريس پهچي ويو. پوءِ لڳاتار اُتي ويهي پنهنجو ڪم ڪندو رهيو آهي. اِها حقيقت آهي ته سندس زندگيءَ جو خاص مقصد به سنڌي ادب آهي ته سندس عشق به سنڌي ادب سان آهي.

آئون يقين سان چوان ٿو ته منصور ٽلهي جوهيءُ ناول "ريڙهي ميار" عام ناول کان گهڻو مختلف، دلچسپ، نئون ۽ نڪور آهي. سندس سِٽ سِٽ نج پنهنجي آهي، پوري ناول ۾ ڪٿي به ڪا ڏاري سرهاڻ ۽ سواد نه ملندو. سندس هيءُ ناول

حقيقت ۾ "ريڑهي ميان" ۽ سنڌ جي خاص ڪري ڏٽي ۽ ڪراچيءَ جي ساموندي ڪناري تي رهندڙ ميربحرن جي زندگيءَ جو سربستو دستاويز آهي. هي ناول سنڌ ۾ ناول لکندڙن لاءِ هڪ مثال بہ آهي. خاص ڪري موضوع ۽ پوليءَ جي لحاظ کان سندي ادب ۾ هڪ نواڻ آهي. آخر ۾ آئون سندي ماڻهن کي هيءَ صلاح ضرور ڏيندس تہ هيءُ ناول ضرور پڙهن ۽ خاص ڪري نوان لکندڙ ناول پڙهي منصور ٽلهي وانگر سنڌ جي اصل ۽ حقيقي موضوعن ۽ عنوانن تي قلم کڻن، منصور ٽلهي جو هيءُ ناول نہ رڳو واڌارو آهي پر هڪ رڪارڊ بہ آهي.

آئون ڪيس جَس ڏيان ٿو، جو هن ريڑهيءَ ميان تي قلم کڻي هتي جي ماڻهن کي ادب ۽ تاريخ ۾ سهڻن لفظن سان قلم بند ڪيو آهي. هونئن بہ سنڌ ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديليون، اڇڻ واري وقت ۾ هنن وستين، واهڻن ۽ ماڳن کي الائي ڪهڙي شڪل ڏيئي ڇڏين. ديس دشمن ماڻهو ملڪ کي والاري ويا آهن. شاهہ لطيف اها ڳالهہ گهڻو اڳ ۾ ئي اسان کي ٻڌائي ڇڏي :

ڏنگي منجهہ دريا، ڪين ٻُڏي ڪين اُپڙي،
هو جي وادي واڻيا، سي سُونهڻ سپ سڙيا،
مُعلم ماڳ نہ اڳيين، فرنگي منجهہ قريا،
ملاح تنهنجي مڪڙي، اڇي چور چڙهيا،
جتي ڊينگ ڊريا، تتي تاري تنهنجي.

ها شاهه لطيف گهٽو اڳ ۾ ئي اسان کي اصل حقيقت کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي، شال سندس اِهي ڳالهيون اسين سمجهي ۽ اُن لاءِ هٿ پير هڻي وڻون.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

مڪلي- ٺٽو

10 اپريل 2015ع

باب پهريون

سمنڊ کان ايندڙ تيز هوائون، پري کان ئي تمر جي ساون گهاٽن وڻن کي جهومائيندڙ، لوڏيندڙ پئي آيون، ريڑهيءَ مياڻ[1] جي ڪنڊيءَ تي ٻيٺل ماڻهن، دڪي تي ويٺل مهاڻن ۽ ٻارن جي بدن کي ٽڏاڻ بخشيندڙ هليون ويون. ريڑهي جو هي اصل ۽ پراڻو بندرگاهه جاموٽ غلام محمد جي نالي سان آهي. تڙ تي ماڻهن جو ميلو متل هو ڪن ماڻهن جي نگاهه سمنڊ منجهه انهن هوڙن ڏانهن هئي، جيڪي مڇيءَ کنيون تڙ[2] تي پئي آيا. ڪنڊيءَ وٽ ٻيٺل هوڙن منجهان ڪي هوڙا سمنڊ ڏانهن وڃڻ جون تياريون ڪن پيا، جن ۾ خلاصي[3] پنهنجي سفر جي لاءِ ڪني ڪيل سامان کي ناهي رهيا هئا.

ريڑهي مياڻ جي ڪنڊيءَ تي ٻارڙن راند پئي ڪئي ته ڪي ٻارڙا سُڪيءَ تي ٻيٺل هوڙن تي چڙهي مُهريءَ[4] ۽ سڪاڻ[5] تي وينا ڪُچريون ڪن پيار ۾ اهي ڪنهن مهل سمنڊ جي طرف اُنهن هوڙن کي وڏي پاهه ۾ اُڪير مان پيا ڏسن، جيڪي تڙ ڏي ٿي آيا. شايد انهن هوڙن منجهه سندن عزيز ۽ وڏڙا هئا، جن ڏانهن آس ۽ اميدن واريون نگاهون ڪٽي خوشيءَ مان ٻيٺا ڏسن.

چار پنج ڏاتسنون مارڪيٽ جي پاسي کان تڙ جي طرف آيون پئي، اهي تڙ تي هڪ ٻئي پٺيان قطار ۾ ٻيهي رهيون، سي مڇي ڪڍڻ لاءِ آيون هيون. گهاتو شڪار ڪري جڏهن تڙ تي ايندا آهن تہ انهن کان مقامي واپاري

(1) مياڻ = جاءِ هنڌ، اُها جاءِ جيڪا درياهه جي ڪنڊيءَ يا ڪناري سان هُجي (2) تڙ = جنهن هنڌ مڇي گڏ ٿئي ۽ اُن جو واپار ٿئي (3) خلاصي = ٻيڙيءِ هوڙن لانچ ۾ ڪم ڪندڙ مزدور (4) مُهريءَ = هوڙي جو اڳيون حصو (5) سُڪاڻ = هوڙي جو پويون حصو جنهن جاءِ تي ناکئو ويهندو آهي.

مڇي وڻي پوءِ اها ڀاتسنن ۾ پيرائي پنهنجن ماڻهن جي ذريعي ٻين واپارين ڏانهن موڪلي ڏيندا آهن.

تڙ تي مقامي واپاري سيٺ هارون ولد حاجي عثمان قاسماڻي جيڪو گندَ[6] مڇيءَ جو وڏو واپاري هو سيٺ حاجي حسين (ڪباڙو) موساڻي سانن، مڇيءَ ۽ (گند) جو واپاري، سيٺ اسماعيل عرف (ڪڪو) موساڻي، سيٺ سليمان جت برادران، سيٺ ولي محمد موساڻي، ديوان سيٺ سِئو مل هي به ريڑهي جو وڏو ۽ وڏو گند، سانن ۽ مڇيءَ جو واپاري آهي.

سيٺ عبدالله ملڪاڻي ننڍڪڙي هي به ريڑهي جو وڏو واپاري آهي، ڪيس ريڑهي جا ماڻهو پيار منجهان (ننڍڪڙي) سڏيندا آهن. گهاتواڳواڻ انهن سينن کان شڪار لاءِ ڏوڪڙ وٺي ويندا آهن، جڏهن شڪار ڪري واپس ايندا آهن تہ پوءِ اها مڇي، گند ۽ سانا انهن واپارين کي ڏيندا آهن.

سيٺ عبدالله ملڪاڻي عرف (ننڍڪڙي) جي دڪان اڳيان ماڻهن جو ميلو لڳل هو هڪ نوجوان ريڑهيءَ جو مقامي قومي فنڪار رزاق راهي موساڻي، شاعر ابراهيم موساڻي ريڑهي واري جو گيت ڳائي تڙ وارن کي وندرائي رهيو هو. هوا جي تيز رُخ تي آواز پري پري تائين تي ويو.

اسين ميربحر مهاڻا، مڇيون روز ماريون آلا،
اسان جو مَرڪ آ، رڇ ڇاريون آلا،
اسين درياءَ ۾، وڃو لاهيون ڏينهن گهٽا،
اسين همٿ نہ پنهنجي هاريون آلا.
چيري سينو سمنڊ جو پيٺ پاريون آلا،
اسين ابراهيم، چلي هٽڙا چڏيا،
ڪريون محنت پسينو مڇي سانا ماريون الا

تڙ تي بينل ماڻهن ۽ هوڙي وارن جا ڏيان هن نوجوان جي سُريلي ۽

(6) گند= ننڍي مڇي، جنهن کي ڪچ ۾ چوندا آهن.

وٽندڙ آواز ڏانهن چڪجي ٿي ويا. تڙ تي سون جي تعداد ۾ هوڙا ۽ ننڍڙيون بينل هيون، جنهن ۾ بتيلو[7]، مچيرو[8] گاڙيتو[9] دنگي[10]، ڊونديي[11] گاليو[12] اُهي هڪ خوبصورت منظر جو ڏيک ڏئي رهيا هئا.

ڪي ٻيڙائتا آسري ۽ اميد تي پنهنجين ٻيڙين کي تڙ ڪان هاڪاري رهيا هئا. مهاڻا جنهن مهل ٻيڙين کي هاڪاري هلندا آهن تہ پرين جا پساهہ يعني عزيزن ۽ رشتيدارن جا ساهہ جڙ ڪُنڊي ۾ قاتل هوندا آهن. وڻجاريون سڪ جو ساهہ ڪين ڪٽن، نہ آرام سان ويهن، بس پوءِ اوسيڙي انتظار ۾ پيون جهرنديون رهنديون، جيسين وڻجارا موتي ماڳ نہ اچن.

ايتري ۾ هڪڙو هوڙو لهرن کي لوڏيندو تڙ جي ويجهو آيو ان هوڙي جي مهري تي بينل همراه تڙ وآرن ڏي نهاري مرڪيو پئي، هوڙي منجهہ وينل ۽ بينل خلاصين جا چهرا خوشيءَ کان تڙن پيا، جنهن مان اهو پتو پئجي رهيو هو تہ سي ڄجهو شڪار ڪري آيا آهن.

تڙ تي بينل هڪڙو هوڙو جيڪي سمنڊ ڏي وڃڻ جي تيارين ۾ هو جڏهن خلاصين پنهنجو سامان ناهي ان هوڙي ۾ رکيو پوءِ انهن ناکئي کي اشارو ڪيو جيڪو مهريءَ تي بينل هو. ناکئو[13] تڙ وارن ماڻهن ڏي نهاري پوءِ خلاصيءَ کي اشارو ڪيو تہ اُن خلاصيءَ ناتاري ڪنئي تہ هوڙي جي مشين آواز ڪيو ۽ قيرو ڪائي تڙ کي ڇڏڻ لڳو هوڙي ۾ وينل ۽ بينل خلاصين جا عزيز دوست ۽ ناکئي جا گهٽ گهُرا ۽ سڄڻ ۽ تڙ تي بينل ٻيا ناکئا، اهي سڀ هٿ لوڏي ڪين الوداع چئي ڪيڪاري رهيا هئا. هوڙو آهستي هلندو تڙ تي بينل ٻين هوڙن جي پاسن کان گذرندو هلندو پئي ويو ان هوڙي ۾ بينل خلاصي سمنڊ جي لڏندڙ لهرن ۾ اميدن پرين نگاهن سان نهاري رهيا هئا.

جيڪو هوڙو شڪار ڪري آيو هو. اهو آهستي آهستي هلندو اچي، ان

---

(7) بتيلو = ٻيڙيءَ جو قسم (8) مچيرو = ٻيڙيءَ جو قسم (9) گاڙيتو = ٻيڙيءَ جو قسم (10) دنگي = ٻيڙيءَ جو قسم (11) ڊونديي = ٻيڙيءَ جو قسم (12) گاليو = ٻيڙيءَ جو قسم (13) ناکئو = لقب آهي (اهو لقب ان ماڻهوءَ کي ملندو آهي جيڪو سمنڊ جي گس ۽ پنڌ جي پوري ڄاڻ رکندو هُجي.

هوڙي جي جاءِ تي ٻيئو جيڪو هوڙو ٿورو اڳ سمنڊ ڏانهن هليو ويو اهو هوڙو جيئن ئي اچي ڪنڈيءَ سان لڳو تہ خلاصي ناتاري پاڻي ۾ اڇلائي تہ هوڙو لڏي ٿورو ڦيرو کائي ٻيهي رهيو. مُهريءَ تي ٻيئل همراهہ هٿ مٿي کڻي لوڏيو جڙ تڙ وارن کي اهو ٻڌائي رهيو هو تہ آءِ ڪاميابيءَ سان شڪار ڪري موٽي آيو اهيان.

دڪي تي ويٺل ماڻهن مان ٻہ تي جڻا اُٿيا ۽ اُن هوڙي ڏي آيا. انهن مان هڪ جڻو وڏي آواز ۾ مهريءَ تي ٻيٺل شخص کي چيو:

ناکٹا عمر! خيرن سان اچي وئين، لڳي پيو اڄ توکي ججهو شڪار لڳو آهي.؟ ناکٹي عمر مُرڪي وراڻيو.

ادا اسماعيل! خلاصيَن جي روزي ملي آ، اهو ئي منهنجي لاءِ گنج ٿيو. پوءِ ناکٹي عمر خلاصين ڏي نيهاري چيو.

او خلاصي! ڪم ۾ شروع ٿيو گند وِتايو[14] ڪن خلاصين گند جون چليون پريون تہ ڪي خلاصي اُهي ڇيون مٿي تي کڻي تڙ تي ٻيئل ڏاتسن ۾ لآنئِيندا ويا.

تڙ تي ٿوري ٿوري فاصلي تي گند مڇيءَ جا ٿي چار کوڙا ٿهيل هٿا، جن جي پاسن کان ڪتا وينا هجن. هڪڙو نوجوان جنهن جي وات ۾ گٽڪو هو سو گند جي ڪوڙن کان هلندو پئي آيو. جڏهن تڙ تي هڪ دڪان جي اڳيان گذريو تہ اُن دڪاندار ڪيس آواز ڏنو. گُهڇ ڪيڏانهن پيو وڃين؟ گُهڇ ٻيهي رهيو منهن مٿي ڪري ان دڪاندارن کي شاعري ۾ جواب ڏنو.

مون کي نہ ڇئو تون گُهڇ،
ڪريان نہ زمين ۾ توکي گُڇ،
ريڑهيءَ جو آنئِين وڏو لُڇ،
هٽي نہ ڇڏيانءِ اهڙو سُڇ.

(14) وِتايو - اُڇلايو لاهيو.

اُن دڪان وٽ بينل ماٺهن ۾ تهڪڙو مچي ويو ۽ دڪاندار پنهنجو منهن ٻي طرف ڦيرائي ڇڏيو. گُهڇ گٽڪي جي پڇڪاري پٽ تي اڇلائي تڙ تي ان ڏاڙهن وٽ اچي بينو جنهن ۾ خلاصين مڇي پئي وِتائي [15]. هڪ ڏاتسن ۾ هڪ هزار ڪلو مڇي پر جي ٽي وئي تہ اها ڏاتسن تڙ ڇڏي هلي وئي، ان جي جاءِ تي ٻي ڏاتسن اچي بيٺي ۽ خلاصي ان ۾ گند مڇي جون چليون وجهڻ لڳا.

گُهڇ ڪنهن وقت ڏاتسن ۾ پئي نهاريون تہ ڪنهن وقت خلاصين کي پئي ڏٺو. هن جي نگاهہ هوڙي تي بينل ناکئي عمر تي پئي تہ ان کي چوڻ لڳو.

او ناکئا عمر ملڪائي! بلاتون [16] شڪار سمنڊ مان جهلي آيو آئين، تڏهن خلاصين تي دٻدٻو ۽ رعب ڪيون بيٺو آئين.

ناکئي عمر ملڪائي هٿ لوڏي جواب ڏنو.

ادا محمد حسن گُهڇ! تنهنجي دعا گهر جي.

گُهڇ وات مان گُٽڪي جي پڇڪاري ڪڍي، ڏاتسن جي تائر پرسان اڇلائي سڏو ٽي ٻيهي رهيو تہ ڏاتسن جو ڊرائيور جيڪو ڏاتسن پرسان بيٺو هو تنهن گُهڇ کي ڪاوڙ مان ڏٺو پر ڪجهہ پچي ڪونہ سگهيو. ان کي خبر هئي تہ گُهڇ سان پوڳ ڪرڻ يا ڪجهہ چوڻ سان هي اهڙو جواب ڏينڊو جو ماٺهو وري مون تي کل ڪندا. اهو سوچي ڊرائيور مات ڪري ٻيهي رهيو.

هڪ خلاصي مڇيءَ جي چل ڏاتسن ۾ اڇلائي، تنهن کان گُهڇ پڇيو.

مولو! ناکئو عمر ملڪائي اٽڪل ٽي هزار ڪلو گند ماري آيو هوندو..؟

ها... گُهڇ، گندو ايترو ٽي هوندو.

يار مولو! ناکئو عمر ملڪائي ڏاڍو سخت آ، ڪيئن موريءَ تي بيٺو خلاصين کي ڏسي، ڪنهن کي تڙ تي ڇڏي ڪونہ پيو ۽ پاڻ بہ مُهري تي تيار بيٺو آهي.

گُهڇ! چئي سچ پيو. ناکئو عمر ڏاڍو محنتي آهي. مولو جواب ڏئي هوڙي ڏي هليو ويو.

---

(15) وِتائي - اُڇلائي هيٺ ڏيڻو ڪري (16) بلاتون - ججهو گهٽو

هڪ همراهه جنهن جي هٿ ۾ تسبيح هئي، گُهڇ ان کي سامهون اينڊو ڏسي ٿورو اڳتي وڌي وڃي ان کي سڏ ڪيو.

او حاجي! هيڏانهن اچ تو ۾ ٿورو ڪم آ؟

حاجي جي نگاهه گُهڇ تي پئي ته هو اتي ئي بيهي رهيو ۽ ڪاوڙمان گُهڇ کي ڏسڻ لڳو تسبيح هٿ ۾ ويڙهي چوڻ لڳو.

آءُ ڪونہ ٿو اچان...

حاجيءَ جي ان جملي گُهڇ کي چيڙائي وڌو جڙ ڪکر ۾ ڪڙو لڳو پوءِ وڌي آواز ۾ حاجي کي گُهڇ چيو.

او حاجي! خبر ٻڌ اچي پنهنجي،
وقت جي ٿي رهي آ سانجهي،
پڇن پيا ريڙهيءَ جا مانجهي،
يتيمن جو مال ماري ويو حاجي،
او حاجي! خبر ٻڌ اچي پنهنجي.

گُهڇ شعر اهڙي انداز ۾ پڙهيو جو تڙ وارن جا ڏيان حاجي ڏانهن هليا ويا. مولو جيڪو چلي پري آيو هو تنهن کان کل نڪري وئي ۽ گُهڇ کي چوڻ لڳو.

ادا محمد حسن گُهڇ! مُڙين کونہ پيو ڏٺئي حاجيءَ کي تنهنجو شعر ٻڌڻ سان اُتلي [17] پڄي ويو.

گُهڇ وات ۾ گٽڪو وجهي منهن متي ڪري مولوءَ کي جواب ڏنو.

مولو! ان حاجيءَ جون ٽويڙيون [18] گهاتپون [19] ۽ سياستون سڀ بند ٿي ويس، ائين چئي گُهڇ تڙ جي پاسي ۾ مارڪيٽ طرف هليو ويو.

جڏهن خلاصين مچي ڏاتسنن ۾ پوري اچلائي ڇڏي ته پوءِ ناڪئو عمر ملڪائي هوڙي ٿان لهي سڪي ٿي آيو. تڙ تي بينل ٻين ناڪئن، خلاصين ۽

(17) اُتلي = واپس موٽي ويو (18) ٽويڙيون = خيالن جي جوڙجڪ (19) گهاتپون = هوشيارپ، هوشياري

دوستن سان ياڪر پائي مليو. هن کي هر ڪنهن مبارڪون پئي ڏنيو ناڪٽا ناهوڪو شڪار ڪري واپس وريو آنئين.

ناڪئي عمر جي چهري تي خوشي گلاب جي گل جيان ٽڙي رهي هئي. دکي جي پاسي واري جاءِ مان هڪ همراهه باهر آيو جنهن جي ڇمار به ناڪئي عمر جيتري هئي، اهو اچي ناڪئي عمر کي چوڻ لڳو.

ناڪٽا! تو ۾ ڪم آ، اڄ غلام حيدر ڄاموٽ جي هوٽل تي هلون ۽ احوال ڪيون. ناڪئو عمر ۽ين دوستن کان موڪلايو پوءِ ان همراهه سان گڏجي هوٽل تي آيو ناڪئي پيشگير کي آواز ڏنو.

علي محمدا! به چانهه ڪٽي اڄ، هيڪي چانهه ناڪئي احمد موساٽيءَ جي لاءِ هيڪي چانهه منهنجي لاءِ... پوءِ ناڪئو عمر ملڪائي دوست کان حال احوال پڇڻ لڳو.

ناڪٽا احمد موساٽي! خوش، چگو ويلو آنئين، چا حال ڏنڏي پوريءَ[20] جو آ.؟

ناڪٽا عمرا! مون کي ڏنڏو ڪونه لڳو تن ڇئن جاين تي ڪُڏي[21] ۽ بتيءَ[22] جي ٻاهران چاچا چين[23] وياسين، اُتي به مڇي نه ڏٺي سون، ڪٽي به مڇيءَ جو هڪ داڻو ڪونه مليو خالي تيل ٻاري آياسين. ويچارا خلاصي به هٿين خالي پنهنجن گهرن ڏانهن هليا ويا.

پيشيگير به چانهيون ڪٽي آيو پنهي جي اڳيان رکي هليو ويو. ناڪئو عمر ملڪائي دل ۾ چوڻ لڳو ناڪٽا ڪيڏي اميدن سان خلاصين کي وٺي هوڙا ڪاهي شڪار تي ويندا آهن، ست اٺ ڏينهن رهڻ ڪان پوءِ ڪين شڪار نه لڳندو اٽن ته ڪيڏي مايوسيءَ وچان واپس اچن وريو.

ناڪئي عمر ملڪائي کي خيالن ۾ ڏسندي ناڪئي احمد موساٽي چيو.

ناڪٽا! ڪهڙن ويچارن منجهه آن[24]؟

---

(20) ڏنڏي پوريءَ = ڏنڏي پورهئي جو (21) ڪُڏي = درياهه جو نالو (22) بتي = ڪُڏي درياهه ۽ ڪاهي درياهه جي وچ واروحصو جتي بتي ٻرندي آهي اُها بحري جهازن کي طرف جو اشارو ڪندي آهي. (23) چاچا چين = ڪُڏي درياهه جي اُطر ۾ ڪنهن وقت چين ملڪ جو جهاز ٻُڏي ويو هو ريڙهيءَ جا ماڻا اُن جاءِ کي چاچا چين جي نالي سان ياد ڪندا آهن. (24) آن = آهين

ناکئا احمد! اهڙي کا ڳالهه کانهي، ائين چئي ناکئي ڳالهه جو رُخ با لائي چيو.

ادا احمد! هيکي ڳوٺ جا آهيون، هيکي پاڙي جا آهيون ۽ ٻئي ناکئا آهيون، تون هاڻي ويچار نه ڪر. درياءَ جي شڪار ۾ ائين ٿيندو آهي، ڪڏهن پري اچون ٿا ته ڪڏهن خالي اچون ٿا. اها ڳالهه ٻڌي ناکئو احمد موساڻي چيو.

ادا عمر! هير [25] جڏهن گهر کان باهر نڪتس ته پويان ننڍي اڪبر آواز ڏنو بابا! خرچي ڏي، مون اُن کي جهڪ ڏني، هل هل ڏوکڙ ڪينهن، ماڻهين کي وڃين ستاءِ. پوءِ ڳيپور [26] هليو ويو. آءٌ دل ۾ اهو خيال ڪري تڙ جي طرف ايس ته ناکئي عمر سان ملان ۽ هوڙو وڪٽان. جڏهن تڙ وٽ پهتس ته تنهنجو خلاصي مولوءَ مِکي [27] خاصخيليءَ جي ڇڻي [28] وٽ مليو تنهن ٻڌايو ته ناکئو عمر ملڪائي ۽ اسان شڪار ڪري موٽي آيا آهيون، پوءِ تکڙو تکڙو ڏکي وٽ آيس ۽ توکي ڏٺو ته ساهه پئجي ويم.

ادا احمد! سپ سڀائي ٿي ويندي، ڪڏهن ته موچارا ڏينهن ايندا. ائين چئي ناکئو عمر ملڪائي ماضيءَ جي يادگيرين ۾ گم ٿي ويو. پوءِ خيالن مان پاڻ کي ڇڏائي ناکئي احمد موساڻيءَ کي چوڻ لڳو.

ادا احمد! توکي ياد هوندو ٿورا ڏينهن ٿيندا، جو اسان ڇرٽو جبل کان شڪار ڪري واپس موٽياسين ته رستي ۾ اچانڪ واءُ ٽکريو ان واءُ سان سمنڊ ۾ جيکي لهرون اٿيون تن اهڙي مصيبت پيدا ڪئي جو ائين پئي سمجهيوسين جاڻ هوڙو ٻڏو ۽ اسين به وياسين، پوءِ خلاصي کي مون چيو.

او خلاصي! پُساڻ [29] وارا چولا لاهي جان سان پيولا [30] ۽ ٻوهيا [31] ٻڌو ۽ هوڙي مان مڇيءَ کي باهر سمنڊ ۾ وتايو هوڙو هلکو ٿئي ۽ پنهنجي جان بچايو.

---

(25) هير - هينئر هاڻي (26) ڳيپور - ڇوڪرو جيڪو جواني ۽ تائين نه پهتو هُجي (27) مِکي - مونکي (28) ڇڻي - ڪيبين مانڊڻي (سگريٽ پان واري) (29) پُساڻ - درياهه ۾ جڏهن خلاصي مڇي مارڻ لاءِ ويندا آهن ته انهن کي جيکي ڪپڙا پهريل هوندا آهن انهن کي پُساڻ چئبو آهي. (30) پيولا - پلاسٽڪ جا ٻرم (31) ٻوهيا - ٻرم

پوءِ خلاصي مچيءَ کي وتائڙ ۾ لڳي ويا. ڪن خلاصين کي ڏک پيو ٿئي ته ڪيڏي مشڪل سان شڪار ڪري موتيا آهيون، هاڻ تڙ ڏانهن هٿين خالي ويندا سين. آءُ خلاصين جي چهري کي ڏسندي انهن جي اندر جي ڏک کي محسوس ڪيو پئي، جو ستن اڻن ڏينهن جو سخت پورهيو ڪري وڏيءَ اميدن سان ۾ خوشيءَ منجهان ٿهڪڙا ڏيندا ۾ گيت ڳائيندا سين پنهنجي تڙ ۾ ٻچن ڏانهن پئي آيا سين، پر هڪ طوفان اسان جي خوشين کي ڀاڙ سان گهلي ويو. پر پوءِ سڀ ڪجهه وساري پيو جو جان بچائڻي هئي، پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر خلاصين مچي وتائي ڇڏي ۾ هوڙو هلڪو ٿيو. اسان سڀني ۾ جان اچي وئي ۾ سڪ جو ساهه کنيوسين. سمنڊ جو واءُ ۾ تيز لهرون تنگ ڪندي پون رهيون، پر اسين پاڻ کي سنياڻي ٿن ڪلاڪن کان پوءِ ڪورنگي درياءَ منجهه پهتاسين ته واءُ به جهڪو ٿيو ته اميد پيدا ٿي ته هاڻ ريڑهيءَ پهچي ويندا سين.

اها ڳالهه ٻڌي ناکئي احمد موساڻي وراڻيو.

ناکئا عمر! درياءَ وارن تي اهڙا ڏانهن اچن ٿا.

ڪجهه ماڻ کانپوءِ ناکئو احمد پنهنجي ڳالهه ڪرڻ لڳو.

ادا عمر! هاڻ آءُ مجبور ٿي پيو آهيان، مِڪي ڪترو[32] وارو هوڙو وڪڙڻو آهي، باقي نُڪرِيءَ[33] وارو هوڙو گذر سفر جي لاءِ بينو هوندو. ڪترو هوڙو ان ڪري وڪڙيو جو امڙ بيمار آهي، تنهن جو علاج ٿي پوي ته مون گنج ڪٽيو. اسان ماءُ پيءُ کي خوشيون ڏئي نه سگهيا آهيون، پر تن جو علاج ته ڪرايون.

ناکئا احمد موساڻي! چئين سچ پيو وڏڻ ڪيئن اسان کي نپايو ۾ پاليو سو هير خبر پئي پوي، جڏهن پنهنجو اولاد ٿيو.

---

(32) ڪترو = رچ جوتسر (33) نُڪرِي = رچ جوتسر

اُهو ڪتري وارو هوڙو ڪتي ويٺو آهي...؟

ناڪٽا عمر! گهريو [34] پيو آهي، اُتي هل ته ڏکي تي هلون، اُتي پيا ناڪٽا به وينا آهن، تن سان ڳالهائي ڏسون، جي موچاري رقم ملي وئي ته هوڙو ڏيندا سين. پوءِ ٻئي ناڪٽا هوٽل مان نڪري تڙ جي طرف ڪچهري ڪندا وڃن پيا، جڏهن ڏکي ويجهو پهتا ته ناڪئي عمر ملڪاڻي جي نگاهه ڏکي تي وينل تن چئن ناڪئن تي پئي ته ناڪئو عمر بيهي رهيو ۽ ناڪئي احمد موساڻي کي چوڻ لڳو.

ناڪٽا احمد! ڏکي تي ناڪئو قاسو ويٺو آهي، اهو وڏو ڪاسائي اٽي ۽ مروان، توکي ڪتري هوڙي جا جهجها پئسا ڪونه ڏيندو جي چوين ته انهيءَ سان ڳالهايون.

ادا عمر! نه... انهيءَ قاسو کي ڪپي مفت جو مال، اهو ڪنهن جي مجبوريءَ کي ڪونه ڏسندو.

ناڪئو عمر ملڪائي ڪجهه سوچڻ لڳو ته ناڪئي احمد موساڻي کانئس پڇيو.

ناڪٽا عمر! چا پيو ناري [35]؟

ناڪٽا احمد! ملڪائي پاڙي منجهه مائي حوا جي هوٽل تي هلون، اتي ناڪئو وسايو ويٺو هوندو. تنهن کي خلاصين، ناڪئن جو احساس جڳهو هوندو آهي، باقي انهيءَ کي پت آهي، سو مائي حوا جي هوٽل ڪانسواءِ ڪيڏانهن ڪونه وڃي. هلي اُن سان ڳالهايون.

ناڪئي احمد هائوڪار ڪئي، پوءِ ٻئي مائي حوا جي هوٽل طرف هلڻ لڳا.

ناڪٽا! مِکي سُلاءِ [36] ناڪئو جانو ڪنهن جي هوڙي منجهه شڪار تي ويو آ، مهينو سوا گذري ويو آ، موتيو ڪونهي.

ادا... عمر! مِکي اها خبر پِي ابراهيم حيدريءَ مان ناڪئي احمد ڪچي سان گڏجي ويو هو.

(34) گهريو - ٻيڙو (35) ناري - نهاري جانچي ڏسي (36) سُلاءِ - ٻڌاءِ (37) گورو - چڪر. ڦيرو

"ناڪا... احمد! ڪنهن مهل ناڪئي جانوءَ جي گهران گورو[37] ڏئي اچج، ان جي جال[38] سليمي کان خبر چار پُڇي اچج."

ناڪئو عمر ۾ ناڪئو احمد ٻئي ڪچهري ڪندا هلندا ويا. هڪ گهر جي اڳيان پوڙهو ويٺو هو جنهن جي نرڙ تي وقت جي پيڙاهن جون سنهريون ۽ گهاٽيون لڪيرون هيون، ان جي متي جا وار پرون ۾ مڇون اڇيون هيون، سندس ڏُبرو بدن پت کي ٽيڪ ڏئي ويٺو متي جي وارن کي کنهي رهيو هو. هن جي گهر جي ڪليل دروازي اندران رڇ جا ٽڪرا جيڪي پَٽَ تي پيا هئا، ان جي پاسي ۾ گندِ مڇيءَ جو ننڍڙو ڍير صاف نظر اچي رهيو هو. جنهن جي مٿان مِکيون لامارا ڏيندیون ڏسڻ ۾ پئي آيون. هي ٻئي ناڪا جڏهن انهيءَ پوڙي جي پرسان آيا تہ ناڪئو عمر ملڪائي جهڪي ان پوڙهي سان هٿ ملائيندي چيو. ناڪا صفرا! ڪِجا[39] ويٺو ڪرين...؟

ناڪئو صفر ڪنڈ متي ڪنيو هن جي چپن تي هلڪي مرڪ اچي وري غائب ٿي وئي. پوءِ ناڪئي عمر ملڪائي کي چتائي ڏسندي ان کي سچاڻ جي ڪوشش ڪري رهيو. ناڪئي عمر جو هٿ اچان ناڪئي صفر جي هٿ ۾ هجي پوءِ تورو زور ڏئي ڇوڙ لڳو.

"تون عمر ناڪئو آنئين."

"ها... ناڪا صفر، صحيح سچاتو اٿئي."

ناڪئو صفر هٿ ڇڏائي ٽڏو ساهه پري ناڪئي احمد موساڻيءَ کي ڏسڻ لڳو تہ ناڪئو احمد جهڪي هٿ ملائيندي چيو.

ناڪا صفرا!.... تون سُلاءِ ڪهڙو حال آنجو[40] آ....؟

بس... پيا گذاريون. ايئن چئي ناڪئو صفر ڪنهن گهريءَ سوچ جي ڪُن ۾ گم ٿي ويو. ٻنهي ناڪئن صفر جو اهو حال ڏسي، پوءِ ناڪئو عمر چوڙ لڳو.

"چگو ناڪا صفر هلون ٿا."

---

(38) جال - زال (39) ڪِجا - چا، ساموندي پٽيءَ ۾ ڪُجا لفظ استعمال ٿيندو آهي. (40) آنجو - اوهان جو

ناڪئي صفر جڙ اهي لفظ بڌا ڪونہ هجن، هو اڃان خيالن ۾ گم هو پوءِ ناڪئو عمر ۽ ناڪئو احمد موساڻي اڳتي هلندا ويا ۽ ريڙهيءَ جي مهاڻن جا گهر اکثر ڪچا، ڪن گهرن کي در ۽ دريون ڪونہ، کي ڪانہ جون اڏون ڏئي وينا هجن، ڪن گهرن جي اڳيان عورتون ننڍڙا ننڍڙا دڪان ڪڍيون وينيون هيون، ڪي وري گهر جي اندر دڪان کوليون، پنهنجو پيٽ گذر ڪن پيون.

ناڪئو احمد هڪ دڪان جي اڳيان گذرندي ناڪئي عمر کي چيو.

ادا... آءٌ مائي حوا جي دڪان تان گٽڪو وٺي اچان...

"ناڪئا احمد تون گٽڪو ڪئندو[41] آن، ٻيلي انهيءَ چوري ۽ گٽڪي مهاڻن جا مهانڊا ئي قيرائي ڇڏيا آهن، تون بہ ڇڏ پچر..."

ناڪئا عمر! تون چڙين چو پيو... آءٌ شوقيہ ڪڏهن ڪڏهن ڪئيندو آن. جي تون ناراض ٿئين پيو تہ ڪونہ ٿو وڃان. اهي لفظ بڌي ناڪئو عمر ملڪائي مرڪي چوڙ لڳو.

ناڪئا احمد! صفر ناڪئي کي سڃاڻين...؟

ها... ادا... ناڪئي صفر کي ڪير نہ سڃاڻي، هي ڪنهن وقت ريڙهيءَ جو مشهور ناڪئو هو عربي سمنڊ ۾ بهادريءَ سان گهوري[42] ايندو هو ڪيس سمنڊ جي وڏي جاڙ هوندي هئي. ناڪئو احمد ايئن چئي پٽ جو پاسو وٺي ٻيهي رهيو جو سامهون گڏهہ گاڏي وارو آيو پٽي، جنهن تي تانڪيون رکيل هيون، پاڻيءَ جا ٻيولا، رسا، ناتاريون، لوهہ جون ڪامون ۽ تارون، مشينريءَ جو ٻيو سامان ڪنيون تڙ ڏانهن پئي ويو. جڏهن اهو هنن ڪان مٿي وڃو تہ ناڪئو عمر ملڪائي کا ڳالهہ ياد ڪندي چوڙ لڳو.

ادا احمد ناڪئا! آءٌ خلاصي ٻڌجي هن سان درياءَ تي ويو آن، ناڪئو صفر سمنڊ منجهہ اٽندڙ لهرن کي ڏسي سمجهي ويندو هو تہ ڪو طوفان اچڻ وارو

(41) ڪئندو = ڪائيندو (42) گهوري = شڪار ڪري

آهي، يا سمنڊ جي پاڻي جي بُڙن کي ڏسندي خلاصين کي ٻڌائيندو هو ته هوڙا کاهي کنهن محفوظ جاءِ تي هلو طوفان اچڻ وارو آهي، ناکئي صفر جي حياتي موت جهڙن خطرن سان گذري آهي، ڏٺو وجي ته ناکئو کهڙو به هجي کيس سمنڊ جي تيز لهرن ۽ طوفانن سان مقابلو کرڻو پوي ٿو. جواني ۾ ناکئا يا خلاصي، سي سمنڊ جي تيز لهرن جي ستن کي برداشت کري وڃن ٿا، پر پيريءَ منجهه پير پائڻ سان کين هوا جو هلڪو جهوٽو به کيرائي ڇڏي ٿو. پوءِ سمنڊ جو ڏنڏو وڃي موکلائيندو. پيريءَ ۾ جوان اولاد به منهن ڦيريو ڇڏي. چوندا آهن ست آهي ته سونهن به آهي، جان منجهان ست ويو ته هرکو بيزار... پيريءَ ۾ کير کِنجو کونهي.

سامهون هڪ پوڙهي عورت جيڪا هڪ به وک کڻي وري بيهي رهئي پئي، مٿي تي ننڍڙي هڙ هئس. جڏهن هي ٻئي ناکئا ان جي پاسي مان گذري ويا ته ڪنڌ ڦيرائي کين ڏسڻ لڳي، شايد سچاڻڻ جي کوشش کري رهي هئي، پوءِ ڪنڌ ڦيرائي پنهنجي منزل ڏانهن هلڻ لڳي.

ناکئو احمد کجهه سوچي چوڻ لڳو "ناکئا عمرا! وقت جو واءُ اهڙو لڳو آ، جو اولاد جا روئڻ هر کو پيو روئي ۽ ڏک کڏي."

ناکئا احمدا! چوين سچ پيو ناکئي صفر کي تو ڏٺو ته کيئن ويٺو هيو. جنهن سڃيءَ حياتي سخت پورهيو کري اولاد کي تاتيو نپايو ۽ جڏهن جُهري پيو ته کائنس اولاد به منهن مٽيو ۽ گهران کڏي ڇڏيائونس. هير جنهن گهر اڳيان ويٺو هو سو خيرو خلاصيءَ جو هو هن سان خيرو خلاصي وفادار نڪتو تنهن ناکئي صفر کي پنهنجي گهر ۾ آڻي رهايو ۽ کيس مائٽن وانگر پاڻئين پيو.

ادا... احمدا!... ميکي ناکئي صفر جا اهي ڏينهن ياد اچن پيا، مائي صفوران سان محبت هوندي هئس. دریاءَ جي پنڌڻ تي انهن جون گهاريل محبتن واربون گهڙيون ڏٺيون. مائي صفوران هير تائين شادي کونه ڪئي،

پر ناکئي صفر بي وفائي ڪيس. ٿوريءَ ڳالهه تي مائي صفوران کان منهن متي ويڃي شادي ڪيائين. واهه مائي صفوران جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، هير به ناکئي صفر جو ساٿي ڏينديءِ خلاصي خيروءَ جي گهر منجهه اچي ناکئي صفر جي سار سنيال لهندي اچي پئي.

هي پئي ناکئا ڪچهري ڪندا مائي حوا جي هوٽل تي آيا. سامهون ناکئو وسايو وينو هو تنهن کي ناکئي عمر ملڪائي سڏ ڪيو ته هو اُٿي هنن ڏانهن آيو. ٻنهي ناکئن سان مليو ۽ چوڻ لڳو.

يارا! پئي ناکئا گڏ آيا ڪِجا لاءِ... خير ته آهي؟

ناکئو عمر ڳالهه ڪرڻ لڳو.

ناکئا وسايا! ناکئي احمد کان هوڙهلي نه پيو... آن ڪي [43] ڇُٽاڻ پيو هوڙو وڪٽي ڏي.

ڪِجاڙو پيو چوين...!!؟ ناکئي وسائي عجب مان پڇيو ته ناکئي عمر وراڻيو.

ناکئا! اسان تو وٽ آيا آهيون، ناکئي احمد کي هن پيري شڪار به ڪونه لڳو. تيل پاري موٽي آيو هن جي ماءُ گهر ۾ سخت آکهي [44] پئي آهي، ايترا ڏوڪڙ ڪونه اٿس جو ماءُ جو علاج ڪرائي سگهي. توکي خبر آهي ته درياءَ جا ڏنڊا گهنجي ويا آهن، بندگيريءَ [45] واري موسم آهي ۽ هن جو هوڙو گهريو پيو آهي. هاڻ ناکئو احمد موساٽي پنهنجو ڪتر و ۽ هوڙو وڪڻڻ چاهي ٿو ان ڪم جي لاءِ اسين تو وٽ آيا آهيون. تون وڏي سِرَ [46] جو آنئين، هلي هوڙي کي ڏس، پوءِ مناسب پئسا احمد ناکئي کي ڏي ته پنهنجيءَ ماءُ جو ڪنهن وڏي اسپتال ۾ علاج ڪرائي.

اها ڳالهه ٻڌي ناکئو وسايو ڪنهن گهريءَ سوچ ۾ پئجي ويو ته ڪيس ناکئي عمر ملڪائي زور پريندي ڇيو.

ناکئا وسايا...!ٻيلي اسان جو ٻيڙو تار... ناکئي احمد ناري ڇيو.

---

(43) آن ڪي = اوهان کي (44) آکهي = بيمار ڪمزور (45) بندگيري = جون ۾ جولاءِ وارا ڏينهن بندش وارا هوندا آهن. مهاڻا انهن ڏينهن کي بندگيري چوندا آهن. (46) سِرَ = جمار عمر..... ناري: نهاري.

"ناکٹا وسايا! اسان تڙ تي وياسين، ٻين ناکئن ۾ مِکي اميد نظر کانه آئي، سو ناکئي عمر کي وٺي تووٽ آيو آن، مون جو هوڙو گهريو پيو آهي، ٽُکڙيءَ وارو هوڙو تڙ تي ناتاريءَ تي ٻيٺو آهي، اهو به ڏس، ٻيلي مون جو ڪم ڪر."

ناکئو وسايو مائي حوا جي هوٽل طرف نهاري ڪجهه سوچڻ لڳو.

ادا... هلو ته هلون.

پوءِ ٽئي ناکٹا تڙ تي آيا، اچي ناکئي احمد موساڻيءَ جي هوڙي وٽ ٻيٺا ته هنن ٽنهي ناکئن کي هوڙي وٽ ڏسندي ڏکيءَ تان تي چار ماڻهو اچي هوري هوري هلندا اهي به ناکئي احمد موساڻي جي هوڙي وٽ آيا. تڙ وارا به هوڙو ڏسڻ آيا، ايتري ۾ پندرنهن ويهه ماڻهو ڪٺي ٿي ويا. ميڙ مان هڪ ماڻهو هنن ٽنهي ناکئن ڏي نهاري چيو.

آن ٽئي ناکٹا هوڙي وٽ جمع ٿيا آهيو ڪِجا لاءِ...؟

ناکئي وسائي ڪنڌ ڦيراءِ ان همراهه کي چيو.

"ناکٹا اسماعيل! اسين هت ائين گڏ ٿيا آهيون جو ناکئي احمد موساڻي جي ماءُ اگهي ٿي پئي آهي، هي هوڙو ناکئي احمد جو آ، سو وڪڻي ماءُ جو علاج ڪرائڻ گهري پيو. اوهين پاڙي جا آهيو اهڙو ڪو فيصلو ڪري ڏيو جيئن ناکئي احمد کي نقصان نه ٽئي."

ناکئي وسائي جي ڳالهه ڪانپوءِ سيئي هوڙي کي ڏسڻ ۾ لڳي ويا، ناکئو عمر ملڪائي سيني ٻيٺل ماڻهن کي چوڻ لڳو.

توهان هوڙو ڏسو هوڙي جا اڏا[47]، پَٽَ[48] ليءَ[49] کي ڏسي ونو.

پوءِ ڪو هوڙا جا اڏا پيو ڏسي ته ڪوري پٽ پيو جاچي ۽ ڏسي، ڪن لري ليءِ جوڪن ڪائيون جاچيون پئي، جڏهن خلاصي ۽ ناکئن هوڙي کي ڏنو پئي ته ناکئي عمر هيڏي هوڏي نهاري ناکئي اسماعيل کي ڏسي ان جي ٻر ۾ ٻيٺل ماڻهن کي چيائين.

(47) اڏا - هوڙي، ٻيڙيءَ جي جهُل (48) پٽ - ڪائيون، پاتيا (49) ليءَ - اُهي ڪائيون جنهن تي هوڙو يا ٻيڙي ٻيٺل هوندي آهي انهن ڪائين کانسواءِ درياهه منجهه هوڙو يا ٻيڙي هلي ناهي سگهندي.

توهين سيئي هوڙي جي مُهري ۽ سکاڻ ڪي ڏسي وٺو ڪجهه ديرُ کان پوءِ جڏهن سيني ماڻهن هوڙي کي ڏسي چڏيو ۽ فيصلي ڪرڻ جي لاءِ سيئي دکي تي اچي وينا ۽ پاڻ ۾ صلاحون ڪرڻ لڳا.

ناکئو اسماعيل ٻين ناکئن کي چوڻ لڳو.

ناکُئا.... منهنجي ڳالهه ٻڌو ناکئي احمد جو هوڙو ٿيهن فوٽن جو آهي، مشين ٻه ان ۾ نئي لڳل آهي، اهو هلندڙ هوڙو آ، هير ناکئي احمد کان هلي نه پيو منهنجي اها صلاح..... ائين چئي ناکئي اسماعيل ڳالهه اڏ ۾ بند ڪئي ته هر کو ماڻ ۾ پئجي ويو.

ٿوري جهٽ کانپوءِ ناکئي عمر ملکائي چيو.

ناکئا اسماعيل! تون ڪِجا لاءِ ٻوڙا[50] ڪري ٻيٺو آن؟

پوءِ سيني جون نگاهون ناکئي اسماعيل ڏانهن ڪجي ويون، هر ڪنهن ان کي چتائي ڏٺو پئي، ناکئن ۽ ٻين ماڻهن ۾ سُر ٻُر[51] هلي وئي، ناکئو اسماعيل سيني ماڻهن ڏي نهاري ڳالهه کي اڳتي وڌائيندي چيو.

اذا....! سيني ناکئن ۽ خلاصين ڪترو هوڙو ڏٺو هاڻ آءٌ اها صلاح ڏيندس ته هوڙو هڪ لک ٽيهه هزار لهي ٿو.

ناکئو قاسو اها ڳالهه ٻڌي هوڙي جي طرف ڏسي ناکئي اسماعيل کي چيو.

ناکئا! هڪ لک ٽيهه هزار ججها چوين پيو. آءٌ هڪ لک ربيا ڏينڊس.

نائي قاسوءَ جي ڳالهه ٻڌندي دکي تي وينل ماڻهو ناکئي احمد ۽ ناکئي وسائي کي ڏسڻ لڳا. ڪجهه ناکئن پاڻ ۾ آهستي پئي ڳالهايو. نيٺ ناکئي عمر ملکائي ڳالهه کي نبيريندي چيو.

ناکئا وسايا. تون يار ماڻهو آهي، هڪ لک ويهن هزارن ۾ هوڙو تنهنجو آهي.

ناکئو وسايو هيڏي هوڏي نهاري ڪجهه سوچي پوءِ منهن مٽي ڪري وڏي واکي چياٿين.

---

(50) ٻوڙا = ماڻ (51) سُر ٻُر = چُر پُر، مُس پُس

"ناکٹا عمر! تون جيئن چُئين پيو تيئن مِکي قبول آهي."

واهه... واهه... ٽي وئي، سيني ماڻهن ناکئي وسائي کي ۽ ناکئي احمد کي مبارکون ڏنيون، هڪ خلاصيُ ناکئي وسائي کي مبارڪ ڏيندي چيو.

ناکٹا وسايا! سودي جي مبارڪ، هير منائي ٽيندي.

ايتري ۾ هڪ پکيءَ عمر جو ماڻهو دکي تان اُٽي آيو ۽ ناکئي وسائي جي کلهي تي هٿ رکي چيو.

ناکٹا وسايا، بوتلون گهراءِ ٽڏو پيٽ کراءِ

ناکئو اسماعيل جنهن هوڙي جي واڪ ۾ حصو ورتو هو اهو خوش ٽيندي ناکئي وسائي کي چيو.

ناکٹا! مِکيءَ جي دکان تان بوندیون گهراءِ وٽ.

پوءِ ته هر کو پنهنجي پنهنجي فرمائش ڪرڻ ۾ لڳو ويو ڪنهن گٽکي جي فرمائش کئي ته ڪنهن وري چانهه ۽ چوري جي ڳالهه ڪئي. ناکئو وسايو دل وارو ماڻهو هو سو هر ڪنهن جي ڳالهه کي ٻڌندو مرڪندو رهيو.

ناکئي وسائي کيسي مان هڪ هزار جو نوٽ ڪڍي ناکئي اسماعيل کي ڏيندي چيو.

ناکٹا اسماعيل! مِکيءَ جي دکان تان منائي، واجا جي چٽيءَ تان پان، چورو، گٽکو ۽ سوپاريون وٺي اچ، جاموٽ جي هوٽل تان چانهه ۽ بوتلون، کي بسکوٽ وٺي اچ ۽ هر ڪنهن جي خوشي پوري ڪر.

ناکئو اسماعيل پئسا وٺي هليو ويو. دکي تي ويٽل ماڻهن کان جنهن ٻڌو پئي ته ناکئي وسائي هوڙو ورتو آهي ته اهو به اچي نائي وسائي کي مبارڪ ڏيڻ لڳو. ڏسندي ڏسندي ٽڙ تي ميلي جهڙو سماءُ جڙي ويو هو.

ٿوري جهٽ کان پوءِ ناکئو اسماعيل منائي، گٽکا، سوپاريون، چورو مين پڙيون ٽيلهيءَ ۾ بند ڪرائي کڻي آيو سندس پويان هڪ چوکرو آيو پئي، تنهن جي مٿي تي ڪريٽ بوتلن جو هو.

منائي كائڻ كانپوءِ ناكئي وسائي كيسي مان ويهه هزار رپيا كڍي ناكئي عمر ملكائي كي ڏيندي چيو.

ادا عمر! هي پئسا سوٽيءَ جا پاءُ احمد ناكئي موساڻيءَ كي ڏيءِ توهين صبح جو سيٺ يوسف شولاڻي وٽ اچجو تہ رهيل باقي رقم ان كان وٺي ڏيندس.

ناكئي عمر ملكائي پئسا ڳڻي پر ۾ وينل ناكئي احمد موساڻي كي ڏنا، تنهن رقم ساري كيسي ۾ وجهي پوءِ سيني كان موكلائي هليو ويو.

ريڑهي ميان جي پٽن مٿان گهرا كارا بادل ڪٽي ٽيندا ويا، اُپرندي پاسي كان واءُ گهلڻ شروع ٿيو جنهن كي سامونڊري پٽيءَ وارا سيارو چون.

واءُ تيز طوفان جي اچڻ جو ناكئن كي اشارو ٿي ڏنو جن ناكئن جون ٻيڑيون، لانچون ۽ هوڙا راشن سميت تيار بيٺا هئا انهن ناكئن درياءَ تي نكرڻ جو ارادو لاهي ٻيڑين، لانچن ۽ هوڙن مان سامان ڪيندا محفوظ جاءِ تي ركندا ويا. ايتري ۾ برسات وسڻ شروع ٿي وئي، واءُ تيز ٿيندو ويو تہ برسات ۾ بہ تيزي ايندي وئي. تڙ تي سوين هوڙا بيٺا هجن، رات جا بہ پيا ٿين، آسمان ۾ ڪوٽين جي چمڪات سان گجگوڙ ٿيو تہ سليمي جي پٽ كان چرڪ نكري ويو جيكو پاسي ۾ ستو پيو هوس.

"اي... امان..."

"جي... ڳپورا!"... ائين چئي سليمي پٽ كي چاتيءَ سان لڳائي آكيون پوٽيون تہ سندس مڙس ناكئي جانو جا خيال ورائي ويس. كنهن كُن ۾ قاتل ٻيڑيءَ وانگر ڦيرا كائيندي رهي، پوءِ آكيون پٽي اُٿي ويهي رهي، كجهه وقت خاموش ويٺي، كمري جي ٻڳل تاكن واري دريءَ كان باهر ڏنائين. برسات جي وڏ ڦڙين جا آواز هن جي كنن ۾ پڙلاءُ كندا رهيا. سليمي پٽ مٿان هك نگاهه وجهي، اُن جي متي تي هٿ ڦيرائي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳي.

اي جانوا تون كٽ آن... مون جو هِيكي[52] سهارو هئين، سو بہ

(52) هِيكي = هكڙو

چڇي وئين، الائي جي ڪڏهن اچي، آءُ اوسيئڙي ۾ سڙي وئي آن....!!

تون جي اوڏ[53] ۾ وينءِ آهيان..!!، تون جا گس وينءِ ناريان[54]....!

تون جون واٽون وينءِ ناريان، ڪڏهن تو اچي..!!!، ڳيپر اهڙيون ڳالهيون مِکان[55] پچي ٿو.

امان! بابا ڪڏهن ايندو...؟، ايان ڪِجا لاءِ ڪونہ آيو...؟

جڏهن ننڍڙي ڳيپر جا اهي لفظ آءُ ٻڌان ٿي تہ دل منهنجي ڪچي ٽيو پوي، پوءِ مِکي اهڙي اوڏ ٿئي ٿي تہ آءُ روبو پوان...

سڄي رات برسات وسندي رهي، تان جو صبح ٿي وئي، پر برسات ۾ ڪنهن بہ قسم جي گهٽتائي ڪونہ آئي، برسات وسندي رهي ٻن پهرن جا پہ ٿي ويا، ان وقت عورتون پنهنجن گهرن ۾ مائي پچائي رهيون هيون، تہ ڪي وري پنهنجن ٻچڙن سان مائي کائي رهيا هئا. وسندڙ برسات جي پاٽيءَ بہ ٻار پنهنجن گهرن جي اڳيان راند ڪري رهيا هئا.

ريڙهي ميار جي دبلا پاڙي جي ٻاهران سمنڊ جي پاٽيءَ کي روڪڻ جي لاءِ بند ٻڌل هو تنهن کي سمنڊ جو تيز ايندڙ پاٽي پنهنجن ڪارن ڏندن سان اندران ئي اندران کائي رهيو هو. اوچتو سمنڊ جو ڪارو پاٽي ان بند کي هڪ هنڌان جهوري وڌو تہ دبلن جي پاڙي ۾ پاٽي ڪاهي ڀيو عورتون ۽ ننڍڙا ٻار خوف وچان ڏانهون ڪرڻ لڳا. هوڪو پنهنجن ٻچن ۽ گهر جي سامان کي بچائڻ ۾ لڳو ويو.

دبلا پاڙي جي هڪ وڏي عمر واري عورت دانهون ڪري ٻين عورتن کي آواز ڏئي رهي هئي.

"اي ماسي آمنہ... اي ماسي ڪلثوم..." ڪلثوم ان عورت جو آواز ٻڌي دانهن ڪئي.

"ادي ماسي گهنا! طوفان مون جو آنو ڪيڏانهن کڻي وئي..."

ماسي گهنا سمجهہ واري عورت هئي، تنهن مڙدن کي وڏي آواز ۾ چيو.

---

(53) اوڏ = انتظار (54) ناريان = نهاريان (55) مِکان = مون کان.

"هوڙا گهري[56] اچو ڇيورن کي بچايو...آن بچايو..."

بند ڏانهن ويندڙ ماڻهن مان هڪ ڇٽي ماسي گهنا کي آواز ڏنو.

ماسي گهنا! اسين وڃون پيا... بند جا ٻجورا[57] بند ڪرڻ.

برساتن تيزيءَ سان وسندي رهي. هوري هوري طوفان جو رخ بدلڻ لڳو ته برسات ۾ معمولي گهٽتائي ٿي وئي. سمنڊ جو ڪارو پاڻي ڊبلن جي گهرن ڏانهن وڌندو ۽ مٿي چڙهندو آيو پئي. ماسي گهنا اُپرندي طرف هڪ گهر جي اڳيان بينل عورت کي چيو.

لي ماسي آستا! ماما محمديءَ کي ڇٽو ريتري[58] هوڙي گهري آڇي. ڇيورن کي هوڙيءَ منجهه چاڙهي... سڪيءَ تي رسايو. جلدي ڪريو... ڇيورن کي ٻڏڻ کان بچايو...

ايتري ۾ ماما محمدي دبلو ريتري هوڙي ڪاهي آيو. ماسي گهنا جي ٻڏندڙ ٻارن کي اُن ۾ چاڙهي پنهنجي گهر ڏانهن انهن ٻارن کي گهر جي اڳڻ تي لاهي وري ٻين گهرن ڏانهن ريتري ٻيڙي ڪاهي ويو جيڪي پاڻيءَ جي گهيري ۾ قائل هئا. انهن گهرن جي ٻارن کي ريتريءَ ۾ چاڙهي پنهنجي گهر آيو.

دبلا پاڙي ۾ ماما محمديءَ جو اڪيلو گهر هو جيڪو مٽي هجڻ ڪري پاڻيءَ جي گهيري کان بچيل هو. ماما محمدي دبلو وسندڙ برسات ۾ ريتري هوڙي جي ذريعي ڪيترن ٻارڙن ۽ ٻيڙين عورتن کي بچائي ورتو. ماما محمدي پندرهن ويهن گهرن جي ٻارن ۽ عورتن کي پاڻي مان ڪڍي آيو.

بند ٻڏڻ جي لاءِ ست ستر ماڻهو ويل هئا. انهن وڏي جدوجهد سان بند کي ٻڌي ڇڏيو. واءُ جو رخ ٻيو ته برسات جهڪي ٿيندي وئي. آسمان ۾ گهرا ڪارا بادل چڑ ويڙ ۾ ڇڏا ٿيندا ويا ته سج جي ڪرڻن ڏرتيءَ تي روشني پکيڙي ڇڏي. سج نڪرڻ کانپوءِ ماحول ۾ چرپر ٿيڻ لڳي. مڙد گهرن مان

(56) گهري = ڪاهي (57) ٻجورا ـ گهارا (58) ريتري ـ ننڍڙي ٻيڙي

نڪري تڙ تي آيا. ڪي پنهنجن ڏنڏن سان وڃي لڳا. عورتون گهران نڪري ڪم تي وڃڻ لڳيون. سليمي ڪوٺيءَ مان ٻاهر اچي ٻاڏلي ۾ پاڻي پري ڪُل[59] ٿي اچي ٻاهه ٻاري پنهنجي پٽ جي لاءِ ماني بچائڻ لڳي. ايتري ۾ هڪ عورت سليمي جي گهر ۾ داخل ٿيندي در وٽ ٻيهي وڏي آواز ۾ چوڻ لڳي.

اي سليمي! ڪِجا وينِي ڪرين؟ هاشم درزيءَ کان پنهنجي ڦُيور جا ڪپڑا ڪٽي اڄ، ڇورو هاشم کاروچاڻ وڃڻ جي ٻيو ڪري. آن هلان ٿئي.

جي... ماسي آمي! آءٌ ڦيور کي ماني کارائي پوءِ ويندس.

سليمي پٽ کي ماني کارائي پوءِ ڪم ڪار کان واندي ٿي، هاشم درزيءَ ڏانهن وڃڻ لڳي. گهٽيءَ ۾ سامهون هڪ عورت کي ايندو ڏٺائين جڏهن اُها هن جي پرسان آئي تہ سليميءَ کان پڇڻ لڳي.

سليمي! ڪِجا لا وڃين ٿئي؟

ادي صغريڙ! ڦيرو جا ڪپڑا هاشم درزيءَ وٽ ٻيا آهن، هيرِ مِکي آميءَ نياپو لنگهائي[60] ڏنائين تہ ڪپڑَ[61] تيار ٻيا آهن، سو آءٌ ڪٽڻ ٿئي وڃان.

صغريڙ وڏيڪ کوبہ سوال نہ ڪيو ۽ پنهنجي گهر ڏانهن هلي وئي.

سليمي خوشيءَ سان هلندي هاشم درزيءَ جي دڪان تي آئي ٿئي، هن پري کان ڏٺو تہ هاشم درزيءَ جي دڪان اڳيان ٻہ عورتون ٻيٺيون هيون. هن پنهنجا پير ڇڪا ڪيا. هوري هلڻ لڳي. ڊاڪٽر غلام محمد ڪٽيءَ جي اسپتال ۽ هريءَ جي هڏَ کان ٽورڙي فاصلي تي ڊاتسن جو اسٽاپ هو اُتان هڪ ڊاتسن آئي ٿئي، جڏهن هاشم درزيءَ جي دڪان پرسان پهتي، انهن ٻن عورتن مان هڪ جڻي هٿ مٽي ڪري ڊاتسن جي ڊرائيور کي اشارو ڪيو تہ ڊاتسن دڪان جي اڳيان اچي ٻيهي رهي. اها عورت اڳين سيٽ تي وڃي وينِي تہ ڊاتسن ابراهيم حيدري روڊ طرف ڊوڙندي هلي وئي.

دڪان جي ٻاهران بينل عورت جنهن جي هٿ ۾ پُڙي هئي، هوءَ پُڙي

(59) ڪُل - ڇُلهه (60) لنگهائي - موڪلي (61) ڪپڑَ - ڪپڑا

کي کولي، ان مان چورو ڪڍي وات ۾ وجهي، وري پُڙيءَ کي بند ڪري، چوري لڳل آڱرين کي مٽي جي اڏ اڇن ۽ اڏ ڪارن وارن سان اُگهي، هاشم درزيءَ جي دڪان منجهه هلي وئي. سليمي اهو پئي چاهيو تہ اُهي پئي ڇٽيون دڪان جي پر ڇڏين تہ آءُ دڪان تي وڃان. پر هڪ ڇٽي ابراهيم حيدريءَ واري ڏاتسن ۾ هلي وئي، بي دڪان منجهه وئي.

هاشم درزيءَ جي دڪان ۾ تي سلائي مشينون رکيل هيون، انهن مان هڪ خراب پئي هئي، باقي ٻن مشينن تي سلائي ڪندو هو. خراب پيل مشين کڙي سان ڏيکيل هئي. در جي اندرئين پاسي کان پٽ سان لڳل ڪاٺ جي وڏي ٽيبل پئي هئي، جنهن مٿان سبيل ۽ اڙ سبيل ڪپڙا ٽيلهين ۾ بند پيا هئا.

سليمي دڪان ۾ آئي، هن جي نگاهه عورت تي پئي، جيڪا ڪاٺ جي ٽيبل کي ٽيڪ ڏئي بيٺي هاشم سان ڳالهائي رهي هئي. هن جيئن ڪنڌ ورايو تہ سليميءَ تي نگاهه پيس، پوءِ منهن مٽي ڪري سليمي کي چيائين.

ادي سليميٰ! نظر نہ پئي اچين، ڪِجا پئي ڪرين...؟

ادي شبو! هيڪي گهر منجهه پئي آنيان...[62] ڪنهن شيءِ ۾ من ئي لڳي نہ پيو.. سليمي جڏهن اُهي لفظ چيا تہ هن جُني آکين ۾ پاڻي لهي آيو ڳوڙها پنبڙين جي اوٽ وٺي سليميءَ جو پر مرڪ لاءِ بيهي رهيا.

شبو زماني جي عورت هئي، سليميءَ جي زندگيءَ جي کهاڙيءَ جو پتو هئس، تنهن ڪري سليميءَ جي آکين منجهه آيل ڳوڙهن کي ڏسي ماڻ ڪري دڪان کان ٻاهر نڪري روڊ تي چوري جي پچڪاري اچلائي، درجي اوٽ وٺي بيهي رهي.

سليمي ٽيبل جي پرسان بيهي هاشم درزيءَ کي چوڻ لڳي.

ادا! ڪپڑا تيار آهن...؟

---

(62) آنيان - آهيان

ها... ادي! ڪچ ڏينهن کان اوهين جا ڪپڙا لٽا تيار پيا آهن، هت ماڻهن جي پيهه لڳي رهي ٿي، ڪٽي گم ٿي نه وڃن. آءُ اهو سوچي آميءَ جي هٿان نيايو ڪيو.

ادا... مهرباني. سليمي چولي جي ڪيسي مان پئسا ڪڍي هاشم درزيءَ کي ڏنا ته هاشم ڪرسيءَ تان اُٿي شوڪيس مان هڪ ٽيلهي ڪٽي ان جي ڳنڍ کي کولي ڪپڙا ڪڍي انهن کي ڏسي نئين سر ويڙهي ٽيلهي ۾ بند ڪيا پئي ته هڪ نوجوان چوڪري تيزيءَ سان دڪان جي اندر آئي. اُن جي پٺيان شبو هوري اچي ٽيبل جو پاسو ونڊي بيهي رهي. نوجوان چوڪريءَ هاشم درزيءَ کي چوڙ لڳي.

ادا... هاشم! مِکي سُنت[63] ڏي. ڪپڙ ڪٽي اجهو ڏئي ٽي وڃان...

هاشم ان چوڪريءَ کي ڪينچي ڏيندي ڪيس چيو.

"ادي! سگهو ئي ڏئي وڃج، ڪم پيو ڪريان."

"ها... ادا... ها..."

نوجوان چوڪري وڏي آواز ۾ ها... ادا... ها... چوندي هلي وئي. ان چوڪريءَ کي شبو غور سان ڏنو پئي. پوءِ سليمي ڏانهن منهن ڪري چوڙ لڳي.

ادي سليمي! سِلَ[64] ڪر. اها چوڪري ڪير هئي؟

ائي.....! مِکي ڪانهي خبر...

شبو وات وارو چورو چباڙيندي سليمي کي ٻڌائڻ لڳي.

سليمي! اها عالميءَ جي ماسات هئي. هير ڇتالَ[65] ٿي پئي آ. نوان ڪپڙ پهري روزانو ڏاتسن ۾ چڙهي شهر وڃي ٿي پوءِ سارو ڏينهن اتي ڦيريون ڪائي پنهنجيءَ مرضيءَ سان وريو اچي.

اهي لفظ ٻڌي سليمي دل ۾ چيو.

هيءَ شبو اُلتو پئي جَتاءِ[66] مون جڙ انهن ڳالهين سان ڪِجا...؟

---

(63) سُنت - ڪينچي (64) سِلَ - سوچي (65) ڇتالَ - ڀُهٽي، ڀني (66) جَتاءِ - ٻڌاءِ

درزيءَ هاشم کٽي کان سليمي پنهنجي ڪپور جا ڪپڙا وٺي دڪان مان ٻاهر آئي تہ شبو به هن جي پنيان آئي. دڪان جي در وٽ بيهي چوڻ لڳي.

سليمي! آءٌ هٽ تان هاڄ [67] وٺڻ پئي وڃان.

سليمي پنهنجي گهر هلي آئي، هيءَ خوشيءَ وچان پنهنجي پٽ جي نون ڪپڙن کي ڏسي ڪوٽيءَ منجهه هلي وئي، ڪپڙا رکي ٻاهر آئي، پڙش تي رڇ ۾ توريون جيڪي پٿر جي هينان رکيل هيون. هيءَ رڇ ناهڻ جي خيال کان اهو پٿر هٽائڻ لڳي تہ کن تي آواز پيس. سليمي پٿر هٽائڻ وارو خيال ڇڏي ڪنڊ مٿي ڪنيائين تہ سامهون هڪ عورت کي ڏٺائين، جنهن جي هٿ ۾ ٽيلهي هئي، ان کي چوڻ لڳي.

"ادي ايلي! يلي ڪري آئينءَ، سڀائي ڪجلا لاءِ آئي آن...؟"

ايلي هٿ واري ٽيلهي سليميءَ کي ڏيندي چوڻ لڳي.

ادي! هي ويڳر [68] لڙي [69] ڏي.

سليمي پڙش تان اُٿي ايليءَ کان ٽيلهي وٺي چوڻ لڳي.

"ادي! پڙش تي ويهہ." ائين چئي سليمي ڪوٽيءَ ۾ آئي، ويڳر پيهندي دل ۾ چوڻ لڳي.

ايليءَ کي ويڳر لڙي ڏيان تہ تڪڙو وڃي هلي، جهجهو وقت نہ ويهي، هيءَ مون جو ڪم ڪوٽي ڪندي.

ايلي پڙش تي رڇ ۾ توريون ڏسي، چوري جي پُڙي جيڪا مُٺ ۾ هئس اها کولي ان مان چورو ڪڍي وات ۾ وڌائين، پوءِ چوري واري پڙي بنڊ ڪري انگيءَ ۾ رکي، سڄي هٽ واريون آڳريون مٿي جي وارن سان اُگهي ڇڏيون ۽ گهر ۾ نظر ڦيرائيندي رهي.

ايتري ۾ سليمي ويڳر لڙي آئي ۽ ايليءَ کي ڏنائين.

"ادي ايلي! هي ويڳر وٺ..."

---

(67) هاڄ = شئي (68) ويڳر = مصالحو (69) لڙي = بيسي

ايلي ويڳر وڃندي چوڻ لڳيس. سليمي! هي ڪا پهر...؟

ايليءَ جي اهڙي سوال تي سليميءَ کي ڪاوڙ لڳي، پر وري پاڻ سنياڻي ڇيائين.

ايلي! آءُ گهر ۾ هيڪي ڇٽي آنيان، گهر جو ڪم نه هيڪي ڇٽي ڪريان ٿي، پاڻي پيڻ هيڪي ڇٽي وڃان ٿي، آءُ گهر ۾ لٽا ڪپڙا هيڪي ڇٽي ڏوئان ٿي.

ايلي ماڻ ڪرڻ واري عورت نه هئي، جنهن به گهر ويندي هئي اُن جو سمورو حال ڇاڻڻ کانسواءِ واپس نه ورندي هئي. ايلي جي اهڙي طبيعت مان هر ڪو بيزر هوندو هو ڪا به عورت هن سان جهجهو ڳالهائڻ پسند نه ڪندي هئي. ايليءَ کيترين ئي عورتن جا گهر ڦٽائي ڇڏيا هئا...

ايلي رڄ کي ڏسي عجب مان چوڻ لڳي.

سليمي! ايترو رڄ هيڪي ڇاڻي اُلارين [70] ٿي...؟ هن جا توکي پئسا کيترا ملندا آهن...!!؟

پوءِ سليمي ڏڏو ساهه پري ڇيو.

ايلي! توکي خبر آهي ته منهنجو مڙس درياءَ تي لانچ ۾ ويو هو اتان انديا جي نيويءَ وارا لانچ کي جهلي ويا، جنهن ۾ مون جو مڙس به هيو. هير اُتي جيل ۾ آهي، جنهن جي خبر ڪير نٿو ڏئي، جيرو آ... يا... مري ويو نه ڪو خط اچي ٿو. هير سُٽڻ ۾ آيو آهي ته هو جيرو آهي جيل ۾.

ادي ايلي! آءُ اميد ڪريان ٿي ته هيڪو نه هيڪو ڏينهن تون جو مڙد آزاد ٿي گهر ايندو.

سليمي پنهنجي ڏک کي اهڙيءَ طرح سان اندر ۾ سانديي هلندي هئي جو ڪنهن بي عورت کي هِن جي ڏکن جي پيڙاهه جو پتو ئي نه پوندو هو. سڄو ڏهاڙو پنهنجي ڪرت ۾ هوندي هئي، هن جو گهڻو وقت رڄ ناهڻ ۾

(70) اُلارين = ناهين

گذرندو هو.

سليمي پاڻ کلي خيال مان چڏي ايليءَ کي چوڻ لڳي.

"ادي ايلي! پنهنجي ڀيئر جي لاءِ محنت ڪريان ٿا، ان کي پڙهايان ٿي، محنت ڪري اُن جو پيٽ پاريان (71) ٿي ۽ پنهنجو پيٽ به پاريان ٿي، جيسين وڃي منهنجو مڙس جيل مان اچي، تيسين رڄ وينءِ اُلاريان، اُن جا مِڪي ڏوڪڙ ملندا آهن."

ايلي خاموشيءَ سان ڳالهه ٻڌي هيڏانهن هوڏانهن نهاري پوءِ سليمي کان موڪلائي هليْ وئي.

❋❋❋

(71) پاريان - ٺاهيا

باب ٻيون

ريڑهي ميان جي تڙ تي بيٺل هوڙا، سمنڊ جي لهرن تي ٻار جي پينگهه جيان لڏي رهيا هئا، ڪي هوڙا سُڪيءَ تي بيٺل هئا، هڪ هوڙي ڪي وادو پاتيا هٽي رهيو هو. ان جي پاسي ۾ ڇهه ست گڏهه گاڏا هڪٻئي جي پٺيان قطار ۾ ائين بيٺا هئا جيئن اسٽيشن تي مال گاڏيءَ جي خالي گاڏن جيان هڪٻئي جي پٺيان لڳل هوندا آهن. اهي گڏهه گاڏا ريڑهي جي پرپاسن جي ڳوٺن کان جيڪي ماڻهو سيڈي سامان ونڻ جي لاءِ ڪاهي آيا هئا، ڪي وري روزگار جي لاءِ آيا هئا. انهن گڏهه گاڏن تي ناڪا پنهنجا رڇ ۽ ٻيو سامان ڪڍائي ٻندر تي ويندا آهن.

گُهڇ تڙ تان گهمندو ڦرندو پنهنجي مخصوص انداز سان ٻانهن ڪي لوڏيندو مارڪيٽ ۾ خاصخيليءَ جي هوٽل ۾ پرسان آيو هڪ نوجوان هن سان هٿ ملائيندي چيو.

گُهڇ! آءٌ تو ڏي آيس پئي، مون جو بولو[1] رڇ تيار ٿي ويو...؟

"ناڪا دوسو! تون جي رڇ تي ڪم هلي ٻيو ڏينهن ۾ ٻه ٽي توريون ڪڍائي ويندون آهيان. تون گهبراءِ نہ، دل وڏي ڪر تنهنجو رڇ ٻيءَ جوڙ ۾ تيار ٿي ويندو."

گُهڇ! ايجان پيو جوڙ جو چئين، مون سمجهيو هو تہ رڇ تيار هوندو. هوڙو درياءَ تي ڪيڏي ويجان.

دوسو ناڪا! تون پئسي وارو آن، تو کي ڪِجا جي ضرورت آ...؟ اسان تہ مسڪين ماڻهو آهيون، رڇ ناهي گذر پيا ڪريون، پر اسان جي حال جي توکي خبر آهي، تڏهن ٻيو پئسا گهٽ ڏين. اسان جو حق ڪايو ويجين، ججها

(1) بولو = رڇ جوڙڻ، چار جوڙڻ

پئسا ڏي تہ توکي تکڙو رڄ ناهي ڏيان. توسان اڳي ليکو ڪونہ رکندو هوس. هير مهانگائي چوٽ چڙهي وئي آهي.

گُهڇ ڪيسي مان گتڪو ڪيڍي وات ۾ وڌو پوءِ منهن مٽي ڪري چوڻ لڳو.

ناڪئا! اسان مهاڻن جو گذر روز تنگ ٿيندو پيو وڃي. درياهہ جا ڏنڊا بہ تيز ڪونهن. نہ ڪي مڇيءَ جو مُلهہ آهي. ويچارا مهاڻا وڃن تہ ڪيڏانهن وڃن..!؟

ناڪئو دوسو اها الهہ ٻڌي ماڻ ۾ پُڄي ويو ڪيس گُهڇ جي حال جو احساس ٿي رهيو هوس. هن گُهڇ جي ڪاڏيءَ تي هٿ رکي ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيون تہ ان ڪان اڳ شاعري ۾ چوڻ لڳيس.

"دوسوا! هٿ نہ رک ڪاڏيءَ تي،

زور ڪر پنهنجي گاڏيءَ تي."

ناڪئي دوسو ڪان ٿهڪ نڪري ويو ۽ پوءِ هينائي وٺندي چوڻ لڳو.

ادا گُهڇ! ناراض نہ ٿيءُ، بہ تي ڏوکڙ آندا آم[2]، اهي توکي ڏيو وڃان ٿو. منهنجو رڄ ڏينهن ٻن ۾ تيار ڪر. هوڙو رڄ جي وڃهہ سان بيٺو آهي. رڄ ناهي ڏيندي تہ آءٌ روزيءَ تي ويندس.

ائين چئي ناڪئي دوسو ڪيسي مان پئسا ڪيڍي گُهڇ کي ڏنا تہ هو مرڪي پئسا ڪيسي ۾ وجهي ناڪئي دوسوءَ کي چوڻ لڳو.

"ادا! تون جو رَڄُ تيار ٿي ويندو" اهي لفظ ٻڌي گُهڇ کي ناڪئي دوسو چيو. ادا... تکڙ اٿم. بولو رڄ ٻٽيهہ آکين وارو چيو هوم. هاڻ ويهن ٻارين وارو ناهي ڏي.

ناڪُئا دوسوا! تون دل وارو آهي. اڄوڪو سيو ڪو ڏينهن چڏ. پرين تنهنجو رڄ تيار ٿي ويندو اڇي گهران ڪٽي وڃجان.

اها ڳالهہ ٻڌي ناڪئو دوسو خوش ٿي ڇُوڙ لڳو.

---

(2) آم - اٿم آهن

"گُهڇ...! پڳي [3] نه ڪجانءِ، آءٌ وڃان پيو.

گُهڇ مڇي مارڪيٽ جي سامهون واجا حسن بلوچ جي چٽيءَ تان چار پنج گٽڪا ورتا ته هن جي نظر هڪ همراهه تي جيڪو تڙ جي طرف تڪڙو تڪڙو پئي ويو. گُهڇ ان جي پٺيان تيزيءَ سان وک ڪٽندو ان جي ڪلهي تي هٿ رکيو هن کان چرڪ نڪري ويو جيئن ئي ڪنڌ ڦيرايو ته گُهڇ شاعريءَ ۾ چوڻ لڳس.

صالح! يار تون آنڌين ڪٽي،
مون سمجهيو وئين هليو مٽي،
پر آنڌين اتي جو اتي.

صالح خوشيءَ مان گُهڇ کي ڀاڪر پائي مليو ته ڪيس گُهڇ چيو.

ادا صالح! ريڑهي ۾ ڪڏهن آيو آن؟

ادا گُهڇ! ڪالهه شام جو هاشم وٽ آيو هوس.

"واهه ادا.... واهه... پين جا گهر ڏٺئي، منهنجي گهر گورو ڏين ها، ته چا ٿي پوئي ها."

گُهڇ جي ڳالهه صلاح کي معياري ڪري وڏو ته هو مان ۾ پڄجي ويو ته وري گُهڇ چوڻ لڳو.

ادا صالح! گهر هل به ٿي گرهه مانيءَ جا ڪِنئون [4]

ادا گُهڇ! ناراض نه ٿيءُ، ايئن سمجهه تو وٽ آيو آهيان.

هي ڪِجا پيو چئين؟ ائين چئي گُهڇ ناراضگيءَ مان شعر چيو.

آءٌ وڃان پيو گهر، تون ويٺو اِتي مر.

صالح مرڪي گُهڇ جي هٿ کي پڪڙي چيو.

ٻيلي گُهڇ! ناراض نه ٿي، تڙ وٽان ڦيرو ڏئي تو وٽ اچان پيو.

ها... تون ايندي ته پوءِ ڪلي ڳالهائبو هير آءٌ گهر وڃان پيو.

---

(3) پڳي = واعدي خلاڦي (4) ڪِنئون = ڪائون

گُهڇ گهر ڏي وڃڻ لڳو. پوءِ صالح کي احساس ٿيو ته مون گُهڇ کي ناراض ڪري ڇڏيو. پوءِ دل ۾ اهو ارادو ڪيائين ته تڏ تي خلاصين سڻ ملي بابا ۽ پاڻ جي خير پچي پوءِ گُهڇ جي گهر ويندس. اهو خيال ڪري صالح تڏ تي آيو جنهن خلاصيءَ سان ملڻو هوس، ان جو ڪو ۽ پتو ڪرڻ پئجي سگهيس. پوءِ گُهڇ جي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو.

سيٺ ذڪريا ڄاموٽ جي ڪارخاني کان ٿيندو سنهڙين گهٽين مان گذرندو ڪجهه پنڌ ڪانپوءِ هڪ گهٽيءَ جي ڪُنڊ وٽ آيو. اتي هڪ نوجوان عورت پٽ جي پاسي ۾ ويٺي پکوڙا ۽ ٻيون شيون ڪپائي رهي هئي، ان سان ۽ ٽي پڪيءَ عمر واريون عورتون ۽ ويٺيون هيون. سي پاڻ ۾ ڪچهريون ٻيون ڪن. انهن صالح کي پئي ڏٺو هڪ عورت هٿ جو اشارو ڪري ٻيءَ عورت کي آهستي چيو ته اهو ڪِجا لاءِ آيو آهي...؟ ڪير آهي...؟

"لِي...! مِکي پتو ڪونهي."

صالح انهن عورتن تان نگاهه هٽائي ۽ ٽي وڪون ڪڍي هڪ جاءِ وٽ بيهي رهيو ۽ گُهڇ کي آواز ڏنو.

گُهڇ آهين...؟

صالح جو آواز گُهڇ سڃاتو. هن جي جهوليءَ ۾ بولو رڇ هو. تنهن کي پاسي تي رکي اٿي پٽ جي جاري مان ٻاهر ڏسي صالح کي چيو.

ادا صالح! منجهه هلي آ، ٻاهر ڪِجاڙو پيو ڪرين...؟

پٽ جي پاسي کان در تي ٽنگيل چادر جيڪا هڪ ڪانيءَ تي رکيل هئي، صالح ان چادر کي مٿي ڪري ٿورو جهڪي اندر ويو. اڳڻ تي بن ٻارڻ راند پئي ڪئي. هي انهن تان نظر هٽائي پاسي واري ڪمري ڏي ويو ته سامهون گُهڇ بينو مرڪي ۽ صالح کي هٿ ڏئي پٽ ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"ادا ويهُ... دلدار ويهُ..... ڏِس پانجو ڏيهُ"

گُهڇ پٽ تي ويهي رهيو ته صالح به هن جي پر ۾ ويٺو. ڪمري جي اڌ

حصي ۾ بولو رڇ پکڙيل هو پٽ جي پاسي ۾ هڪ به پوريون پيون هيون، جن جا منهن کليل هئا، انهن مان رڇ ڏسڻ ۾ اچن پيا. صالح ڪمري جو مٿاچرو جائزو وٺندي چيو. گُهڇ! ڪنهن جو رڇ پيو ٿاهين؟

ادا! هي رڇ دوسو ناکئي جو ٿاهيان پيو. باقي ٿوريون پاريون رهيل آهن، سُيا[5] تائين تيار ٿي ويندو.

گُهڇ ڳالهه پوري ڪئي ته باهران ڪنهن آواز ڏنو. گُهڇ ان جو آواز سڃاتو ۽ پوءِ صالح کي چيائين.

صالح! دل وارا اچي ويا، ڊاڪٽر جليل ڪٽي ۽ نواز دبلو هوندو...؟

گُهڇ ويٺي ئي پٽ جي جاري ڏانهن منهن ڪري وڏي آواز ۾ چيو.

اچو... اچو ڊاڪٽر، منجهه اچو... ائين چئي گُهڇ اُٽي دروازي ڏي وڌڻ لڳو ته هڪ نوجوان قد جو ڊگهو مشڪندو اندر آيو. ان جي پٺيان ننڍي قد جو نوجوان هو جنهن جي هٿ ۾ ڪئميرا ۽ ڪجهه فائيل هئا. گُهڇ ٻنهي سان پاڪر پائي مليو. پوءِ انهن کي به پٽ تي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. جڏهن اهي نوجوان پٽ تي ويهي رهيا ته صالح سان گُهڇ انهن جو تعارف ڪرائڻ لڳو.

صالح! هي ريڙهيءَ جا پيارا دوست آهن. ڪڏهن ڪڏهن سڪ سان پيرو ڪندا آهن، پر هڪ شعر ٻڌو جيڪو توهان دوستن جي لاءِ آهي.

توهين سپ دل وارا، روز ڪيو لايا سايا،
گُهڇ ٽيو آڏاڻو خوش، پلي آيا، جي ڪري آيا.

گُهڇ شعر ٻڌائي مشڪندي اٽيو ۽ ڪمري کان ٻاهر هليو ويو. ٽوريءَ جهٽ کانپوءِ موٽي آيو. ايان ٻيئو ئي هجي ته هڪ ننڍڙي چوڪري جست جي ٽالهه ۾ چار چلون ۽ ڏيو جي وڏي بوتل کڻي آئي. گُهڇ ان چوڪريءَ کان ٽالهه وٺي پٽ تي رکيو ۽ پاڻ به اتي ئي ويهي رهيو. پوءِ بوتل کولي انهن چَلُنَ ۾ لاهي ٽنهي دوستن کي ڏنائين ۽ هڪ چل پاڻ ڪنيائين.

---

(5) سيا - سپاٽي

گُهڇ چل مان ڏُک پري دوستن کي چوڻ لڳو.

ادا... ٿورو اڳ آءٌ بولو رڇ ٿاهي رهيو هوس، توهان کي بولي رڇ بابت شعر ٻڌايان.

ادا ٿاهيان ٿو بولو رڇ،
هن سان مرندي آهي ڪِڇَ[6]،
موت آهي سنهيءَ ميڇي جو
ڏوهه تنهنجو نه ڪي منهنجو
بس رکو گذر آ غريبن جو
مزو آهي وڻن واپارين جو
گُهڇ جي آ ننڍي وڏي مڇ،
اڳي ٽينڊي هئي ريڙهي ۾،
وڏي رڇ تي ڪتن جي ٻڇ،
هاڻي ٽئي ٽي غريبن تي ٻڇ،
گهاتو جي گهر ۾ لڇ پڇ،
پڇو نه يارو مون کان حال،
وقت وڏو آ، وڏو ڪال،
ناهي ننڍي کي وڏي جو خيال،
پيءُ پوڙهو ڇڻ فوت ٻال،
اولاد جي ٽڻن ۾ ٻي حال،
وقت وڏو آ وڏو ڪال،
گهر ۾ مون جي ناهي آٽوءِ دال،
هاڻ ٻڌايو توهين پنهنجو حال.

گُهڇ جي شعر جون آخري ٻه سٽون، جنهن ۾ گُهڇ پنهنجي معاشي حالتن جو ذڪر ڪيو هو تنهن کي ٻڌندي سيئي ڏک جي ڏور ۾ ويڙهجي

(6) ڪِڇَ = سنهي ميڇي جنهن کي گندو چوندا آهن.

ويا، پوءِ ڊاڪٽر ڏڪاري انداز ۾ چيو.

ادا گُهڇ! تنهنجو شعر بڏوسين، اڳي غريب دال ۽ مانيءَ تي گذر ڪندا هئا، هير اها دال به اڻ لڀ ٿي وئي آهي. گُهڇ! تو پنهنجي شعر ۾ پنهنجي ڳالهه ڪينهي ڪئي، پر ريڑهيءَ جي سيني مسڪين مهاڻن ۽ اٻوجهه، بي سهارن جي ڪهاڻي ٻڌائي آهي. واقعي غريب ڪي غريب جو احساس ۽ درد ٿيندو آهي. پلا... محل ۽ ماڙين وارن کي ڪڪائن جهوپڙين ۾ رهندڙن جي ڪهڙي ڪل ۽ خبر. هنن کي غريبن منجهه سدائين عيب ئي عيب نظر ايندا آهن. صرف هو پاڻ کي انسان سمجهن، باقي ڏنڊين، ڏورن ۽ درياڻن تي رهندڙ ماڻهن کي گند سمجهي پيا ڏڪارين.

ٿوريءَ دير تائين ڪچهري ڪرڻ کان پوءِ ڊاڪٽر ڪٽي ۽ نواز دبلو موڪلائي هليا ويا. گُهڇ انهن دوستن کي در تائين ڇڏڻ آيو. پوءِ گهر واريءَ ڏي ويو. جيڪا ٻي ڪمري ۾ ويٺي ماني پچائي، تنهن کي چيائين.

باقو[7] تيار آهي؟

ها...

پوءِ موڪل، صالح ويٺو آهي، ٻيا دوست هليا ويا آهن.

گُهڇ اڃي صالح سان ويٺو ڪانئس خبرون چارون پڇڻ لڳو.

صالح! ڏي خبر... ريڑهيءَ منجهه ڪِجا لاءِ آئين؟

صالح سمجهي ويو گُهڇ چا ٻيو پڇڻ گهري. پوءِ چوڻ لڳو تڙ تي هل اُتي حال احوال ڪنداسين. ايتري ۾ ننڍڙي چوڪري جست جي ٿالهه ۾ پتاتا، ننڍڙي مڇي ٻڌي گڏ رڌل هئا، گُهڇ ياڃيءَ ڏي ڏسي صالح کي چيو.

"صالح! هي باقو آهي ائين سمجهه غريبن جو طعام آهي."

اهي لفظ ٻڌي صالح ڪلي ڏنو. هي گُهڇ کي ڪيترن سالن کان وڻي سڃاڻيندو هو صلاح جو ريڑهي مياڻ ۾ گهيڻ اڇڻ ٿيندو هو ۽ گُهڇ جي

(7) باقو = ياڃي، اُها ياڃي جيڪا پاڻيءَ ۾ اُبارڻ بغير گيهه ۽ مصالحي جي تيار ڪئي وڃي.

طبيعت کان چڱيءَ طرح واقف هو جڏهن به ريڑهي ۾ ايندو هو پهرين گُهڇ سان سلام دعا ڪري پوءِ ٻين دوستن ڏانهن ويندو هو. مانيُ کائڻ کانپوءِ گُهڇ کي ڪا ڳالهه ياد آئي ته صالح کي چوڻ لڳو.

ادا! اُتي هل ته موساڻي پاڙي منجهه هلون. مائي فاطميءَ جي هوٽل پرسان دوست شير موساڻيءَ جو گهر آهي، ان کي ڪنهن ڪم بابت چوڻو اٿمُ.

پوءِ ٻئي اتي گهر کان نڪري گهٽيءَ جي ڪُنڊ وٽان آيا، نوجوان چوڪري ويٺي ٽالهه ۾ پکوڙا ڪپائي، گُهڇ ٽورو جهڪي ٽالهه مان پکوڙو کڻي وات ۾ وجهي مشڪي، هٿ لوڏي هلڻ لڳو ته چوڪريءَ پويان آواز ڏنس.

"گُهڇ...! ڏوڪڙ..." جيئن ئي گُهڇ آواز ٻڌو ته بيهي رهيو پوءِ ڪنڌ وراءِ ان چوڪريءَ کي اُتان ئي چوڻ لڳو.....

ڪيسا آهن خالي،
نه ڪر پويان ٻوکڙ،
تون آن يولي يالي.

گُهڇ جو شعر ٻڌي چوڪريءَ مُرڪي ڏنو. ائين پئي لڳو جڙ هوءَ به گُهڇ جي طبيعت کان واقف هئي.

گُهڇ پنهنجي دوست صالح کي مائي فاطميءَ جي هوٽل بابت ٻڌائڻ لڳو.

ادا صالح! اسان موساڻي پاڙي منجهه هلنداسين، پهرين مائي فاطميءَ جي هوٽل تي توکي چانهه پيارينداس. ريڑهيءَ ۾ چانهه جي پهرين هوٽل مائي فاطمه کولي هئي، پر هوٽل فاطميءَ جي نالي سان مشهور ٿي وئي. مائي فاطميُ ويهن پنجويهن سالن کان موساڻي پاڙي ۾ هوٽل هلائيندي اچي پئي. ريڑهيءَ جون عورتون چانهه پيئڻ جي لاءِ اچن ۽ مرد به. پر مڙدن کي چانهه هوٽل جي ٻاهران ملندي ۽ عورتن کي هوٽل منجهه مائي فاطمي چانهه پيارينديُ آهي. هن وقت موساڻي پاڙي ۾ ٻه ٻيون هوٽلون به کلي ويون آهن. هڪ هوٽل مائي حاجاڻي صفوران جي آهي، هيءَ هوٽل مسجد محمد بن قاسم جي پاسي ۾ آهي. ٻي هوٽل مائي

سُکينا جي آهي، جيڪا تڙ تي يعني درياءَ جي ڪناري تي آهي. اتي خالي چانهه ملندي آهي.

گُهڇ ڳالهه ڪندو صالح اڳيان هلندو ويو هڪ سوڙهيءَ گهٽيءَ ۾ پهتا، سامهون نوجوان چوڪريءَ مٿي تي ڪاٿين جي پري ڪنيون اچي پئي، سا هنن ۾نهي کي ڏسي گهٽيءَ جي مُنڊيَ وٽ بيهي رهي. گُهڇ اڳتي تڪڙو تڪڙو وڌي ويو هو ۽ صالح اتي ئي بيهي رهيو. شايد انهيءَ خيال سان ته ڪاٿين جي پريءَ واري چوڪري مٿي وڃي. محمد حسن گُهڇ ان چوڪريءَ جي پرسان پهتو ته ڪائنس چوڪريءَ پڇيو.

ادا... ڪِجا لاءِ بيهي رهيو آهي؟ محمد حسن گُهڇ پنهنجي طبيعت کان مجبور ٿي ان چوڪريءَ جي پيرن ۾ نهاري پوءِ ان جي منهن ۾ ڏسي شعر پڙهڻ لڳو.

تنهنجي مٿي تي آهي پري،
ٿئي نه توکي اها ڳري،
وچ تون هتان ٽري،
ٿئي نه دل اسان جي چري،
تنهنجي مٿي تي آهي پري.

چوڪري مرڪي گُهڇ جي پاسي کان مٿي هلي وئي. پوءِ صالح تڪڙو تڪڙو گُهڇ وٽ آيو. ٻئي هلندا آيا، هڪ گهر جي اڳيان ٽي عورتون ويٺيون پاڻ ۾ ڪچهري ڪن پيون. انهن عورتن جا چهرا ڪوماٽيل ۽ اداس هئا. انهن جي وات ۾ گٽڪو هجي. جڏهن گُهڇ انهن جي پرسان آيو ته انهن عورتن جي منهن ۾ نهاري شعر چيو.

چو نشي ۾ ويڃائي اٽو جواني،
ٽوهان کي ماسي چوان يا نانيِ،
کيو نہ پنهنجي حياتيءَ سان ڦهر،
ڇڏيو گٽڪي ۾ نسوار جي پچر،
چو نشي ۾ ويڃائي اٽو جواني،
توهان کي ماسي چوان يا نانيِ.

پوءِ هڪ وڏي عمر واري عورت جي پرسان ويهي ان کي آهستي چيائين.

او سهڻي نانيِ، کاءُ منهنجي مانيِ،
تنهنجي ڏسان جواني، او سهڻي نانيِ.

اُهي ٽئي عورتن کلڻ لڳيون. پوءِ وات کولي گٽڪي وارا ڳاڙها ڏند گُهڇ کي ڏيکارين ٿيو تہ گُهڇ منهن خراب ڪري اٽ ۾ ن جا ڏند بہ گٽڪي کائڻ جي ڪري ڪارا ڪتيل ۽ بي سُر سڻ ۾ ٽي آيا.

صالح اهو لکاءُ ڏسندي کائنس ٿهڪ نڪري ويو. عورتن جا ڏيان صالح ڏانهن ڇڪجي ٽي ويا. گُهڇ ڪجهہ وقت ماڻ ۾ هلندو رهيو. ٽئي اچي مائي فاطميءَ جي هوٽل وٽ پهتا. هوٽل جي ٻاهران گهٽيءَ ۾ ٻہ چار عورتون ويٺيون هيون. انهن جي وات ۾ گٽڪو هجي، سندن اڳيان پٽَ تي چانهہ جون خالي پيالیون رکيل هيون. هوٽل جي اندر ٽي چ ار جوان عورتون ويٺيون هيون. هڪ عورت جي اڳيان چل پئي هئي، جنهن ۾ گٽڪو رکيل هو هوءَ چل مان ٽورو گٽڪو ڪڍي، ٽلهي پنيءَ ۾ ويڙهيندي پاسي کان رکندي وئي. هڪ عورت جنهن کي خوبصورتِ پرت پريل ڇولو پاتل هو هوءَ مٽي تي چادر ناهي هوٽل منجهہ ويٺل عورتن کي ڏسندي کين اشاري سان ڪجهہ چئي، پوءِ هوٽل کان ٻاهر آئي ۽ گُهڇ کي ڏسي گهٽيءَ ۾ ويٺل عورتن ڏي هلي وئي. انهن جي اڳيان جيڪي خالي پيالیون پيون هيون، اهي کڻي واپس ايندي، گُهڇ جي پرسان بيهي چوڻ لڳي.

"ادا... ڪِجا...؟"

"مائي فاطمي! مهمان جي لاءِ سڻي چانهه ٺاهي ڪٽي اچ."

مائي فاطمي واپس هوٽل ۾ هلي وئي. هوٽل ۾ ضعيف ۽ پوڙهيون عورتون ويٺيون هيون، ڪنهن ڪنهن وقت انهن جا ڪنڌ مٿي ڪجي ٿي ويا. هوٽل ۾ ٽي وي هلي رهي هئي، جنهن جو آواز ڪنهن مهل تيز ته ڪنهن مهل اڻ چٽو ٻاهر پئي آيو.

گُهڇ هوٽل ۾ ويٺل عورتن کي ڏسندي صالح کي ٻڌائڻ لڳو.

ادا صلاح! اهي ضعيف ۽ پوڙهيون عورتون سي پَٽَ ٽي ويهي ڪين سگهن، پر پيندڙ[8] ٽي ويٺيون اٿئي. صالح وري غور سان انهن عورتن کي وٺ جيڪي پيندڙ ٽي ويٺيون هيون. پوءِ انهن تان نگاهه هٽائي نوجوان چوڪريءَ کي ڏسڻ لڳو جيڪا گٽڪي جون پڙيون ٺاهي رهي هئي ۽ ٻاڻ ۾ گٽڪو ڪائي رهي هئي. اوچتو ان کان ڪل نڪري وئي ته وات مان گٽڪي جي ڳاڙهاڻ ٻار جي ڳِگ وانگر وات مان نڪري چپن ۽ ڪاڏيءَ کان هيٺ وهڻ لڳس. هوءَ جلدي ۾ گٽڪي واري هٿ سان ان کي اگهيائين ته چپ ۽ ڪاڏيءَ تي هلڪا ڳاڙها نشان ٺهي پيس. وري فلم ڏسڻ ۾ لڳي وئي. هوءَ گُهڇ ۽ صالح جي نگاهن کان بي خبر هئي. اهو ڏسي گُهڇ کان هلڪو ٿهڪ نڪري ويو ۽ منهن مٿي ڪري صالح کي چيو. اهي اٿئي گٽڪي کائڻ وارن جا حال، ڪل ۾ پنهنجو ئي منهن خراب ٿيو پوي. گُهڇ کيسي مان گٽڪو ڪڍي وات ۾ وڌو. هوٽل جون پتيون گٽڪي جي پچڪارين سان ڳاڙهيون ۽ ڪنهن جاءِ تي ڪاري ناسي رنگ جا گهرا داغ نظر پئي آيا. هڪ پوڙهي عورت جيڪا ٽي وي ٽي فلم ڏسي رهي هئي، تنهن جي وات ۾ گٽڪو هجي، ان کي چٻاڙيندي رهي. پوءِ پچڪاري اچلائڻ جي لاءِ ٽورو جهڪي فرش تي هٿ رکي پٽ جي پاسي ۾ پچڪاري اچلائي وري فلم ڏسڻ لڳي. ايتري ۾ مائي

(8) پيندڙ = ننڍڙي سنڊلي

فاطمي چانهه جا به ڪوپ ڪٽي آئي. هڪ صالح کي ڏنوءِ ٻيو ڪُوپ گُهڇ کي ڏنائين ته ڪيس گُهڇ چيو.

مائي فاطمي! مون ٻڌو آهي ته جڏهن ڏوکڙ گڏ ڪيا اٿئي...؟

مائي فاطمي ٽورو مشڪي چوڙ لڳيس.

گُهڇ! مِڪي دنيا ڏوکڙن وارو پئي سمجهي. آءُ گذر ۾ پوري آهيان. هن مهانگائي جي وقت ۾ اسين هڪ ويلو شام جو ڇهين وڳي ڪِنئون ٿا اولاد جي اولاد به منهنجي مٿي ۾ آهي. نياڻيون ٿا ننهن به ڳچيءَ ۾ آهن. وڏو خاندان اٿم. نياڻيون سڀ شادين واريون آهن. انهن کي مڙس هڪ ٽڪو به ڏين ڪونه ٿا. آءُ سڄو ڏينهن محنت مزوري پئي ڪريان. گراهڪ چانهه اوڏر تي کنيو وڃن. لکندي لکندي بندیون ڪاريون ٿي ويون.

گُهڇ منهن مٿي ڪري چوڙ لڳو.

مائي فاطمي! اوڏر... گُهڇ جو جملو پوري ٻڌڻ کان اڳ مائي فاطمي چوڙ لڳي.

ادا گُهڇ! اوڏر واريون بندیون دریاءَ منجهه وٽائي ڇڏيا. ٻيو ڪِجاڙو ڪريان..!!

مائي فاطمي وڏي همت واري عورت نظر ٿي آئي. هيءَ عمر ۾ وڏي لڳي ڪونه پئي. هوٽل ۾ ڪم ڪندڙ عورتون. هن جون ڏيئرون هيون. گُهڇ چانهه جو ڪوپ خالي ڪري پاسي واري ننڍڙي پٽ تي رکيو جنهن کي ٽيڪ ڏئي ٻيٺو هو. پوءِ دوست کي چوڙ لڳو.

صالح! مائي فاطمي سڄي هڏَ واري [9] عورت آهي. هن کي ڇار پٽ ۽ چار نياڻيون آهن. انهن جي اولاد جو بار به مائي فاطمي جي سر تي آهي. صالح جو ڏيان ٻن معصوم ٻارن ڏي هو جيڪي مائي فاطمي جي هوٽل ۾ رويا. اتان گٽڪا وٺي وات ۾ وجهي ساڳيءَ گهٽيءَ ڏي ڊوڙندا ويا. صالح ڪجهه سوچي گُهڇ کان پڇڻ لڳو.

---

(9) سڄي هڏَ واري - محنت ڪندڙ

گُهڇ! هت ٻيون عورتون ٻه هوٽل هلائين...؟

ها... صالح! مائي حاجاڻي صفوران ۽ مائي سڪينه جي هوٽلن بابت ٻڌايو اٿم ۽ ريڑهي جي ورهاڻيءَ پاڙي ۾ مائي چونچيءَ جي هوٽل آهي، اتي ڇانهه، پاڇي ۽ ماني ٻه ملندي آهي. ريڑهيءَ جون عورتون ۽ مڙد ٻه ان هوٽل تان مانيون ونڊ ايندا آهن. مائي چونچيءَ جو مڙس قاسم عرف اکوتو هوٽل ۾ وي سي آر تي فلم هلائيندو آهي.

ريڑهيءَ جي قاسماڻي پاڙي ۾ مائي ڏيڏيءَ جي هوٽل آهي ۽ا سماعيلاڻي جي پاڙي منجهه ڀانسنن جي استاپ وٽ مائي فاطميءَ جي پيڙ مائي حفيظه جي هوٽل هئي، جيڪا تي چار سال هلي، هير بند ٿي وئي آهي.

گُهڇ کي خيال آينو ته جنهن ڪم جي لاءِ موساڻي پاڙي ۾ آيس اهو ڪيو ته ڪونه اٿم. پوءِ صالح کان ٿوري دير جي لاءِ موڪلائي هليو ويو.

هوٽل جي پاسي واريءَ گهٽيءَ جي ڪُنڊ ۾ ٻه عورتون وينيون ڪچهري ڪن پيون، هڪ نوجوان عورت ٻي عورت کي چوڻ لڳي.

"شمي! مِکي گٽڪو ڪاراءِ"

"آئي آکي! چورو مون وٽ ڪين آ، توکي ڪِجا ڏيان!"

پٽسا هجن ته توکي گهراءِ ڏيان، پٽسا ٻه ڪونهن. اهو ٻڌي آکي چوڻ لڳيس.

شمي! تو وارو مڙد رات شڪار گهوري آيو آ.

آئي آکي! مون واري مڙد کي ناکئي پٽسا ڏنا ئي ڪونه. جڏهن ان جي مال جو ووکرو ٿئي، پوءِ پٽسا ڏيندو.

آکي ٿورو سُري وري چوڻ لڳي.

شمي! مهرباني ڪر، مِکي گٽڪو آڻي ڏي. مائي فاطميءَ جي اڌار جهجهي آ، يڪو اڌار ڏنو ڪين اٿم. تيسين ٻيو اڌار ڪٿين ڪٽان.!!

شمي دلاسو ڏيندي آکيءَ کي چيائين.

آکيءَ ٿورو صبر ڪر، اچي ڪا ٻار کو[10] ڪرڻ واري يا چوري واري

تہ توکي وڻي ڏيان.

شميءَ کان آکيءَ جي حالت ڏٺي نہ پئي ٿئي، پر هن جي چوليءَ جي پاسي واري کيسي ۾ ٿورو گٽڪو هجي، سو کڻي پاڻ ۾ نہ پئي کائي سگهي، وري آکيءَ چيس.

شمي! صبر کيئن ڪريان، متي کي چڪر ٿو اچي، نشو لڳو آ.

پوءِ شمي اُٺندي چوڻ لڳي.

آکي! چگو ويهہ تہ توکي وڻي آٽي ڏيان.

ايئن چئي شمي هلي وئي، ٿورو اڳيان وڃي چوليءَ جي پاسي واري کيسي مان چورو کڻي کولي کائيندي پنهنجي منهن ۾ ڳالهائيندي وئي.

آءُ تہ آکيءَ مان قسي وئي آن. ان جو مڙد ڪمائي جڇهو پوءِ ۽ چورو ٻين کان پنندي، اها سڙندي ئي ڪانہ، اها پني پئي ڪِنڻندي. ان کي پنو پيٽ پئجي ويو آ، پنهنجي پٽسي مان وٽندي ڪانہ، سدائين سڃي هلڻ ۾ خاندان باقي ٻين تي گذارو.

آکي خيالن ۾ ويڻي سوچي پئي تہ شمي ڪڏهن ٿي اچي...

ايتري ۾ هڪ ٻي عورت اچي پر ۾ وئنس، تنهن جي وات ۾ چورو هجي، اهو ڏسي آکيءَ کان صبر ڪونہ ٿيو ۽ توڪ جي انداز ۾ چوڻ لڳس.

"رشيده! اڄ تون الائي [11] خوش آنڌين، نوان ڳيڙَ پاتا اٿئي، رات ڪٽان لاتري لڳي وئي اٿئي جو ايترو خوش آنڌين، مِکي ۽ ٻڌاءِ ڪٽان لاتري لڳي آ." رشيده جي ٻانهن ۾ رنگين چوڙيون، ڪن ۾ چمڪ واريون واليون، ڳلي ۾ سهڻو هار، چپن تي لالي ۽ اکين ۾ ڪجل ڏسي آکيءَ کي اندر ۾ روٽ پيا پون. آکيءَ کي خيالن ۾ ڏسي رشيده چوڻ لڳس.

آئي آکي! غور سان ڇا پئي ڏسين؟ آکي چرڪ پريندي، نہ... نہ... رشيده اهڙي ڳالهہ ڪانهي، مڙي مور ڏسان ٿي. پوءِ رشيده چوڻ لڳس.

---

(10) مارکو - ڪچهري

آکي! لاتري کين لڳي آ، منهنجو مڙد سنو آهي، مون سان صحيح آ، اها ئي منهنجي لاتر اٿم. تون پنهنجي مڙد کي پائين ٿ تنهنجي به لاتري لڳي سگهي ٿي. پر تون وتين پئي ڦيريون کائيندي ايتري ۾ شمي اچي وئي، سا به رشيده کي هار سينگار ۾ ڏي جلي وئي، پر موقعي جي نزاکت کي ڏسندي مرکي، چولي ۽ جي پاسي واري کيسي مان گٽکي جون چار پڙيون ڪڍيائين، به آکي ۽ کي ڏنائين، هڪ رشيده کي ڏني ۽ هڪ پاڻ کولي کائڻ لڳي.

آکي ۽ وات ۾ گٽکو وڌو ته آکين ۾ چمڪ ۽ چپن تي هلڪي مرڪ اچي وئي. ٽئي ڇٽيون وينيون ڪچهريون پيون ڪن ته هڪ وڏي ۽ عمر واري عورت هلندي اچي هنن جي مٿان بيهي کين چوڻ لڳي.

چوريون! گهٽي ۽ ۾ رکو[12] وينيون آهيو ۽ گٽکا پيونم کائو هلو ته هلي کتي ۽ جي خبر ڪيون، جن جو جوان پٽ حنيف مري ويو آ، ڏنڊي تي ويو هو اتان مول[13] کڄي آيو آهي. هلو ته هلو، پيو نه ته ان ويچاري کي ٿورو دلاسو ڏئي اچون.

رشيده اٿي بيهي رهي ۽ چوڻ لڳي.

ماسي رحمت! اسين تو سان گڏجي هلون ٿا، پوءِ ٽئي ڇٽيون ماسي ۽ رحمت سان گڏجي هليون ويون.

گُهڇ ڪجهه منٽن کان پوءِ موتي آيو ۽ صالح کي چوڻ لڳو.

ادا صالح! جنهن دوست ڏانهن ويو هوس، اهو جاموٽ جي تڙ تي نڪري ويو آهي ۽ ناڪئي اسماعيل سان شڪار تي ويندو. هل ته هلون... ائين چئي گُهڇ مائي فاطمي ۽ کي اشارو ڪيو ته هوءَ ڪچي ۽ وارو رئو ٽائيندي هوتل کان ٻاهر آئي ته ڪيس گُهڇ پئسا ڏنس، پوءِ پئي ڇٽا تڙ ڏي هلڻ لڳا. گهٽي ۽ ۾ ماڻهن جي اڇ وڇ لڳي پئي هئي. هڪ ڪُتي پِٽ جو پاسو وٺي آئي پئي، جڏهن گُهڇ جي پاسي مان گذري ته گُهڇ ٿورو جهڪي ڪُتي ۽ جي لنڊي پڇ

(12) ڪو - چون چالائي (13) مول - لاش

تي هٿ هنيو تہ ڪُتي ڪنڌون ڪنڌون ڪري وڻي پڳي، ان کي ڏوڙندو ڏسي گُهڇ شعر چيو.

اي ڪُتي، تون آهين لنڊي،
توکي ڪنڌ ۾ پئي ڪنديءِ
هتي جا چورا اٺئي هوشيار،
متان هٽي نہ چڏين جُنديءِ

گُهڇ کي اها حرڪت ڪندي هڪ همراهہ ڏٺو جيڪو ڪلندي سامهون پئي آيو. جڏهن هو گُهڇ جي پرسان آيو تنهن گُهڇ کي چيو.

"گُهڇ...! ڪُتيءَ کي ڇو چڏين ڪونہ پيو."

گُهڇ ان همراهہ جي هٿ کي پڪڙي ڪاوڙمان چيو.

يار تنهنجو نڪ آ مِنو
نالو اٺئي ڏاتر ڏنو
تڏهن ڪتو آ توکان ڏنو

گُهڇ جو جواب ٻڌي، اهو همراهہ هٿ چڏائي، چپن ۾ پُٽ پُٽ ڪندو ويو. گُهڇ گٽڪي جي پڇاڙي پٽ جي پاسي ۾ اڇلائي هلڻ لڳو تہ هڪ ناڪئو لٽ جي سهاري پٽ کي ٽيڪ ڏئي پنهنجن خيالن ۾ بيٺو هو. گُهڇ ان جي پرسان اڇي ڪيس هٿ ملائي چيو.

ناڪئا! تون جي هٿ ۾ لٽ،
توکي پٽ آهن پورا اٺ،
سال ٻہ ٽي ويا اٺئي سٺ،
هاڻ نہ ڪر ايڏا هٺ.

ناڪئو مرڪي گُهڇ کي ڏسندو رهيو. صالح دل ۾ چيو. گُهڇ! جُٽ نہ ڪرائي وجهي. جڏهن ٻئي سيٽ ذڪريا جي ڪارخاني کان ٽوري فاصلي تي هٿا تہ گُهڇ ٻيهي رهيو وات ۾ گٽڪو وڃي، منهن مٽي ڪري صالح کي

چيو. ادا... ٻہ ٽي منٽ اتي بيهہ سِهرن واريون اچن پيون تن سان مليون. ايتري ۾ هڪ سنهيءَ گهٽيءَ مان عورتن جو ٽولو ظاهر ٿيو. چار پنج عورتون جيڪي اڳيان اڳيان هجن، اُهي سهرا ڳائيندیون پئي آيون. ڪنهن مهل هٽ جي اشارن سان هڪٻئي کي هوشيار ڪندیون ٽي رهيون، انهن ۾ هڪ عورت رنگ جي سانوري، قدم ۾ ڊگهي هئي، سا پنهنجي چال سان سينيءَ ماٺهن جو جيڪي گهٽيءَ منجهہ آيا پئي انهن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائيندي رهي ۽ وڏي سُر سان سهرو ڳائيندي رهي.

سهرا نواز گهوٽ جا ڳايا خوشيءَ مان،
ڇڳي همٽ ڪريو پنهنجي پيار جي الا،
سنها سهرا گهراءِ ڏي هزار ۾ الا،
ڇڳا ويس ٿهراءِ ڏي هزار ۾ الا،
سهرا نواز گهوٽ جا ڳايا خوشيءَ مان.

گُهج جيڪو شاديءَ جي موقعن تي گوٽ جي گهرن ۾ گهوٽيتن سان يا ڪنواريتن سان گڏجي ويندو هو ۽ ڪوٽ ڏيندو هو.

هڪ عورت جيڪا ڳائڻ وارين سان گڏ هلندي پئي آئي، اُن جيئن ئي گُهج کي ڏٺو تہ مُرڪي چيائين.

"گُهج... کيٽوڪر آلاپ ڪر"

پوءِ گُهج کان رهيو ڪونہ ٿيو. ڳائڻ وارين عورتن جي پر ۾ وڃي ٿورو جهڪي جهمر هڏو منهن کي عجيب انداز سان بڻائي ڳائڻ لڳو تہ ماٺهن جا ڪٽڪ اچي ڪٺا ٿيا. ڳائڻ وارين عورتن جي پٺيان هلندڙ ٻار ننڍيون، وڏيون عوروتن، گُهج کي ڏسڻ لاءِ تڪيون وکون ڪٽي اچي اڳيان ٿيون ۽ ڏسڻ لڳيون. ڪجهہ گهڙيءَ جي لاءِ ڳائڻ وارين عورتون گهٽيءَ ۾ بيهي رهيون ۽ وڏي آواز ۾ سهرا ڳائڻ لڳيون. هڪ عورتن جيڪا قد ۾ گُهج کان ٿورو ننڍي هئي سا گُهج جي پرسان آئي ۽ نئين سهري جو منڊ ڪڍيو تہ گُهج ان سان

ڪيڏ ڪندو ۽ ڳائيندو رهيو. پر عورت جو آواز جوشيلو هو.

او گهـــــوت لاڏا وڏي مـــــان وارا،
تنهنجيءَ شاديءَ جو ملهه آهي باري،
او گهـــــوت لاڏا وڏي مـــــان وارا.
سهرا گهراءِ ڏي مينا مڙهائي ڏي،
پنهنجي پائڙ واري مالها جلدي گهراءِ ڏي،
او گهـــــوت لاڏا وڏي مـــــان وارا،
تنهنجي شادي جو ملهه آهي باري،
ويس گهڙاءِ ڏي، مينا مڙهائي ڏي،
پنهنجي پائڙ واري ليلا جلدي گهراءِ ڏي،
جهڙو گهوٽ سهڻو تهڙيءَ جواني،
مٺا ميرمرسل ڪرين مهرباني،
او گهـــــوت لاڏا وڏي مـــــان وارا
تنهنجي شاديءَ جو ملهه آهي باري،

عورتون ڳائيندیون هليون ويون. انهن سان گڏ گُهج ڪجهه پنڌ تائين ويو پوءِ سهڪندو واپس اچي دوست صالح وٽ ٻيهي رهيو هن جو سڄو بدن پگهر ۾ شل هو. هن جي اهڙي حالت ڏسي صالح چيو.

گُهج! ڪِجا لاءِ اهو ڪيٽو ڪيو؟

"يارا! پنهنجي طبيعت ۾ اُهو رنگ اٿم. ڳائڙ واريون ڏسان ته پوءِ مون جو بدن لوڏو ڪائي ئي ڪائي."

اهي لفظ ٻڌي صالح کان ٿهڪ نڪري ويو. پوءِ هڪ ڪارخاني وٽ پهتا ته گُهج ٻيهي انَ ڪارخاني طرف نهاري چوڻ لڳو.

صالح! هن ڪارخاني ۾ ريڙهيءَ جا جهونا ۽ مشهور ناڪٽا ڪترو ريچ

ساري رهيا آهن. هنن سان بولا چاري ڪري پوءِ تڙ تي هلنداسين. گُهڇ پانهن لوڏيندو ڪارخاني ۾ داخل ٿيو صالح بہ هن جي پٺيان آيو. ڪارخاني ۾ ويٺل ناکٽا سيئي اٿي گُهڇ ۽ صالح سان مليا. هڪ ناکئي چيو.

گُهڇ پلي ڪري آئي، جي آئي.

گُهڇ هيڏي هوڏي نهاري ڪتري رڇ کي ڏٺو جيڪي سڄي ڪارخاني ۾ پکڙيل هو پوءِ منهن مٽي ڪري شعر پڙهڻ لڳو.

پهرين اسان وٽ پڏرا رڇ هٿا،
ٻچا مڇيءَ جا بچندا ڳچ هٿا.

هڪ ناکئو ڪتري رڇ بابت ٻڌائڻ لڳو. هن ڪتري رڇ جي ڏيگهہ 90 وام آهي، يعني ڇهہ سئو ٽيهہ فوت ۽ ويڪر ويهہ وام، يعني هڪ سئو چاليهہ فوٽ جو ويڪرو آهي. ڪارخاني کي ٻنهي پاسن کان دروازا هٿا، گُهڇ دروازي ڏي نهاري پوءِ ناکئن جو صالح سان تعارف ڪرائڻ لڳو.

ناکئو محمد ملڪائي، ناکئو عبدالله دبلو ناکئو حسين ملڪائي، هي ٽئي ناکٽا محنتي آهن. صالح هڪ ناکئي محمد ملڪائي جي پير ۾ ويهي رهيو تہ ناکئو چوڻ لڳو.

ادا... صالح! هي وقت ڏاڍو ڏکيو آهي، اڳي وارو دور هير کان الائي سنو هو خوشيون ئي خوشيون هونديون هيون. تڙ تي ريڍيا وڃندا هٿا ۽ رکاردِ، اسان انهن کي ڏسي مست ٿي ويندا هٿاسين. درياءَ جي پنڌ جا ٽڪ ئي لهي ويندا هٿا. هڪٻئي کي چُرون [14] ڪري ڪلائيندا هٿاسين. ان وقت راشن جي فڪر ڪانہ هوندي هئي، تڙ جي باهران گُلا [15] جَهلي ڏور تي مڇيون جهلينداهٿاسين تہ ايتري مڇي جهلبي هئي جو گهر کانسواءِ روزگار بہ ٿي ويندو هو.

ناکئو عبدالله ۽ ناکئو حسين بہ وينا ڳالهايون ٻڌن. پوءِ ناکئو حسين چوڻ لڳو.

ادا صالح! هير ريڙهيءَ جي حال کي ڏسندي مزو نہ ٿو اچي، پراڻي دؤر ۾

(14) چُرون = حرڪتون، شرارتون، کيچل (15) گُلا = مڇي

هير جي دور ۾ وڏو فرق آهي. اڳي ناڪئن ۽ خلاصين جو هڪ ئي سان ججهو پيار هوندو هو. واپاري به گهاتوءَ جي عزت ڪندا هئا. ميڃي، سانا، پلو ۽ گند ڪل ۽ خوشيءَ سان وٽي هليا ويندا هئا. هير واپارين کي ڏسندي دل نه ڇوندي آ ته انهن کي مال ڏڃي، پئسن ڪاڙ گهاتن کي رُلائين پيا. اڄوڪا واپاري اهڙا ڏکيا آهن.

ناکئو عبدالله جو وارو آيو سو به پنهنجي ماضيءَ بابت ٻڌائڻ لڳو.

ادا... صالح! اڳي بگيءَ[16] جو پورو هفتو فوٽ بال يا ٽڪر جون راندیون لڳيون پيون هونديون هيون، هاڻ اهي پَٽ به ويا ته مزا به ويا. هير درياءَ سڪي ويو آهي ته ڏنڊا به ويا. ويچارا ناکا ۽ خلاصي هير مهنگائي واري دور ۾ ڪن به ڪِجاڙو...!!

ناکئو عبدالله ڳالهه ڪندي هن جو ڏيان ڪارخاني جي دروازي ڏانهن هليو ويو. هڪ پوڙهي عورت جنهن جي هٿ ۾ لٺ هئي، وڏو جسم، وار اڇا هئس، اها بيٺي ڪارخاني جي اندر نهاري، شايد هوءَ ناکئن کي ڏسي رهي هئي. ناکئو عبدالله ان عورت جي باري ۾ سوچڻ لڳو. ڪجهه ديڙ ڪانپوءِ اها عورت تڙ جي طرف هلي وئي ته ناکئي عبدالله چيو.

ادا! اها آمي سيراٽي آهي، ناکئي حاجي خميسي جي ڏيءَ آهي، هن جو ڏاو ناٽو سيراٽي ريڙهي جو وڏو ناکئو هو.

ناکئي ناٽوءَ کي ڇهه پٽ ناکئو حاجي خميسو ناکئو ڪاڏر سيراٽي، ناکئو مڄ سيراٽي، ناکئو احمد سيراٽي، ناکئو ابو سيراٽي ۽ ناکئو ٽوٽو سيراٽي هئا. ناکئي ناٽوءَ کي اٺ ڏيئرون به هيون، جيڪي هير سيپ جو سيپ گڏاري ويون آهن ۽ ناکئي ناٽوءَ جا پٽ به گڏاري ويا آهن.

اها آمي سيراٽي اڃان جيئري آهي. جوانيءَ ۾ ڏاڏي بهادر ۽ سڄي هٽ واري عورت هئي. انهن ڏينهن ۾ تڙ آباد هئا، هٽ مال ججهو هوندو هو، آمي

(16) بگي = آهاموسم جيڪا مهيني ۾ به دفعا ٿي ان کي مهاٽا بگي چوندا آهن.

مال جي چاري لاءِ تمر جي پنن وارا ٽارا پٽي ڪٽي ايندي هئي. اڪيلي سِر پَن ۾ ٻيٽن مان گهر جي لاءِ ڪائيون ڪري ايندي هئي، انهن ڏينهن ۾ سُرخي، پائوڈر ۾ صابڻ ڪونه هوندا هئا، تہ به آميءَ جي سونهن ڏسڻ وٽان هئي. هن جي شادي پاڪستان کان به گهٽو اڳ ٿي هئي.

هيءَ پنهنجي ڏاڏاي ناٿو سيراٹي ۾ پيءُ حاجي خميسي سان اڪثر گڏ شڪار تي ويندي هئي. ان وقت آميءَ جو ڏاڏو ناٿو سيراٹي ۾ ان جا پائر، پينرون، پنجو ڪڪو ۾ صديق سيراٹي اُهي سيئي گڏجي سڙهه وارين ٻيڙين ۾ چڙهي بندرگاهه کان نڪري ويهه ويهه ڏينهن سمنڊ منجهه هوندا هئا ۾ آمي به انهن سان گڏ هوندي هئي. آميءَ جون ٻه ڦيون سارا ۾ حليمان به ٻيڙين منجهه شڪار ڪنديون هيون. اڳي واريون عورتون بهادر هيون، شڪار ۾ پورهئي کان لهرائيندیون کين هيون.

هڪ ماٹهو ڪارخاني جي اندر آيو ناکئي حسين سان ملي پوءِ ڪچهريءَ ۾ ويهي رهيو ناکئو حسين ان جو تعارف ڪرايو. هي قاسم ناکئو عرف آچار اسماعيلاٹي آهي. ناکئو عبدالله جڏهن آميءَ جو نالو ورتو تہ ناکئو قاسم عرف آچار چيو تہ ادا آميءَ جي شادي منهنجي سامهون ٿي هئي. آميءَ جون پهريون مڙس موسيٰ سيراٹي هو. ان مان هيکو پٽ اتس، جنهن جو نالو دلو آهي. ٽن سالن کانپوءِ آميءَ ٻي شادي ڪئي هئي، توهان کي پهرين شادي جو احوال ٻڌايان ٿو.

آميءَ جي شادي سندس چاچي ڪاجر سيراٹي جي پٽ موسيٰ سيراٹي سان ٿئي هئي. اها شادي پيٽياٹي درياءَ تي ٿي هئي. آميءَ جي ياءُ اسحاق سيراٹيءَ جي شادي ڪاجر جي ڏيءَ جُلا سان ٿي.

جڏهن گهوٽن کي [illegible] هوڙن منجهه ڳارايائون [17] ڇا تہ اهو وقت هو هوڙن جو خوبصورت نظارو هير به منهنجي اڳيان پيو ڦري. مهاڻا مرڪندا

(17) ڳارايائون = سرگس ڪرايائون

۾ پاڻ ۾ خوشيون ڪندا رهيا. درياءَ جي مستي ۽ ڏسڻ وٽان هئي. ايئن لڳي پيو. جڙ درياءَ جون لهرون ۽ سرڪس ڪنديون اچن. اهي هوڙن سان ٽڪر هٽي ۾ هوڙن سان چُرون ڪنديون ويون. جڏهن گهوٽن کي ڪنواريتن جي گهرن ڏانهن وڻيون پئي آياسين. گهوٽن کي عطر عبير لڳا پيا هئا. پئي گهوٽ هٽ هٽ ۾ ڏئي هلندا اچن پيا. تن جي اڳيان مهاڻا مولود چونبدا هلندا رهيا. ڪنواريتن جي رستي ۾ گندي پاڻيءَ جو ڪڏو هجي. جنهن وقت ان گڏي وٽان گذريا سين ته آميءَ جو گهوٽ. موسيٰ سيراڻي جو پير ترڪي پيو ۾ گندي پاڻيءَ جي ڪڏي منجهه ڪري پيو. سو به تي ڇڻا ڪڏجي موسيٰ سيراڻي کي ان ڪڏي مان چنبڊي چونبڊي باهر ڪڍيوسين. گهوٽ جا ڪپڑا ڳرا ٿي پيس. جوتا ڳرا پيس. موڙ ڳرا ٿي پيس. سيڃاڻپ ۾ نه پيو اچي. ڪنوار جي گهر کان ٽورو پري گهوٽ جو گهر هو. گهوٽ کي گهر ۾ آڻي صاف ستڙو ڪري بيا نوان ڪپڑا وڃهي ڪنوار وٽ آڻي ويهاريوسين ۾ لائون ڏنيوسين. آميءَ جو موسيٰ سيراڻي پهريون مڙس هو.

ناڪئا! واهه جو اهو وقت هو. هاڻي آمي اڪيلي جهوپڙيءَ ۾ رهي پئي آهي. پني پنهنجي گذر سفر ڪري پئي. پاڻ تي پنهنجي لاءِ ڏوڏو پچائي ٿي. آميءَ سورنهن هار جڻيا. اٺ پٽ ۾ اٺ ڌيئرون سڀ گذاري ويا آٿس.

ناڪئو قاسم عرف آچار جنهن جي عمر ستاسي سالن کان مٿي هئي. پر هن جي چهري تي ايان همٽ واري مرڪ هئي. هير به پاڻ اڪيلو هوڙو ڪاهي شڪار تي ويندو آهي. رڇ پوکي شڪار ڪري اينڊو آهي.

ناڪئو قاسم عرف آچار کي اوچتو ڪنهن ڳالهه جي يادگيري اچي ويس ۾ ناڪئن کان موڪلائي هليو ويو.

ناڪئي عبدالله ٽڏو ساهه پيري چيو.

اسان هت جيڪي ٽئي ناڪئا وينا آهيون. اسان ٽنهي پاڻ ۾ سنو وقت گذاريو آهي. هير به گڏ وينا آهيون. هير جي ناڪئن ۾ خلاصين کي ڏسون پيا ته

سي ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ نَهڪيو پَون. هيڪي تڙجي ڪمائي گهٽ، پيو مهنگائيءَ جو ڳٽتيون ۽ ٽيون واپارين جون نڳيون، مزو ڦٽائي ڇڏيو آهي. اڳي ريڙهيءَ منجهه ڏارين جي آمد ڪانه هوندي هئي. ريڙهي روح رهاٽين جي ماڳ سان سڃاتي ويندي هئي. جڏهن ڪان ڏارين جا ڪٽڪ هت اچي آباد ٿيا آهن، ريڙهيءَ ۾ نشو پتو وڏي ويو آهي، جنهن ريڙهي جي رهاٽين کي ڦٽائي ڇڏيو آ. هاڻ هنن ٻيٽن تي جيڪو به اچي ٿو سو پنهنجو پٽ سمجهي ويهي رهي ٿو. انهن کي نڪي چوڙ وارو نه ڪي پڇڙ وارو. ڏرتيءَ ڏٽي آگهورَ نندڻ ۾ پيا آهن. پوءِ چونه ڏارين جا ڳٽڪ آڇن ۽ موجون ڪن.؟

گُهڇ جي پيٽ ۾ روٽ پون پيا. هن کي ڳالهائڻ جو وارو ئي ڪونه ملیو هو. هي اٽيو ته سيني جا ڏيان هن ڏانهن ڇڪجي ويا. گُهڇ تڪڙو تڪڙو وڃي گٽڪي جي پڇڪاري دروازي کان ٻاهر اڇلائي واپس آيو. ٻيني ٻيني چوڙ لڳو. يارا! ريڙهيءَ جي سونهن ۽ بهادر عورتن ۽ ناڪئن جا قصا هر ڪنهن سڻايان، پر هير ريڙهيءَ جي حالت ڏسان پيو ان بابت شعر ٻڌو.

هتـــڙي واءُ ۽ طوفـــان جـــا وارا،
غريبن جي گهرن کي درويون نه جارا،
ويـــا مـــڙس مـــانجهي هتـــان لـــڏي،
ريڙهـــيءَ متـــان ڪـــانوَن جـــا لامـــارا.

سيني ناڪئن واهه... وهه ڪئي. پوءِ گُهڇ ۽ صالح ناڪئن ڪان موڪلايو ۽ ٻئي تڙ تي آيا. صالح ڪنهن سوچ ۾ گم هجي. گُهڇ هن کي پريشان ڏسي ڪائنس پڇيو.

ادا... صالح! ڪِجا لاءِ پريشان آنئين...؟

گُهڇ جي ڳالهه ٻڌي صالح ڏکارو ٿيندي وراٽيو.

ادا گُهڇ! منهنجو پيءُ عبدالله ۽ وڏو ڀاءُ اصغر ٻئي حيدريءَ ڪان ناڪئي علوءَ جي هوڙي منجهه شڪار تي ويا هئا، ڪين مهينو سوا ٿي ويو اٿن، ماڳ

تي ڪين موٽيا آهن. مون کي لڳي پيو ڪنهن مصيبت ۾ ڦاسي نه پيا هجن...!!! ۽ اهو به شڪ آهي ته ڪٽي انديا جي نيويءَ وارا پڪڙي ويا هوندا.

ادا صالح! تون حيدري ويو آئين، ناکئي علوءَ جي سار ڪئي اٿئي، انهيءَ جو هوڙو واپس وريو آ، يا ڪين...!!؟

گُهج! حيدريءَ جي ناکئن ۽ خلاصين اهو ٻڌايو ته ناکئي علوءَ جي هوڙي کي ڦٽي درياءَ تان کُڏي درياءَ جي طرف ويندو ڏٺوسين. ڪن خلاصين اهو ٻڌايو ته ناکئي علوءَ کي اتي به شڪار ڪرڻ لڳو هو. پوءِ نريون (9) جاچيندا اڳتي هليا ويا. ناکئو علوءَ کي ڪن ناکئن سير درياءَ ۽ بستا درياءَ جي طرف ويندو ڏٺو هو. پوءِ جي خبر ڪينهي ته ڪيڏانهن ويا.

صالح جي اها ڳالهه ٻڌي گُهج پريشان ٿي ويو. پوءِ چوڻ لڳو.

صالح! هوڙن وارا پندرهن ويهن ڏينهن ۾ شڪار ڪري موٽيون اچن. پر جيڪا خبر تون ڪرين پيو مهينو سوا ٿي ويو اٿن.

ها... گُهج! ايترو ئي وقت ٿي ويو اٿن. آءُ سڀ نريون تڙ جاچي آيو آهيان. ناکئي علوءَ جو ڪير به ڏس پتو ٻڌائي نه ٿو. ڪالهه کان وٺي ريڙهيءَ جي ناکئن ۽ خلاصين سان ملندو رهان پيو. اهي به ڪائي جاڻ ڏين ڪونه ٿا.

صالح ڪجهه سوچي تڙ ڏانهن ڏٺو ورِي گُهج کي چيو.

ادا گُهج! توکي خبر آهي، اسين گهر ۾ ٿي مڙد آهيون. بابا ۽ اسين به پائر. هير آءُ اڪيلو آهيان. بابا ۽ ادا اصغر جي وڇڙ ڪانپوءِ امان گهٽي بيمار ٿي وئي آهي. هاڻ ڪٽ وٽيون وٺي ڏينهن رات روئيندي رهي ٿي، ڪجهه ڪائي پيئي ڪونه ٿي. ادا اصغر جي گهر واري اها به هيٺي ٿي پئي آهي، پئي هنجون هاري ۽ پنهنجي ورن کي ساري ساڻي ٿي پيون آهن. آءُ ڏهن ٻارنهن ڏينهن کان گهر ڪونه ويو آهيان. هت ريڙهيءَ ۾ ان ڪري آيس جو علوءَ ناکئي جي هوڙي ۾ هڪ خلاصي نالي حيدر هتان جو هو. آءُ حيدر خلاصيءَ

(9) نريون – سمنڊ ۾ داخل ٿيندڙ درياءَ جي شاخون.

جي گهر ويس تہ اتي ماتم لڳو پيو هو. حيدر خلاصيءَ جي پائرن ٻڌايو تہ اسين بہ ڳولا ڪريون پيا... شل زندهہ هجن، ڪٿي بہ هجن.

صالح کي گهڻ تسلي ڏيندي چيو. اداادلجاءِ ڪر. توکي خبر آهي تہ درياءَ جي پنڌ ۾ روز اهڙا واقعا ۽ حادثا ٿين ٿا. تون گهر وڃين امڙ جي ڏوکا (20) وٺندين. باقي آءٌ ناکئي علوءَ جي ۽ حيدر خلاصيءَ جي روزانو پچا پيو ڪندس. تڙتي گهوري ايندڙ هوڙن وارين کان بہ پتو پچندس. هير اهو منهنجو ڪُر آ. توالڪو نہ ڪر ۽ گهر وڃ.

صالح کي دلجاءِ تي، پوءِ گهڻ کان موڪلائي هليو ويو.

ريڑهي ڳوٺ ۾ استاپ تي هڪ ڏاتسن اچي بيٺي تہ اڳئين سيٽ تي ويٺل بہ عورتون هيٺ لهي سنجي ڀاسي هلڻ لڳيون. ٻوريءَ گهڙيءَ ڪانپوءِ هڪ گهر جي اڳيان در وٽ بيهي رهيون. هيڏانهن هوڏانهن ڏسي در کڙڪائڻ بغير ٻئي اندر ويون. گهر جي چني هيٺان تڏيءَ تي سليمي ويٺي پنهنجي پٽ جي قميص کي ٽانڪو هڻي رهي هئي، جڏهن هن جي نگاهہ هنن ٻنهي عورتن تي پئي تہ خوشيءَ وچان اتي مشڪندي ٻنهي سان ياڪر پائي ملي، پوءِ چوڻ لڳي.

اي ذليخان...

اي جينو... يلي ڪري آيا، پڙش (21) تي ويهُ.

ذليخان جينو سان سليمي مخاطب ٿيندي چيو.

ادي! آئين خير سان گهر ۾ آيا. آن کي ڪهڙو ڪم هو؟

ذليخان موٽ ۾ چوڻ لڳي.

اي سليمي! اسين تووٽ آياسين، توکان حال احوال پڇڻ، تہ تنهنجو مڙس جانو درياءَ تي ويو هو اهو آيو ڪي نہ..؟

سليمي اها ڳالهہ ٻڌي ڏکاري ٿيندي چوڻ لڳي.

ادي! هن کي ڏٺي مهينا ٿي ويا آهن، ڪو پتو ڪونهي، مڪي سمجهہ ۾

(20) ڏوکا – نظرداري (21) پڙش پن مان ٽايل تڏويا تنوري جو تسر.

نٽي اچي ڪِجا ڪريان..!

جينو ڳالهه جي پڪ ڪرڻ لاءِ سُليمي کان پڇيو.

سليمي! ڪنهن ڇيو تنهنجو مڙس جانو درياءَ تي ويو آ، يا ڪهڙي جڳهه تي آهي؟

اديا مِڪي منهنجي مڙس پاڻ ئي ڇيو آءُ درياءَ تي پيو وڃان...

هير مِڪي خبر ڪانهي، نه ئي ڪنهن خبر ڏني آ، آءُ پاڻ هن جي لاءِ ويئي آهيان، ننڊڙو ڳپور مون سان آهي، هير اُن جي اوڏ(22) آهي، هن کي آءُ ڪيئن پاريندیس(23)، هن جي پيءُ بغير...!!

پوءِ همدرديءَ وچان سليميءَ کي جينو ڇيو،

اديا ريڑهي ءِ ابراهيم حيدري گڏي ويئي آهي، تو کي ڪنهن شيءِ جي ضرورت پوي تہ ڪنهن جي هٿان پارانيو(24) ڏج، اسين هليا ايندا سين يا تو کي سامان ونڊي موڪلينداسين. هونئن بہ تنهنجا پائرءِ پينرون حيدريءَ ۾ آهن، آنجو(25) گهر اُتي آهي، اچي انهن وٽ رهه...

جينوا نہ... نہ... آءُ پنهنجي مڙس جي گهر ۾ سڄي اهين، جيسين اهو نہ ايندو تيسين آءُ اتي ئي هوندیس، ڪيڏانهن ڪونہ ويندیس. ابي امان جي گهر وٽ ڪونہ ويندیس. جي آن کي سڪ لڳي تہ اچي مون وٽان ڦيرو ڏئي ويجا(26).

مِڪي آن دلاسو ڏيو پيون، پر منهنجي دل ڪِجا ڪري..!!؟ ڳپور ڪنهن ڪنهن وقت پيءُ جي باري ۾ اهڙيون ڳالهيون پڇندو آ، جنهن جا جواب مون وٽ نہ تا هجن، پوءِ آءُ دل هول ٿيو وڃان.

"آئين مِڪي چئو پيون تہ ماڻڻ ڏانهن وڃ، پر ماڻڻ وٽ وڃي ڪري انهيءَ تي بوجهه نہ ٿي ڪريان، اهي منهنجي مڙد جي وڃوڙ ڪري پاڻ پريشان آهن، سي ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ گورو ڏيو وڃن، پوءِ تورو سامان بہ ڏيو وڃن، تنهن سامان مان لولو پچايو آءُ بہ ڪيئان(27) ءِ ڳپور کي کارايان."

ذليخان ڪجهه سوچي سليمي کي دلاسو ڏيندي ڇيو.

اي سليمي! توکي خبر آهي، ريڑهيءَ جو ناڪتو اکوئي ائين ئي گم ٿي ويو

(22) اوڏ - ڳڻتي، فڪر، پريشاني. (23) پاريندیس - نيائيندیس (24) پارانيو - تياپو (25) آنجو - اوهانجو (26) ويجا -

هو جنهن لاءِ سڃا(28) گهر جا ياتي پريشان هئا. ڪجهه سالن کانپوءِ اهو ساڳيو ئي ناڪئو پيادو هلندو انديا کان ريڑهيءَ ميان ۾ پنهنجن ياتين سان اچي ملیو هو. تون آسرو نه لاهه. تنهنجو جانو به خير سان اچي ويندو.

بادل گهرا ٿيندا ويا. سمنڊ جي طرف کان ڏڏڙي هوا گهلڻ لڳي ته ذليخان ۽ جينو واءَ جو رخ ڏسي پوءِ هڪ ٻئي ڏانهن نهاري پڙش تان اُٿي بيهي رهيون ۽ سليميءَ کان موڪلاڻ لڳيون. سليميءَ جي هٿ کي جينو پنهنجي هٿ ۾ سوگهو ڪندي چيو.

اي سليمي! واءَ پيو لڳي. ڪٽي جهجي برسات پئي ته حيدريءَ جي گاڏي ڪونه ملندي. گهر ۾ هيڪي آهيان. ٻيا گهر جا ماڻهو شاديءَ ۾ ويا آهن. ان ڪري وڃون پيا، نه ته رات تڪي پئون ها...

سليمي خوشيءَ سان ٻنهي ڏي نهارينديءَ چوڻ لڳي.

ذليخان ۽ جينو آنجو گورو ڏنو ساز لڏي. ان جي مهرباني ۽... ابراهيم حيدري ۾ منهنجي هيڪي سهيلي رقعه وحيدواٽي پاڙي ۾ آهي. هن کي منهنجا سلام ڏج ۽ چئجان ۽ ته مڪي ڏسڻ کونه آئين، ڪڏهن وقت ملي ته گورو(29) ڏئي وڃ.

ذليخان ڪنڊيءَ وٽ سڄ جي موتندڙ پاڇن کي ڏسي ٿي. جيڪي پٽ تي اڻ لکو نشان ڇڏيندا ٿي ويا. پوءِ سليميءَ کان ذليخان ۽ جينو موڪلائي هليون ويون.

سڄ لهي چڪو هو. سليمي رات جي کاڌي لاءِ گهر جو جائزو وٺندي. سوچيندي ۽ پنهنجو ياڻ سان ڳالهائڻ لڳي.

ڪيئن لاءِ اتو ڪونهي...!!

ان ڪونهي....

ڪنڊ ۽ ڇانهه ڪونهي...

هير ڪِجا ڪريان...؟

ڪنهن جي گهر وڃان...

---

(27) ڪيئن – ڪانوان (28) سڃا – سڀ (29) گورو – چڪر، ڦيرو

نہ... نہ... آءُ ڪجا لاءِ ڪنهن گهر ماني ڪيئڙ لاءِ وڃان... آءُ پنهنجي مزدوري ڪنديس، پنهنجي ڳيور کي پاريندیس.

سليمي اڃان انهن خيالن ۾ ٻيٺي هئي تہ دروٽ ڪنهن ماڻهوءُ کي ٻيٽل ڏنو. اونداهيءَ جي ڪري ان جو چهرو چٽو ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيس. هيءَ ذهن تي زور ڏئي اُن کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڪيس. اهو ماڻهو سڃاڻپ ۾ ڪونہ آيس تہ پوءِ هوريان هوريان اچي درجي اوٽ ۾ ٻيهي ان کان پڇڙ لڳي.

تون! ڪير آن، ڪجا ٻيو ڪرين...؟

لِي! آءُ الو خلاصي! تنهنجي مڙد ناکئي جانو سان هوڙي ۾ ڪم ڪندو هوس. گهر منجهه بابا اگهوٽي ٻيو هو. پوءِ آءُ ناکئي جانو سان درياءَ گهوريڙ ڪونہ ويس. مِڪي هير ناکئي جي خبر پئي، ناکئو جانو درياءَ تان آيو ڪونهي. هيڙ پڇڙ تون کان آيس.

ائين چئي خلاصي آلو ماڻ ٽي ويو. سليمي سورن ۾ وٽبي ستبي رهي. هيءَ خلاصي آلو کي ڪوئي جواب نہ ڏئي سگهي.

پوءِ خلاصي آلو چوڙ لڳو.

لِي! تنهنجي گهر ۾ اتو ٻتو آهي ڪِ نہ...؟

آءُ هٽ تان آن وٺي اچان... يا هاج...!!

آلو خلاصيءَ کي سليمي چوڙ لڳي.

"ادا..... آءُ هٽين سڄي آهيان. مِڪي رڄ الاڙ اچي ٻيو جي تو وٽ ڪنهن جو رڄ هجي تہ مِڪي ڏي، باقي آءُ ڪنهن جي گهر ڪونہ ويندیس. پنهنجي مزدوري ڪنديس."

سليمي جا اهي لفظ ٻڌي خلاصي آلوءَ وراٽيو.

لِي! آءُ تڙ تي وڃان ٻيو ناکئي شيدو کان پڇان. تو وڃي... يا جي وٽس رڄ الاڙ جو هوندو تہ ڪٽي اچي توکي ڏيان. ٿو ڏوکڙ بہ وٺي توکي ڏيندس.

آلو خلاصيءَ جي همدردي ۽ احساس وارن جذبن کي ڏسندي سليمي ڏاڍي خوش ٿي. پوءِ خلاصيءَ آلو کي چوڻ لڳو.

ادا... تکڙو ڪر... صبح جو سوير مڪي ڏٺي ويج.

پوءِ خلاصي آلو هليو ويو.



باب ٽيون

تڙ تي هلڪي هلڪي برسات پئجي رهي هئي. ٿوريءَ دير کان پوءِ هوا جو رخ مٽيو ته بادل ڇڏيا ۽ ڪجهه گهڙيءَ کانپوءِ آسمان صاف ٿي ويو. سج جي ڪرڻن ڌرتيءَ تي روشني پکيڙي ته تڙ تي ماڻهن جي چُر پُر وڌندي وئي. ناکٹا پنهنجن هوڙن، سڙهه وارين پيڙين کي تيار ڪرڻ لڳا.

هڪ همراهه قد جو ڏگهو بت ۽ سگهارو هو اهو پنهنجي ٻيڙيءَ جو کوهو(1) مٽي کٽي سڙهه هاڪاري(2) رسن سان بڌي ڇڏيو. پوءِ سمنڊ جي طرف ٻيڙي هلڻ لڳي ۽ هوائن جي آڏار تي سڙهه تيزيءَ سان ڦڙڪڻ لڳو جيڪو ٻيڙيءَ جي رخ کي پنهنجي سامونڊي منزل جي طرف گهليندو ويو.

هڪ هوڙو آهستي آهستي اچي تڙ تي ٻيٺو جيڪو شڪار ڪري آيو هو. ناکئي ۽ خلاصين جي چهرن تي خوشي پکڙيل هئي، خلاصين هوڙي مان نيرا ڏرم جنهن ۾ اسي ڪلو ڪان سئو ڪلو تائين سانا (جهينگا) هئا، سي تڙ تي لاٿيندا ويا. اتي ٻيڙ مقامي واپاري اهي ڏرم کڻائي ويا. تڙ تي ٻيڙ هوڙا جن ۾ خلاصي وينا هئا، سي درياءَ تي وڃڻ جي تياريون ڪن پيا.

دڪي تي خلاصي ۽ ناکٹا وينا هئا، ڪي واپاري به انهن سان گڏ وينا هجن، جيڪي مڇي وڻڻ لاءِ آيا هئا، گُهڇ پنهنجن دوستن سان دڪي تي اچي ويٺو جهونن ناکئن ۽ خلاصين جي ڪچهري لڳي پئي هئي، ناکئو قاسم عرف آچار جنهن جا پير اگهاڙا هئا، سو مشڪندو مرڪندو حجام عمراٽي جي دڪان اڳيان ٽيندو دڪي تي آيو هڪ جيڏهن ناکئن سان هٿ ملائي اهو به ڪچهريءَ ۾ شامل ٿيو. سامهون برف جو ڊيپو هو، ان جي پرسان هيري واٽئي جو دڪان، جنهن جي اڳيان ٽي چار ماڻهو بينا هئا، انهن مان ٻن چڙڻ سامان ورتو. پوءِ تڙ تي اچي وينا.

(1) ڪُوهُو: اهو ڪاٺ جنهن ۾ سڙهه جو ڪيڙو ٻڌل هوندو آهي: يعني پرماڻ (2) سڙهه هاڪاري: پرماڻ ۾ ٻڌل ڪيڙو ۽ ان ڪاٺ کي مٽي کٽي ڪُوهي ۾ ٻڌبو آهي.

جڏهن هڪ ناڪئي ويسر مڇيءَ جي ڳالهه ڪئي ته ناڪئو قاسم عرف آچار مرڪي ڏنو ۽ان ناڪئي کي چوڙ لڳو.

ناڪئا بالوا! توکي ياد آهي هڪ پيري عربي سمنڊ مان ويسر مڇي آئي هئي، جُري (3) جي پراڙي پاسي ۾ اچي ڦسي رهي.

ناڪئو بالو وات ۾ چورو وجهي تڙ ۾ تمر جي وڻن ڏانهن نهاري ڪجهه سوچڻ لڳو. ادا.... افسوس جو هن وقت تمر جا وڻ آهن ئي ڪونہ. جيڪي ٿورا آهن انهن جو قد بُٽ هلڪو آهي. "تمر" سامونڊي پٽيءَ جي ماڻهن لاءِ وڏو سهارو آهي ڇو ته ماڻهن جي معاشي ضرورتن کي پوري ڪرڻ سان گڏ انهن جي حياتيءَ جي بچاءُ لاءِ به ڪارائتا آهن. انهيءَ ڪري جو سمنڊ ۾ برساتن ۾ طوفانن ۾ مهاڻا، ناڪئا، خلاصي، ٻيڙن تي تمر جي وڻن جي اڏ ڏئي پناهه ونندا آهن. تمر مهاڻن جو وڏو بچاءُ ڪن ٿا. تمر جا وڻ سامونڊي طوفانن کي روڪڻ جي لاءِ بند جو ڪم ڏيندا آهن. تمر جي وڻن جا اٺ قسم آهن پر هن وقت صرف ٽي قسم بچيا آهن. پاٽيءَ جي ڪوٽ جيڪا سالن کان رهندي پئي اچي جي اُها برقرار رهي ته تمر جا اهي قسم به ٻيڙن تان اٽلپ ٽي ويندا. ٻي ڏُکوئيندڙ ڳالهه اها آهي ته جي ڏاڍن ماڻهن جي ڏاڍائي رهي ته باقي بچيل تمر جا قسم به تباهه ٽي ويندا. پوءِ ناڪئو دوستن ڏي منهن ڪري ناڪئي قاسم عرف آچار اسماعيلاڻي کي چيو.

ادا... قاسم اسماعيلاڻي، تون جا ڳالهه ڪرين پيو ٻيلي، مِڪي به ٿورو ٿورو اهو واقعو ياد اچي پيو. اها ويسر مڇي نوي فوٽ ڊگهي هئي، پاڻي منجهه ڦسي وئي هئي، پر ان جا پڻا پاٽيءَ کان ٻاهر ظاهر پيا ٿين. وڏيڪ تون ٻڌاءِ ان واقعي کي اڌ صديءَ کان مٿي وقت ٿي ويو آهي.

ناڪئي بالوءَ جي چوڙ تي ناڪئو قاسم عرف آچار اسماعيلاڻي خوش ٿيندي ڪچهريءَ وارين کي ان مڇيءَ بابت ٻڌائڻ لڳو.

(3) جُري حيدري اوپر طرف ريڑھي مياڻ کان قاسم پورٽ جي اولهه ۾ درياءَ جو نالو.

ناکئا بالو! تون ان وقت موچارو هئين، ريڙهيءَ جي سيني جهونن ناکئن کي ياد آهي، جڏهن ويسر مچي نڪيءَ پاڻيءَ منجهه ڇڏي پئي هئي، اسين ڳوٺ وارا وياسين. آءٌ پاڻ سان ويو هوس، مڇيءَ جهلي پٽن تي چڙهي ان کي ڪٽڻ (4) لڳس، جڏهن ان مڇيءَ جي ڏيگهه جي ماپ ڪئي ته تيرنهن وام (5) هئي. يعني ايڪانوي فوٽ هئي. ناکئي بالو توهان کي ٺيڪو ٻڌايو آهي. پوءِ آءٌ مڇيءَ جي پٺيءَ تان هيٺ لهي اهو ڏسڻ پئي چاهيو ته پاڻي ڪيترو آهي. جڏهن هيٺ لٿس ته سجو ٻڏي ويس. پوءِ اهو اندازو ٿيو ته مڇيءَ جي ويڪر تيرنهن فوٽن کان مٿي هئي ۽ ان مڇيءَ جو گهٽو حصو زمين جي اندر گچيل هو جنهن ڪري هوءٌ پاڻي مان نڪري نه سگهي ۽ قاسي پئي هئي. جڏهن پاڻي لهي ويو ته گيچڙ ٿي پئي، ڪيترائي ناکئا حيڊريءَ کان پنهنجا هوڙا ڪاهي آيا هئا ۽ ريڙهي جا به ناکئا هوڙا ڪاهي آيا. سي سڀ هوڙا ناتاڻي وتائي ٻيڙا هئا. اٽڪل ويهارو هوڙا هئا، انهن ۾ ستو ڪان مٿي خلاصي هجن، اهي سڀ هيٺ لهي آيا. پوءِ مڇي جي ڪل کي لاهڻ لڳا. هر ڪو ڪل لاڻيندو ان جا ٽڪر ڪندو ڪٽندو پنهنجن هوڙن منجهه وڇائيندو (5) ويو. مڇي جي ڪل لاهڻ کان پوءِ مڇي جي پيٽ مان چربي ڪڍڻ لاءِ ست جڳا مڇي جي پيٽ ۾ سوراخ ڪري منجهه نمي ويا. انهن مان به ماڻهو حياتي آهن: هڪ جو نالو ڪيسلو پٽ حسين ۽ ٻئي جو نالو پرڙو پٽ حسين، ٻئي ٻائر آهن.

اسان کي چربي ڪڍڻ ۾ تي چار ڏينهن لڳي ويا هئا. ان دوران ٻين هوڙن وارا آيا، اهي چربي ڪڍڻ ۾ لڳي ويا. مهاڻن جا ٽيهه هوڙا چربيءَ سان پرجي ويا. چربيءَ وڻڻ جي لاءِ ڪيترائي واپاريَ تڙ تي اچي پهتا، جن مهاڻن کان چربي ورتي پئي. هڪ واپاري علي سيٽ هو هن وقت ان جا پٽ حياتي آهن، جيڪي ويسر مڇي منجهه ويا هئا.

واپارين مهاڻن کان چربي ورتي، پر ڪجهه خلاصي چربي پنهنجن گهرن ڏانهن ڪٽي ويا. ڪن مهاڻن اها چربي هوڙن کي لڳائڻ جي لاءِ رکي ڇڏي هئي، ڪن ڪپائي، ڪن ڪونه ڪپائي. گهٽ خلاصين چربي تپائي

(4) ڪٽڻ: اندازو لڳائڻ يا ماپ ڪرڻ؛ (5) وڇائيندو: اڇلائيندو. ڦٽو.

يعني رجهائي دٻا پري رکيا. ان وقت تمام جڏهن سستائي هئي، پوءِ به هڪ ڏهي جا تي سئو ريڍ ۽ چار سئو روپيا خلاصين کي واپارين ڏنا. اها ويسر مڇي ايجان ٻچو هئي، چوته سمنڊ منجهه ويسر مڇي ٻن سون کان ايائي سئو فوت ٿئي ٿي.

گهڇ پنهنجو ڏيان قاسم عرف آچار اسماعيل ناکئي تان هٽائي تڙ تي ايندڙ هوڙن ڏانهن ڪيو. ٽي چار هوڙا تڙ تي ناتاريون هڻي بيهي رهيا. تڙ تي واپاري اچي پهتا ۽ ڪيتريون ئي ڏاتسنون به آيون. ڏسندي ڏسندي ميلو مچي ويو. دڪي تي ويڙل خلاصي ۽ ناکئن ڪچهري ۾ هئا، سي به اٿي تڙ تي لٽگرانداز ٽيندڙ هوڙن ڏي آيا. ڪنڊيءَ سان هڪ ٻيو هوڙو اچي لڳو ته خلاصين نعرا هنيا، مبارڪون... مبارڪون. گهڇ جو ڏيان ان هوڙي ڏانهن هليو ويو. هڪ نوجوان ٻيڙو مرڪي ۽ خوشي مان هٿ لوڏي تڙ تي ويڙل عزيز دوستن کي ڪيڪاري رهيو هو. هوڙي ۾ ويڙل ناکئي وڏي آواز ۾ چيو:

ريڙهي وارن کي مبارڪ خلاصي حيدر پهچي ويو.

ان حيدر خلاصيءَ جا دوست ۽ عزيز هڪٻيءَ کي مبارڪون ڏيڻ لڳا. حيدر خلاصي هوڙي مان لهي سُڪيءَ تي آيو ته سيئي گهيري ويس ۽ پاڪر پائي مبارڪ ڏيڻ لڳا. گهڇ اچي ان کي مبارڪ ڏني ۽ ڪائنس پڇڻ لڳو.

ادا حيدر! تون علوءَ ناکئي سان ويو هئين؟

ها... گهڇ...

پوءِ عبدالله ۽ ان جو پٽ اصغر به ان هوڙي منجهه هئا، تن جي خبر ڏيم؟

ادا گهڇ! اسين سپ گڏ حيدريءَ کان وياسين، ڪيئي ڏينهن شڪار نه لڳو. جڏهن سير درياهه ۽ حرامي ڊوري تي وياسين، رات جو شڪار ڪري اچي حرامي ڊوري منجهه پهتاسين، سيئي خلاصي ٽڪل هئا ۽ سمهي رهيا. اوچتو منهنجي ڪن تي لانچ جو آواز آيو ته اڪ ڪلي وئي. پوءِ اٿي ڏٺو ته اها لانچ ويجهو اچي چڪي هئي، جيڪا اندين جي نيويءَ وارن جي هئي. مون رڙ

ڪري ٻين خلاصين کي اڌاريو ۽ ٻڌايو ته جهلجي وياسين. جهلجي وياسين. هڪ ٻن خلاصين کي سجاڳ ڪري مون هوڙي مان ٽپو هنيو. اهو وقت رات جو هو ۽ اونداهي ۾ ڏاڍي هئي. آءُ ترندو اچي ڪنڊي تي پهتس. تمر جي وڻن کي اڏتار(6) ڪري لڪي ويهي رهيس. اتان ڏٺو پيءُ ته انڊيا وارا ناکئي علوءَ جي هوڙي کي چيڙي سان ٻڌي هليا ويا. اٺ ڏهه ڪلاڪ اتي وينو رهيس. جڏهن اها پڪ ٿي ويم ته هاڻ انڊيا وارا هليا ويا آهن. پوءِ اهو اطمينان ڪري ڪنڊيءَ تي هلندو رهيس. ڪنهن سهاري جي تلاش ۾ هيڏانهن هوڏانهن پٽڪندو رهيس. ڪيئي پهر گذري ويا. بک ڏاڍو ستايو. بدن ساٽو ٿي ويو. پوءِ ويهي رهيس. پر وري به مزو نه ٿي آيو. اٿي هلڻ لڳس. اوچتو هڪ هوڙي جو آواز ٻڌو ته آسروٿيو. ان وقت سج گهٽو مٿي چڙهي چڪو هو. مون قميص لاهي رامٻٽو ٺاهي هوڙي کي ڏيکاريو. ٿوري دير کان پوءِ هوڙو مون ڏانهن آيو. جنهن مان ٽي چار خلاصي لهي آيا. انهن منهنجي حالت ڏسي سهارو ڏئي هوڙي منجهه آندو. پهرين مون کي پاڻي پياريو ۽ ماني کارائي ته جان ۾ جان اچي وئي. پوءِ انهن کي ناکئي علوءَ جي هوڙي جي ڳالهه ٻڌائي ته پريشان ٿي ويا. اهي به اتان تيزي سان پڇڻ لڳا. سي شڪار ڪري آيا پئي. چوويهه ڪلاڪن ۾ انهن مون کي پنهنجي تڙ پر سان ريڙهي واري هوڙي منجهه ويهاريو. پاڻ حيدري بندرگاهه ڏي هليا ويا. هير اچي پهتو آهيان. تڙ تي بينل ماڻهن ڳالهه ٻڌي. حيدر خلاصيءَ کي پنهنجا عزيز مٽ ۽ پائر گهر ڏانهن وڃي ويا.

گُهڇ کي اها پڪ ٿي ته عبدالله ۽ ان جو پٽ جهلجي ويا ۽ زندهه آهن. پوءِ گُهڇ هڪ ماڻهوءَ جي هٿان صالح ڏي نيا پو موڪليو.

ناکئو عمر ملڪائي پنهنجي طبيعت ۾ نرالو ۽ احساس رکندڙ ناکئو هو ڪيس خلاصين جي لاءِ من ۾ ججهو پيار هوس. تڙ تي هن جي هوڙي مان خلاصين مڇي وٺائي ۽ هر ڪو پنهنجو حصو پٽي وڃي گهر ڏانهن هليو ويو.

(7) اڌار: لڏو ٿي:

ناکئي عمر هڪ خلاصيءَ کي سڏ ڪيو جيڪو اڃان تڙ تي ئي بينو هو.

"او خلاصي يوسف! هيڏانهن اچ..." جڏهن خلاصي واپس موٽي هوڙي جي پرسان ايندي ناکئي کي چيو.

جي... ناکئا عمر! ڪجاڙو...؟ ناکئو عمر ملڪائي کيسي مان ڪجهه رقم ڪڍي خلاصي کي ڏيندي چيو.

يوسف! هيءَ رقم توکي لڪ ۾ ڏيان پيو. متان پٽن کي ڏيکارين. چيتاري (7) لکائي پنهنجي خرچ جي لاءِ رکجانءِ. باقي حصي پتي واري رقم گهر واري کي ڏجانءِ ته توکي ماني پچائي کارائي. سڄو هفتو درياءَ جي لهرن ۾ سخت پورهيو ڪيو اٿئي، تون جهونو خلاصي آنئين.

ناکئا! تنهنجا اهي وڙوسارڻ جهڙا ناآهن. خلاصي يوسف اهي پئسا سنيالي الڳ کيسي ۾ رکيا ۽ ناکئي عمر سان هٿ ملائي گهر ڏانهن آيو. گهر جي در وٽ اچي ناکئي عمر جي طرفان مليل پئسا وري سنيالي الڳ لکائي گهر ۾ آيو. هي اڃان ڪٽ تي وينو ئي مس ته جوان پٽ آيس.

بابا...! پئسا آندا هوندءِ مون کي ڏيم. گٽڪو ڪٽي ويو آ ۽ چوروبه ڪونهي.

جوان پٽ جا اهي جملا ٻڌي يوسف خلاصيءَ جي ساٽي بدن ۾ رويتر هيٺائي وڏي وئي. هن کي پئسن جو ارمان ڪونه هو جوان پٽ جو هوس، جنهن کي ڪم نه ٿي ڪيو گٽڪو ۽ چورو ڪائيندو واندو هلندو پيو رهي.

يوسف خلاصيءَ جي گهر واري پپولي (ڏرم) مان پاڻيءَ جي چل پري پاڻ پي ۽ چل کي پپوليءَ جي متان رکي مڙس وٽ آئي ۽ چوڻ لڳس.

آئيرا (8) مون جي پٽ کي ڏوکڙ ڏي، ٻڌاءِ ڏندو گهٽو آندو اٿئي ۽ ڪيتري پتي ملي اٿئي؟

خلاصي يوسف هڪ نگاهه گهر واري جي چهري تي وڏي، جنهن ڏئي سوال هڪ ساهيءَ ۾ ڪيا هئس. پوءِ کيسي مان پئسا ڪڍي وڏي پٽ کي

(8) چيتار: تامي چڏج، بند ڪري چڏج؛ (9) آئيرَ: پير مرد ضعيف پوڙهو ڄُهونو:

ڏيندي ڇيائين، ڪالو! هير تون جوان آنڀين پنهنجن هڏن کي پورهئي تي هيراءِ ڪم ڪار جي ڪر، هير تون ڪم جوڻ بڻئين تہ پوءِ ڪِجاڙو ڪندين...؟ ايئن چئي يوسف خلاصيءَ ڪيسي مان پتيءَ وارا مليل پئسا ڪڍي گهر واريءَ کي ڏنا.

ڪالو ڪجهہ ڪچيو پچيو ڪوڻ، پيءَ کان پئسا وٺي هلڻ لڳو تہ يوسف جي گهر واري پنهنجي پٽ کي آواز ڏنو.

ڪالو! مِکي بہ گٽڪوءِ چورو آڻي ڏي. ائين چئي هوءَ پٽ ڏانهن وئي ۽ ڪيس ڪجهہ پئسا ڏنا.

يوسف خلاصي سپ ڪجهہ ڏسندو رهيو پوءِ گهر واريءَ کي چوڻ لڳو.

مَريم! بک ڏاڍي لڳي اٿم. هن پيري درياءَ تي واءُ گهٽو هو درياءَ جي لهرن ڏاڍو ستڪو ڪيو آ. هاڻي جلدي ماني پچائي ڏي.

ها... ها... ماني پچاءِ ڏيانءِ تي، ڪهڙا ڏوڪڙ ڪڍي آيو آنڀين. توکي ڪيترا ڀيرا چيو اٿم. بي ڪنهن ناکئي سان ويندو ڪر. رات ناکئو قاسو آيو تنهنجي پچا ڪيائين، چيومانس ناکئي عمر سان درياءَ تي ويو آهي.

مريم ڪجهہ سوچي وري چوڻ لڳي.

آئيرا! تون ناکئي قاسوءَ سان چونہ پيو وڃين...؟

اهي لفظ ٻڌي هي مات تي ويو. دل ۾ چوڻ لڳو.

مريم! هير ماني ڏيندي ڪونہ، ڇڙ نڪ تي چڙهي بيٺي آتيس.

پوءِ اٿي تڙ تي آيو. ماني کائڻ جي لاءِ خاصخيلي جي هوتل ڏي هلڻ لڳو تہ ناکئو قاسو هن سان مليو ۽ چوڻ لڳيس.

ادا يوسف! آءُ باهر وڃان پيو هلندين؟

"ناکتا! درياءَ تان هير آيو آنيان."

يوسف! جيئن تنهنجي مرضي... ائين چئي ناکئو قاسو تڙ تي بيٺل هوڙي ڏانهن هليو ويو.

يوسف ماني کائي ڏکي تي اچي ويٺو ته ناکئو احمد موساڻي هڪ خلاصيءَ جي تلاش ۾ ڏکي تي آيو تنهن يوسف کي ڏسي چيو.

ادا يوسف! هيڪي خلاصي جي ضرورت آهي، تون هل...

ناکئا! خوشيءَ سان آءٌ هلان ها.... پر هير ناکئي عمر سان شڪار ڪري آيو آهيان. اڃوڪو ڏينهن ٽڪ پٽڻ ڏي.

يار يوسف! تون پراڻو خلاصي آهين، پروسي وارو آهين، جيڪر هلين ها...

هير آءٌ اميد ڪري هوڙو ڪڏي ۽ بٽيءَ جي ٻاهران ڪاهي ويندس ۽ پيتاڻيءَ(9) جي پاسي ويندس، جيسين مڇي نه ملندي، تيسين ورٻو ڪونه.

ناکئا! ڪيڏانو؟

يوسف! اڳي پيري ڪڏي، بتي ۽ پيتاڻي هوڙا ساري(10) وياسين، شڪار ئي ڪونه لڳو هو تيل ساڙي موٽي آيو هوس. هير منهنجو اهو ضد اٿم وري ساڳيءَ جاين تي ويندس، شڪار ڪانسواءِ واپس ڪونه ايندس.

مون خلاصين کي اهو ٻڌائي ڇڏيو آهي ته مون سان گڏ اوستائين توهين رهندا ۽ خلاصين هائوڪار ڪئي آهي.

ناکئو احمد دکان وٽ هڪ خلاصيءَ کي ڏٺو ان ڏي ويو ۽ ڪجهه ڳالهائڻ کانپوءِ تنهن خلاصيءَ کي وٽي پنهنجي هوڙي ڏانهن مشڪندو ويو.

يوسف خلاصيءَ دل ۾ چيو ناکئو احمد ضديرو آهي، ڏکي جي پاسي ۾ هڪ ڪوٽي هئي، ان ڪوٽيءَ مان هڪ قدآور شخص ٻاهر نڪري در وٽ بيهي رهيو ۽ ڏکي تي ويٺل ناکئن ۽ خلاصين کي ڏسڻ لڳو. جڏهن هن جي نگاهه يوسف خلاصيءَ تي پئي ته ان کي هٿ جو اشارو ڪيو ته يوسف خلاصي ڏکي تان اٿي ان همراهه جي پرسان آيو هٿ ملائيندي چوڻ لڳو.

ادا شفيع محمد موساڻي... اسلام عليڪم!

"وعليڪم سلام... ادا يوسف ڪهڙا حال اٿئي، ڪيڏانو ويٺو

(10) پيشياڻي: درياءَ جو نالو ڪريڪ جيڪا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي: (11) ساري: ڪٻي وياسين.

ڪرين،" ائين چئي شفيع محمد پر واري ڪوٺيءَ ڏانهن وڪ وڌائيندي ناکئي کي هٿ جو اشارو ڏيندي چيو "ناکُئا ..... منجهه (11) اچ."

پوءِ ٻئي ڇڻا ڪوٺيءَ ۾ آيا. شفيع محمد موساڻي ڪرسيءَ تي ويٺو ۽ ان جي سامهون ڪاٺ جي بينچ رکيل هئي تنهن تي يوسف خلاصي ويهي رهيو.

ادا يوسف ٻاهر پيو وڃين چا...؟

ادا... نا! هير گهاتوءَ سان شڪار کان موٽيو آهيان. واءُ سواءُ ونڊ جي لاءِ دکيءَ تي ويٺو هوس.

تون ڪهڙي ناکئي سان ويو هئين...؟

ادا شفيع محمد! ناکئي عمر ملکائي سان، اسان خلاصين کي پنهنجن جيان پائيندو اهي ۽ پتي پوري ڏيندو آ.

شفيع محمد دروازي ڏانهن ڏسي پوءِ خلاصي يوسف کان پڇڻ لڳو.

ادا يوسف! ريڙهيءَ منجهه هير ناکئا ڪيترا آهن، جي درياءَ جي جاڻ رکن ٿا؟

ادا...! هير ناکئو هر ڪو پيو سڏائي، نه ئي کين شڪار جي ڪائي سڌ اٿن ته ڪهڙيءَ جاءِ ڪهڙي پاسي جڇهو شڪار لڳندو. نه ئي واءُ جي خطري واري جاڻ رکن ٿا.

يوسف خلاصي! چيئن سچ پيو. ناکئو اصل ۾ لقب ۽ خطاب آهي، اهو خطاب ان مهاڻي کي ملندو آه، جو سمنڊ جي جاڻ رکي ۽ پڻ مهارت سان رکي هلي تنهن کي ناکئو چئبو آهي. ناکئي جي اصل سڃاڻپ اها آهي ته شڪار گهورڻ وقت سمنڊ ۾ ٿئي چا پيو ۽ چا وهي واپري پيو...!! سمنڊ جي خرابيءَ جي خبر، سمنڊ جي لهه چڙهه، موسم جي خرابيءَ جي خبر ۽ واءُ طوفان کهڙو لڳي پيو. مطلب اصل ناکئو اهو آهي، جيڪو سمنڊ جي پاڻيءَ منجهان هر اندازو لڳائي سگهي.

(12) منجهه: آندر

يوسف خلاصي ٿورو مشڪندي چيو.

ادا شفيع محمد، ريڑهيءَ جا پراڻا ناڪا اسان ڏٺا آهن، جيڪي ڄڄهي ڄاڻ رکن ٿا، اسان جي عمر درياءَ منجهه گذري آهي، ناڪئو شڪار ڪرڻ سان گڏ شڪار کي به بچائي ۽ خلاصين کي خطري کان بچائي. اسان جوانيءَ ۾ هڪاسين ۽ ناڪئو ناٿوءَ سان ڪم ڪيو هو. هوشيار ناڪئو ۽ ڄاڻ وارو هوندو هو. سمنڊ جو سينو چيري گهوري ايندو هو. پاٽيءَ کي ڏسي خلاصين ۽ ٻين هوڙن جي ناڪئن کي هوشيار ڪندي ٻڌائيندو هو ته ٻن ٽن ڏينهن ۾ طوفان اچڻ وارو آهي.

ناڪئو ناٿو سيراٽي سمنڊ جي لهرن کي ڏسندي ان ۾ پاتار(12) ڪري پوءِ پاٽيءَ جي ٻڙن کي ڏسي سمجهي ويندو هو هير خطرو اچڻ وارو آهي، هوڙا ڪنهن محفوظ جاءِ تي ڪاهي هلو.

شفيع محمد موساڻي پاڻ به ڄاڻ رکندڙ هو تنهن يوسف خلاصي کي چيو.

ادا... اصل ناڪا هر ڳالهه کي ڄاڻي ونندا آهن، هو ڪنهن به نر تي پاٽيءَجي تهه مان مٽي ڪيڏي ٻڌايئندا ته اسين هير ڪهڙي نر تي آهيون ۽ هوڙي جي ڪُڙ(13) ۾ لهي پائئي(14) تي ڪن رکي ٻڌائيندو ته مڇي ڪهڙي پاسي وڃي رهي آهي. ڏٺو وڃي ته جيڪي اصل ناڪا آهن، اهي درياءَ جي ڄاڻ جو وڏو علم رکن ٿا.

يوسف خلاصي ڪرسيءَ کي ٿورو اڳتي ڪري شفيع محمد موساڻي کي چوڻ لڳو.

ادا... سوير تو پڇيو پئي ته ريڑهيءَ ۾ ڪيترا ناڪا آهن جيڪي سمنڊ جي جهجهي ڄاڻ رکن ٿا؟ سو ڪجهه نالا ياد اچن پيا، گهٽن ناڪئن سان گڏ آءٌ درياءَ گهوري آيو آهيان، ڪي ناڪا ڏيهه ڇڏي ويا آهن ۽ انهن جا نالا جن هير درياڻن تي وڃڻ ڇڏي ڏنو آهي يا جيڪي هير ويندا رهن ٿا، ناڪا عربي

(13) پاتار: هيٺانهون. اُونهو (14) ڪُڙ: هوڙي جو اڳيون ۽ پويون حصو مڪمل بند هوندو آهي جنهن کي ڪُڙ چئبو آهي: (15) پائئي: ڪاٺ جي تختي.

سمندڪنڌورڙ جا ماهر ناکٹا آهن، تن ۾ ناکئو يوسف عرف ڳنڊ، ناکئو مجيد عرف ويسر، ناکئو احمد عرف سيري، ناکئو صالح محمد عرف چپو، ناکئو احمد عرف ڏٽو ناکئو حسين عرف لوئر، ناکئو اسماعيل عرف ڪڇو ناکئو قاسم عرف آچار، ناکئو عمر ملڪاڻي، ناکئو موسيٰ، ناکئو صابر عرف مترڪو ناکئو ايوب، ناکئو مامون عرف پانڊي، ناکئو محمد عرف ڏڙداس، ناکئو عبدالله عرف چپليڪي، ناکئو محمد عرف رُڏُّ.

خلاصي يوسف ماڻ ٿي ويو. پوءِ ٻين ناکئن جا نالا ياد ڪرڻ لڳو تہ کائنس شفيع محمد موساڻي پڇيو.

ادا يوسف! ريڙهي جا پراڻا پنج پاڙا آهن. موسيٰ، پنجو اسماعيل، وريام ۽ قاسم سي پنج پائر هٿا، هير انهن جي نالن سان اهي پاڙا ورياڻي، قاسماڻي، پنجواڻي، موساڻي ۽ اسماعيلاڻي جي نالن سان سڏجن ٿيا. تون هر هڪ پاڙي ۾ رهندڙ ناکئن جا نالا ٻڌاءِ ۽ جيڪي واقعي اصل ناکٹا آهن.

هن وقت موساڻي ۽ پنجواڻي پاڙي جا مشهور ناکٹا هي آهن.

ناکئو محمد حسن عرف ڪورڙ موساڻي، ناکئو يوسف عرف ڪڏو موساڻي، ناکئو حسن عرف چورو موساڻي، ناکئو پمو ملڪاڻي (موساڻي پاڙو)، ناکئو پمو شيخ (موساڻي پاڙو)، ناکئو اصغر ڪڏي (موساڻي پاڙو)، ناکئو حسين عرف بيبي (موساڻي پاڙو)، ناکئو عيسين (موساڻي پاڙو)، ناکئو اسماعيل ڏنگ (موساڻي پاڙو)، ناکئو حسين عرف ٽنگڙ پنجواڻي، ناکئو موسيٰ عرف پکڙ پنجواڻي.

سياراڻي پاڙي جا ناکٹا:

ناکئو عبدالله عرف پوجر سياراڻي، ناکئو حاصل سياراڻي، ناکئو حسين عرف ڪنير سياراڻي، ناکئو اسحاق عرف موسيٰ سياراڻي، ناکئو صديق عرف ڏڏو سياراڻي، ناکئو يوسف عرف گونگو سياراڻي، ناکئو جايا عرف تايا سياراڻي، ناکئو ايوب سياراڻي، ناکئو رمو عرف ڳو سياراڻي، ناکئو عثمان

عرف دلو سياراٹي، ناکئو آدم سياراٹي، ناکئو عبدالله عرف ککو سياراٹي، ناکئو آدم عرف رانجاني سياراٹي، ناکئو هاشم سياراٹي، ناکئو موسيٰ عرف ميجڪ سياراٹي.

اسماعيلاٹي پاڙي جا ناکٹا: ناکئو ايوب عرف ايو اسماعيلاٹي، ناکئو ڪتو اسماعيلاٹي، ناکئو ابڙي اسماعيلاٹي، ناکئو سوجر اسماعيلاٹي، ناکئو چتو اسماعيلاٹي، قاسماٹي پاڙي جا ناکٹا: ناکئو ڪارو قاسماٹي، ناکئو احمد لالواٹي، ناکئو حاجي عثمان عرف بوٹو قاسماٹي، ناکئو علي محمد عرف ڳاڙهو

هير ريڑهي ۾ ٻيا پاڙا آهن. توهان کي ملکائي پاڙي جا نالا ٻڌايان ٿو. آءٌ ناکئي اسحاق ملکائي جي ڳالهه ڪندس ته هي ريڑهي جو جهونو ناکئو آ، هن وقت گهر ۾ ٻيو آهي، سڄي ٻانهن اڌ رنگ جي مرض ۾ ڪم ڪري ڇڏي وئي اٿس. گذريل هفتي تنهن ناکئي سان گهر منجهه ملڻ ويس ته اتي محمد شيخ وينو هو پنهنجي عمر هڪ سئو چاليهه سال ٻڌائي ٻيو پر اندازو آهي ته ايتري عمر کونه اٿس باقي هڪ سئو ڏهه سالن کان مٿي هوندو. اهو به وينو هجي، ڳالهين ڪندي ناکئي اسحاق ملکائي ملکائيناکئن جا نالا ڪڇهري وارن کي ٻڌايا پئي، اهي نالا آءٌ هير توهان کي ٻڌايان ٿيو.

ناکئو طالب پٽ موسو ملکائي، ناکئو اوسو پٽ پٺائي ملکائي، ناکئو عمر پٽ موسو ملکائي، ناکئو احمد پٽ موسو ملکائي، ناکئو سلو پٽ گند ملکائي، نالئو اکو پٽ اسحاق ملکائي. ناکئو حاجي صابر پٽ محمد پوڙي ملکائي (هي ناکٹا فوت ٿي چڪا آهن)، ناکئو حاجي ابراهيم پٽ عثمان ملکائي، ناکئو حاجي علي محمد عرف مترکو ملکائي، ناکئو حاجي احمد جوشي ملکائي، ناکئو حسن ڪينجهر ملکائي، ناکئو حاجي صابر ملکائي، ناکئو حسن پٽ احمد عرف منو ملکائي

خلاصي يوسف پٽ جي طرف نهاري ڇيو.

ادا... شفيع محمد! تڙ تي دوست خلاصي ٻيڻا سڏين پيا، آءُ هلان پيو.

سانجهيءَ جي وقت تڙ تي ماڻهن جي ٻيهر وڏندي پئي وڃي، ڪي ٻيڙائتا (15) سمنڊ ڏي وڃڻ جون تياريون ڪن پيا. هڪ خلاصي پاڻيءَ ۾ گهڙي ڇلر (16) مان ناتاري ڪڍي ۽ ٻيڙيءَ ٽيلهڙ لڳو. جڏهن آلڙ (17) مان ٻيڙيءَ کي ڪڍيو تہ ٻي خلاصيءَ تنگ مشين (18) کي چالو ڪيو. ٻيڙي ڪنڊيءَ کي آهستي آهستي ڇڏيندي هلندي وئي. هڪڙو هوڙو تڙ تي ٻيٺو هو. جيڪو ٽورو اڳ شڪار ڪري آيو هو. ان ۾ وينل خلاصي مڇيءَ کي چانڊي ۾ لڳا پيا هٿا.

تڙ تي گند جي کوڙي کي هڪ همراهہ پٽرڙ (19) لڳو. ريڑهيءَ ۾ هن وقت جيڪي بندرگاهہ آهن، اهي هو هڪ پاڙي جي نالي سان آهن. ريڑهي مياڻ جو اصل بندرگاهہ جاموٽ غلام محمد نالي سان آهي. جڏهن 1960 ڌاري سوکي بندرگاهہ ڦِٽو ۾ پوءِ کارويچاڻ بندر ڦٽو تہ اُتاهر حا ماڻهو ريڑهيءَ مياڻ ۾ اچي آباد ٿيا. جيئن جيئن آبادي وڌيندي وئي، هوڙن جو تعداد وڌيو تہ ٻيا بندرگاهہ به آباد ٿيندا ويا.

ريڑهيءَ مياڻ جو اصل وڏي ۾ وڏو حاجي غلام محمد جاموٽ هو. جيڪو وڏو نيڪ دل، ايماندار ۽ سچ ٻولو هوندو هو. ان جي پاڙي ۾ پڻ بندرگاهہ آهي، جتي سڀ سهولتون موجود آهن. حاجي غلام محمد جاموٽ ريڑهيءَ جو ڏاڏي هو. انهن ڏينهن ۾ ريڑهيءَ جي سونهن سوڀيا ڏسڻ وٽان هئي. انصاف ۽ تدبر سان راج جا فيصلا ۽ نياءُ ڪندو هو. تن ڏينهن ۾ ڏارين جي لوڌ ۽ هن ڳوٺ ۾ قبضا گيري نہ هئي. هن وقت ريڑهيءَ جي ڳوٺ کي لينڊ مافيا وکوڙي وئي آهي. ڳوٺ جي اندر ڏارين قومن جا ڪٽڪ آباد آهن. پناڻن ۽ ٻين ذاتين جي ماڻهن جو ڪاروبار گهڻو آهي. هن وقت ريڑهيءَ ۾ ڏيڍ سئو ڪن هندن جا دڪان آهن. ريڑهي مياڻ جي بندرگاهن جو سلسلو هن طرح آهي.

چشما ڳوٺ ۾ ڪورنگي بندرگاهہ، جيڪو فشريءَ بندرگاهہ ڪان پوءِ

(16) ٻيڙائتا: ناکا ۽ خلاصي ٻيڙين هوڙن سميت: (17) چلڙ: گهپ، مڇيءَ پُسل: (18) آلڙ: پاڻي لهي وڃڻ وقت پاڻيءَ جي وڏ تيزو هڪڙي مان: (19) تنگ مشين: انجڻ:

گورنمينٽ جو پيو نمبر وڏو بندرگاھ آھي. ان کان اپرندي طرف حاجي دپائي جت بندرگاھ، نجيب پنارُ جو بندرگاھ، دبلا بندرگاھ، حاجي امين جت بندرگاھ، لکيا ملاح بندرگاھ، قاسماڻي بندرگاھ، ھيءُ ڪيترو قاسماڻيءَ جو بندرگاھ آھي، قاسماڻي بندرگاھ، ھيءُ بندرگاھ حاجي عثمان قاسماڻيءَ جو آھي، ٻنھي قاسماڻين جي بندرگاھ جي وچ ۾ ھڪ نئين اچي وڃي ٽي، جيڪا درياءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٽي. شيخ بندرگاھ، جيڪو حاجي قاسم پوري جي نالي سان آھي، خاصخيلي بندرگاھ، ھيءُ حاجي رمضان خاصخيليءَ جو آھي، حاجي دائود خاصخيليءَ جو بندرگاھ، انھن ٻنھي بندرگاھن تي برف جا ڊيپو تيل جا ڊيپو موجود آھن. مڇي، سانوءِ گند جي لاھڻ ۽ چاڑھڻ جي ٻين بندرگاھن وانگر سھولتون موجود آھن. سيراٽي بندرگاھ، ھن بندرگاھ تي تيل ۽ برف جا ڊيپو آھن، مڇيءَ جي لاھڻ ۽ چاڑھڻ کانسواءِ ھوڙن گھاڙڻ ۽ وڃڻ ڪم جا وڏا ھر وقت موجود آھن. ريڑھيءَ ميارُ جي ھر بندرگاھ تي وڃڻ ڪم جي سھولت موجود ھوندي آھي. ھتي وڃڻ ڪم جو وڏو آھي، جاموٽ حاجي غلام محمد بندرگاھ، ھن بندرگاھ تي تيل، برف جا ڊيپو مڇي لاھڻ ۽ چاڑھڻ جي سھولت، موساڻي ۽ اسماعيلاڻي جا بندرگاھ، ھنن بندرگاھن تي مڇي، سانا ۽ گند جي لاھڻ ۽ چاڑھڻ واريون سھولتون موجود آھن. حاجي غلام محمد جت بندرگاھ، جتي تيل، برف جا ڊيپو آھن، مڇيءَ، سانوءِ گند جي ڪاروبار کانسواءِ درياءَ جو سير ڪرڻ وارا ماڻھو ھن بندرگاھ تي ايندا آھن. اھي لانچن ۽ ھوڙن ۾ چڙھي درياءَ ۾ گھمڻ لاءِ ماڻھو ايندا آھن ته ڪي وري ڪُنديءَ جو شڪار ڪرڻ خاطر ھوڙا، ٻيڙيون ڪرائي تي ڪري ويندا آھن. ھن بندرگاھ تي اھا سھولت موجود آھن. ھن بندرگاھ کان اپرندي طرف حاجي دائود دپائي جت بندرگاھ آھي، جتي پڻ ھر سھولت موجود آھي. ريڑھيءَ ۾ جتن جا چار بندرگاھ آھن، ۽ دپائي جتن جا بندر آھن، ھڪ

ڊيلو 18 بس جي آخري اسٽاپ سامهون ۽ پيو سوڊا فيڪٽريءَ جي سامهون آهي.

ونگائي جتن جا ۽ بندرگاهه آهن. هڪڙو حاجي امين جت ونگائي جي نالي سان آهي. پيو خليفو علي محمد جت ونگائي جي نالي سان بندرگاهه آهي.

سچلاٽي جت ۽ سيدن جا بندرگاهه ان کان ايرندي طرف اصل پراٽي لٽ بستي آهي. هتي پڻ بندرگاهه آهي، جتي هوڙا ۽ لانچون مچي، سانا ۽ گند لاهين.

شام جي وقت وريائي بندرگاهه تي ماڻهن جي چهل پهل ۽ باهر کان آيل واپارين جي گهٽي اڇ وڇ شروع ٿي وئي هئي. اوچتو هوا ۾ سُندر گيت جو پڙلاءُ ٿيو. اهو گيت ريڑهيءَ جو قومي فنڪار ادا موسيٰ پينٽر وريائي ڳائي رهيو هو. هن تي پينٽر تخلص انهيءَ ڪري پيو جو پاڻ رنگ ۽ پينٽ جو سٺو ڪاريگر آهي ۽ اڻ پڙهيل آهي.

ادا موسيٰ پينٽر وريائي رزاق آباد جي شاعر سيد عبدالغفور شاهه جو لکيل گيت ڳائي رهيو هو جيئن جيئن هوا تيز گهُلندي وئي، گيت جو پڙلاءُ چٽو وڌندو ٿي ويو.

رات بندر تان هاڪاري،
مون کي ماري منهنجا ساموندي هليا ويا.
ڏار ٽيا دل جا پرين،
ڏينهن پي مون وٽ گهاري،
مون کي ماري منهنجا ساموندي هليا ويا.
وڃجهارن جي وات تي،
آهيان تڪي مان جر هاري،
مون کي ماري منهنجا ساموندي هليا ويا.

روز تـــڙ تـــي پئـــي روئـــان،
پنهنجـي ســڄڻ کـي مـــان ســاري،
مون کي ماري منهنجا ساموندي هليا ويا.
جيجـــل منهنجـــي جـــيءَ ۾،
باهـــ برهـــ جـــي ويـــا پـــاري،
مون کي ماري منهنجا ساموندي هليا ويا.
گهـــاتو شـــال غفـــور شـــاهه،
واڳ اچـــن مـــون گهـــر واري،
مون کي ماري منهنجا ساموندي هليا ويا.

گيت جو منڙو آواز گهاتن، خلاصين ۾ تڙ وارن ماڻهن جي ڪنن تي ٽي پيو اُهي اداسيءَ واري ول ۾ وکوڙجي ٽي ويا، ڪي يادن جي ڏور ۾ ائين اٽڪي پيا، جيئن ڪُنڊيءَ ۾ قاتيل مڇي ڦٽڪندي هجي.

مارڪيٽ جي پاسي کان هـ نوجوان هلندا پئي ويا، هڪ جي هٿ ۾ ڪئميرا هئي، انهن ۾نهي همراهن جي اڳ ۾ گُهڇ هلندو ڪين اشاري سان تڙ جي سونهن ۾ منظرن بابت ٻڌائيندو آيو تہ نوجوان ڪئميرا جو منهن انهيءَ طرف ٽي ڪيو.

تڙ تي بينل ماڻهن ۾ هوڙن منجهه وينل خلاصين جا ڏيان ڪئميرا واري نوجوان ڏانهن ڪڇي ويا. ننڍڙا ٻار جيڪي تڙ تي بينا راند ڪن، سي راند ڇڏي ڪئميرا واري نوجوان جي چئو ڦير گهيرو ڪري هلڻ لڳا. ڪئميرا وارو جنهن هنڌ ٻيهي رهيو ٽي تہ ٻارڙا بہ اڳيان اچي ٻيهي رهنس پيا تہ انهن ڪي هٿ جو اشارو ڪري پري ٽيڙ جو چئي رهيو هو سيني ماڻهن جا ڏيان انهيءَ نوجوان ۾ گُهڇ ڏانهن چڪجي ويا. دڪي تي وينل خلاصين ۾ ناکئن پاڻ ۾ وينِي ڪچهري پئي ڪئي. ڪئميرا وارو نوجوان، انهن جي ڪچهريءَ ڪي

ڪئميرا جي اک سان محفوظ ڪري رهيو هو گُهڇ ڪجهه سوچي پوءِ ڪئميرا واري نوجوان ۾ ان جي پر ۾ بينل ٻڌي نوجوان ڏانهن نهاري ٻنهيءَ کي ٻڌائڻ لڳو ته ريڑهي ميار روح رهاڻين وارو ماڳ آهي. هتڙي وڏيءَ جمار جا مڙد ۾ عورتون رهن پيا. ريڑهيءَ منجهه شيخ پاڙي ۾ محمد شيخ وڏيءَ جمار وارو شخص رهي پيو. طبيعت ۾ ريڙ ۾ نظر به تيز آٿس. هلو ته انهيءَ سان ملي ونجي.

ڪئميرا واري نوجوان جڏهن اها ڳالهه ٻڌي ته ڪئميرا کي بند ڪري ٽيلهيءَ ۾ وجهي پوءِ گُهڇ سان هلڻ لڳو. ٻئي نوجوان گُهڇ جي پويان هلندا تڙ چڙي. جڏهن ٽئي جڻا شيخ محلي ۾ آيا ته گُهڇ دڪان جي طرف ويو. ان دڪان ۾ عورت ويٺي هئي. جيڪا عمر ۾ نوجوان ٽي نظر آئي. قد جي ڊگهي. سهڻي ۽ رنگ جي اڇي هئي. سا گُهڇ کي ڏسندي ڪرسيءَ تان اٿي بيهي رهي. گُهڇ کائنس محمد شيخ جي باري ۾ پڇيو ته هوءَ مشڪي وراٽي ڏنس.

ادا... بابا مسجد ڏانهن ويو آهي. سانجهي پڙهي اچڻ وارو آهي.

ادي! دوست آيا آهن. توهين گهر منجهه ڏسي اچو ته متان واپس آيو هجي. پوءِ اها عورت دڪان مان نڪري گهٽيءَ ڏانهن هلي وئي. پوءِ گُهڇ دڪان مان ٻاهر اچي. انهن ٻن نوجوانن کي ٻڌائڻ لڳو.

ادا... اها عورت جيڪا دڪان مان نڪري وئي. سا محمد شيخ جي ڏيءَ آهي. جنهن جو نالو ڏاڏي حوا آهي.

ڪئميرا وارو نوجوان تجسس مان گُهڇ کي ڏنو پوءِ پڪ ڪرڻ لاءِ پڇيو.

گُهڇ! انهيءَ عورت جو نالو ڏاڏي حوا....

گُهڇ مشڪي وات ۾ گٽڪي کي ڦيرائي. منهن مٽي ڪري ان نوجوان کي ڇيو.

ادا... مختيار کتري! ان عورت جو نالو ڏاڏي حوا آهي. اها عورت ڏهتن ۾ پوتن واري آهي. محمد شيخ جي ننڍي ۾ ننڍي ڏيءَ آهي. هن جي ماءُ به زندهه آهي، يعني محمد شيخ جي گهر واري، ايجان حيات آهي. ايتري ۾ هڪ چوڪري جنهن جي عمر اٽ نوَ سال هئي، سا دڪان ۾ اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي. گُهج انهيءَ چوڪريءَ جي طرف نهاري، مختيار کي ٻڌايو ته ادا چوڪري ڏاڏي حوا جي ڏهتي آهي. ايتري ۾ ڏاڏي حوا به واپس موتي آئي ۽ دڪان ۾ اچي ويهي رهي ته گُهج به ان طرف ويو ته ڏاڏيءَ حوا چيس.

ادا... گُهج! بابا ايجان مسجد منجهه هوندو توهين شيخ محلي واري مسجد ڏانهن وڃو اتي بابا سان ملو.

گُهج دڪان مان باهر نڪري دوستن کي ٻڌايو پئي ته، ايتري ۾ هڪ شخص مشڪندو پاسي واريءَ گهٽيءَ مان آيو پئي، ان کي ڏسندي گُهج ٻنهي دوستن کي ٻڌايو.

ادا... محمد شيخ اچي پيو پوءِ ٽئي ڇڪا اڳتي وڌي انهيءَ شخص سان مليا. محمد شيخ سان گُهج پنهنجن دوستن جو تعارف ڪرايو.

چاچا محمد! هي منهنجا دوست پري کان ڪهي آيا آهن، خاص توهان سان ملڻ جي لاءِ، ائين چئي گُهج دوستن جو تعارف ڪرايو.

چاچا محمد! هي دوست جنهن جي هٿ منجهه ڪميرا آهي، اهو مختيار کتري، ٽئي کان آيو آهي، هي ٻيو دوست جان محمد ڀجورو ٽنڍو محمد خان کان آيو آهي. هي ٻئي ڊاڪٽر جليل کٽيءَ جا دوست آهن. ڊاڪٽر به پاڻ هير ريڙهيءَ منجهه آيل آهي.

چاچا محمد شيخ جنهن جي چپن تي هلڪي مرڪ هئي، سو خوش ٿيندي هر هڪ سان وڌيءَ ڇاهه سان هٿ ملايو پوءِ انهن کي چيائين.

ادا... جي آيا، يلي ڪري آيا، اچو ته هلي چانهه توهان کي پيارجي.

چاچا! توهان جي مهرباني، اسان سان توهان گڏ هلو ڊاڪٽر جليل ڪتي جو والد صاحب ڊاڪٽر غلام ڪتي ڪاروچاڻ ڪان هت آيو آهي، اهو به توهان جي لاءِ آسائتو آهي، ان جي اسپتال ڏانهن هلو اتي چانهه به پيئنداسين ۽ ڪچهري به ڪنداسين، جي هلندا ته اسان کي گهٽي خوشي ٿيندي.

اها ڳالهه ٻڌي چاچا محمد هلڪو ٿڪ ڏنو ۽ پوءِ چوڻ لڳو آءُ ڏيءَ کي ٻڌايان ته مهمانن سان وڃان پيو. چاچا محمد شيخ دڪان ڏي ويو ته مختيار ڪتري ڪئميرا ٽيلهي مان ڪڍي چاچا محمد جي پنيان ويو ان جي ۽ سندس ڏيءَ ڏاڏي حوا جي فلم پرڻ لڳو. ايتري ۾ ڊاڪٽر جليل ڪتي به اچي نڪتو. مختيار ڪتري چاچا محمد شيخ ۽ ان جي ڏيءَ ڏاڏي حوا جي دڪان جي اندر فلم پريندو رهيو ۽ پوءِ بنهي کي دڪان کان باهر نڪري اچڻ جو هٿ سان اشارو ڪيو ته ٻئي باهر گهٽيءَ ۾ آيا ته مختيار انهن جي فلم پريندو رهيو. گهٽيءَ ۾ ڪيترائي ماڻهو اچي بيهي رهيا، ٻارڙا به آيا، جيڪي مختيار ڪتريءَ جي پاسن کان بيهي رهيا.

ڏاڏي حوا دڪان ۾ اچي ويهي رهي، پوءِ گهڄ، جان محمد بجوروءِ ڊاڪٽر جليل ڪتيءَ اچي چاچا محمد شيخ سان بيهي رهيا ته مختيار انهن جي فلم پريندو ۽ کين هلڻ جو اشارو ڪيو تہ سيئي هلڻ لڳا، ٿورو فاصلو ڪيائون، پوءِ مختيار کين بيهڻ جو اشارو ڪيو.

مختيار ڪتري ڪئميرا جو منهن دڪان جي طرف ڪيو ۽ ڏاڏي حوا ان جي ڏهٽيءَ جي فلم پري. پوءِ سيئي اسپتال جي طرف هلڻ لڳا.

چاچا محمد شيخ سيني سان وک ۾ وک ملائي ڳالهيون ڪندو هليو رهيو ڪنهن وقت ڊاڪٽر جليل سان هٿ ملائي هلندو رهيو ته ڪنهن وقت جان محمد بجوروءِ مختيار سان هٿ ملائي، انهن سان ڪچهري ڪندو

هلندو رهيو.

ڏهن پندرهن منٽن کانپوءِ وري ٻاڙي ۾ چوڪ اسٽاپ تي اچي پهتا، اتي ڊاڪٽر غلام محمد ڪتي جي اسپتال هئي، ان جي پاسي ۾ رهائش واري جاءِ ۾ هئي، جڏهن ان جاءِ جي اندر داخل ٿيا تہ ڊاڪٽر غلام محمد ڪتيءَ سان ۾ دوست ماستر لڏو خان خاصخيلي ۽ ماستر عبدالرحمان وينا هجن. اهي سيئي اٿي احترام سان چاچا محمد شيخ سان مليا.

چاچا محمد شيخ ڪرسيءَ تي ويهندي مشڪي سيني ڏانهن نهاري چيو.

ادا... اڳي ريڑهيءَ ميار محبت پرين ماٺهن جي ميار هئي، ريڑهيءَ ميار جا گهڙ گهُرا ريڑهيءَ تي ساهہ ڏيندا هئا، تن ڏينهن ۾ ڪو ۾ ڏاريو هت ايندو ڪونہ ہ، جي ڪوئي ايندو هو تہ اهو واپار جي سانگي ايندو ۽ پنهنجو وٽج واپار ڪري موتي هليو ويندو هو. هاٽي ڏارين جا ڪتڪ ڪاهي پيا آهن، چوندا آهن تہ ڏڻ تہ ڏٽيء، نہ تہ وڪڻ ڪٽي.

هير ريڑهيءَ ميار جون رونقون ۽ روح رهاٽيون ڏسجن ٿي ڪونہ پيون، سي سپ ڪاري پاٽيءَ منجهہ منجي ميسارجي ويون، نہ ٿي تڙن تي بهارون، نہ ٿي ناکٽن ۽ مانجهي مڙسن جو ڪيڪارون ڏسجن پيون.

ايتري ۾ ناکٽو قاسم آچار آيو جنهن جا پير اگهاڙا، اٽيا، اچا وار هئا، ڪچهرين وارن کي سلام ڪري ويٺو جنهن جي عمر لڳ ڀڳ ستاسي سال ڪن هئي، تنهن محمد شيخ ڏانهن نهاري ڪچهريءَ وارن کي ٻڌايو تہ آءُ محمد شيخ کي ايئن ٿي ڏسندو اچان.

چاچا محمد شيخ ماضيءَ جي ساروٽين کي سارينديِ چيو.

هڪ پيري رات جو ڪُڏي مان گهر واريءَ کي ٽيشن تي گهڻي آيس، تہ جيوٽيءَ جو آواز ٻڌو، جيڪا ڪُڏيءَ ۾ ڀڳائي رهي هئي، اسين ڪراچي ٽيشن تان ڪُڏي تائين پنڌ ايندا ويندا هئاسين. مون زندگيءَ جو وڏو عرصو ڪُڏيءَ ۾ گذاريو. اسان جا وڏا اصل لٽ بستيءَ جا هئا، جيڪا ريڑهيءَ کان چار پنج

ڪلوميٽر پري آهي، پر آءُ ريڙهي ۾ پيدا ٿيو هوس.

هڪ پيري دوستن پروگرام ٺاهيو ته هلي جيوٽيءَ جو راڳ ٻڌي اچون. جيوٽي ڪاري رن هئي، ان کي ڏسي ڊڄي ويس، پر رات جو راڳ ٿيو ته جيوٽيءَ جي آواز تي هوش وڃائي وينس، ان جي آواز ۾ اهڙو مٺاس هو ماڻهن جي هٿن ۾ پئسا هئا، تن برسات جيان وسائڻ شروع ڪيا. جيوٽيءَ سان خيرو هوندو هو جيڪو چندر جهڙو سهڻو هو اهو جيوٽيءَ جي راڳ تي عاشق هو ۽ جيوٽي ان خيروءَ تي عاشق هئي. واهه جو اهو وقت هو. آءُ راڳ جو شوقين هوس.

ادا... مون پڳت ڪنور رام جو راڳ ٻڌو، پاڻ قد جو ڊگهو هو ۽ هن سان اندا، منڌا، گڏ هوندا هئا. پڳت ڪنور رام کي ڳائڻ مهل جيڪي ڏوکڙ ملندا هئا، انهن مان صرف پنهنجو خرچ ڪڍندو هو باقي ڏوکڙ انهن اندن ۾ منڊن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. هاڻ اهي موتيءَ ڏاڍا سهڻا ماڻهو رهيا ڪونہ آهن ۽ نہ ئي سڃاڻي رهي آهي.

ادا... واهه جو اهو وقت هو. انگريزن جو دور مون ڏٺو ان وقت ۾ روپيا تولو سون هو ته مون ڏند وڃرايا هئا. اهي ايجان آهن. پوءِ چاچا محمد شيخ وات مان ڏند ڪڍي ڏيکاريا. پوءِ ڏندن کي وات ۾ وجهي چوڻ لڳو.

ادا... اهي ڏينهن ريڙهيءَ جا سهڻا هوندا هئا. اسين پلن جو واپار ڪندا هئاسين، سنڌ جا پلا بمبئي ڪٽي ويندا هئاسين، تنهن وقت سنڌ جي پلن ۾ سانن جو وڏو قدر هو. گهاتن کي دل گهريو اگهه ملي ويندو هو. مهاڻا سانا ماري انهن کي ڪُٽي پوءِ سُڪائي واڻين کي ڏينداهئا، اهي سُڪل سانا رنگون موڪلينداهئا، انهن ڪُتيل سانن کي آونگ ۾ چوندا آهن. انهيءَ وقت ۾ ريڙهيءَ منجهه واڻيا جام هئا، انهن جا دڪان ۾ هئا، جنهن ۾ هشمترا، پالو فتن، لڏو مورجي گاما گول، ڪلو باگو هيرو پئو ۽ بين واڻين جا دڪان ۽ واپار جا ڏندا هئا.

پلن جا واپاري ڪڏين ۾ ميانڻين تي اڇي اڳواڻ مهاڻن کي پئسا ڏئي هليا ويندا هئا. اهو وڏي اعتبار وارو دؤر هو انهن ڏينهن ۾ ڏنتي جو عبدالواحد سوني مُنڊيءَ وارو مقادا ڪٽندو هو. ان جي خاندان کي هن وقت تائين سوني منڊيءَ واري لقب سان سڏيندا آهن. اصل ۾ ميمڻ جي نڪ اسلام پور پاڙو آهي، تنهن جو پُٽ بابو غلام حسين ميمڻ جيڪو ايم اين رهي چڪو آهي.

عبدالواحد جو ڏاڏو غلام حُسين سوني مُنڊيءَ پائيندو هو انهن ڏينهن ۾ اها وڏي ڳالهه سمجهي ويندي هئي، هي گهراڻو اصل ۾ شاهه گورگنج وٽ رهندو هو. جڏهن ان پاسي شهر ڦِٽو ته پوءِ اسلام پور محلي ۾ اچي ويٺا ته ان پاڙي تي نالو سوني مُنڊيءَ وارو پئجي ويو. 1930ع کان هنن پلن جو واپار شروع ڪيو. دسترڪت ڪائونسل مان ٺيڪا ڪٽندا هئا، ڏنتي جي ماڳ، ميانڻين تي وڃي مهاڻن کي اڳواڻ رقم ڏئي ايندا هئا، جيڪي پن ۾ رڄ ڏانئيندا هئا. ان وقت ۾ بئراج ڪونه هوندا هئا، درياءَ جو پاڻي رُڪبو ڪونه هو ۽ ڇجهو پاڻي هو. پلو سڪر تائين ويندو هو. اها چوٽي مشهور هوندي هئي ته پلو بکر کي پيٽي آيو آهي. (بکر جيڪا روهڙي ۾ آهي).

عبدالواحد سوني مُنڊيءَ واري سان ڏنتي جا پيا به ميمڻ پلي جي واپار ۾ پائيوار هوندا هئا، گڏجي ٺيڪا ڪٽندا هئا، موجوده ايم پي اي عبدالجليل ميمڻ جو ڏاڏو حاجي صادق علي ميمڻ پلي جو وڏو واپاري هو. عبدالواحد سوني مُنڊيءَ وارو هو ڏنتي جا پيا ميمڻ به ٺيڪا ڪٽندا هئا، موجوده ايم پي اي عبدالجليل ميڻ جن جو پاڙو (ڏونگا) پر وڏي ڏُک سان ڳالهه ڪجي ٿي ته هي ڏنتي جو مانجهي مڙس تاريخ 28 ڊسمبر 10 محرم جي ڏينهن تي ڪار ايڪسيڊنٽ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. ان جو ڏاڏو حاجي صادق علي ميمڻ، جنهن جي پيءُ جو نالو عبدالڪريم هو هن جا به اڏاڻا هئا، خانصاحب جو هنن کي لقب مليل هو. جو اڄ تائين سندس پونئير انهيءَ لقب سان سڏجن ٿا. 1922ع ۽ 1923ع ۾ هن خاندان جا ڏنتي ننگر ۾ اڏاڻا هئا، جن ۾ سُٺ ڏهندو

۽ ڪپڙو رنگبو هو. تنهن وقت نٽي ننگر ۾ ڇهه سئو اڏاٽا مختلف ماڻهن جا هئا. انهن ۾ گهٽا اڏاٽا ميمڻن جا هئا، جن کي ڪوري ميمڻ سڏيو ويندو هو. اڏاٽن جي ڏيگهه پندرنهن کان ويهه فوٽ، ڏيگهه ڇهه فوٽ ۽ اوناهي چار فوٽ هوندي هئي. هڪ اڏاٽي کي هڪ ڪاريگر هلائيندو هو. بيا ان جي مدد ۾ هوندا هئا.

خانصاحب عبدالڪريم ڏونگا ميمڻ سان گڏ جيڪي هندو واپار ڪندا هئا، انهن ۾ سيٺ جيٺو مل ۽ سيٺ ٽيڪمداس هئا. هنن جا دڪان ڪارادر ڪراچي ۽ پڪو قلعو حيدرآباد ۾ هئا. اهي سنڌ جو ڪپڙو بمبئيءَ ۽ سعودي عرب ڏانهن موڪليندا هئا.

انهن ڏينهن ۾ نٽي ننگر ۾ چار اهڙيون ذاتيون هيون، جن کي معتبر سڏيو ويندو هو. انهن ۾ شاڪراڻي، عابداڻي (عابداڻي ميان جي لقب سان سڏبا هئا) شڪر الاهي سيد ۽ ڏونگا ميمڻ هئا. تن ڏينهن ۾ سواريون ڪونه هونديون هيون. وڏ گهراڻين جون عورتون ڪنهن راج پاڻ ۾ ويندڙيون هيون ته انهن کي شيدي ڏولين ۾ ڪڍي ويندا ۽ واپس آڻيندا هئا.

پاڪستان ڪان اڳ جامشوري جي پل کان چلهه سائيٽ تائين پٽر جي پيچنگ جو ٺيڪو خانصاحب حاجي صادق علي ميمڻ وٽ هو. جنگ شاهيءَ کان سٽ ريل جا گاڏا صبح جو ۽ سٽ گاڏا شام جو پٽرن سان پريل ڪرندا هئا.

عبدالواحد سوني منڊيءَ وارو پهرين خانصاحب وٽ منشي هو ۽ پڙي اڪاڏينڊو هو.

هن وقت نٽي شهر ۾ ميمڻن جا ٽيتيهه پاڙا آهن. ڏونگا، بيگاڻي، غني، گدڙ جبلي، ڪنيار، پاڏا، ڏوڙ ڏوتا، اڳڙا، ٽونٽا، ممياڻي، ڪونياڻي، چارڻ، تانڪاڻي، بياڻي، ٽڪاڻي، سوني منڊي، وزن ڪش، چانپاڻي، حمال، ٽيڪري، آگري، پولڙا، اونائي، عطار، چندڙ، دايا، بنارا، ڪُڻ، نقيب، آفائي ۽ سبز

پوش وغيره.

عبدالواحد ميمڻ سوني ۽ مُنڊي ۽ وارو پلن جي واپار ڪرڻ کان اڳ ۾ هن جا ڏاڏا هئا. 1920ع ۾ شاهه مسڪين جي سامهون هنن جو ڪپڙي جو دڪان هو جيڪو هيڙ ۾ آهي، عبدالواحد جو پٽ الهوڏايو ۽ ان جو پٽ دڪان هلائين پيا.

ڏٺي جي اڏاڻن منجهه سنڌ جي لُنگي، ڪيس، سوسي ۽ مونڙو تيار ڪيو ويندو هو. ان وقت جي ڪهڙي ساراهه ۽ ڳالهه ڪجي...!! سڄو ڏٺو ننگر ۽ سموري سنڌ سنڌي هنر سان جر ڪندي هئي.

ڏٺي ۾ مونڙو وارو ڪم من موهيندڙ هو هي ۽ پرت تي پريو ويندو هو ڪنوار جي لاءِ جيڪي شلوارون ٺهنديون هيون، ڪاريگر خاص ڪري سوسي ۽ مونڙي جي ڪپڙن مان ڏاڏئيندا هئا. سوسي ۽ جي ڪپڙي منجهه اڇيون سڌيون لڪيرون ٽين ۽ مونڙي ۾ جي ڪپڙي جون لڪيرون ويڪريون ۽ ڊزائين واريون هونديون هيون. عورتن جي شلوارن جي پاڇڻ تي اصلي چاندي ۽ جون تارون، ڪالبت ۽ بادلو جنهن جو ڦڻ ۽ ڏهن انچن تائين پرت پريو ويندو هو. پاڇن تي ڇلڪ ۽ سُرمئي جو ٻڪو پريو ويندو هو ڇلڪ ۽ سُرمئو اسپرنگ جهڙا هوندا هئا، پنهي اسپرنگن ۾ ٿورو فرق ٿئي ٿو.

مونڙو ڳاڙهو ناسي، واڱڻائي ۽ بين رنگن سان به شلوارن جي پاڇن تي پريو ويندو هو پر ڳاڙهي ۽ ناسي رنگن وارا پرت پريل مونڙا، اهي بين رنگن جي پيٽ ۾ گهٽو مشهور هئا جو عورتون ڳاڙهي ۽ ناسي ۽ رنگن جي مونڙن کي گهٽو پسند ڪندڙ هيون.

مونڙو سنڌي پرت جو ڏاڏو وٽندڙ ۽ خوبصورت نمونو آهي، هن جي پنهنجي ڪشش ٿئي ٿي.

ڏٺي نگر شهر ۾ لُنگي، سوسي ۽ مونڙي جي فن جا سوين سهڻا ۽ سڻا ڪاريگر هئا، جيڪي مختلف ماڻهن جي اڏاڻن ۾ ڪم ڪندا هئا، انهن

ڪاريگرن جي فن جي ڪهڙي سراهه ڪجي...!!!

هن وقت ڏٺي ۾ حاجي الهبچايو ميمڻ اوڙڪ (غني) جيڪو لُنگيءَ جو مشهور ڪاريگر هو. پاڻ اڃان زندهه آهي، وٽس وڏي ڇاڻ آهي. هن جي وڏڻ جو ڏندو لُنگي، سوسي ۽ مونڙيءَ جي هنر وارو هو. سندس والد غلام حسين ميمڻ اوڙڪ (غني) لُنگيءَ جو وڏو ڪاريگر هو. هنن جا پنهنجا اڏاڻا هئا، هن خاندان ۾ جيڪي مشهور ڪاريگر ٿي گذريا آهن، انهن ۾ محمد ميمڻ اوڙڪ (غني)، محمد رجب اوڙڪ (غني) اسماعيل ميمڻ اوڙڪ (غني)، پليڏنو ميمڻ اوڙڪ (غني)، ابراهيم ميمڻ اوڙڪ (غني) عبدالله ميمڻ اوڙڪ (غني) تنهن جا اڻ يا نوٽ هئا، سي به لُنگيءَ جا بهترين ڪاريگر هئا.

ڏٺي ننگر جا ٻيا مشهور ڪاريگر لال محمد اوڙڪ (ٽڪاڻي)، هن جا ياٽر لُنگيءَ جا ماهر ڪاريگر هئا، سندن پنهنجا اڏاڻا هئا. محمد ميمڻ اوڙڪ (ٽڪاڻي)، حاجي قاسم ميمڻ اوڙڪ (ٽڪاڻي)، حاجي صالح ميمڻ اوڙڪ (ٽڪاڻي)، احمد ميمڻ اوڙڪ (ڪنيار) حاجي الهبچايو ميمڻ اوڙڪ غني لُنگي ٺاهڻ جي لاءِ ريشم ملتان جي انڊي ڪوهيءَ بازار مان، نيزماداس فتح چند جي دڪان تان آڻيندو هو. جيڪو ريشم جو وڏو واپاري هو. تنهن وقت ريشم اٺ ريپا ڪچو سير ۾ پارنهن ريپا ڪچو سير ملندو هو. حاجي الهبچايو اوڙڪ (غني) شملا بازار امرتسر سيتاپال ڪپور جي دڪان تان امبر وٽي ايندو هو ۽ ڪلابت بمبئي مرزا استيٽ گلي هيٺ پائي مان گهرائيندو هو. ان کان علاوه ڏٺي ۾ جن ميمڻن جا مشهور اڏاڻا هئا، انهن ۾ الهوڙايو ميمڻ اوڙڪ (گدڙ)، حسين ميمڻ اوڙڪ (ڪٽ)، حاجي غلام حسين ميمڻ اوڙڪ (سوني ۽ وارو). ڏٺي ۾ مينگهواڙن جا اڏاڻا هئا، انهن اڏاڻن ۾ لُنگي، سوسي ۽ مونڙي وارو پرت هٽ تي پريو ويندو هو. مينگهوڙا سوسيءَ جا مشهور ڪارگر هئا، جنهن ۾ ڏنو مينگهواڙ واگو مينگهواڙ ويلجي مينگهواڙ ان جو پٽ جڪو ٽلهو ميگهواڙ جيڪو وڏو ڪاريگر هو هن جو

پنهنجو اڏاڻو رام مندر جي پرسان وڻن ڳڻ محلي ۾ ڪير بازار روڊ تي هو آنو مينگهواڙ جو اڏاڻو به انهيءَ روڊ تي هو. ٻيو سنهو مينگهواڙ سوسيءَ جو ناهوڪي ڪاريگر هو ان جو وڏو پٽ ڪيسو مينگهواڙ به ڪاريگر هو. ان جا ٻيا پٽ اهو ڏنڊو ڪونہ سڪيا، جو انهن ڏينهن ۾ اڏاڻن جو ڪم نالي ماتر ٿيڻ لڳو.

سوسيءَ جا ٻيا مشهور ڪاريگر، جن ۾ ڪجو مينگهواڙ جڪو مينگهواڙ هينئر انهيءَ جو نسل ڪٽي ۾ رهي ٿو. پر اهي اڏاڻن جو ڪم ڪونہ ڪن. ڪٽي ۾ جيئن اڏاڻا ختم ٿيا تہ لُنگي، سوسيءَ وارو ڏنڊو ختم ٿي ويو.

ڪٽي شهر ۾ جن پاڙن ۾ اڏاڻا هئا، انهن ۾ اسلام پور محلو آگر محلو ۽ سونيءَ منڊيءَ وارو محلو.

ڪٽي شهر جا اڏاڻا ايوب جي دور کان ڪٽڻ شروع ٿيا. 1980ع ۽ 1985ع ڌاري بلڪل ختم ٿي ويا. لُنگيءَ جو فن، ڪيس، سوسي ۽ مونڙو من موهيندڙ اهي سڀ هنر ڪٽي شهر مان موڪلائي ويا، جڏ ڪٽي جي سونهن اجڙي وئي.

اجرڪ: ڪٽي جي اجرڪ پنهنجو مثال پاڻ هوندي هئي، ان جي پنهنجي ساک ۽ سڃاڻپ هوندي هئي. ڪٽي جا ڪتري خاص اجرڪ جو ڪم ڪندا هئا، انهن جون ناهيل اجرڪون سنڌ ٽوڙي پرڏيهہ ۾ مشهور هيون. اجرڪ جي رنگ جو تعلق لُڙ پاڻيءَ سان هوندو آهي، اجرڪ جهڙي قديم صنعت جو ڪٽي ننگر منجهان موڪلائڻ جو سبب لُڙ پاڻيءَ جو ختم ٿيڻ هو جيڪو وارا بنديءَ جي ڪري ختم ٿي ويو ۽ ڪارو پاڻي آيو تہ اجرڪ جهڙي خوبصورت صنعت ڪٽي مان موڪلائي وئي. هير حيدرآباد جي پرپاسن ۾ ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ اجرڪ تي سنو ڪم ٿئي پيو.

پوءِ اجرڪ جا مشهور ڪاريگر جن مان گهڻا گمنامي ۾ هليا ويا، ڪي ڪٽو ننگر ڇڏي ٻين شهرن ڏانهن ڏنڊي جي لحاظ کان اتي وڃي آباد ٿيا، جتي اجرڪ جو ڪم ٿيندو هو. ان وقت ڪٽي ۾ ڏهندڙ اجرڪن مان هينيون

اجرڪون مشهور هيون.

نار واري اجرڪ: هن اجرڪ ۾ مختلف چاپا ٿين، جنهن ۾ بادامي، چڪي، چانپ، چلو اهي اجرڪ جا پور هئا.

حاشيءَ واري اجرڪ: هن اجرڪ جو پور سڄو حاشيءَ وارو هوندو آهي، جنهن ۾ نار واري اجرڪ وارا پور هوندا آهن ۽ ٻيا پور به ٿين ٿا.

ڪڪر واري اجرڪ: هن اجرڪ جي نشاني آنبي وانگر هوندي آهي.

ول اجرڪ: هيءَ اجرڪ هرڪ جي ٺهندي آهي، جنهن جو هڪ پاسو چاپڙ جي لاءِ استعمال ٿيندو آهي ته ٻيو پاسو خالي هوندو آ. هرڪ واري اجرڪ جي سونهن ڏسڻ وٽان هوندي هئي، اهي چارئي اجرڪون ٻيٽيون اجرڪون هيون، انهن ڏينهن ۾ چڪيءَ واري اجرڪ مشهور هوندي هئي.

ڏٽي ۾ اجرڪن جا ڪيترائي ڪارخانا هئا، مشهور ڪارخانن ۾ حاجي مقيم ڪتيءَ جو هڪ ڪارخاني ۾ ٺهندڙ اجرڪن تي سندس نالي وارو ٽپو هنيو ويندو هو. جيڪو اسلام پور ۾ هو. محمد عثمان ڪتي ۽ سلطان احمد شاهاڻيءَ جا وڏا اجرڪ جو ڪم ڪندا هئا. آخوند محمد جمن هاشماڻي، محمد عمر اڪڙو ۽ بندۀ لڏو چاپائي، اهي اجرڪ جا مشهور ڪاريگر هئا.

ڏرمداس جو ڪونارءَ گهٽيءَ ۾ ڪارخانو هو.

عبدالرحمان ڪتري، الهڏنو ڪتري ۽ محمد ڪتريءَ وارن جا ڪارخانا جيڪي شاهه ڪمال محلي ۾ هئا.

چاچو قاسم عرف آچار اسماعيلاڻي ڪچهريءَ ۾ حصو وٺندي چيو.

ريڑهيءَ ميان جون روح رهاڻيون ۽ ڪنڈيءَ تي ملاحن جون ٽيندڙ ڪچهريون اويسار ۽ بکيڙو ۽ بندر ڪونہ هوندو هو جڏهن گهاتو درياءَ گهوري ايندا هئا ته هر ڪو پيو خوشيءَ ۾ نچندو ۽ خوش ٿيندو گهاتوءَ کي ڪوڙساريون مبارڪون ڏيڻ لاءِ تڙتي ايندو هو. چاچا ان وقت خوشحالي هئي، هير اهي چاندڻا آهن ئي ڪون... ايئن چئي چاچو آچار ڪجهه سوچي وري چوڻ لڳو.

هڪ پير مڇهند جو ريڑهيءَ منجهه ڏاڙيل آيا، سي چانديا هجن، انهن دڪاندارن کان چاپيون ڦريون، ماڪ ڪنيائون ۽ ڪن کان ڏوڪڙ ڦر ڪري هليا ويا. ريڑهيءَ ۾ اهڙو خوف پکڙجي ويو جو هر ڪو ڏنو ۽ هيسيل پئي لڳو. رات ٽي وري، اهي ساڳيا ڏاڙيل آيا، انهن وري واڻين کي ڦريو ۽ ڏاڙو هڻي جبل جي طرف هليا ويا. آءُ ان وقت بار هوس، هڪ قميص مِڪي پاتل هئي، گهر ۾ ستو پيو هوس ته مِڪي ڏاڏا موسيٰ جاموٽ جاڳائي چيو.

قاسما! اُٽي ڏس وڃي واڻين کي ڏاڙو لڳو آ، سڀ ڪجهه کڻي ويا يا ڪجهه بچايو اٿن...؟

آءُ وڃي ڏسان ته دڪانن جي اڳيان گهٽيءَ منجهه سونڊا (13) پيئا هئا، مون وڃي اهي ڪنيا ته پيرو فقير هڪل ڪئي، جيڪو انهن سونڊن جي پرسان ٻينو هو.

قاسما! متان سونڊا کڻي، اتي ڏاڙيلن جا پير ڏيکيل آهن. پوليس هير ايندي، پوءِ مون سونڊا ڪونه ڪنيا، واڻين جي انهن دڪانن کي ڏسندو جن کي ڏاڙيل لُٽي ويا هئا، سڄو شهر بند ٿي ويو هو، پوءِ گهر اچي ڏاڏي موسيٰ کي ڳالهه ٻڌايم.

رات جا ساڍا نَو ٿين پيا، چاچا محمد حسن شيخ ڪچهريءَ وارن کان موڪلائي اٿيو ته جليل ڪتي، ماما ڪتري ۽ جان محمد بجرو ٻڌي اٿيا، ڪيس در تائين ڇڏڻ آيا.

چاچا محمد حسن شيخ مسڪرائي جليل ڪتي جي هٿ کي پڪڙي ماما ڪتري ۽ جان محمد بجرو ڏانهن نهاري چيو توهين ٻه هلو مون سان...

اسپتال جي پاسي ۾ محمد هاشم ڪتيءَ جو درزڪو دُڪان هو جنهن ۾ اڪثر ڪري عورتن جي ڪپڙن جي سلائي وارو ڪم ٿيندو هو. دڪان جي شوڪيس ۾ ۽ پت تي ٽنگيل بلوچي گهڳا جيڪي خوبصورت رنگن ۾

(21) سونڊا: سنهين ڪائين مان ٺهيل ڪارو جنهن سان ڪابه شيءِ ڏيکي ڇڏي.

تيار ٿيل هئا، ريڙهيءَ جون نوجوان عورتون بلوچي گهگهو گهٽو پائن ٿيون ۽ وڏيءَ عمر واريون عورتون گهگهو گهت استعمال ڪن.

چاچا محمد حسن شيخ درزيءَ جي دڪان ڪان ڪڏرندو هريءَ چندر ٽانواڻي جي جنرل اسٽور کان مٿي مائي فاطميءَ جي پيٽ حفيظ جي هوٽل هئي، جيڪا ٿورا سال هلي پوءِ بند ٿي وئي، ان هوٽل جي پاسي ڪان سيئي ڳڏرندا اڳيان ڏاتسن جي استاپ واري گهٽيءَ ۾ لڙي ويا. چاچا محمد حسن شيخ دوستن ڏانهن نهاريندو هلندو رهيو. مختيار ڪٽڙي عرف ماما ڪتري هٿ جو اشارو ڪري هلڪي آواز ۾ ڊاڪٽر جليل ڪتيءَ ڪان پڇيو ڊاڪٽرا! ڏي خبر چاچا محمد شيخ ڪيڏانهن وڃي هلي ٿو...؟

ادا... چاچا جي مرضي جيڏانهن وڃي هلي، اوراڙو وڃي يا پراڙو...

اهو جملو ٻڌي ماما ڪتري ماٺ ٿي ويو. روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان ڪچا گهر هئا، هڪ گهر جي ٻاهران اُڀيون ڪائيون جڪي ٿوري ٿوري فاصلي تي زمين ۾ ڪُتل هيون، انهن ڪائين ۾ ودين اڪين وارو پراڻو رڇ ٻڌل هو جيڪو گهٽن هنڌ کان ڦاٽل هو. رڇ جي آکين مان ۾ ڦاٽل جاءِ تان گهر جو اندريون حصو بلڪل چٽو نظر ٿي آيو. پٽ تي پيولا ، گند ۾ رڇ جا ٽڪرا پيل هئا، ۽ ننڍڙا ٻار گند جي پاسن ۾ وينا راند ڪن، ڪنهن وقت رڇ ڪي چوري ان جي هيٺان لڪي ٿي ويا، ائين پئي لڳو جڙ لڪ لڪوٽي راندا ڪندا هجن.

هڪ عورت جنهن جي هٿ ۾ ٻاٽلو هو سا ڪوٽيءَ مان نڪري پيولن جي پرسان آئي، ان هڪ پيولي مان ٻاٽلي منجهه پاڻي لاهي وري ڪوٽيءَ جي اندر هلي وئي.

چاچا محمد حسن شيخ ان گهر جي ٻاهران بيهي رهيو رڇ لڳل ڪائين ڏي نهارندي ڇڻن ڪي چورينديِ آهستي آهستي جليل کي چيائين.

هي مهاڻن جون ميااڻيون محبت واريون آهن، مهاڻو جيڪو سڄي زندگي سمنڊ جي واءَ ۽ طوفان جون ستون سهندي پاڻ کي جيارينڊو اڇي،

پيو هي ماڻهو سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي قديم ماڳن ۽ ميارن جا وارث سڏجن ٿا، جن کي اڄوڪي جديد دور ۾ نڌڻڪو ڪري وساريون ويو آهي. سامونڊي پٽيءَ جا مهاڻا مني پاڻيءَ ڪانسواءِ موت جهڙي زندگي گهارين ٿا. هاڻي هنن جي حياتي ڏاڍي درد ۾ري گذري ٿي، کين هڪ درد درياءَ ۾ پاڻي نه اچڻ جو اٿن، پيو سندن ماڳ ۽ ميارن وڃن پيون کسجندیون، ٽيون سندن گذر سفر جي وسيلن تي ڏارين جا ڏاڙا آهن. ويچارا مهاڻا ۽ سامونڊيءَ پٽيءَ جا ماڻهو ڪيترين ئي مصيبتن جي ڪُنن ۾ قاتل آهن.

پوءِ چاچا محمد حسن شيخ ڪنڌ ورائي ماما ڪتري ۽ جان محمد بجورو کي چوڻ لڳو.

ادا... ڏسو پيا، گهاتن جا گهر، ڪچا پٽ، پڏر جن ۾ گند ۽ رڇ جي قاتل پراڻن ٽڪرن ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نظر اچي نه پيو. رات جو هنن گهرن جي پٽن تي مِڪيءَ کان وڌا جيت ٽين، سي سامونڊي جيت آهن، تن جيتن جو چڪ زهريلو ٿئي ٿو ماڻهوءَ جي جسم تي جنهن ٻ جاءِ تي چڪ هڻن تہ ان هنڌان رت نڪريو پوي، پوءِ به پنهنجن ڪچن گهرن منجهه خوش پيا هوندا، کين پنهنجا پٽ پيارا ٽين ٿا، هاڻ اهڙو واءُ گهليو آهي جو ڏرتي ڏيٽين کان پنهنجا پٽ، ماڳ ۽ ميارن کسيون وڃن ٿيون، جيڪي صدين کان وٽي مهاڻن جون ملڪيتون رهيون آهن، هاڻ انهن ماڳن ۽ ميارن کان کيڻن پري ٽين ۽ کيڻن جيڻن... کين اهو اُلڪو به هنن جي اندر کي کاري پاڻي جيان کائي رهيو آ.

محمد شيخ سان گڏ دوست ڪجهه پنڌ تائين ويا ۽ کين گهر چڏي آيا.

***

باب چوٿون

ابراهيم حيدري شهر ۾ سچل هال جي پاسي ۾ بسن، ٽيڪسين ۽ ڊاتسن جو اسٽاپ هو جهولي لال آٽوز جي دڪان اڳيان هڪ ڊاتسن بيٺي هئي، ان جي پاسي ۾ هڪ نوجوان آواز ڏئي رهيو هو... هلو... ريڑهي... ريڑهي هلو...

ان وقت ٽي ڇٽا اچي ڊاتسن جي پوئين حصي ۾ اچي وينا، انهن مان هڪ ڇڻي ٻئي کي چيو.

خلاصي آلو! ڪِجا لاءِ حيدريءَ منجهه آئين ڙي..؟

ناکٹا هاشم! کالهه احمد ڪچيءَ جي ڳپور جي چڻي هئي، وٽ هوس، هير ريڑهي وڃان پيو ڙي.

ناکٹو هاشم پين مسافرن ڏانهن ڏٺو جيکي ڊاتسن جي پٺئي پاسي کان چڙهي اندر اچي وينا، انهن کان نگاهه هٽائي خلاصي آلو کي چوڻ لڳو.

آلو! يا سُٹاءِ ناکئي جانو جو ڪو پتو پيو ڙي..

ناکٹا هاشم! درياءَ ۾ گم ٽيل ماڙئن (1) جو پتو ڪٹ پوي ٿُو ڪِ مهينا سال گذرڻ کانپوءِ ڪنهن جي ڪائي خبر ملي ٿه واهه... نه ٿه ويچارا ويا لهرن جي لوڏن ۾ گم ٿي، يا مڇيءَ جو شڪار ٿي ويا. ڪجهه ڏينهن اڳ آءُ جانو ناکئي جي گهر ۾ ويو هوس، ان جي جال سليمي سان ملیس، ان جي خبر چار لڏم ته مِڪي چيائين.

آءُ رڇ الارڻ جاڻان ٿي، تووت ڪنهن جو رڇ هجي ته مِڪي ڏيندا يا ڪنهن کان وٺي ڏيندا ته اهو رڇ ٺاهي ڏيان. مِڪي مزوري وٺي ڏيو ان مزوريءَ مان آءُ پنهنجو ۽ پنهنجي ڳپور جو پيٽ پاريندیس.

(1) ماڙئن، ماڻهن.

ناڪا هاشم! سليمي ڪِجا ڪري سڃي هٿ واري آهي.

الو! اها ڳالهه آهي ته پوءِ جي هوءَ ريڇ ناهڻ جاڻي ٿي ته مون وٽ به چار ريڇ جون پٽيون پيون آهن، سي جي مِڪي ناهي ڏيندي ته آءٌ "ان کي هيڪي پٽيءَ جا ٽي سؤ روپيا ڏيندس. هوءَ غريب جال آهي، ان جو گذر ڏينهن به هلي ويندو جيسين ان جي گهر واري جي خبر پئي. تيسين ان جي سار پيو لهجان"

ناڪا هاشم! اها ڳالهه صحي آهي، آءٌ شام جو تو وٽ ايندس، جيڪو به تو وٽ ريڇ هوندو سي مِڪي ڏيج ته آءٌ ان مائيءَ کي ڏيندس.

خلاصي الو ڏاڪنس ۾ ويهندڙ نوجوان جوڙي کي ڏسي پوءِ وري ناڪئي هاشم کي چوڻ لڳو.

ناڪا! آءٌ شيدو ناڪئي ڏانهن ويو هوس، تنين سان سليميءَ جي خبر ڪئي ته ان مِڪي هيڪي ريڇ جي پٽي الاڙ جي لاءِ ڏني ۽ ڏوکڙ بہ ڏنا. سي سليميءَ ئي ڏئي آيو هوس.

خلاصي الو ڳالهه جو موضوع بدلائيندي ناڪئي هاشم کان پڇيو.

ناڪا! تون هٿ ڪِجا لاءِ آئين؟

الو! توکي خبر آهي ته ريڙهي جا جت عثمان سچو پٽ احمد ابراهيم جت، ننڍڙو علي نواز جت ولد علي جت، عثمان پٽ علي محمد جٽ، زمان پٽ حاجي محمد جت، سي ريڙهيءَ جا آهن ۽ حيدريءَ جا مهاڻا انديا جي جيلن ۾ قيد آهن، انهن کي ڪاجر ڪريڪ وٽان انديا جي نيوي پڪڙي وئي، سي هن وقت جکو جيل گجرات ۾ قيد آهن. محمد صديق پٽ حاجي هاشم، محمد يونس پٽ جمعو احمد پٽ عبدالرحمان، علي محمد پٽ حاجي يوسف، ڪالو پٽ الهڃايو سڪندر پٽ ناٿو نذير پٽ جمعن، هي مهاڻا الرفيق بيڙيءَ ۾ هئا، آگسٽ 2008ع ۾ پڪڙجي ويا.

ان کان علاوه 15 جنوري 2009ع ۾ تعلقو ڪاروڇاڻ آٽرڪيءَ جي

ڳوٺ جا مهاڻا قيد آهن. حاجي يوسف ڪاتيار ۽ حاجي صالح محمد سولنگيءَ جا ۽ هوڙا الاحمد ۽ الابراهيم جن ۾ سترنهن مهاڻا هئا، اهي هن وقت انديا جي جيلن ۾ بند آهن.

الاحمد ٻيڙيءَ ۾ جيڪي مهاڻا سوار هئا، انهن جا نالا عبدالرحيم پٽ حاجي يوسف، عبدالواحد پٽ حاجي يوسف، اشرف پٽ محمد ايوب، حاجي خان پٽ قائم سولنگي، حارث پٽ علو سولنگي، الطاف پٽ حارث (عمر 8 سال)، خير محمد پٽ الهڏنو سولنگي. مڪي سچل هال منجهه ايوب شان مليو ان ٻڌايو پئي ته الاحمد ۽ الابراهيم هوڙن جا قيد مهاڻا هير آزاد ٿي آيا آهن، باقي قيد ريڙهيءَ وارن جتن جي آزادي لاءِ ڪوششون ڪيون پيا.

ناکئو هاشم! ڏاتسن ۾ چڙهندي هڪ وڏي عمر واري ناکئي ڏسي هٿ ملايو. پوءِ الوءَ کي چوڻ لڳو.

ادا الو! بي ٻيڙي الابراهيم هئي، جنهن ۾ محمد پٽ عبدالغني ڪاتيار نذير احمد پٽ عبدالغني ڪاتيار، محمد پٽ عبدالغني (عمر 12 سال)، دوست علي پٽ بيگ سولنگي (عمر 20 سال)، گلاب پٽ گل محمد (عمر 18 سال)، آغا پٽ امير بخش سولنگي، ڪمون پٽ قادر بخش.

الو! ٿڏو ساهه پري ڇيو ناکئا! هاشم! ڇوين سڄ پيو...

ادا الو! مڇيءَ واري ڏنڊي ۾ مهاڻن کي وڏا جوکا ڏسڻا پون ٿا، پر سي ڪِجاڙو ڪن!!! درياءَ جو ڏکيو پنڌ ڪن ۽ وري انڊين نيويءَ جا ڏڇر ڏسن، سي پاڪستاني حدن اندر داخل ٿي مهاڻن کي پڪڙي ڪٽي وڃن ٿا. درياءَ وارن مهاڻن جي حياتي ٻٽي عذاب واري آهي، اسان جي مهاڻن کي سورنهن سال ٻ ٽي ويا آهن، اڃان انهن جي قيد ۾ آهن. ناکئو حسين والڙي شاهبندر جو به قيد ۾ آهي، ان جا ٻار هن وقت حيدري ۾ رهن ٿا، شاهبندر تعلقي جا ٻيا ٻه مهاڻا انڊيا جي جيلن ۾ قيد آهن، صديق، آچار، مينهن وسايو حنيف مرگهر، انهن جا خط مائٽن ڏانهن اچن پيا، سي پنهنجن خطن ۾ لکن ٿا ته

اسان تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪئون (17)، راجن ٿهيمور ڳوٺ جا مهاڙا گجرات جي ڇ جيل ۾ قيد آهن، جن کي سير ڪريڪ تان مڇي پڪڙيندي گرفتار ڪيو ويو جيڪي العمران ٻيڙي منجهه هئا، اصغر پٽ علي، اڪبر پٽ علي، بشير پٽ عارب، يوسف پٽ عارب، جان محمد پٽ بچايو پوڙهو پٽ جمعن، صالح پٽ ڪينڙو اسماعيل پٽ راجن، اهي مهاڙا 2008ع کان قيد ۾ آهن. انهن مهاڙن جي آزادي لاءِ پاڪستان فشر فوڪ فورم وارا جدوجهد ڪن پيا، ان جي لاءِ سچل هال تي آيو هوس، سا خبر ڇار ورتي، اميد ته سي جلد آزاد ٿي ايندا.

ناڪئو هاشم ڪجهه سوچي پوءِ الوءَ کي چيو.

ٻيلي الوا! رات منهنجي گهر گورو ڏجانءِ، هيڪي ريڇ الارڙ جا توکي ڏوکڙ ڏيندس، سي تون سليميءَ کي ڏئي ويجا،هن دور ۾ هيڪي سيليم ڪئين گذر ڪندي هوندي.

ها ناڪئا! آءُ رات جو تو وٽ ايندس.

ايتري ۾ پنج ڇهه ماڻهو ڀاتسن ۾ اچي چڙهيا، انهن جي پٺيان ٻه عورتون ٽن ٻارن سان آيون، اهي ڀاتسن جي پٺئين پاسي کان چڙهي اچي ڀاتسن جي اندرئين حصي ۾ ويٺيون. انهن مان جيڪا ننڍيءَ عمر جي هئي سا ٻئسا هٽ ۾ ڪري ڀاتسن جي ٻر ۾ بيٺل نوجوان کي سڏ ڪيو. اي ڇوڪرا! ڏوکڙ وٺ، مِکي پنج سنبوسا مِکيءَ منائي واري کان آڻي ڏيم.

نوجوان ٻئسا ونيو هليو ويو چند منٽن کانپوءِ واپس آيو هٽ واري ٽيلهي جنهن ۾ سنبوسا هئا، اهي ان عورت کي ڏنا، جنهن ڏوکڙ ڏنا هئس. نوجوان ڀاتسن جي پاسي ۾ بيهي آواز ڏيڻ لڳو.

ريڑهي... هلو... ريڑهي...

هڪ عورت قد جي ڊگهي سا تکڙي هلندي اچي ڀاتسن جي اڳيان واري سيٽ تي اچي ويٺي، ان جي هٽ ۾ هڪ وڏي ٽيلهي هئي، اها پنهنجي

(2) ڪئو: ڪيائون.

اڳيان پيرن وٽ رکي دروازي کان ٻاهر منهن ڪيو چوڪري کي سڏ ڪيائين، جيڪو ڀاتسن جي پاسي ۾ ريڑهيءَ هلو ريڑهي هلو جو آواز ڏئي رهيو هو. اهو چوڪرو هن وٽ آيو. ٿورو جهڪي چوڻ لڳو.

لي! ڪِجا پئي چوين...؟

هي ڏوکڙ پوري سيٺ جا وٽ، نوجوان پٽسا وٽي هليو ويو. ساڳي جاءِ تي بيهي آواز ڏيڻ لڳو.

ريڑهي... ريڑهي

ٻن منٽن کانپوءِ ڊرائيور پنهنجي سيٺ تي اچي وينو ۽ ڀاتسن چالو ڪئي، ڀاتسن هوريان هوريان وچ بازار مان هلندي، واڃا هوٽل جي پاسي کان ايرندي طرف موڙو کائي آهستي آهستي هلندي رهي. رحمت هيئر ڪٽنگ و گرم حمام جي دڪان اڳيان گذرندي اڳتي هلندي وئي. حسين پان ماندٽيءَ وٽ آئي تہ اتي بيٺل ٻن نوجوانن ڀاتسن کي هٿ جو اشارو ڏنو تہ ڀاتسن بيهي رهي، ڀاتسن جي پٺيان بيٺل نوجوان انهن ٻن چوڪرن کي چيو.

"اچو... ڪُڻ ۾ ويهو."

پوءِ اهي ڀاتسن جي اندرئين حصي ۾ اچي وينا تہ ڀاتسن هلڻ شروع ڪيو. احمد ڪتي پان هائوس کان هڪ ماٺهو ڀاتسن ۾ چڙهيو تہ ڀاتسن تيزيءَ سان هلڻ شروع ڪيو.

مچين جي ملن وٽان گذرندي هلندي وئي، انهن مچيءَ جي ڪارخانن پٺيان جبل جو سلسلو هلندڙ هو. جيڪو اڳيان اچي روڊ سان لڳو. ڀاتسن ان جبل جي پاسي ۾ هلندي رهي. ان جبل جي مٿان پڪا گهر ٺهيل هئا، ڪي ٻار انهن گهرن جي ٻاهرا بيٺا، سمنڊ جي آيل ويڑ هوڙن ۾ ننڍڙن ٻيڙين کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي چڏيو هو. ٻار انهيءَ ويڑ کي پيا ڏسن، هڪ ماٺهو ڀاتسن کي ڏڪ هڻندي آواز ڏنو.

استاد! کارين واري ڳوٺ وٽ بيهار.

ڊرائيور سائيڊ واري شيشي ۾ ڏسي پوءِ ڊاتسن کي جبل جي پاسي ۾ اچي بيهاريو ته اهو ماڻهو لهي ويو. ڊاتسن جي پٺيان بيٺل نوجوان آواز ڏنو.

استاد! هلو... اڳيان نار واري اسٽاپ تي ماڻهو لهندا.

ڊاتسن نار واري اسٽاپ تي ماڻهن کي لاهي هلي ۽ چشما ڳوٺ ۾ علي بابا پان هائوس وٽ بيٺل بن ماڻهن کي کنيائين، پوءِ ڊاتسن تيزيءَ سان هلندي گولائي کان چڪر کاتي ريڑهيءَ جي طرف هلڻ لڳي.

گولائيءَ جي ڏکڻ طرف ۾ سمنڊ جو کارو پاڻي وڏين وڏين ٻارين ۾ بيٺل هو ڪن ٻارين ۾ اهو پاڻي سڪي ويو هو ته اتي اڇاڻ لڳي پئي هئي. کارو اڇو لوڻ نظر اچي رهيو هو ڪي ماڻهو لوڻ جا ڪتا پري رهيا هئا. انهن ٻارين جي پريان ڪجهه فاصلي تي دائود جت جو بندر هو ان بندر تي سون جي تعداد ۾ ننڍيا ۽ وڏا هوڙا ۽ لانچون بيٺل هيون، جيڪي گولائي وٽان خوبصورت ڏيک ڏئي رهيون هيون.

ڏهن پندرهن منٽن کانپوءِ ڊاتسن ريڑهيءَ ميان ۾ اچي داخل ٿي، سڄي طرف ۾ مهاڻن جا ڪچا گهر، جيڪي پاڻيءَ جي گهيري ۾ هئا، روڊ جي ڪپي پاسي جبل تي پڪيون جايون ٺهيل هيون، جبل جي هيٺان مينهون ۽ ڳئون مکي گاهه چري رهيون هيون. ڊاتسن ٽورو اڳتي هلي هڪ پڪي جاءِ وٽ اچي بيٺي، جنهن تي ٽي ايف سي اسڪول جو نالو لکيل هو اتي ٻن مسافرن کي لاهي وري هوريان هوريان اڳتي هلڻ لڳي.

روڊ جي ڪپي پاسي ۾ هڪ ميٽوڙي رنگ جي ٻه ماڙ جاءِ جنهن تي گورنمينٽ بوائز لوئر سيڪنڊري اسڪول ريڑهي ميان لکيل هيو.

ٽوريءَ دير کانپوءِ ڊاتسن ريڑهي ميان جي آخري اسٽاپ تي اچي بيٺي ته اڳئين سيٽ تي ويٺل عورت هيٺ ۾ ٽيلهي ڪٽي پاسي واري گهٽيءَ ۾ هلڻ لڳي. هوءَ سنهڙي سوڙهي گهٽيءَ مان هلندي، گهٽيءَ جا ڪليل گٽر، جن مان بدبوءِ وارو کارو پاڻي ٻاهر نڪرندو روڊ تي پکڙبو ويو پئي.

هوءَ ان گندي پاٽيءَ مان پير سنيالي کٽندي هلندي رهي. هوءَ سليمي جي گهر وٽ آئي ۽ در وٽ بيهي اندر جهاتي پاتي ته سليمي پڙش تي ويٺي ريڇ الاريندي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو بيت آهستي آهستي جهونگاريندي رهي.

روپو ريڇ نهاريان، اديون اڄ سندان،
سڙي ساڄ پيان، ويڙو لوهه لکون ڪري.

سليميءَ جو درد پريو آواز ٻڌائين ته هن جي آکين مان ڳوڙها ڪري پيا، وري جلديءَ ۾ پاڻ کي سنيالي ڳوڙها اگهي گهر ۾ داخل ٿي ته اوچتو در جي طرف سليمي ڏٺو ته هن کان دانهن نڪري وئي.

اي.. رقعه... تون... لِي... آن جو اوسيئڙو هوم.

سليمي اُٿي وڃي رقعه کي پنهنجي پاڪر ۾ ڪيو ته خوشيءَ وچان آکين مان ڳوڙها ڪري پيس؛ پوءِ پڙش ڏانهن اشارو ڪندي سليمي چيو.

لي! هليا ويهه... توکي پارانپو مليو...؟

سليمي! ها... مِکي جنيوءَ چيو توکي سليمي گهرائي پئي. پر مِکي اڇڻ ۾ ڪجهه ڏينهن لڳي ويم جو اتر جا مهمان آيا ها...

ڪالهه جيئن ويا ته تو ڏي اڇڻ جي تياري ڪئي. صبح جو گهر جو ڪم چڏائي پوءِ سوچيو هان، سليميءَ کان چڪر ڏئي اچان...

ڪر خبر ڪِجا ٿي چئي...؟

سليمي ٻه ٽي منٽ ماٺ ۾ رهي، پوءِ چوڻ لڳي،

اي رقعه! منهنجي دل ڇيو پئي تون مون وٽ اڄ ته تونسان پنهنجو ڏک سور اوريان، منهنجو مڙس جانو درياءَ تي ويو هو تيئن اچان آيو ڪون، نه خبر چار پوي ٿي ته هوڙو ٻڏي وين يا جهلجي ويو آسري ۾ ويٺي آهيان. ڪيئن پنهنجو وقت پئي گذاريان..! ڪيئن ڳيوڙ کي پاريان...! تو ته منهنجي خبر نه ورتي..!! منهنجي مڙد کي چار مهينا ٿي ويا آهن.

سليميءَ جي ڳالهه ٻڌي رقعه کي پنهنجي ديرسان اچڻ واري غلطي جو احساس ٿي رهيو هو پهريائين هن کي سليميءَ جي جالتن جي خبر ڪونه هئي، جڏهن جينو نيايو ڏنو هوس ۽ ان حال احوال ٻڌايس تہ پوءِ سليميءَ جي خبر پيس، تنهن هوندي بہ سليميءَ سان ڳچ ڏينهن گذرڻ بعد ملڻ آئي هئي. رقعه کي هر هر اهو احساس اندر ۾ ڪاري پاڻي جيان کائي رهيو هو ڪجهه ديرڪانپوءِ رقعه پاڻ کي سنيالي سليميءَ کي اها ٽيلهي ڏني جنهن ۾ سليمي ۽ ان جي پٽ جي لاءِ سامان وڻي آئي هئي.

سليمي! هيءَ ٽيلهي رک، تون جي ڳيوڙ جو سامان آهي ۽ ٻيو تون جي لاءِ آهي.

سليمي ٽيلهي وڻي پنهنجي پاسي ۾ پڙش تي رکي رقعه کي چوڻ لڳي.

رقعہ! تو هيڪي پياري سهيلي آن، پنهنجي ڏکن سورن جي ڪنهن ٻي سان ڳالهه نہ ٿي ڪرين سگهان، مڪي پنهنجو شرم ٿو اچي ۽ تون بہ خبر چار نہ لڏي...!!

سليمي! مڪي هان وڏيڪ نہ چئو تہ ڪيترو پريشان آن، اهو آءٌ سمجهانٽي، هان توکي ڪونہ سارينديس، مڪي ڏک پيو ٿئي تہ آءٌ چار مهينا پهرين تون جي خبر ڪيڙ ڇونہ آيس.

رقعہ جي پيار پرين جذبن ۽ احساسن کي سمجهندي سليمي چوڻ لڳي.

لي! تون هير آئين، مڪي ڏاڍي خوشي ٿي، آءٌ توکي ميار نہ ٿي ڏيان، هير اهڙا حالات پيدا ٿي پيا آهن جو روزگار گهٽبو پيو وڃي. ڪنهن گهر جو مڙد هڪ ڏينهن درياءَ تي نہ ٿو وڃي تہ ان گهر جو چلهو ٻري نہ ٿو آءٌ سڀ سمجهان ٿي، حيدري ۽ ريڑهي جي مهاڻن پر درياڻي ماڻهن جي زندگي ڪيتري ڏکي پئي گذري، هت ڪيترا اهڙا گهر آهن جن جا مڙد درياءَ ۾ گم آهن، اهو اسان سان روز نہ پيو ٿئي، پر صدين کان ٽيندو اچي پيو. هير تنهنجي گهر جو مڙد ڪونهي، مڪي اڄ اهو احساس ٿئي پيو تہ جن عورتن جا

مڙد کينهن اُهي زندگي جا ڏينهڙا کيئن گذارينديون هونديون. سليمي.....! هير توکي به انهن عورتن جيان حالتن جو مقابلو کرڻو پوندو ۽ پنهنجي ڇيور کي پڙهائڻو پوندو.

ادي..! تون ته چئين سچ ٽي، مڪي کجهه کرڻو پوندو. پر هيءَ آءُ رڇ الارينديِ آهيان، پيو کجهه کنديس، کنهن جي گهر ۾ کم کار کنديس. ائين پنهنجو گذارو کنديس.

سليمي! آءُ توسان گڏ آنيان، پاڻ کي هيکي نه سمجهه... پوءِ کجهه گهڙيون ويهي رقعه موکلائي هلي وئي.

کجهه ڏينهن کانپوءِ رقيه پنهنجي پياري سهيليءَ جي لاءِ سيڏو سامان ۽ اَن جي پٽ ڇيور جي ڪپڙا حيدريءَ مان کڻي ريڙهي ۾ آئي ته سليمي کي گهر ۾ نه ڏسي پريشان ٽي وئي ۽ سوچڻ لڳي.

لي... ڪِجا لاءِ باهر وئي آ...؟

لي.... هت تي هاج لاءِ وئي هوندي..! رقيه انهن خيالن ۾ بيٺي هئي ته سليمي به اچي پهتي.

تون رقيه.....

ها.....آئي آهيان، تون ڪيڏانهن وئينءَ...؟

سليمي مسڪرائي رقيه جي هٿ کي پڪڙي اچي پڙش تي وينِي، رقيه به هن جي پرسان ويهي رهي ۽ هٿ واري ٽيلهي جيڪا سامان سان پريل هئي سان سليميءَ کي ڏني ته هُو چوڻ لڳي.

لي! آءُ ابراهيم ڪاري جي ڪارخاني ۾ سانا چلڻ وئي هيس. سٺ ستر روپيا روزانه ملي ويندا آهن، هير رڇ الارڻ وارو ڏنڏو ڀهجي ويو آهي، به مهينا تي ويا آهن. الو خلاصي مِڪي رڇ الارڻ جي لاءِ ڏئي ويو هو آءُ رڇ تيار ڪري ڇڏيو آهي، پر الو خلاصي کڻڻ آيو کونهي، بس پورهيو ڪري پنهنجي ڇيور جو پيٽ پاريان پئي.

لي! گذر ڪرٽو آ... سانا چليو اچان. جڏهن ڏوڪڙ ڪين ملندا آهن. بس گهر جو گذر ٽيو ٿئي. پر بغير ڪم جي ويني کيئن سنو ڪينهي. آءُ سچي هٿ واري آهيان. پوءِ سليمي سوچي رقيه کي چوڻ لڳي.

لي! تون منهنجي لاءِ جهجو ڪرين پئي.

پوءِ ڳالهه جو موضوع بدلائيندي رقيه چوڻ لڳس.

"تون" ايڏو وقت هيڪي ڪيئن گذاريندين، تنهنجو ننڍڙو ٻچو آهي، هان تون پنهنجي جواني لاءِ سوچ ۽ ٻي شادي ڪري وٺ...

رقيه جي اهڙي ڳالهه ٻڌي سليميءَ کي ڏک ٿيو پوءِ ڪجهه سوچي رقيه کي ايترو چيائين.

رقيه! آءُ پري سري همٿ سان پنهنجو گذر ڪنديس پئي. مڪي اميد آهي ته ناڪئو جانو واپس ايندو. ان اميد ۽ آسري ۾ آهيان. آءُ ناڪئي جو انتظار ڪنديس. باقي جواني جوين .... اهي گهٽا سال سات ڏينداڻ؟ نيٺ جواب ڏيڻهڙو ڪائي ٿي ڪائي. انهن چند سالن جي لاءِ جانوءَ جي ويساهه کي پورا پورا ڪيان. اي رقيه مونجي اڪيلائيپ جي ڏون اوڏ نه ڪر آڻون پار واري آهيان هير کو ماڙ مونسان شادي ڪيندو. پهرين پائيندو پوءِ جيئن ويندا ڏينهن گذرندا، ڦرندا ته اهو ماڙ به ڦيرو کائيندو ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي کيڏو ڪندو. ميڻا ڏينندو چو ته ماڙ جڏهن ٻئي جي ٻُٽ مان پنهنجي حوس ڪندو آ ته پوءِ بس .....هوءَ ڪتي آمري بنجي ويندي آهي ۽ ماڙ ٻيون ڪنڊيون جانچيندو. آڻون پنهنجي مڙد جي ويساهه کي ڪونه وڃائيندس، ٻي شادي ڪين ڪنديس.

سليمي جي پختي ارادي کي رقيه سمجهي وئي ۽ وڌيڪ شاديءَ واري موضوع تي ڳالهائڻ مناسب ڪونه سمجهائين. پوءِ سليميءَ کان موڪلائي هلي وئي.

صبح جو سوير سليمي ڳيور کي ماني کارائي پاڻ سان گڏ ڪارخاني

ڏانهن وڃي وئي، جڏهن ابراهيم ڪاري جي ڪارخاني وٽ آئي ته عورتن کي ڪارخاني جي بند ٽيل دروازي جي ٻاهران بيئل ڏسي پريشان ٿي وئي، سليمي انهن عورتن کان پڇيو.

لي! ڪِجا ٿيو آهي...؟

اي سليمي! ابراهيم ڪاري جواب ڏنو آ ۾ چيائين درياءَ جو ڏنڊو آهي ڪونہ هير سانا اڇن ڪون ٻيا، جڏهن ڏنڊو هلندو آن اڇجو.

اها ڳالهہ ٻڌي سليمي خيالن جي ڪُن ۾ ڦيرا ڪائيندي رهي ته سندس ننڍرو پنجن سالن جو پڇڙو هن جي چولي کي ست ڏئي چوڻ لڳو.

امان! ڏوکڙ ڏيہ هت تان هاج وڃان.

سليميءَ انگيءَ مان ننڍڙي پرس ڪيي ان مان ڏوکڙ ڪيي پٽ کي ڏيندي چيائين.

اي! هت تان هاج وڃي گهر اچ، آءُ گهر ڏي هلان ٻئي. چوڪرو ٻُڌسا وڃي ڊوڙندو هليو ويو. هڪ عورت سليمي کي چوڻ لڳي.

لي! اسان فيڪٽريءَ وڃون ٿيون، اتي ڪم ملي ويو ته توکي خبر اچي ڏيندي سون.

جي... شاني! ائين چئي سليمي گهر ڏانهن اچڻ لڳي. هيءَ الو خلاصيءَ جي باري ۾ سوچيندي ٻئي آئي.

الو! رچ ڪٽڻ ڪِجا لاءِ ڪونہ آيو آ...!!

سليمي سوچيندي هلندي رهي. هن سامهون گُهڇ کي ڏٺو ته پاسو وڃي هلڻ لڳي. گُهڇ هن کي شاعريءَ جي انداز ۾ چيو.

اي سليمي! ناکئي جانو جي ڪر خبر،

زندگي اٿئي اوڙاهہ ڪُن ۽ بحر،

لي! ناکئي جانو جي ڪر خبر.

سليمي ٿورو سوچي ٽڏو ساهہ ڀري گُهڇ کي چيو.

گُهڇ! تون خبر لهه ته ناکئو جانو ريڑهيءَ وارن خلاصين سان درياءَ تي ويو هو سي خلاصي واپس آيا ڪِ نه...؟

لي! ناکئي جانو جو هوڙو گهريو پيو آهي. خبر ناهي ڪنهن جي هوڙي ۾ درياءَ تي ويو آهي ۽ تنهنجي گهر ۾ الو خلاصيءَ جو رڇ پيو آهي...؟

ها گُهڇ! الو خلاصي مِڪي اُلارڙ جي لاءِ ڏئي ويو هو اهو تيار پيو آهي. هير خبر ناهي الو خلاصي ڪٽ آهي. ڏوکڙ ڏئي رڇ ڪٽي وڃيي.

لي! مِڪي حيدريءَ ۾ الو خلاصي مليو ۽ خبر ڏني ته ان جو رڇ تو وٽ پيو آهي. هير تنهنجي گهر ڏانهن گورو ڏيڙ اچان پيو. ڏوکڙ آندا اٿم.

ائين چئي گُهڇ ڪيسي مان پئسا ڪڍي سليمي کي ڏيندي چيو.

لي! ڏوکڙ وڻ، تون پنهنجي گهر هل، آءُ ناکئي قاسوءَ کان رڇ جون ٻاريون وٺي اچيان، آءُ هير رڇ ڪونه الاريان، هاڻ اهو رڇ توکي ٿو ڪٽي ڏيان.

گُهڇ جي اها ڳالهه ٻڌي سليمي ڏاڍي خوش ٿي ۽ گُهڇ کي چوڙ لڳي.

گُهڇ! تو جي مهرباني.

پوءِ سليمي خوشيءَ مان هلندي گهر جي ٻر واري دڪان تان هاج ۽ ڪجهه راشن وٺي گهر آئي.

شام جي وقت شانيءَ سان هڪ عورت ٻي گڏ هئي، اهي سليميءَ جي گهر ۾ آيون. شانيءَ هن کي چيو.

سليميءَ! اسان فيڪٽري ويون سين، فيڪٽريءَ جي مالڪ جو منشي احمد خان آيو ۽ اعلان ڪيو.

جن عورتن جي عمر پنجويهه کان ٽيهه سال آهي اهي فيڪٽري ۾ ڪم ڪندیو باقي ٻين عورتن جي لاءِ نوڪري ڪانهي.

لي! فيڪٽريءَ جي منشيءَ جي چال سمجهي وياسين، فيڪٽريءَ وارا اسين مسڪين ۽ بي سهارا عورتن جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺن ٿا، سي ننڍيءَ عمر وارين ڇوڪرين کي ڪاسائين پيا. اهو ڏڇرپو مُنشيءَ جو آهي.

سليمي حيران ٿيندي شانيءَ کي چيو.

شاني! پوءِ ڪِجا ڪجي...؟

سليمي! تون ڳپور واري آهي، تون وڏيءَ عمر جي آنڀين ۾ هٿين سڄي آنڀين، تون شڪر ڪر جو رڇ الارڙ ڇاڻي ٿي، پاڙي مان ڪوبہ ناڪئو نڪرڻي رڇ يا بولو رڇ تو کان نٿرائيندو، جو تون رڇن ٽاهڻ جي ماهر آنڀين. پر اهي غريب عورتون ڪِجا ڪندیون، جن جو گذارو مزدوريءَ تي آهي.

پوءِ شاني ۾ ان سان گڏ آيل بي عورت ٻئي سليميءَ کان موڪلائي هليون ويون.

ڪلاڪ ڏيڍ کانپوءِ گُهڇ ڪلهي تي ٻوري ڪنيون پنهنجي مخصوص انداز سان هلندو سليميءَ جي گهر وٽ آيو.

او سليمي! آئين گهر ۾...؟

گُهڇ جو آواز سليمي سڃاڻي ورتو پوءِ چوڻ لڳي.

ها... ها... آءُ آئيان. هيڏانهن هلي آ، ٻڌاءِ اچي...

گُهڇ گهر ۾ داخل ٿيندي ڪلهي تان ٻوري لاهي سليميءَ جي اڳيان پڙش تي رکي چوڻ لڳو.

اي سيليم! رڇ مون آندا آم اهي توکي ٽاهڻا آهن.

هان مِکي ٻڌاءِ ته مزدوري ڪيتري ونندي...؟

گُهڇ! آءُ رڇ ٽاڻيندیس، هونئن ٻيا ناڪئا تي سئو روپيا روز جا ڏيندا آهن.

سليمي رڇ سگهو ٽاهي ڏي، جوڙار سر تي ڇڙهي آيو آهي. اڄ چنڊ جي انين تاريخ آهي، ڏهين تاريخ هوڙا هاڪاريندا، تنهن سان گڏ آءُ بہ هاڪاريندس. هزار روپيا هير توکي ڏيان ٿو تون بہ غريب جال آهي، آءُ بہ غريب آهيان، آءُ هي رڇ ڏنو وڃان، هزار روپيا ڏنو وڃان.... پرين هاڪاري ويندا سين. جوڙار گهوري ايندس تہ مِکي رڇ تيار ڪري ڏج، بقايا پئسا

جيڪي تون جا ٽيندا سي توکي ڏئي پوءِ رڇ ڪٽي ويندیس.

پوءِ سليميءَ کان گُهڇ موکلائي هليو ويو. سليمي خوشيءَ مان ان پوري کي کولي رڇ ڪيو... رڇ کي ڏسندي هن کي پنهنجي ڳيور کي پڙهائڻ جو خيال آيو.

دل ۾ چوڻ لڳي ٿڙ ادا... خاصخيلي سان سياڻي ملنديس، ريڙهي جو سئو استاد عبدالرحمان خاصخيلي آهي، اُهو پنهنجي ڳيور کي اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڏيندو.

سليميءَ کي خيالن ۾ ڏسندي گُهڇ چوڻ لڳو.

لي! آءُ هلان...

گُهڇ چپن ۾ جهونگاريندو آيو پئي تہ ابو وايڙي کي ڏٺائين، جيڪو دوستن سان گڏ سامهون آيو پئي، گُهڇ سان ابو وايڙو هٿ ملائي چيس.

اي گُهڇ! موسين هل ملڪائيءَ بندر تي اتي ناکئي حاجي علي ملڪائي جي وَکار[4] تي هلون، اتي دوستن ناکئا آيا آهن، تن سان مارکو ڪري سامونڊي خبر ڪڍي اچون.

ابو وايڙو دوستن سان گڏ هلندو ناکئي حاجي علي ملڪائي جي وکاڙ تي آيو تہ هن کي منڊ ڪائيندو هلندي حاجي ملڪائي ڏسي کائنس پڇيو.

ابو وايڙا...! ٻيلي تون منڊائي پيو ڪِجا ٽيو آ توکي...!!؟

يار حاجي علي! هوڙي جي پٽ جهري پئي، تنهن تان آءُ ڪري ڪڙ ۾ لڳس، ٽنگ ۾ ڏڪ لڳي ويو آهي، تنهن ڪري پيو منڊايان. هير زخم موري[5] ويو آهي.

ڪچهريءَ ۾ ٻہ نوجوان آيا، اهي اچي ناکئي ابو سان مليا ۽ ٽورو ڳالهائي هليا ويا. ڪچهريءَ وارن کي ابو وايڙي ٻڌايو.

هڪ نوجوان عبدالغفور انقلابي دبائي جت ۽ پيو شاهہ بندر جو زمان جت ونگائي ها.

((3) وَکار: اها جاءِ جتي رڇ، مشنين جا سامان وغيره وکيل هجن ۽ ان ۾ خلاصي به رهندا هجن. (4) موري: ٺيڪ ٿي ويو آهي صحيح ٿي ويو آهي.

ناکئو علي ملکائي مشکندي ابو وارِي کي چيو.

ابو وارِا! ساموندي پتيءَ ۾ ڪيترين نرين آهن، ڪجهه نالا ٻڌاءِ. مون سين مهمان وينا آنئين، اهي به خبر ڪين.

ناکئا علي! مِڪي ڪجهه نالا ياد آهن. ٿورو مهمانن کي نر جي باري ٻڌايان. ان جاءِ کي نر چئو جنهن هنڌ سنڌوءَ جو ڪو درياءَ عربي سمنڊ ۾ داخل ٿئي، يا ڇوڙ ڪري تنهن جاءِ کي اسين نر چئو انگريزيءَ ۾ ڪريڪ چون. ڪافي درياءَ آهن جيڪي وڏا درياءَ آهن، اهي ساموندري پتيءَ جي مختلف هنڌن، جاين تان سمنڊ منجهه ڇوڙ ڪن ٿا.

سنهڙي درياءَ، هي درياءَ عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. محفل ۾ ويٺل ڊاڪٽر غلام محمد کٽي درياڻن جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳو.

سنڌو درياءَ:

ديهه ڪينجهر ۽ ربڙ منجهان ور [illegible] ديهه داسي ۽ ديهه پڊ واري مان ٽيندو ڪاري ڇاڻ جي طرف اچي ٿو. جتي هن درياءَ کي مُٺي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جيڪا وهندي ڏکڻ طرف سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

درياءَ مُٺي مان نڪرندڙ شاخون:

ميرواهه درياءَ: جيڪو سوڪي بندر جي اتر طرف کان نڪري اولهندي طرف وڃي درياءَ گهوڙي ۾ پوي ٿو. درياءَ گهوڙو عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو.

سنهڙي درياءَ: ميرواهه کان ڏکڻ طرفن مُٺي درياءَ مان سنهڙي درياءَ نڪري ٿو. پوءِ الهندي طرف سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

درياءَ واهڻ: مُٺي درياءَ مان ڏکڻ طرف درياءَ واهڻ وهي سڌو ڏکڻ طرف سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. درياءَ مُٺي مان اُپرندي طرف هڪ طرف درياءَ پکيئڙو وهي ٿو ۽ ٻيو درياءَ نانگ واري جيڪا وهندي آڏياڙي ۾ پوي ٿي. درياءَ آڏياڙي ڏکڻ طرف سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي.

مل درياءَ:

هي درياءَ سنڌ جي پراڻي شاخ آهي، جيڪو ديهه باگاڻا ۾ نڪرندو، ديهه چوڙ گجو، ديهه موسيٰ، ديهه سلطانپور، ديهه ميران، ديهه ڪُن ۾ ٽڪي جي وچ مان وهندو عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪندو هو. هن وقت صرف ديهه ميران مان مل درياءَ وهي سمنڊ ۾ پوي ٿو.

روهڙو درياءَ:

هي درياءَ ريڙ ۾ سلطانپور کي وچ مان ڪٽيندو اُپرندي طرف درياءَ شڪراني مان ٽيندو شاهبندر طرف واڙيءَ واري درياءَ ۾ چوڙ ڪري ٿو. هن وقت درياءَ مل جو وهڪرو درياءَ روهڙي مان ۾ شڪراني جي پاسي کان ڏکڻ طرف وهندو سمنڊ ۾ ڪري ٿو.

باغ واري درياءَ:

هي درياءَ مل درياءَ مان نڪري ڪانهر درياءَ سان گڏجي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو.

مل درياءِ ۾ آهن، هڪ ننڍرو درياءِ آهي جيڪو ساموندي پٽيءَ اندر ۾ين درياڻن مان نڪرندو ۽ وري هلندو ۽ بي درياءَ ۾ داخل ٽيندو آهي.

هڪڙو مل درياءَ آهي جيڪو ٽڪي ڳوٺ کان عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿو. آءُ انهيءَ مل درياءَ جي ڳالهه پيو ڪريان.

پوءِ ڪانگڻي درياءِ، گورو درياءَ، حجامڙو درياءَ، ترسياڻ درياءَ، دبو درياءَ، پيٽياڻي درياءَ، ڪاهي درياءَ، ڪڏي درياءَ، ڦٽي درياءَ، ڪورنگي درياءَ، ڪانيئر درياءَ، ڪاجر درياءَ، واڙي درياءَ، سير درياءَ، بستا درياءَ، ڪچهريءَ ۾ وينل ابو وادو چوڻ لڳو.

ادا... توهان کي انهن درياڻن جا نالا ٻڌايان ٿو جيڪي عربي سمنڊ ۾ چوڙ نه ٿا ڪن، پر هڪٻئي ۾ ٻه اُهي درياءَ چوڙ ڪندا، وري نڪرندا، ۽ين درياءَ ۾ داخل ٽيندا هلندا آهن.

ڪڏيرو درياءَ:

ڪورنگي درياءَ ڪنهي درياءَ جي وچ ۾ ڪڏيرو درياءَ آهي، جيڪو ڪورنگي درياءَ ۾ وڃي ٿو ڪنهي درياءَ ۾ وڃي ٿو.

رتو درياءَ:

رتو درياءَ هلندو ڪڏي واري درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو پوءِ وري سوداگر درياءَ ۾ پوي ٿو.

سوداگر درياءَ:

سوداگر درياءَ پهرين سڻائي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ سڻائي درياءَ وري ڪڏي درياءَ ۾ پوي ٿو.

لوياري درياءَ:

لوياري درياءَ هي درياءَ ڪڏي درياءَ مان نڪري ٿو پوءِ هلندو ڪاهي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

پاتار درياءَ:

هيءَ درياءَ ڪاهي درياءَ مان نڪري ٿو پوءِ هلندو ڪانڊو درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڪانڊو درياءَ:

ڪانڊو درياءَ هلندو اڳتي وڃي ڪڏي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڪڏي درياءَ:

هي درياءَ ڏياڪ واري ريل درياءَ مان نڪري ٿو پوءِ هلندو پيتياڻي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڏرڙ:

ڏرڙ درياءَ هلندو ويان درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ويان درياءَ:

هي درياءَ هلندو ڪتوري واري درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڪتوري وارو درياءَ:

هيءُ درياءَ هلندو دبي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

دبو درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو سيسا درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

سيسا درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو بيرم درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

بيرم درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو چاڻ درياءَ ۾ پوي ٿو.

چاڻ درياءَ:

هيءُ درياءَ هلندو سيتل درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

سيتل درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو ڦٽو درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڦٽو درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي حجامڙي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

حجامڙو درياءَ:

حجامرو درياءَ اڳتي هلندو اوندهار جي ڪناڻي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

اوندهار جي ڪناڻي درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو ڪانگڻي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڪانگڻي درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو سنهڙي ڪوبر درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

سنهڙي ڪوبر درياءَ:

سنهڙي ڪوبر درياءَ هلندو وڃي وڏي ڪوبر درياءِ ۾ داخل ٿئي ٿو. پوءِ وري ان جاءِ تان نڪري ڦٽل ڪوبر درياءَ اڃي نڪتو سو اڃي ترسياڻ درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ترسياڻ درياءَ:

هيءُ درياءَ مان ٿهي درياءَ نڪري اچي گهوڙو درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

گهوڙو درياءَ:

هن درياءَ مان چار وارو درياءَ نڪري ٿو.

چار وارو درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي اچي سنهڙي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

سنهڙي درياءَ:

هن درياءَ مان نانگ واري درياءَ نڪري ٿو.

نانگ واري درياءَ:

نانگ واري درياءَ اڳتي هلندو اچي آڏياري درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

آڏياري درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو اچي ڪانئر درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

ڪانئر درياءَ:

هن درياءَ مان پلياڻ درياءَ نڪري ٿو.

پلياڻ درياءَ:

هن درياءَ مان دوداڻي درياءَ نڪري ٿو.

دوداڻي درياءَ:

هيءُ درياءَ اڳتي هلندو اچي مل درياءَ ٽڪي وارو ان ۾ داخل ٿئي ٿو. پوءِ مل درياءَ عربي سمنڊ ۾ ٽڪي جي ڳوٺ ڪان ڇوڙ ڪري ٿو.

مل درياءَ:

هن درياءَ مان گاريلي درياءَ نڪري ٿو.

گاريلي درياءَ:

هن درياءَ مان ڪارونيار درياءَ نڪري ٿو.

ڪارونيار درياءَ:

هيءُ درياءَ هلندو اچي واڙي درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو.

واڙي درياءَ:

هن درياءَ مان بگاڙو درياءَ نڪري ٿو.

ناکئو ابو دوستن ڏانهن ڏسندي وري چيو.

ادا... سوين درياءَ آهن جيڪي هڪئي سان ملندا، پوءِ ويڙندا رهن ٿا، سي ٿورو اڳتي ويڪ وري پين درياڻن سان رهندا آهن. اهو سلسلو تمام ڊگهو آهي، ٿورو گهٽو ڪچهريءَ وارن کي ٻڌايو:

ناکئو علي ملڪائيءَ کندي وراٽيو.

ٻيلي ناکئا ابو! ڪجهه وڌا درياءَ رهائي وئين، جيڪي چوڙ ڪن ٿا.

ها ناکئا! ٿورو ترس ناري ونان...!!

ناکئو علي پاسي ۾ ويٺل گهڇ کي چيو.

اي حسن گهڇ! تون چوڏي مڇيءَ جا قسم سلائي.

ناکئا! چوڏي مڇيءَ جا ڪيترائي قسم آهن، مون کي ٿورا ياد اٿم سي مارڪي وارن کي ٻڌايان ٿو.

چوڏي مڇي: هن جو قد هڪ فوٽ جيترو ٿئي ٿو ۽ ويڪر ۾ چار انچ جي آهي.

ڳاڙ: هيءَ چوڏي مڇيءَ جو قسم آهي، هن جو قدم ڏيڍ فوٽ کان پنجن فوٽن تائين آهي ۽ ويڪرا ۾ اڌ فوٽ آهي.

مُنڊي چوڏي: هي چوڏيءَ مڇيءَ جو قسم آهي، هن جو قدم ڏيڍ کان ٻه فوٽ آهي، ويڪري اڌ فوٽ آهي.

مينگهه چوڏي: هي ٻه چوڏيءَ مڇي آهي، هن جو قدم پوڻو فوٽ آهي ۽ ويڪر پنج انچ اٿس.

موري چوڏي: هيءَ چوڏي مڇي آهي، هن جو قد اڌ فوٽ جيترو ٿئي ٿو ويڪر ۾ ايڏائي انچ آهي.

ڳرا چوڏي: هيءَ چوڏي مڇيءَ جو قسم آهي، هن جو قد اڌ فوٽ آهي، ويڪر ايڏائي انچ اٿس.

ناکئو ابو ڪچهريءَ وارن کي ٻڌايو ته آءُ اوهان کي مگرو ميچيءَ جا قسم ۽ ان جا نالا سڃايان ٿو. "گرو ميچي ڪين آهي پر شڪل ميچيءَ جهڙي اٽس" ڪاناتو مگر يا مگرو جيڪو به لفظ استعمال ڪيو.

ڪنڊرو مگرو. ساٽڪ مگرو. لون مڱرو. ڪوري مگرو. گسو مگرو. ڏونگا مگرو. مياچ مگرو. پٽر مگرو. ميجون مگرو. ڪارنج مگرو. ڪهير مگرو. ليارو مگرو. پميني مگرو. آنڊي مگرو. ويسر مگرو. ٿوري ديرڪان پوءِ ڪچهري ختم ٿي ته هرڪو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو.

***

باب پنجون

ناکئو محمد ملکائي خوشيءَ مان گهر ڏي پئي آيو. اڄ ٻن سالن کانپوءِ درياءَ تي هوڙو کاهي ٽي ويو. هي خلاصين کي درياءَ تي هلڻ جي لاءِ چئي آيو هو. خوشيءَ مان هلندي هلندي خيالن ۾ پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو "وينِي کِئڻ ماڙ(1) کي وڃايو ڇڏ"

ناکئي محمد کي اهو وقت ياد اچي رهيو هو. جڏهن ٻه سال اڳ درياءَ تي شڪار ڪرڻ ويو هو تہ هن سان واقعو پيش آيو هو جنهن ۾ جوري پيو هو ٻه سال گهر ۾ ويٺو رهيو. اهو واقعو ساريندي ماضيءَ جي خيالن ۾ گم ٿي ويو.

ناکئو محمد سکاڻ تي وُيهي هوڙي جي کُٽ ۾ راشن کي ڏسي، پوءِ خلاصين تان نگاهہ ڦيرائيندو هر هڪ شيءِ جي پڪ ڪري خلاصيءَ کي آواز ڏنو.

ميرا! ناتاري ڪيڙ...

ميرا ناتاري ڪيڙ ۾ پئي خلاصي ننگ مشين چالو ڪئي تہ هوڙو هوري هوري ڪنڈيءَ کي چڙڻ لڳو. ڪنڈيءَ سان ڪيترائي هوڙا ٻيڙا هئا، کي لائچون ۾ ننڍڙيون ٻيڙيون هيون، کي ٻيڙيون تڙ جي طرف پئي آيون. ناکئي محمد جو هوڙو انهن جي پرمان گذريو تہ ناکئي محمد انهن ٻيڙين جي ناکئن ۾ خلاصين کي هٿ جي اشاري سان سلام ڪيو تہ هڪ ٻيڙيءَ واري ناکئي وڏي آواز ۾ ناکئي محمد کي چيو.

ناکئا محمد! کهڙيءَ جڳهہ تي ويو پيا...؟

ادا... هاشم! جتي روزي لڳي...

ايئن چئي ناکئو محمد هوڙي منجهہ نگاهہ ڦيرائي، ميرَ جي پرسان ٻيڙل خلاصيءَ کي اشارو ڪيو تہ اهو کُٽ مان ٻاهر نڪري ڏُکاڻيءَ تي ناکئي وٽ

(1) وينِي کئڻ ماڙ: ڏنڊو پورهيو ڪرڻ کانسواءِ ويهي کائڻ.

آيو تہ ان کي ناکئو محمد چوڻ لڳو.

شبير! تون سرنگ (2) آنئين.

جي... ناکئا... شبير خوشيءَ مان وراڻيو تہ ناکئو وري چوڻ لڳس.

تون خلاصين جي نگراني ڪندو رهجانءِ...

ريچ کي پوکڻ ۽ هوڙي منجهہ وتائڻ، پانڌاري (3) ۽ هوڙي جي نگراني پيو ڪجانءِ اها تنهنجي ذميداري آهي.

جي... ناکئا! آءُ سنپال ڪريان پيو. ايئن چئي شبير سرنگ بڻجڻ جي خوشيءَ ۾ مرڪندو مير جي پرسان آيو. ان کي چيائين.

يار ٻيلي! تو وٽ چورو آ، ٿورو ڏيم.

جڏهن ناکئو خلاصي شبير کي سرنگ بڻائي، هوڙي جي ذميداري ڏني تہ سيني خلاصين ڏنو ۽ ٻڏو پئي. خلاصين کي اها ڄاڻ ۽ خبر هئي تہ ناکئو پنهنجي اعتماد واري ماڻهوءَ کي سرنگ بڻائيندو. هوڙي ۾ هر خلاصي سرنگ جي دل وڻڻ جي ڪندو آهي ۽ سرنگ کي جهجهي عزت ڏيندو آهي.

مير کيسي مان چورو ڪڍي سرنگ کي ڏنو سرنگ ان چوري مان چپٽي پيري وات ۾ روڊي ۽ چوري واري پڙي بند ڪري مير کي واپس ڪئي. سرنگ منهن مٽي ڪري هير ۽ بين خلاصين کي چيو آڇو مارکو ڪيون. پوءِ مير هڪ پيو خلاصي سرنگ سان گڏجي هوڙيءَ جي مهريءَ تي وڃي ويٺا. هوڙي ۾ محمد ناکئي جو چئن سالن جو پٽ ٻه هجي. اهو پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن مهل هوڙي جي موريءَ تي، ڪنهن مهل پنهنجي پيءُ وٽ سکاڻ تي وري تي آيو. ناکئو پٽ کي خوشيءَ مان پئي ڏنو. پوءِ سرنگ کي آواز ڏنائين.

اي سرنگ! منهنجي ڪپور جي نگهباني پيو ڪجانءِ...

جي... ناکئا! سرنگ هٽ مٽي ڪري وڏي آواز ۾ موٽ ڏني.

سرنگ تي لانچ، ٻيڙي يا هوڙي ۾ جهجهيون ذميداريون هونديون آهن.

((2) سرنگ: هوڙي جي سيني خلاصين جو اڳواڻ جيڪو ناکئي وٽ ذميوار رهندو آهي. (3) پانڌاري: بورچي.

هوڙي جي خبر چار لهڻ کانسواءِ خلاصين جو خيال رکڻ، انهن جي کاڌي پيتي تائين خبر چار لهڻ، پانڌاري جي راشن پاڻيءَ جو خيال رکڻ ۽ ٻيون به ذميداريون سرنگ تي هونديون آهن. جڏهن هوڙي جي پکي ۾ ڪا چيز قسي وڃي يا رڇ قسي وڃي ته ان کي ڇڏائڻ جي لاءِ خلاصي ڪونه ويندو. پر سرنگ کي ويڙهو ئي ويڙهو پوي ٿو. جو ته اهو ڪم ان جي ذميداري ۾ شامل هوندو آهي. ڏٺو وڃي ته ناڪئي کان وڌيڪ سرنگ کي هوڙي جي سنيال رکڻي ۽ ڪرڻي پوي ٿي. ناڪئو پنهنجيون ذميداريون سرنگ جي حوالي ڪري بي فڪر ٿي جهٽ گهڙي سڪون سان ويهي ۽ سمهي سگهي ٿو پر سرنگ کي هر وقت هوشيار پ ۾ رهڻو پوي ٿو.

ميرخلاصي وات ۾ چورو وجهي پانڌاري ڏانهن ڏٺو جيڪو ڪڻ ۾ ٻين خلاصين سان ويٺو ڪنهن ڳالهه تي گفتگو ڪيو ڪري، اهو ڏسي هير خلاصي دل ۾ چيو.

پانڌاري مارکو ڪري رهيو آهي، آءٌ به وڃي ڏسان...

ناڪئي جو چئن سالن جو پٽ رزاق خوشيءَ وچان درياءَ جي موج مستين وارين لهرن کي ڏسندو ڏاڍو خوش ٿي رهيو هو. هن معصوم ٻار جي چهري تي درياءَ جي ڪنهن به دهشت جو خوف خطرو نظر نه ٿي آيو. جڏهن تيز چولي اچي هوڙي سان ٽڪرائجي هلي ٿي وئي ته انهيءَ آواز تي هن جي پٽ مان هلکو چرڪ نڪري ٿي ويو. ناڪئو محمد پٽ کي خوش ڏسي من ئي من ۾ خوش ٿيو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو.

هيڪو نه هيڪو(4) ڏينهن رزاق ناڪئو بنبو...

درياءَ جي تيز لهرن مان هڪ ننڍڙي مڇي هوڙي جي مٿان بل ڏنو ته رزاق هٿ مٿي ڪڍي ان کي جهٽ هٿي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر مڇي هن ٻالڪ جي هٿن کان گهٽو مٿي بل ڏئي هوڙي جي ٻئي پاسي درياءَ ۾ هلي وئي. هڪڙو خلاصي جيڪو هر هر رزاق کي ڏسي ويٺو رزاق جي هٿ مٿي ڪٽڻ ۽ مڇيءَ کي پڪڙڻ واري ڏيک کي هن ڏٺو مرڪي چپن ۾ آهستي چوڻ لڳو.

(4) هيڪو نه هيڪو: هڪ نه هڪ: هڪڙي:

آءٌ پنهنجي پيءُ سان هوڙي منجهه ائين ڪندو هوس، هيڪي مڇي هوڙي جي متان بل ڏنو تہ ان کي مون پڪڙڻ جي ڪئي، مڇي ڪونہ پڪڙي جهپي، پر آءٌ هوڙي مان هيٺ پاڻي منجهه ڪري پيس تہ هوڙي سنجهہ وينل خلاصين جهت هٽي پيرن کان ميڪي جهلي بچائي وڌو.

خلاصي پنهنجي پاروٽڙ وارين گهڙين کي ياد ڪندي ٿورو مشڪي ڏنو ميرِ خلاصي پانڌاريءَ جي پرمان اتي ناکئي وٽ آيو ان کان پڇڻ لڳو.

ناکئا! ڪٽي هلٽو آ...؟

ميرا! جتي روزي لڳي، هير دبي درياءَ تي هلٽو آ...

ناکئي محمد جو هوڙو ستاويهہ فوٽن جو ڊگهو هو جنهن ۾ خلاصي ڦڪڙي رڇ ڪنيون پئي ويا. جڏهن هوڙو دبو درياءَ ۾ داخل ٿيو تہ ناکئو پاڻيءَ جو جائزو وٺندي خلاصين کي آواز ڏنو.

اي ميرا...!

"اي اسلو...! رڇ پوکيو."

پوءِ پئي خلاصي ڪُڙ مان رڇ ڪٽي درياءَ منجهہ لاهڻ لڳا. ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ رڇ درياءَ ۾ پوکجي ويو. ناتاري هٽي هوڙي کي بيهاريو ان ۾ رڇ جو هڪڙو چيڙو پڌو ويو. هوڙو لهرن جي لوڏ تي لڏي ٻيٽو ناکئي جو پٽ رزاق هوڙي منجهہ هلندو ڦرندو وري مهريءَ تي، تہ ڪنهن وقت سُکاڻ تي ويهي رهي تہ درياءَ ۾ مڇين کي ٽپ ڏيندي ڏسي ڏاڍو خوش پئي ٿيو. رزاق پهريون پيرو شڪار تي اڄ پيءُ ناکئي محمد سان آيو هو.

اوچتو تنگ مشين جو گوڙ درياءَ جي لهرن سان گڏ تيز وڌندو آيو. بالڪ رزاق جو ڌهن ان طرف هليو. هن ڏنو تہ ٻہ هوڙا تيزيءَ سان ٿوري فاصلي کان اڳتي هلندا تي ويا، جيڪي هن جي هوڙي کان گهٽو پري هليا ويا. تنگ مشينن جو آواز هلڪو ٿيندو ويو. رزاق پنهنجو خيال انهن هوڙن تان متائي

وري لهرن کي ڏسڻ لڳو جيڪي هوڙيِ ڏانهن ڪر ڪٽي ٽي آيون.

ناکئو محمد هوڙيِ جي ڪُڻ ۾ خلاصين ۾ پانڀاريءَ کي ڏٺو ته هن کي سندس پٽ رزاق جو خيال آيو. هي ننڍڙو رزاق هير بڪ ۾ هوندو. گهران ڪجهه ڪئين ڪونہ آيو آ.

پوءِ پانڀاريءَ کي ناکئي آواز ڏنو.

اي... پانڀاري!

ناکئي جي آواز تي پانڀاري خلاصين جي وچ مان اٿيو. ناکئيُ ڏي نهاريندي چيائين.

"پانڀاري! منهنجي رزاق پُٽ کي ٻُک لڳي آ، رڌ پچاءِ ڪر..."

جي ناکئا...! خلاصي پانڀاري ڪُڻ ۾ رکيل هڪ وڏي پلاسٽڪ جي پيولي مان بصر، پتاتا ڪڍي چلڻ وينو.

ناکئو درياءَ منجهه لڳل رڇ جو جائزو وٺندي پوءِ سرنگ کي آواز ڏنو.

اي سرنگ...! خلاصين کي هوشيار ڪر ته رڇ هوڙيِ منجهه وتائين. ماني کائي پوءِ ايجان اڳتي هلٽو آ.

جي... ناکئا! ائين چئي سرنگ ٻين خلاصين کي هوڙيِ ۾ رڇ وتائڻ جو حڪم ڏنو. اهي رڇ کي هوڙيِ منجهه لاهڻ ۾ لڳي ويا. پانڀاري اهو ڏسي دل ۾ چيو هنن خلاصين کي ٻه ڪلاڪ رڇ وتائڻ ۾ لڳي ويندا. هاڻ مزي سان ماني ڪائينديندس.

جڏهن خلاصين رڇ هوڙيِ ۾ لاتو ان ۾ قاتل مڇي ٻه سئو ڪلو کان مٿي هئي. مڇيءَ ۾ سانا، ڏڻڪ، پورا، چوڏيون، مُسڪا، ٻڪاليون، ڪيڪڑا ۽ ڪوڪا وغيره ريڑهيءَ جا مهاڻا ڪُوڪا کي (ٽڪيريون) چون. ڪيڪڑو اهو ٽڪيريءَ وڏو ٿئي ٿو.

خلاصين کي رڇ مان مڇي ڇڏائڻ ۾ ٻه ڪلاڪ لڳي ويا. پانڀاري جڏهن ڏٺو ته خلاصي هير مڇي وتائڻ مان واندا ٿيا آهن ته انهن کي آواز

ڏناٿين، "اڇو... ماني تيار آهي..."

ناکئي جو ڏيان مڇيءَ ڏانهن هجي، هي مڇي ڏسندو دل ۾ خوش ٿئي ٿيو پوءِ سرنگ کي چيائين.

اي.. سرنگ! خلاصين کي ماني کارائِ، چانهه ۾ چورو ڏين تہ اڳتي هلون...

جي... ناکئا! ائين چئي سرنگ اچي پانڌاريءَ وٽ ٻيٺو تنهن کان پيلٽن ۾ پاڇي ۾ مانيون ونندو خلاصين کي ڏينندو ويو. کي خلاصي ڪُٽ ۾ پانڌاريءَ جي پر ۾ ويهي ماني کائڻ لڳا تہ کي مُهري ۾ سُکاڻ تي وينا ماني کائين. سرنگ ناکئي جي لاءِ ۾ ان جي پٽ رزاق جي لاءِ مانيِ ونڊي هوڙي جي پاڇيل آيو جت ناکئو ۾ معصوم رزاق وينا هئا. سرنگ پاٽيءَ جي پپولي وٽ آيو تہ هڪ خلاصي آواز ڏنس.

اي سرنگ! ڏول (5) پاٽيءَ جو ڏي.

حيدر! اڇان پيو... پهرين پاٽيءَ جي چل ڳچور کي ڏيان، پوءِ توکي اچي ڏيندس.

هڪ خلاصي پانڌاريءَ کي آواز ڏنو. "او پانڌاري.... مِکي رَسوئي (6) ڏي".

پانڌاري ان خلاصيءَ ڏانهن ڏسي چيو.

شيرو! تون سدائين رسوئي جي لاءِ زنانو/ عورتاٽو روڪن ڪرين...

پانڌاريءَ جا اهي لفظ جن ۾ خلاصين ٻڌا، تن کان تهڪ نڪري ويا.

ناکئو محمد ڪنڌ ورائي شيرو ڏانهن ڏٺو پوءِ مشڪي ماني کائڻ لڳو.

اوچتو تيز لهرون آيون، سي هوڙي سان لڳي هليون ويون. رزاق جي هٿ مان گرهه ڪري پيو. ناکئو چوڙ لڳيس.

رزاق! ائين ٿيندو رهندو آ. ناکئي محمد پانڌاريءَ کي آواز ڏنو.

پانڌاري! رسوئي ڏاڍي چتال (7) ٿاهي اٿئي.

(5) ڏول: چل جيڪا گلاس جيان فقط ڪڙهوندو اٿس جنهن ۾ رڇلبو آهي؛ (6) رسوئي: پاڻي يا ٻوڙ جو رَس لاتس (7) چتال: ٽٻي وڏندڙ

پانڀاري ديڳڙيءَ مان پاڃيءَ جي پليٽ پري ڪٽي اڇي شيرو خلاصي کي ڏني، جنهن ٿورو اڳ رسوئي جي لاءِ دانهن ڪئي هئي. ميرِ خلاصيءَ ماڻيءَ جو گهر هو وات ۾ وجهي، پانڀاريءَ کي ڏٺو ته ڪيس پانڀاريءَ چيو.

ميرل! توکي رسوئي يا ماني ڏيان...؟

پانڀاري! نه... پر رسوئي چتال ناهي اٽئي، واهه جو مزو اچي ويو واهه... واهه!

ميرِ خلاصي جي انهن لفظن تي پانڀاري خوش ٿيندو مشڪندو ٻوڙ واري ٻاٽلي ڏانهن ويو. اتان پاڃي جي پليٽ پري اڇي ميرِ خلاصيءَ جي اڳيان رکي. ميرِ اها پليٽ سرنگ کي ڏني، جيڪو پير ۾ ويٺو هوس. پوءِ پانڀاريءَ کي ميرِ چيو.

يار پيلي! آءُ چڪار آهيان...

جن خلاصين ماني کائي ڇڏي هئي، پانڀاريءَ انهن جا ٽانوَ ڪٽي اڇي ڪڙ ۾ رکيا. پوءِ ناکئي ڏانهن ويو. جيڪو سکاڙ تي ويٺو سگريٽ پئي. رزاق هوڙي جي مهري ڏانهن آيو. پانڀاري سکاڙ وٽان ناکئي محمد جي ماڻيءَ واريون پليٽون ڪٽي اڇي ڪُڙ ۾ رکيون، پوءِ سگريٽ ڏُکائي، مهريءَ جي پير ۾ بيهي رهيو.

سرنگ ڏٺو ته سيني ماني کائي ڇڏي آهي، پوءِ خلاصين کي ڏسي ناکئي کي چيو.

ناکئا! هاڻ اڳتي هلجي...؟

ها... سرنگا! کيڏو ناتاري...

ناکئي جي آواز تي هڪڙي خلاصي ناتاري کيڏي ته هوڙو منزل جي طرف هلڻ لڳو.

هوڙو هلندو لهرن جي وچ مان پنهنجو گس ڳانڍيندو هلندو رهيو. ناکئو درياءَ جو ڄاڻو ونڊي خلاصين کي چيو.

خلاصي! هٽو ناتاري، رڇ پوکيو...

ناتاري هٽي هوڙو بيهاريو ويو ڪي خلاصي رڇ جو جائزو وٺندا رهيا، انهن سان گڏ سرنگ بہ بيٺو هجي، سج جا ڪرڻا پاڻيءَ جي لهرن مٿان ڪرندا، چمڪندا ٿي رهيا. سج جي روشنيءَ ۾ مڇين جا ڇلر سون جيان چمڪندي نظر اچي رهيا هئا. خلاصين رڇ پوکي ڇڏيو. جڏهن رڇ ڪي ڇڪي هوڙي ۾ وڃهڻ جو وقت آيو تہ ناکئو محمد سُکاڻ تان هيٺ لهي انهن خلاصين کي آواز ڏنو جيڪي خلاصي رڇ کي ڇڪڻ جي تياري پيا ڪن.

اي ميرا...!

اي... سلو! آءُ اچان پيون...

ناکئو محمد هوڙي جي پاڇيل تان هيٺ لهي ميرءِ اسلو خلاصين وٽ آيو. انهن سان گڏ رڇ کي هوڙي منجهہ وٽائڻ لڳو تہ اوچتو ناکئو دانهن ڪري ڪُڻ ۾ ڪري پيو.

اڙي! درد ۾ مري ويس.

ننڍڙو رزاق پيءُ جي اهڙي حالت ڏسي... آن... آن ڪري روئڻ لڳو تہ سرنگ هن کي ڪٽي مهريءَ تي ويو ۽ پر ڇائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. ميرءِ اسلو انهن ناکئي جي اهڙي حالت ڏسي، پوءِ بين خلاصين کي اشارو ڪيو. انهن سيني ناکئي کي ڪُڻ مان کنيو. اچي هوڙي جي پاڇيل تي سمهاريو. ناکئو محمد سور جون دانهون ڪندو رهيو ۽ واپس تڙ تي هلڻ جو خلاصين کي اشارو ڪيائين.

خلاصي رڇ کي هوڙي ۾ لاهي ان مان مڇي ڪيندا رهيا، سرنگ هوڙي ڪي ڪنڊي ڏانهن ورايو. جڏهن هوڙو ريڙهيءَ جي بندر سان اچي بيٺو تہ ناکئي جي اهڙي حالت ڏسي، تڙ تي بيٺل خلاصي ۽ ناکا سيئي هن سان ملڻ آيا، پر ناکئو محمد سور جون دانهون ڪندو رهيو. پوءِ خلاصين هٿن تي کٽي ناکئي محمد کي گهر ۾ پهچايو. ڪٽ تي سمهارڻ وقت بہ ناکئو سور جون

دانهون ڪندو پاسو ٻه ورائي نه ٿي سگهيو. ناڪئو محمد ٻه سال گهر ۾ وينو هو. هو ماضيءَ جو ڳالهيون سارينديءَ گهر ڏي آيو پئي ته، اوچتو ناڪئي محمدجي تنگ ۾ بال لڳو. هن کان چرڪ نڪري ويو. ماضي وارا خيال ذهن ۾ چڙ وچڙ ٿي ويس، گهٽيءَ ۾ بال راند ڪيڏندڙ ڇوڪرن کي ڏسي مرڪي ڏنائين، پوءِ مشڪندو گهر ۾ آيو. هن ڪوٽيءَ جو دروزا و بند ڏنو پوءِ سامهون وارن گهرن ڏانهن نهاريو ته سندس ٻه ٻار اتي پاڙي وارن ٻارن سان راند پيا ڪن.

پوءِ اها پڪ ٿي ويس ته سندس گهر واري ٻه انهن چنن ۾ هوندي.

ناڪئو چنن تان ڌيان هٽائي، ڪوٽيءَ جي پاسي ۾ نيري رنگ جو پيولو پيو هو، پيولي جي ڏڪ مٽان چل پئي هئي. ناڪئو اها چل ڪٻي، ڪٻي هٿ سان ڏڪ ڀري ڪري، پيولي مان چل پري ۽ ڏڪ ڏئي پاٽي پيئڻ لڳو. ايتري ۾ سندس گهڻ واري پرسان اچي بيٺس. ناڪئو پيولي جي مٽان چل رکي گهر واريءَ کي چوڻ لڳو.

صغريءِ! ڪاڇ(8) ۾ ڪِجا آهي؟

محمد! رکِ تو...

اي! ڪِجا پئي چوين...!؟

اي! تو ڪِجا لَنگهائي(9) ڏنو آ، جو چاڙهيان ۽ رڌيان...!!!؟

ناڪئو ڳالهه سمجهي ويو پوءِ آهستي گهر واريءَ کي چوڻ لڳو.

تو ڪي هٿ ٿان لَنگهائي ٿو ڏيان...! ايئن چئي ناڪئو گهر کان ٻاهر گهٽيءَ جي طرف وڃڻ لڳو ته صغريءِ چوڻ لڳس.

اي ناڪا! امبرچي وٽي اچجانءِ...

ناڪئو ڪنڈ لوڏي چپن ۾ آهستي ها چئي هليو ويو.

صغريءِ ڪوٽيءَ ۾ اچي ڪنڊ ۾ رکيل ٽي ويءَ جي پرسان اچي بيهي رهي. ٽي ويءَ جي پٽيان واري پيت ۾ جعفري هئي.

هٿ وڌائي، اُن جاري مان سگريٽ جو پاڪيٽ کنيو ۽ هڪڙو سگريٽ

(1) ڪاڇ: طعام، کائڻ لاءِ ڪي به هجي: (9) لنگهائي: موڪلي:

ڪيڊي دڪايو ۽ پاڪيٽ ساڳيءَ جاءِ تي رکي تي وي چالو ڪري پٽ تي وڃايل تڏيءَ تي ويهي رهي. سگريٽ چڪيندي رهيڻ ۽ تي ويءَ تي سنڈي ڊرامو ڏسندي رهي. ايتري ۾ ناڪئو ڪوٽيءَ ۾ آيو. گهر واريءَ جي اڳيان هن راشن جي ٿيلهي رکي تہ صغريٰ واڙڻي ٿي وئي. آکيون پٽي ناڪئي کي حيرانيءَ مان ڏسندي سوچڻ لڳي تہ ناڪئي ڪٿان راشن آندو آ...!!؟

هيءَ اڃان خيالن ۾ هئي تہ ناڪئو سندس پرسان ويهندي چوڻ لڳو.

اڄ شڪار تي وڃان پيو... سو گهاتوءَ کان راشن پاڻي ۽ خلاصين جي لاءِ اڳواٽ پئسا ورتم.

پوءِ صغريٰ کي اطمينان ٿيو ۽ خوشي ٿي. جو گهڻي عرصي کانپوءِ سندس مڙد ڪمائي ڪرڻ پيو وڃي. هي سگريٽ جو سوٽو هڻي، راشن ڪٽي هلڻ لڳي تہ ناڪئي محمد ڪيس چيو.

صغريٰ! بوري(10) انتظار ۾ وينا آهن، پوٽالو(11) ڪڍ اتو ڳوهہ دانگيءَ ۾ ماني پچاءِ ڏي، آءُ اٽالو(12) وٺي آيو آهيان، تنهن سان کائي ويندس.

ناڪئو سگريٽ دکائي ڪيسي مان پئسا ڪيڊي ڳڻڻ لڳو. هي خلاصينن کي اڳواٽ ڪجهہ ڏوڪڙ ڏئي آيو هو. گهر جي خرچ ۽ هوڙي جي راشن لاءِ پئسا الڳ ڪري رکيا. پوءِ سگريٽ جو ڪش هڻي اطمينان سان تي وي ڏسڻ لڳو. ايتري ۾ صغريٰ ماني ۽ پليٽ ۾ اٽالو ڪٽي آئي ۽ هن جي اڳيان رکي باهر هلي وئي، پپولي مان پاڻيءَ جي چل پري آڻي، سا ناڪئي جي اڳيان رکي پاڻ به پر ۾ ويهي رهيس ۽ ويٺي سوچي پئي تہ ناڪئو شڪار گهورڻ وڃي پيو شل خيرن سان وري اچي.

ناڪئو ماني کائي هٿ ڏوئڻ جي لاءِ باهر پپولي ڏانهن آيو. هي پپولي مان چل پري هٿ ڏوئي واپس ڪوٽيءَ ۾ آيو. گهر جي خرچ لاءِ ڏوڪڙ جيڪي الڳ ڪري رکيا هئا، اهي صغريٰ کي ڏيندي چيو.

هي ڏوڪڙ رکي چڏ، شڪار گهوري ايندس تہ توکي ٻيا ٻہ ڏوڪڙ

(10) بوري: خلاصي: (11) پوٽالو: وڏو ٽال (12) اٽالو: آٽا ۽ ساندڻ جون

ڏينندس. صغريءَ خوشيءَ مان ڏوکڙ وڃي چوليءَ جي پاسي واري ڪيسي ۾ رکي ڇڏيا. مانيءَ وارا ٽانوَ ڪٽي ٻاهر پيپولي جي پرسان رکيا ته ناڪئو محمد ڪوڙيءَ کان ٻاهر آيو ۽ گهر واريءَ کان موڪلائي هليو ويو.

صغريءَ ڪوڙيءَ کي تالو هٽي، ٻارن ڏانهن ڏٺو جيڪي ٿورو پريرو ڇڻي جي ڇانوَ ۾ ٻين پاڙي وارن سان راند ڪري رهيا هئا. هيءَ گهٽيءَ ۾ اچي سوچڙ لڳي ته چار پنج چوري جون پڙيون، گنڪا ۽ ٻه سگريٽن جا پاڪيٽ هريءَ جي هٿ تان وڃندیس. ٿوڙو اڳيان هڪ عورت جي مٿي تي ڪارو ڏٽائين، جيڪا هن جي سامهون آئي پئي، جڏهن اها ويجهو آيس ته ان کي چوڙ لڳي.

ادي زرينا ڪِجا لاءِ وڃين پئي...؟

صغريءَ آءٌ ٽولا (13) ملڻ پئي وڃان، ٻن ڏينهن کان گهر ۾ پاٽي آيو ڪونهي، سو پيڙ شانيءَ جي گهر ڏي وڃان ٿي.

صغريءَ مشڪي اڳتي هلڻ لڳي. هريءَ جي هٿ تي وڃڻ جو خيال متائي، پرواري گهٽي ۾ هڪ ٻيو هٽ هجي، اُن تي آئي، دڪان واري کان چار چوري جون پڙيون، پنج گنڪا ۽ ٻه سگريٽ جا پاڪيٽ ورتائين ۽ گهر جي طرف موٽ کائي هلڻ لڳي ته سامهون هڪ چني جي ٻاهران پڪيءَ عمر واري عورت بيٺي هئي، تنهن سان هٿ ملائيندي چوڙ لڳي.

جئندي! ڪِجا پئي ڪرين...!؟

ادي! هيڪي چوري جي پُڙيَ ونڻ پئي وڃان.

صغريءَ ڪيسي مان چوري جون ٻه پڙيون ڪڍي، هڪ ان کي ڏني ۽ بي چوري جي پُڙي کولي تنهن مان چٽي پيري وات ۾ وڌي ۽ ساڳي پُڙي ٻنڌ ڪري انگيءَ ۾ وجهي پوءِ سگريٽ ڏکايو.

صغريءَ کي گهٽو خوش ڏسي جئندي چيو.

صغري! توکي مڙد پائين ٿو...!!

(13) ٽولا: ٽانو، ٽانڊلڪر

اهي لفظ ٻڌي تورو مشڪي چوڻ لڳي.

جئندي! ٻن سالن کان پوءِ محمد ناڪئو درياءَ تي هوڙو هاڪاري ويو. ٻه سال ڏاڍا ڏکيا ڏينهن گهاريم جو منهنجو مڙد گهر ۾ بيڪار وينو هو.

جئندي ٽڏو ساهه پيري صغريءَ جي هٿ کي پڪڙي زور ڏيندي چيائين.

اديءَ! پاڻيءَ واري ڏنڊي ۾ اهي جوکا ڏسڻا پون ٿا. درياءَ جا ڏڪ اسين سڀ پيا سهون، پوءِ ته ڪيترون ئي پوءِ. ۾ درياءَ کانسواءِ ٻيو چارو ڪونهي. پوءِ به ڏکيو سکيو اسان جا مڙد درياءَ جي روزي کن پيا. باقي ڪنهن عورت جو مڙد ڌهي پوي تو ڇڙ سمورو گهر ڏئو جنهن گهر منجهه مڙد لاچار ۽ بيڪار وينا رڳو عورت جي ڪمائي پيا کائن. انهن گهرن جي حالت ڏاڍي خراب ٿي ڏسان. سا عورت ويچاري ڪو(14) ڪري...!! پنهنجو ۽ پنهنجن ٻچڙن جو پيٽ پالي يا بيڪار مڙد کي کارائي... اهو ڪجهه ڪئن ٿيئن نه ته به سگريٽ ۽ چورو ان کي ڪيئن پلا... اهي ڏوڪڙ عورت آڻي ته ڪٽان آڻي...!!؟

جئندي ۽ صغريءَ ٻيٽيون ڪچهري ڪن ٿيون ته هڪ عورت گهٽي ۾ آئي. هٿن ٻنهي کي پاڻ ۾ ڪچهري ڪندي ڏسي. اها پرسان اچي چوڻ لڳي.

اي جيئندي!

اي صغريءَ! ڪهڙو ڪڏو(15) ڪيئون ٻيٽيون آئيو(16)...!؟

شالي! ڏک سور پيون اوريون. وري گڏجو نه گڏجون... ايئن چئي صغريءَ ڪيسي مان چوري جي اها پُڙي ڪڍي. جنهن مان تورو اڳ پاڻ چورو ڪڍي ڪاڏو اُها پُڙي شالي کي ڏني ته شالي چپٽي هڏي چورو وات ۾ وجهي. پڙيءَ جي ڪاڳر سان هٿ اُگهي ڪري. پڙيءَ کي اڇلايو وري اهو ساڳيو هٿ مٿي جي وارن سان اگهيو. شاليءَ جي منهن ۾ ڏسي صغريءَ کائنس پڇيو.

شالي! تنهنجو مڙد هير ڪيئن آهي؟

اديءَ! هاڻ ورو(17) جهلي ويو آهي.

ڪجهه دير جي لاءِ ٽئي خاموش ٿي ويون. پوءِ شاليءَ کان جئندي پڇڻ لڳي.

(14) ڪري: چالاءِ. اجايو (16) آئيو: آهيو (17) ورو: لوڻو. تورو چگو يا ٻرو

اديءِ شالي! توکي خبر آهي ته بصرا جو مڙد احمد ڪارو ڇر درياءَ تي ڪائيون ڪِئڻ ويو هو سو ڪائيون جهوريندي ڪري پيو سُڪي رهيو تنهن سان پيو ساٿي گڏ هو. اهو احمد ڪاري کي جهوليءَ ۾ ڪٽي آيو. پيو سال ٽيو اٽس بيمار پيو آهي. هير ڪيئن آهي؟

اديءِ جئندي! سچ ٽي چوين، بصرا پنهنجي مڙد جو الائي علاج ڪرايو پوءِ به هلي نه ٿو سگهي. درياءَ جا ڏڪ مڙدن کي کايو ڇڏين. ويچاري کتيءَ جو مڙد کُڏي درياءَ تي ويو هو. اتي مگرو(18) ڏڪ هڻي ويس. اهو به ايائي سال بيمار هيو. کتيءَ الائي علاج ڪرايس، پر ڈاڪٽرن جواب ڏنو هوس. جو چون پيا اسحاق کي ڪينسر ٿي ويو آ، پوءِ اهو ڪينسر جي حالت ۾ گذاري ويو ٽن ڏينهن کان وٺي کتي بيمار ۾ لاچاري واري حياتي پئي گذاري.

صغريءِ اهي ڳالهيون ٻڌي ڏکاري ٿيندي چوڻ لڳي.

اديءِ! اهو ڇنو خالي ناهي، جنهن گهر جو مڙد جهريو نه هجي...!! مڙد کن به ڪِڇاڙو کي درياءَ جا ڏڪ کايو پاڻ کي معذور ڪيو اچن ته ڪي وري درياءَ منجهه ساهه گهوري ڇڏين. وري درياءَ جي پنڌ ۾ اها به مصيبت آ، جو کين انديا وارا جهٽ هٽي ناکئن ۾ خلاصين هوڙن سميت پڪڙي وڃن. پوءِ ڪنڊيءَ وارن جا من مرجهايو وڃن ۾ ڪئي ڪتڪا اندر منجهه واريو وڃن. پلا گهاتو ڪِڇاڙو ڪن، سيني جو گذر درياءَ مٽي آهي، جي گهاتو نه ويندا ته اتو نه ملندو ته پار ڇا ڪيئندا...!! گهاتن کي موت جي سامهون ويڙهو پوي ٿو سي ڪڏهن شڪار گهوريو اچن ته ڪڏهن گولين ۾ ساهه ڏيو اچن.

شالي جيڪا سوچن جي ويڑ ۾ گم هئي، پُوءِ پاڻ کي خيال مان ڇڏائيندي چوڻ لڳي.

اديءِ! درياءَ جي ويڑ چڙهڻ ۾ لهڻ جي ناکئن کي خبر هوندي آهي، پر کين ڏکن جي ويڑ ۾ واءُ جو پتو ڪنهن کي ناهي هوندو... جڏهن ناکئا پيڙيون

(18) منگرو: مڇي، جو تسمر جنهن ۾ هڏون هوندو آهي ڪنڌا به ڪوڙ اٽس:

هاڪاري ڪنڊيون ۽ تڙ ڇڏين... بس پوءِ پوين ڪي اندر منجهه اُلڪو ڪنديءَ جيان اٽڪيو پوي. شال گهاتو درياءَ گهوري، پنهنجي ماڳ ورن.

صغريءَ پنهنجي ماضيءَ وارن ڏينهن کي ياد ڪندي چوڻ لڳي.

ادي شالي! اسان جي حياتي سڏنڊ جي ڪاري پاڻيءَ جيان آهي. جڏهن منهنجي مڙد محمد کي درياءَ تان کڻي آيا، ڪٽ تي پاسو ورائي نه ٿي سگهيو اُن مهل اهو ڪٽڪو ورائي ويم ته محمد هلي سگهندو يا نه...!!!؟

جيئن اسحاق درياءَ تي ڪوڪا پکڙ ويو هو اهو معذور ٿي گهر آيو تنهن جا لڳ لڳي رهيا ۽ ڏنڊي پوريءَ کان بيهجي رهيو. پنهنجي مڙد جو به سال علاج ڪرايو هير ڏنڊي پوري جهڙو ٿيو اڄ خلاصين سان درياءَ تي ويو آهي.

"پوءِ صغريءَ پنهي عورتن جئندي ۽ شالي کان موڪلائي گهر ڏانهن هلي وئي"

***

باب ڇهون

ڪُڏيءَ درياءَ تي خلاصين رڇ پوکيو تہ اوچتو درياءَ منجهہ ڪُن جيان پاڻي ڦيرو ڪائي رڇ کي مروڙي، وٽيل رسي جيان وٽي ڇڏيو تہ هڪڙي خلاصي دانهن ڪئي.

ناکٹا حسين پاڻي ڪَرو(1) ٿي ويو آ، هير رڇ ڪونہ نڪرندو وري پاڻي مَرندو(2) پوءِ نڪرندو پہ ٿي ڪلاڪ سَهي(3) پوءِ ڪيڏنا سين.

ناکٹو حسن اُن خلاصيءَ جي ڳالهہ سمجهي ويو پوءِ هوڙي منجهہ پانڌاريءَ کي آواز ڏنو.

اي پانڌاري! ماني پاني ڪر، چورا بک مرن ٿا.

ناکٹو حسين وري هڪ ٻئي خلاصيءَ کي چيو.

سيلو! اُٿي مڇي پيٽي(4) وٺ ۽ پانڌاريءَ کي ڏي. پوءِ سلو مڇي وڍڻ ۾ لڳي ويو ۽ پانڌاريءَ کي چيو.

پانڌاري! ڏهو وڍ تنهن مان ڪل ناهي، ان ۾ گيپ وجهي مٹان لکڙيون رکي ڇيرو(5) ٻار آءٌ مڇي پيٽي ڏيانءِ ٿو.

ڪجهہ دير کان پوءِ پانڌاري ماني تيار ڪئي تہ سيئي ماني کائڻ ۾ لڳي ويا. ناکٹو ماني کائي، چورو وات ۾ وجهي پوءِ خلاصين کي چوڻ لڳو.

خلاصي! اُٿو ماني کاڌا، هاڻ پاڻي سگهہ ڇڏي ويو آهي رڇ هوداريو(6).

هوڙي ۾ ست خلاصي هئا، جيڪي سيئي وُڙياٽي پاڙي جا هئا. خلاصي عبدالله عرف ابلا وريائي، ابوبکر عرف غلام حسين هسواٽي، رمضان عرف چنا ٻيراٽي، حسن عرف اينو ڪاتاٽي، عثمان عرف لڳ اسماعيلاٽي، شڪور سياراٽي ۽ حسين ڏورائي هئا.

سيني خلاصي رڇ کي کيڙ ۾ لڳي ويا. جڏهن رڇ کي باهر کڌيائون

(1) ڪرو تيز: (2) مرندو گهٽيو تيزي ڇڏي سُست ٿيندو (3) سهي، ڏيڙ سان، ڪُجهہ وقت کان پوءِ: (4) پيٽي: وڏي چيري (5) چيرو: باهہ: ٽانڊو: (6) هوداريو: مٿي ڪڍي ڇڪيو.

تہ سچو قاتل هجي، هڪ خلاصي دانهن ڪئي.

اي ناکٹا! ٻيلي رڇ پاڻ وارو قاتي ويو. پنهنجو ڪم لهي ويو. جوئار بيڪار ٿي وئي.

اها ڳالهہ ٻڌي ناکئو حسن ورياٹيءَ چيو.

هاٹي هلو تڙ تي هلو لاڙو(7) ٿي ويو.

پوءِ ناکئو حسن واپس تڙ تي موٹي آيو. خلاصين کي چيائين.

رڇ لاهي وکار(8) تي ڪٹي هلو تہ ٻاهيون. اوهان کي روزانو خرچ ڏيندس پيو. رڇ تيار ڪيو تہ ايندڙ جوئار تي هلنداسين.

ايتري ۾ هڪ نوجوان وکار ۾ آيو. رڇ کي ڏسي وري ناکئي حسين ورياٹيءَ کي چيائين.

ناکٹا! رڇ ڇهن واين جو آهي، هير تنهنجو خرچ ويهہ پنجويهہ هزار اچي ويندو.

ادا! ڪِڇاڙو ڪيون، درياءَ جي ڏنڈي ۾ لاڙو ٿئي ٿي ٿئي.

هڪ نوجوان خلاصي وکار ۾ ايندي پٽ تي بولو گجو رڇ ڏانهن ڏسي پوءِ ناکئي کي چوڙ لڳو.

ناکٹا! اسان جي ڳالهہ کي ڳونٹريو(9). ريڑهي ۾ بولو گجو تي سختي آهي، پر باقي سڄي ساموندي پتيءَ ۾ هر جڳهہ تي بولو ٻڌن ٿا، هير بہ اسان جا ماڻهو ٻڌن پيا ۽ انهن جا رڇ قابو ڪن پيا.

ٻيلي ناکٹا! ڪجهہ ڪريو...

ادا... سلو! اهو روئڙ پاڻ روئيون پيا، دانهيون پيا. بولو گجو تي پابندي هٹو تہ سڀ تي هٹن، صرف اسان تي ڪِڇاڙو.

وکار ۾ ويٹل هڪ ڪيءَ عمر وارو ماڻهو هڪ ڳيور کي آواز ڏنو.

اي پورا! هيڏانهن اچ اَنُ وٹي آ، گهر ڏي تہ پت رڏين.

جي چاچا! پوروپٹسا وٹيون هليو ويو.

---

(7) لاڙو: نقصان خساروٽوٽ (8) وکار: خلاصين ۾ رڇ مشينون رکڻ لاءِ خاص جڳهہ (9) ڳونٹريو: ويچار ڪريو سمجهو ڏيان ڏيو.

تڙ تي تڏڙي هوا لڳي رهي هئي، ڪجهه ماڻهو الفهد سي فوڊ جي دڪان اڳيان اچي بيٺا، هڪ جي هٿ ۾ ڪئميرا هئي، دڪان جي اڳيان چني ۾ ريڑهي يونين ڪائونسل جو اڳوڻو چيئرمين شفيع محمد موساڻي ويٺو هو. اهو مهمانن کي ڏسي اٿيو ۽ انهن سان هٿ ملائي کين چني ۾ روڻي آيو. هڪ نوجوان پلاسٽڪ جون ڪرسيون کڻي اچي مهمانن جي پاسي ۾ رکيون، مهمان انهن ڪرسين تي ويٺا ۽ شفيع محمد موساڻي سان ڪچهري ڪرڻ لڳا.

شفيع محمد موساڻي انهن کي ريڑهيءَ ڳوٺ بابت ۽ ان جي پاڻ بابت ٻڌائي رهيو هو.

ملڪائي پاڙو: ادا... ريڑهي ۾ ملڪائي پاڙو آهي، ملڪائين جا پنج ڇهه سئو گهر آهن. هي مِلڪي درياءَ کان اچي هٽ آباد ٿيا. مِلڪي درياءِ ڪيٽي بندر جي اولهه ۾ هو هن وقت مِلڪو يا مِلڪي درياءَ موجود آهي. سٽ ستر سالن کان وٽي مِلڪائي هٽ رهن پيا ۽ مڇيءَ وارو ڏندو ڪن پيا.

ڏبلا پاڙو: هن پاڙي ۾ ڏبلن جا ڏاڻي سئو گهر آهن ۽ ريڑهيءَ جي ٻين پاڙن منجهه ڏبلا قوم جا ماڻهو رهن پيا. ريڑهي ۾ ڏبلن جا ست اٺ سئو گهر آهن، جيڪي ڏبو درياءَ جي ڪنڍ ڪانپوءِ هٽ آيا آهن. ماضيءَ ۾ ڏبي درياءَ جو اوج ڏسڻ وٽان هو جڏهن سنڌو درياءَ رخ بدلايو تہ ڏبي درياءَ جي سهٽي وسندي، آباد وسندي اُجڙي وئي ۽ ڏبي درياءَ جا ماڻهو ساحلي پٽيءَ جي مختلف ماڳن جو رخ رکيو ڪي هٽ اچي آباد ٿيا ۽ اهي ڏبلا سڏجڻ لڳا آهن. ٻيون قومون بہ ڏبي درياءَ کان آيون. جٽ ذات وارا ڏبائي جٽ ۽ گڏي قوم جا ماڻهو گڏا ۽ ڪٽي قوم جا ماڻهو هٽ ڏبائي ڪٽي سڏجن ٿا. اهڙيءَ طرح ڏبي بندر جي ماڻهن جي سچاڻپ ڏبائي يا ڏبلا سان ٿيڻ لڳي.

جٽن جا پاڙا: جٽ قوم جا ريڑهيءَ ۾ بہ پاڙا آهن. هڪ حاجي علي محمد جٽ جو پاڙو ۽ ٻيو حاجي امين جٽ جو پاڙو.

هنن ٻنهي پاڻ ۾ ٻه بندر آهن. جيڪي پنهنجي پنهنجي پاڙي جي نالي سان سڏجن ٿا.

ريڑھيءَ جي جام بجار اولڙ جي وقت ۾ سونميانيءَ ۽ گوادر بلوچستان کان پنج پائر قاسم، اسماعيل، موسيٰ، سيار ۽ وريام هت آيا. هن وقت انهن پنجن پائرن جي نالن سان ريڑھيءَ ۾ پاڙا آهن.

قاسم جي نالي سان قاسماٽي پاڙو سڏجي ٿيو. اسماعيل جي نالي سان اسماعلياٽي پاڙو. موسيٰ جي نالوي سان موساٽي پاڙو. وريام جي نالي سان وڙياٽي پاڙو ۽ سيار جي نالي سان سياراٽي پاڙو.

هي ماڻهو ريڑھيءَ کي پنهنجو وطن سمجهي ويهي رهيا.

قاسماٽي پاڙي ۾ قاسماٽين جا ڏهن سئو گهر آهن.

اسماعيلاٽي پاڙي ۾ اسماعيلاٽين جا پنجاهه ست گهر آهن.

موساٽي پاڙي ۾ موساٽين جا پنج سئو گهر آهن.

وڙياٽي پاڙي ۾ وڙياٽين جا ٻه ايائي سئو گهر آهن.

سياراٽي پاڙي ۾ سياراٽين جا اسي کان سئو گهر ٿيندا.

ريڑھي ۾ ٻيا ٻه پاڙا آهن، جن ۾ سڄ ڏنو پاڙو هن پاڙي ۾ سيد ۽ جت برادرين جا گهر آهن، سي ڏيڍ سئو کن ٿيندا. ريڑھي ۾ ٻيون ذاتيون ٻه رهن ٿيون، جن ۾ پٺاڻ، هندو جيڪي وڻج واپار جي لحاظ کان هت آباد آهن. هندو جيڪو سنڌ جي مختلف شهرن مان آيا آهن. ٺر، جهمپير، جامشورو، ڏيهه سري، ٽاڻو احمد خان، ٽاڻو بولا خان، انهن جا سيڏي سامان جا هت آهن. کي هندو گند جو واپار ڪن ٿا. ريڑھي جي مختلف پاڻ ۾ هندن جا هت آهن. ريڑھيءَ ميان کان ٻه ڪلوميٽر جي فاصلي تي ڇر درياءَ آهي. هن درياءَ مان ڪڏيرو درياءَ نڪري ٿو. اهو ريڑھيءَ جي اولهه طرف ۾ آهي. ڪڏيرو درياءَ مان جهري درياءَ ڦٽي ٿو ۽ جهڙي درياءَ مان ٻه درياءَ هڪڙو رتوڪوٽ ۽ ٻيو ڦٽي درياءَ نڪرن ٿا. رتوڪوٽ درياءَ منجهان وري ڇن درياءَ نڪري ٿو

جيڪو اڳتي وڌندو وڃي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. ريڑهيءَ جي اُتر ۾ جبل آهي، هتان جا ماڻهو اتر طرف کي تڙ چون ٿا. جيڪڏهن وچ شهر ۾ بيٺل ٻه ماڻهو پاڻ ۾ گفتگو ڪن ۽ هڪ کي اتر طرف وڃڻو هوندو آهي تہ اهو ٻئي کي چوندو ”ادا... تڙ تي وڃان پيو. ادا... هلو تڙ تي هلون. يعني اتر طرف هلون.

ريڑهيءَ جا ڪي ماڻهو اتر طرف کي جبل چون.

ادا... هلو جبل تي.

ريڑهيءَ جا ماڻهو ڏکڻ طرف کي درياءَ چون. جڏهن ساحلي پٽيءَ جا رهندڙ ماڻهو ڏکڻ طرف کي ڪوش چون ۽ ساحلي پٽيءَ ۾ رهندڙ جت، اهي ڏکڻ طرف کي ڪاشيل سڏين. اولهه طرف کي ساحلي پٽيءَ جا ماڻهو ٽن نالن سان سڏين ٿا، هڪ مٽارا، ٻيو وانتا ۽ ٽيون واسرو.

جت اولهه طرف کي وانت جي نالي سان سڏين ٿا. ساموندي پٽيءَ ۾ مهاڻا، ملاح ۽ جتن جي ٻولي ۽ لهجي ۽ لفظن جو چٽو فرق معلوم ٿئي ٿو. اوپر طرف کي ساموندي ماڻهو ٻيالا ۽ ٻيسرون چون. جت اولهه طرف کي ٻيال سڏين.

جاموت تڙ تي ڪيترين ئي ٻيڙين بيٺل هيون، جنهن ۾ سڙهه واريون، ڏونڊيون ٻيڙيون، ڪي ننڍيون ٻيڙين ۽ هوڙا ٻه هٿا. سج جي روشنيءَ ۾ انهن ٻيڙين جو عڪس درياءَ ۾ من موهيندڙ ٿي نظر آيو. هڪ ريٽڙيءَ هوڙي تي تمر جا پن، ڪاڻيون رکي ناکئو اوليءَ تي هلائيندو تڙ طرف کنيو پئي آيو. ڪن هوڙن ۾ خلاصين راشن پئي رکيو جيڪي شڪار تي وڃڻ جون تياريون ٿي ڪيون. ايتري ۾ جاموت تڙ تي گاڏين برف جي لادين(10) سان پرجي آيل هڪ پئي پٺيان اچي بيهي رهيون. ڪنڊيءَ سان بيٺل ٻن هوڙن مان پنج خلاصي هيٺ لهي انهن گاڏين ڏانهن آيا. هڪ گاڏيءَ جي طرف ٻه خلاصي لادين لاهڻ جي لاءِ ويا تہ ٻي گاڏيءَ ڏانهن تي خلاصي ويا. انهن خلاصين برف

(10) لادين: ٻلاڪن، نادين

جي لادين جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري اُهي پنهنجن ڪلهن ۾ پنٽيءَ تي ڪٽي هوڙن جي ڪُنڊ ۾ رکاڻ جي ٿهيل وڏين پيتين منجهه وجهندا، وري واپس ورندا، ٻيون لاديون ڪٽندا ٻيڙين ۾ اچلائيندا ويا.

ترڙ تي پيالا استاپ وٽ محمد سميجو مٿ ۾ لسي ۾ مکڻ گهاري کان محمد سميجو ڪٽي آيو هو. هيءَ صبح جو اٽين وڳي ايندو هو ۾ لسي ۾ مکڻ منجهند تائين وڪرو ڪري، ٻارنهن تيرنهن سؤ روپيا روزانو ڪمائي پوءِ گهاري واپس هليو ويندو آهي.

ترڙ جي اوپر واري پاسي ۾ تي چار ڪوٽيون ٿهيل هيون، ٻن ڪوٽين جي اڳيان ڪائين جو وڏو چنو ٿهيل هو. هڪ ڪوٽيءَ جي دروازي مٿان الفهد سي فوڊ جو وڏو بورڊ لڳل هجي، ان دروازي جي ٻوري فاصلي تي سيمينٽ جي ڊگهي بينچ ٿهيل، اُتي ويٽل ۾ ماٺهو پاڻ ۾ وينا ڪچهري ڪن پيا ۾ ترڙ جي ڪنڊيءَ سان بيٽل هوڙن ۾ ٻيڙين کي ڏسندا ۾ رهيا. چني ۾ ڇهه پلاسٽڪ جون اڇي رنگ واريون ڪرسيون رکيل هيون، جنهن تي ڪي نوجوان ۾ پڪيءَ عمر وارا ماٺهو وينا پنهنجي ڏنڊي، واپار ۾ گند جي باري ۾ ڪچهريون ڪن پيا.

ٻه وڏيءَ عمر جا ماٺهو هڪٻئي سان وينا ڳالهائين. هڪڙو ٻئي کان مڇيءَ جي واپار بابت پُڇي رهيو هو.

ناکٹا! مڇي گهٽي جي ٿي...؟

ادا... مزو ڪونہ ٿيو. لاڙو ٿي ويو گهاتو جي ڪٽت ۾ ڪجهه رهجي وئي، ترڙ تي ٽنگ مشين جو آواز آيو ۾ هوڙا ڪنڊيءَ کي چڊي هلڻ لڳا. بينچ تي ويٽل نوجوان پر ۾ ويٽل ساٿيءَ کي چيو.

شهزادا! ناکئو آچر چَر(11) تي وڃي پيو ۾ ناکئو قاسو ڪڏيرو(12) تي ڪوڪا(13) مارڻ وڃي ٿو.

ناکئو آچر ڏکاٽي تي ويٺو تمر جي وڻن ڏانهن ڏسندو ڪنهن اميد

(11) چَر: درياءَ جو نالو (12) ڪڏيرو: درياءَ جو نالو: (13) ڪُوڪان: ڪيڪڑ چنبن ٻانهن وارو ٽڻي ٿو:

وچان مرکندو خلاصين کي ۽ سرنگ کي ڏسندو رهيو جيڪو خلاصين سان ڳالهائي رهيو هو. دکاٽيءَ جي ٻنهي پاسي کان ڏيڊ فوٽن جون ڪائيون گول سوراخ ۾ لڳل هيون، جنهن کي ڳريو يا هٿيو چئبو آهي. پوءِ ٻئي هوڙا تمر جي وٽن جي اوت لڪي ويا.

تڙ تي پيپسي ڪمپنيءَ وارن جي هڪ گاڏي بوتلن جي ڪريٽن سان ڀريل هئي، سا گهاتو هيئر ڪٽنگ سيلون جي اڳيان چڪر ڪاٽي الفهد سي فوڊ جي اڳيان لڳل چني جي ٽوري فاصلي تي چڪر ڪاٽي سُڪيءَ تي بينل هڪ هوڙي جي پاسي کان مٽي هلي وئي.

سُڪيءَ تي بينل هوڙي وٽ هڪ شخص ڏاڍو پريشان لڳي رهيو هو بار بار هوڙي کي ڏسي ٻيٽو شايد ان هوڙي جو مالڪ هو ايتري ۾ هڪ ٻيو پڪيءَ عمر وارو شخص اُن جي پرسان اچي هوڙي کي ڏسي پوءِ اُن همراهه کي چيو.

ناکٽا احمدا! ڪِجا لاءِ پريشان ٻيٽو آنئين؟

ناکٽو احمد هوڙي ڏانهن نهاري تنهن کي چيو.

خيرو! اسين دبو درياءَ تان شڪار گهوري نڪتاسين تہ درياءَ ٽورو تيز هجي، هوڙي کي ڳيو(14) پئي ويو. هير هوڙو گهري(15) چڏيوسين، بس وڃي جي انتظار ۾ آهيان، اچي تہ ڳيو هٽايان.

هڪڙو نوجوان هنن ٻنهي وٽ آيو خيرو ۽ ناکٽي سان هٿ ملائي پوءِ ناکٽي کي چوڻ لڳو.

ناکٽا احمدا! وڃي يوسف کي تنهنجي هوڙي ڏانهن لنگهايو هوم. پر اڄان ڪونہ پڳو آهي.

ناکٽو احمد هيڏانهن هوڏانهن ڏسي پوءِ انهيءَ نوجوان کي چيو.

اي انوا! وڃي يوسف کي جهپو(16) هٽي ڪٽي اڇ، جوئار(17) مٽي چڙهي آيو آهي، ٻن ڏينهن کان هوڙو گهريو پيو آهي، باهر ويندا سين، دير ٿيندي تہ

(14) ڳيو: ڪاٽ جي پاڻي جو پڳل ٽڪرو ٽُڪي پيو(15 گهري: بيهاري چڏڻ(16) جهپو: جلي، تڪڙو؛ ٽرٽ. (17) جُوئار، پاڻيءَ جو تيزي سان چڙهڻ.

ماڙيڇي نه وڃن.

خلاصي انو هلڻ جي ڪئي ته هن جي نگاهه سامهون وايي يوسف تي پئي، جيڪو هوڙي جي طرف اچي رهيو هو. انوءَ دانهن ڪري ناکئي کي چيو.

ناکئا احمد! وايو يوسف اچي پيو.

ايرتي ۾ وايو يوسف آيو هن جي هٿ ۾ سامان جي ٿيلهي هئي. وايو انوءَ خيروءَ ۾ ناکئي احمد سان هٿ ملايو ته ناکئو چوڻ لڳس.

ادا يوسف! هوڙي جو ڪيو نڪري ويو آهي، گڙدي(18) هٽي بند ڪري ڏي.

وايو يوسف مشڪي ناکئي احمد کي چيو.

ناکئا! ڪجا لاءِ بتال پيو ٿي، خلاصي انوءَ گس ۾ چيو هو پوءِ آءُ گهران اوزار کٽي آيو آهيان. اهي ڪيا ۾ تتل پاتيا سولا ڪري ڏيان ٿو.

يوسف وايي جي اجازي ڳالهه ٻڌي ناکئو خوش ٿيو ڪيسي مان چورو ڪيي وات ۾ وڌائين. يوسف وايو هوڙي کي باهران ڏسي ڦيرو کائي، پوءِ هوڙي جي ڪُٽ ۾ لهي ويو اُن کي جاچي ناکئي احمد کي چيو.

ناکئا احمد! تو واري هوڙي کي پهرين اسين باهران ڏنو جڏهن ڪُٽ ۾ لهي ڏنو آ ته هوڙي جا ڪم ئي لٽا پيا آهن. لئي جون ڪائيون جهڙيون پيون آهن، گهٽو(19) پاتين کي لڳل آ، اهي پاتيا بدلي ٿيندا.

ناکئو اها ڳالهه ٻڌي پريشان ٿي ويو ته وايو چوڻ لڳس.

ناکئا! توکي خبر آهي ته گهٽو هڪ دفعو هوڙي کي لڳي ويو ته پاتين کي اندران ئي اندران کائيندو پيو هوڙو باهران ڏسڻ ۾ صحيح ايندو پر هوڙو پاڻيءَ کي ڪونه جهليندو آهي، تون ناکئو ٿي ڪري هوڙي کي ڪُرمڪ ڪونه ڪئي ته ڪَڏي لڳي وئي آ، تنهن جي ڪري گهٽو پئجي ويو.

يوسف وايي جي ڳالهه ٻڌي ناکئو پريشان ٿي ويو پوءِ وايي يوسف کي چيائين.

(18) گڙدي: ڪاٺ جو ٽڪرو (19) گهٽو: جيت جو قسم.

يار وڏا! آءُ پوڙهو مڙس آهيان، مون ڇوڪرن جي آسري ڪاروبار ڪري ڇڏيو انهن هوڙي کي تباهه ڪري ڇڏي. آءُ هاڻ غريب ماڻهو آهيان، ايترا پئسا ڪونهن جو هوڙي کي اُٽاريان..!!

وڏا! ڪٽان ڪوشش ڪريان ٿو ڪنهن گهاتوءَ کان پئسا وٺي هوڙي تي لڳايان ٿو.

پوءِ وڏو يوسف موڪلائيندي ناکئي کي چيو.

ناکئا! جڏهن تو وٽ پئسا ٿين تہ ڪاٽ ٻاٽ وٺي رکجانءِ پوءِ اچي اڪم ڪري ڏيندس.

وڏو يوسف هليو ويو خيرو هٽ وڏائي ناکئي احمد جي کهلي تي رکندي چيو.

ناکئا! چا پيو سوچين؟

يار خيرو! منهنجو هوڙو جهُريو پيو آهي، ان هوڙي تي چاليهه هزار خرچ ايندو. ايترا پئسا ڪٽان ڪيان...!

ناکئا احمدا ڪنهن گهاتوءَ کي ڏس، اُن ڪان ڪميشن تي پئسا وٺ. ائين چئي خيرو موڪلائي هليو ويو. ناکئي احمد کي خيرو جي ڳالهه ڏهن ۾ ڦرندي رهي، پوءِ گهاتوءَ وٽ آيو جيڪو تڙ تي دوستن سان ويٺو هو. اُن کي چوڙ لڳو.

گهاتو! مِکي چاليهه هزار ڪپن، هوڙو اُٽاريان... (20)

ناکئا احمدا هوڙي تي ايڏو خرچ ڇو پيو ڪرين. چا چا ڪم اٿس؟

گهاتو! هوڙي ۾ اڏا نوان لڳائڻا آهن، ڦيڙيون (21) صحيح ڪرائڻيون آهن، گُڙ (22) ڪَرٽي آهي ۽ ڪِيلا (23) لڳائڻا آهن، جو لئي ۽ پاتيا مضبوط ٿين.

گهاتو سمجهه وارو هو تنهن ناکئي احمد جي عمر ۽ پريشاني کي ڏسندي ها ڪئي ۽ سانجهيءَ جو پئسن ڏيڻ جو واعدو ڪيو.

(20) اُٽاريان: لهرايان: (21) ڦيڙيون: ڪاٽ جي پاڻين جون ٽُڪل پڇل پٽيوون ٽُڪريو: (22) گُڙ: ڪپڙي جون اڻڙيون هٽي سوراخن کي بند ڪرڻ: (23) ڪيلا: لوهه جا ڪل يا ڪِليُون.

گُهڇ پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتو تہ هن جي نگاهہ هڪ نوجوان تي پئي، جيڪو گهٽيءَ جي مُنڊي وٽ پکوڙا کپائيندڙ چوڪريءَ وٽ ٻينو هجي. ان کان ڪجهہ پڇي رهيو هو. چوڪريءَ هٿ جو اشارو گُهڇ ڏانهن ڪيو تہ نوجوان ڪنڌ ورايو تہ گُهڇ تي نظر پيس ۽ گُهڇ هن کي سڃاتو ۽ چوڙ لڳو.

ادا! تو ڪِجا ٻينو ڪرين؟

يار ٻيلي! آءٌ توسان ملڻ آيس. تنهنجو گهر پيو ناريان، پهرين تنهنجو گهر جهريل هو. هيڏانهن پڪو گهر ڪنهن جو پيو ٿهي...؟

ادا... اي بہ منهنجو گهر پيو ٿهي، ٻچا وڏا ٿي ويا آهن، انهن جي خوشي ڏسڻي آهي، انهن جي شادي بہ ڪرڻي آهي، سوچيم آڪاٽو گهر ٺهرائي ڇڏيان. هير چار سئو رپيا سيمينٽ جي پوري آهي، مهنگائي وڌندي وڃي تہ پوءِ گهر ٺهرائي نہ سگهان ها.

ادا... منهنجو پيءُ ۽ وڏو ڀاءُ قيد مان آزاد ٿي آيا آهن، انهيءَ جي خوشيءَ ۾ تنهنجي ڪِيور جي لاءِ هيءَ مٺائي ڪِڻي آيو آهيان.

نوجوان هٿ واري مٺائي جي ٽيلهي گُهڇ کي ڏني تہ خوشيءَ وچان چوڙ لڳو.

پلي ڪيري جي ڪري مٺائيڪٽي آئين، تون مبارڪون هجن.

پوءِ گهُڄ مٺائي واري ٽيلهي گهر ۾ ٻارن کي ڏئي واپس آيو. ان دوست کان سندس پيءُ ۽ ڀاءُ بابت وڌيڪ تفصيل پڇڻ لڳو.

ادا... هاڻ مِڪي تون ٻڌاءِ تنهنجو بابا ۽ ڀاءُ سگها پگها (24) تہ آهن؟

پوءِ نوجوان ڏکاري انداز ۾ وراٽيو تہ ادا... گُهڇ! توکي تہ خبر آهي قيد ۾ قيدين کي ڪهڙيون سزائون ٿا ڏين.

ها... ادا! واقعي سچو آهي، پوليس وارا قيدين سان وڏو ظلم ڪن ٿا، پر تون بابا جي خبر سڌاءِ؟

(24) سگها پگها: چڱا پلا تندرستي ٽيڪ ناڪ: سِگهور وستي جلدي واري ديرِ، ٿوري وقت ۾.

ادا... ابا کي ايتري مار ڏنائون جو هن جون ٽنگون ٻنگون جهوري ڇڏيون آهن. هاڻ ابا جو علاج هلي پيو اميد آهي ته سگهو وستو(25) اڄ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو.

ادا... مون لاءِ مٺائي کڻي آئين، بابا ۽ ادا جي خبر ٻڌائي، وڏي خوشي ٿي، هل ته ڪچهري ڪوئي، راڄاٽي ريت ڪريون.

آءُ ريڑهيءَ جو فنڪار ابو دبلو علو پٽوڙو گيلو دبلو ۽ رزاق راهي (پب) ۽ ٻين دوستن کي جاموٽ غفور جي تڙ تي گهرايان ٿو اتي ٿا هلي محفل هٽون.

ادا... جاموٽ غفور جو والد جاموٽ غلام محمد وڏي همٽ وارو بهادر ۽ نيڪ انسان، خير خواهه هو هن جي وقت ۾ ريڑهيءَ جي ڳوٺ ۾ امن، ياٽيچارو ۽ خوشگوار ماحول ايترو هوندو هو جو هر ڪو خوشي ۽ عزت سان وقت گذاريندو هو. ان وٽ ۾ ريڑهيءَ ڳوٺ ۾ ڏارين جي آبادي ڪونه هوندي هئي.

پوءِ گُهڇ ٻنهنجي دوست کي وٽي هلڻ لڳو جڏهن پڪوڙا ڪپائيندڙ چوڪريءَ وٽان گذريا ته گُهڇ ٻيهي رهيو ۽ چوڪريءَ جي وارن کي ڏسي شعر چوڻ لڳو.

"چوڪريون اڇڪلهن، وڏائي وار واسينگا،
هن دليپي دؤر ۾ سي جي نه ڪٽا ڪن ته ٻيو ڇا ڪن."

هي سيئي جامع مسجد محمد بن قاسم وٽ آيا ته سامهون مسجد جي پيش امام مولوي عبدالله موساڻي کن دوستن سان گڏ ٻينو هو گُهڇ ۽ ان جو دوست ٻئي، اڇي مولوي عبدالله موساڻي سان مليا ته کين مولوي چوڻ لڳو.

ادا... گُهڇ جهٽ گهڙي ويهه، مهمانن سان ڪچهري ڪريون، ايٽن چئي مولوي عبدالله سيني کي ٻنهنجي جاءِ ۾ وٽي آيو ۽ اتي ڪچهري ۾ نوجوان مولوي صاحب کان ريڑهيءَ جي بابت پڇيو ته ان کي مولوي عبدالله ٻڌائڻ لڳو.

---

(25) سگهو وستو: جلدي واري ديءَ، ٿوري وقت ۾.

ادا... ريڑهي مياڻ سنڌ جي قديم تاريخي ماڳن منجهان هڪ ماڳ آهي. سنڌو درياءَ جي ڪناري تي ننڍڙي آباد وسندي ريڑهي بندر جي نالي سان سڏجاتي ويندي هئي. انهن ڏينهن ۾ ريڑهي مياڻ جي ڪنڌين کان سمنڊ ست اٺ ميل پري هو. سنڌو درياءَ ريڑهيءَ جون ڪنڌيون آباد ڪندو هلندو جوپين واريءَ مستيءَ وچان ڪورنگي کان وهندو. ريڑهيءَ مياڻ کان گذري اڳتي هليو ويندو هو. درياءَ جي مٿي پاڻيءَ جون لهرون ريڑهيءَ مياڻ جي ڪنڌين وارن ماڻهن کي هزارين خوشيون ڏئي هليون ويندیون هيون. هتان جا ماڻهو ملوڪ طبيعت رکندڙ هنن جو من سدائين پيار ۽ پريت جي جذبن سان پريل هوندو هو. هونئن به سنڌوءَ درياءَ جي ڪنڌين وارن ماڻهن ۾ پيار ۽ پاڻپوڻ جهجهو ٿئي ٿو.

سنڌ جو ريڑهي بندرگاهه ماضيءَ ۾ جهاز راڻيءَ جو لنگهه هوندو هو. هن بندر کان جهاز گذري دبو درياءَ ۾ ديبل بندر تائين ويندا هئا. ريڑهيءَ جو ذڪر گهڻو پراڻو ۽ مختلف نالن سان ملي ٿو.

اصل ريڑهيءَ جو ڳوٺ موجوده ريڑهيءَ جي اُلهندي پاسي ۾ نار تي آباد هو. پوءِ آبادي وڌڻ جي ڪري اُپرندي پاسي واڌ ڪائڻ شروع ڪئي ته سموري آباد آهستي آهستي موجوده ريڑهيءَ ۾ اچي آباد ٿيندي وئي.

هيءَ بندر سمنڊ جي ريل يعني درياءَ جي ڪنڌي جتي پاڻي لهي ۽ چڙهي هلي تنهن کي سامونڊي پٽيءَ جا ماڻهو ريل چون.

پوءِ ريل لفظ جي ڪري ريلي بندر سڏيو ويو. ريلي بندر کانپوءِ ريڑهي بندرگاهه ۾ نالو تبديل ٿي ويو هن وقت ريڑهي بندر جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو.

ريڑهي ڳوٺ وارن جي ثقافت هميشه اها آهي ته هن ڳوٺ ۾ جڏهن ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا آيا ته انهن جي زبان کي ريڑهي وارن ڏار سڃاڻپ واري

نشاني لڳائي ڇڏي. جيئن بلوچ هت آباد ٿيا، انهن جي زبان ۾ چي گُشي جو لفظ بار بار استعمال ٿيندو هو تہ ريڙهي وارن انهن کي گُشي ٻڌائي ڇڏيو. اُهي بلوچ هن وقت گُشي جي نالي سان سڏجن ٿا. جڏهن تہ گُشي نالي سان ريڙهي ۾ ڪا بہ قوم ڪڏهن آئي ڪانهي ڪا. جنهن مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ هتان جا ماڻهو پنهنجي فطرت ۽ ڪلچر الڳ رکن ٿا.

ابن بطوط پنهنجي سفر نامي ۾ ريڙهيءَ ميارُ کي ديبل چيو آهي. شايد انهيءَ ڪري چيو اٿس جو انهن ڏينهن ۾ ريڙهي بندر ۽ ديبل بندر گڏ هئا. انهن ٻنهي جي وچ ۾ ڪا آبادي ڪونہ هئي. پر اسان کي اُن ڪان اڳ جي ڪتابن ۾ سنڌ جي درياءَ ۽ ٻيٹن جو ذڪر ملي ٿو.

مولوي عربي ڪورس جي ڪتاب هُدايہ ۾ ٿوب زطي جو ذڪر ملي ٿو جنهن ۾ زط يعني جت جو تعارف هن طرح سان ڪرايو ويو آهي.

وَهوَ سودان السند مَسا كِنهم بين الديبا والجراوردي.

هن سِٹ مان واضح ٿئي ٿو تہ اهي جت ڪارا سنڌ جا آهن. رهائش انهن جي وچ ۾ دبو ۽ جُريءَ جي آهي. هير دبو درياءَ تي ماڻهن جي آبادي آهي ۽ جُري سمنڊ جو حصو ٻڌجي وئي آهي.

دبو ۽ جري اُهي ٻئي ريڙهي بندر جا ٻيٹ هئا. ڪنهن وقت حيدري بندر ۽ ريڙهيءَ جي بندرن جي وچ ۾ دبو درياءَ وهندو هو. انهيءَ زماني ۾ هن درياءَ تي وڏو بندر هو. مهاڻن جا هزارين گهر آباد هئا. هن درياءَ تي ڪيترين ئي ذاتين وارا ماڻهو رهندا هئا هن بندر تي وٽج واپار ڪجهو ٿيندو هو. هتان جا ماڻهو مڇيءَ جي ڏنڊي ڪانسواءِ ٻني ٻاري جو ڪم بہ ڪندا هئا. هي بندر واپار جو وڏو مرڪز هو. پرڏيهي واپار سانگي پنهنجا ٻيڙا، لانچون ۽ غوراب ڪاهي ايندا هئا. هن بندر گاهہ تي مقامي ماڻهن جا هٹ ۽ مختلف وکرن جا دڪان بہ هئا. جيڪي بندر ۽ شهر منجهہ اڏيل هئا، انهن ڏينهن ۾ ڏبي درياءَ جو ڏيڪ ڏسڻ وٽان هو.

سنڌو درياءَ ساموندي پتيءَ ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ سمنڊ سان ياکر پائي ملڻ جي آس ۾ ۽ جوش وچان هلندو آهي. کڏهن کڏهن بغير کنهن روک ٽوک جي سنڌو پنهنجا رخ تيزي سان بدلائيندو رهندو هو تہ کيترائي ڳوٺ، وسنديون ۽ بندر آهستي ڦٽڻ شروع کندا هئا. وري جنهن هنڌان سنڌو نئون گس ناهي هلندو هو تہ انهن جاين تي نوان ڳوٺ ۽ آبادیون، بندر ۽ بازارون خوبصورت رنگن سان جُڙي ويندیون هيون.

ڇو تہ پاڻي انسان جي بنيادي وسيلن مان هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي بغير انسان جي زندگي تہ بہ ڇا، پر ڏرتيءَ خود ڦيٿهڙو ڪائي تباهہ ٿي وڃي ٿي. ان کانپوءِ کنهن بہ جيوت جي زندگي رهي نٿي ۽ نہ رهندي آهي.

جڏهن ڪورنگي ۽ ريڑهيءَ کان سنڌو پنهنجو رخ بدلايو تہ درياءَ جي انهن وهڪرن واري جاءِ تي سمنڊ جو کارو پاڻي ڪاهي پيو. هير ريڑهيءَ جي ڪنڌين سان سمنڊ جو کارو پاڻي آهي.

ريڑهيءَ ڳوٺ جي ڏکڻ ۾ درياءَ ۽ اُتر ۾ جبل آهي. اهو جبل حيدري بندر کان نڪري ٿو. چشما ڳوٺ کان ٽيندو ريڑهيءَ ڳوٺ جي اُتر طرف کان مٽيندو اڳتي هلندو گهگهر ڳوٺ کان شاهہ حسن پير، گهاور جي ڏکڻ طرف پنيور تائين وڃي ٿو. هيءَ جبل استيل تائون وٽان ٽُڪرن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هڪ حصو ڏاپيجي، جهمپير کان هلندو ۽ ڪينجهر کان اڳتي وڌي وڃي ٿو. حيدري بندر ۽ ريڑهيءَ بندر جي وچ ۾ چشما ڳوٺ آهي. اُتان جبل جي وچ مان هيٺ ڪچو رستو سمنڊ جي طرف نڪري ٿو. هن وقت اهو پڪو روڊ جي شڪل ۾ آهي، جنهن کي گولائي چون ٿا. اُن گولائي کان بہ رستان نڪرن ٿا، هڪ رستو اولهہ طرف حيدري بندر ۽ بيو رستو اوپر طرف ريڑهي بندر ڏانهن وڃي ٿو.

حيدري بندر کان ريڑهي بندر تائين جبل جي مٿان هن وقت وڏي آبادي

رهي ٿي، جنهن ۾ بنگالي، برمي ۽ پناڻ جيڪي جهجهي تعداد ۾ آباد ٿيندا وڃن ٿا. چند سالن ۾ هتان جا مقامي ماڻهو ڏارين جي وڏندڙ لوڌ جي گهيري ۾ اچي، اقليت واري شڪل اختيار ڪري ويندا، ان ڪان اڳ ۾ هتان جي سڃاڻ ڏرين تي اها ذميداري آهي تہ اهي ڏارين ماڻهن جي يلغار کي روڪين ۽ پاڻ کي سنياليين تہ سڀو آهي.

ادا... توهان کي پنهنجي استاد مولوي غلام حسين چانڊيو جو بيت ٻڌايان ٿو.

ٽي سڏيو ڪي ڏينهن ديول هي اُهو آهي پنيور،
سنڌ جي ساحل تي وسندڙ شهر هي مشهور زور،
پنج تهذيبن جو مدفن مرجئه بهرام گور،
هئا منجهس ميلا متل ۽ زندگيءَ جو زوز شور،
سڪ پري سسئي هتي هئي، هت هوڙ آرياڻي اتور،
ڪيچ جو والي پنهون سومرڙ مٽياداري مور،
جنهن جي هيبت هئي، سڄي هاڙي ۽ هنگور ۾،
عشق آڻي هو بڻايو سو ڪٿي پنيور ۾.

سنڌ جي سامونڊي پٽي تي رهندڙ ماڻهن جي پراڻي گَت (عادت) رهي آهي تہ نالي پٽيان تلخص طور نئون نالو لڳائين. جيئن تہ ساحلي پٽي جي ماڻهن ملاحن ۽ ميربحرن جو جيا پوپاڻيءَ سان آهي مڇيءَ سان جهجهي ڪرت رهي آهي، انهن جو گذر سفر بہ مڇيءَ تي آهي. ڪاري هجي يا مٺي، جنهن ماڻهوءَ کي ڪا بہ مڇي ڏسڻ ۾ يا ڪائڻ ۾ متاثر ڪري ٿي تہ پوءِ اهو ان مڇيءَ جو ذڪر گهٽو ڪري ٿو جنهن سبب جي ڪري انهيءَ مڇيءَ جو نالو سندس نالي پٽيان تخلص طور سڏجڻ ۾ اچي ٿو. اهڙيءَ ريت هڪڙا ماڻهو بين تي پنهنجي طرفان نالا رکندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي عادت مطابق بہ ان تي تخلص

رکندا آهن جيئن مرحوم احمد تانبو ۽ يوسف نوتاري هي ٻئي ريڑهي جا مشهور ناڪا رهي چڪا آهن. مرحوم احمد ڪُولٹو پاڙي مان هو هن جي اها عادت هئي ته دل ۾ ڪابه ڪنهن جي ڳالهه نه رکندو هو هر ڪنهن کي منهن تي سچ چئي ڏيندو هو ته ايئن ماڻهو کي باهه لڳي ويندي هئي ۽ تانبي وانگر دکندو هليو ويندو هو. مرحوم احمد جي اهڙي سچ چوڻ تي کيس هتان جي ماڻهن متس تانبو تخلص رکي ڇڏيو.

يوسف توتاري هن وقت ريڑهي جي موساڻي پاڙي ۾ رهي ٿو. هن جي اها عادت آهي ته هر ڪنهن سان عورت، مرد ۽ ڪيور سان پي حيائيءَ وارو مارکو ڪندو رهندو آهي. هر ڳالهه هر هر بيان ڪندو رهندو آهي، جنهن ڪري وري ريڑهي وارا ماڻهو هن کي يوسف توتاري جي ناليسان سڏيندا آهن.

ادا... ريڑهيءَ ۾ ڪجهه ماڻهو جيڪي ڪنهن به هڪ پيٽي تي ٽڪي ڪونه رهن، سدائين ڪڏهن ڪٽي ڪڏهن ڪٽي آسپاس ۾ پيا ماڳ متائيندا رهندا آهن، انهن کي پاڙويا سڏيو ويندو آهي. جيڪي موساڻي ۽ ملڪائي پاڻ جي وچ ۾ الڳ پاڙي ۾ رهن ٿا. هاڻي انهن کي پاڙويا جي پاڙي يا ناليسان سڏيو ويندو آهي. مولوي عبدالله ڪچهري ڪندي ٻڌايو ته "ڪنيي" ۽ "چير" راند ريڑهيءَ جا بار ۽ وڏا پٽ ۾ ڪڏندا آهن. هن راند ۾ ٻه پڙيون ٺاهيندا آهن، اها راند بن ليڪن جي وچ ۾ ٽيندي آهي، پهرين کي پنيي ۽ پيءَ چير چئبو آهي. هن وقت به اها راند ريڑهيءَ ۾ ڪيڏي وڃي ٿي. "ڪنيي" راند ڪڏڻ جي پڙي ۽ "چير" راند ڪڏڻ جي جاءِ اسين ڪلي ميدان ۾ اها راند ڪندا آهيون. ويهن ماڻهن ۽ سٺ ماڻهن جي وچ ۾ ٽيندي آهي، اهي ٻنهي پاسن کان برابر هوندا آهن.

مولي عبدالله موساڻي ڪچهريءَ وارن کي چيو.

جاموٽ غلام محمد موساڻيءَ آپريشن ڪرائي آيو آهي، هلي خبر

ڪيي اچون. هن وقت انونجاهه سالن جو آهي.

پوءِ سيئي اٽيا ۽ جاموٽ غلام محمد موساڻي جي اوتاري ڏانهن ويڙ لڳا. گهٽيءَ ۾ بار ڪنهن ٽانوَ ۾ پسيل متي وجهي ان جو سانچو ناهي رهيا هئا. انهن ٻارن کي ڏسندي مولوي عبدالله موساڻي چيو ته "ٻار گدِبورو راند ڪن ٿا"، جڏهن ڪچهريءَ جو دور هليو ته جاموٽ غلام محمد موساڻي چوڻ لڳو.

اسين ريڑهيءَ جا اوائلي رهندڙ آهيون، جڏهن اسان جا وڏا تقريبن چار سئو سال اڳ هت آيا هئا ته ريڑهيءَ ۾ واٽيا ۽ سڪ جهجها هئا، هن وقت اسان جي ستين پيڑهي آهي، اسان جا وڏا پنج ڀائر هئا، جنهن ۾ وڏي ۾ وڏو موسيٰ، پنجون، اسماعيل، ريام هئا. اسين مهاڻن جون اوڙڪون آهيون، اسان وڏا مڇيءَ جو ڏنڊو ڪندا هئا ۽ ڪاسم هئا، هير تن جي نالن سان ريڑهي ۾ پاڙا آهن. جت جيڪي ريڑهي جي پرپاسن ۾ رهندا سين ڏاتن جا ماڻهو پوءِ ايندا ويا ۽ هت رهڻ لڳا.

مولانا محمد هاشم ٺٽويءَ جو شاگرد نالي دين محمد شيخ ريڑهيءَ جي پرسان لٽ بستيءَ ۾ اچي رهيو اهڙيءَ طرح شيخ آباد ٽيا، جيڪي پوءِ ريڑهي ۾ اچي رهيا. انهن کي به صديءَ جو عرصو ٿي ويو آهي.

سنڌ جا بندر آباد هئا، ان وقت سنڌو درياءَ موج ۽ مستين ڪاوڙو هو ريڑهيءَ وٽان ڏبو درياءَ گذرندو هو هيءَ وڏي آبادي واري وسندي هئي.

لاڙي بندر موجوده ريڑهي ميان کان ڏکڻ جي طرف ٽن چئن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي هو. لاڙي بندر جي اولهه ۾ ٽن چئن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي رتو ڪوٽ بندر هو جنهن جا نشان اڄ به موجود آهن. لاڙي بندر جي اوير ۾ سمنڊ جي ليول جي حساب سان ٻيڑيءَ جي ذريعي ٽن چئن ميلن جي فاصلي تي ڊيبل بندر هو اهي ٽئي بندر هڪٻئي جي بلڪل ويجها هئا، جيڪي علائقي جي سونهن هئا.

ڏبي درياءَ جون ٽريون ٽنهي بندر گاهن سان لڳندڙيون آهن. ڏبي درياءَ

جي نري ڦٽي سان رتو ڪوٽ بندر سان لڳندي آهي. ڊبي درياءَ جي نري ڪُڏي سا لاڙي بندر سان لڳندي آهي. ڊبي درياءَ جون نريون پيٽاڻي ۾ ڪڏي اهي ٻئي نريون ڊيبل بندر سان لڳنديون آهن. پر هير نہ ڊبو درياءَ آهي نہ ئي بندر آهن. هير ڊبي درياءَ جي هنڌ تي ۾ ان جي نرين ۾ سمنڊ جو ڪارو پاڻي وهي پيو.

هن وقت ريڑھيءَ ۾ جنهن جاءِ تي جاموٽ غلام محمد بندر آهي، اصل ۾ ان جاءِ تي ريل هئي، يعني سمنڊ جو ڪنارو جنهن کي هتان جو ماڻهو ريل چوندا هئا. ڇو تہ سمنڊ جو ڪارو پاڻي انهيءَ جاءِ تي چڙهي ايندو هو ۾ لهي ويندو هو. پاڻيءَ جي انهيءَ ريلي کي "ريل" سڏيندا هئا. پوءِ ريل لفظ مان ريڑھ ٻڌيو ريڑھ لفظ جي معنيٰ به ساڳي نڪري ٿي، ڇو تہ سمنڊ جو پاڻي هن جاءِ تي رڙهي ايندو هو ۾ پوءِ لهي ويندو هو. اهو صرف هتان جيَ مقامي ماڻهن جي لهجي جي ڪري ريل مان ريڑھ مان ريڑھي ٻڌيو آهي. ريڑھي لفظ جي چئن صدين کان مٿي عرصو گذري ويو آهي.

هن وقت ريڑھيءَ ۾ جاموٽ غلام محمد بندر آهي، اهو اوائلي بندر آ، اهو شروع ۾ اسان جي وڏن جي نالي سان هو هير ريڑھيءَ ۾ جيڪي ٻيا بندر آهن اهي پوءِ جا آهن. منهنجي والد صاحب جو نالو جاموٽ غلام محمد پٽ جاموٽ عيسيٰ پٽ حاجي حسين پٽ جاموٽ بکر...

گُهڃ ڪجهہ وقت ويهي مولوي عبدالله موساڻي، جاموٽ غلام محمد موساڻي کان موڪلايو پنهنجي دوست صالح سان گڏجي باهر آيا. پاڻ ۾ ڪچهري ڪندا تڙ تي اچي پهتا. ورياڻي تڙ تي ڪيئي هوڙا جنهن ۾ گاڏيتو هوڙو وڏو هوڙو لانچون ۾ ننڍيون هوڙيون، ٻيڙيون هيون. ڪي هوڙا سُڪي تي ٻيا هئا، تڙ تي هڪ ناکئو پر ۾ ٻيڙل شخص کي ڇڏي رهيو.

ادا گلو وايا! هوڙي جي ٻوڏ بدلي ڪري ڏي ۾ هوڙي جو تُر نئون وجهي ڏي، غريب ماڻهو آهيون، مڙئي جڳاڙ ڪرٽو آهي.

گلو وايو سُڪي تي ٻيڙل هوڙي ڏانهن ڏسي اُن شخص کي چيو.

ادا موسيٰ جهلنگيءَ مِکي هوڙو ڏيکاريو ڪم ڏسي ڏوکڙ چوندس ۽ هوڙو بن ڏينهن کانپوءِ نڪنڊيندس. مِکي هڪ ٻہ ڏينهن جهجهو ڪم آهي، اهو پورو ڪريان، جي تون انتظار ڪري سگهين تہ پوءِ ناهي ڏيندس.

رات نوي بجي ريڑهي جي مِلکائي پاڙي ۾ مولوي حڪيم عبدالله ولد اسماعيل ملکائي طالباڻي پاڙو عرف ننديو ملئو جيڪو پاڻ آکين جي نور کان محروم آهي، تنهن پنهنجي جاءِ تي ڪچهري ۾ ويٺلن کي ريڑهيءَ جي ماضيءَ بابت ٻڌايو.

قاسم پورٽ ويجهو هڪ نيريا نيرو معنيٰ ڏورو جتان پاڻي لهي ۽ چڙهي، ان ڏوري کي ونگين يا ونگرن وارو ڏورو چوندا هئا، ڪنهن وقت ان ڏوري تي ونگرن جا ماڻهو آباد هئا، جنهن ڪري اهو ڏورو ونگين واري نالي سان مشهور ٿيو. ونگرن جا تي چار پاڙا، جن مان اسماعيل وڏو اول جو اولاد اسماعيلاڻي پاڙو سڏجي ٿو. قاسم ۽ دودو اول جن جو اولاد قاسماڻي ۽ دوداڻي پاڙا سڏجن ٿا.

ميرن جي زماني ۾ جڏهن سنڌو نديءَ جبل وارو پاسو سيوهڻ کان ڏيئي، ڪورنگي ڪريڪ ۾ اچي پوندي هئي تہ سنڌو نديءَ جي مٿي ۽ ريتي جبل جي ڪناري سان اچي گڏ ٿيندي هئي، جنهن کي ريڪ چوندا هئا ۽ پاڻيءَ پرسان گپ واري زمين کي ريل چئبو آهي. ونگين واري وٽ ونگرن سان گڏ جوڪيا قبيلي جا ماڻهون ٻہ آباد هئا، جن ۾ شيخ سليمان جوڪيو شيخ مراد جوڪيو جيڪي مخدوم هاشم ٺٽويءَ جا مريد ا، ونگرن ۽ جوڪين جو پاڻ ۾ ناراضپو ٿي پيو ۽ سنڌو نديءَ جو زور ٻہ گهٽجڻ لڳو تہ ونگرن جا ماڻهو اتان لڏي جبل جي پرسان ريڪ ۽ ريل تي اچي وينا. پوءِ وقت ۽ حالتن سان گڏ ريڪ ۽ ريل جو لفظ بدلجي ان مان ريڑهي جو لفظ سڏجڻ ۾ آيو. اڄ اهو ريڑهي ميانڻ جي نالي سان وڏو وسندڙ آباد بندر بڻجي ويو آهي.

جڏهن سنڌو نديءَ جو رخ آهستي آهستي ڪورنگي ۽ ڦٽي ڪريڪ

کان منجھڻ لڳو. 1809ع ۾ ڪليليءَ ۾ تمام گھٽو پاڻي آيو. 1819ع ۾ ڏرتيءَ جي ڏڌ ڪري سنڌو ندي وري بگھياڙ نالي ڦاٽ مان وھڻ لڳي ۽ سنڌو ندي بگھياڙ ڦاٽ جي وسيلي دبي ڪريڪ ۾ اچي ڇوڙ ڪندي ھئي. دبلا به ونگرا آھن، جيڪي ڪنيءَ ڪنيءَ تي آباد ھئا، اھي دبي ڪريڪ تي اچي آباد ٿيا، جنھن ھنڌ سنڌو ندي ڇوڙ ڪندي ھئي.

جڏھن ڪورنگيءَ کان سنڌو نديءَ رخ بدلايو ته سنڌ جا قديم بندرگاھ جيڪي سنڌ جي ساموندريءَ جا سھڻا بندر ۽ ماڳ ھئا، جن ۾ جاڪي بندر، وڪر بندر، ديبل بندر ۽ ڪيھر بندر سي ويران ٿيندا ويا.

راڻن جو ڪوٽ يعني کارڙو درياءَ جنھن وٽان دبو درياءَ نڪري پٽياڻيءَ درياءَ ۾ اچي پوندو ھو. کارڙي درياءَ تي شاھ ڪتال ۽ درياءَ پير جون مزارون آھن، جڏھن کارڙو درياءَ ڦٽو ته بگھياڙ جي ندي شيشا تان وھندي ھئي. شيشا جون به شاخون ڪتوري وارو ۽ ڏانڊو سي وھنديون ھيون. ڏانڊو شاخ ڏنڊ ۾ پوندي ھئي ۽ محموداڻيءَ جي مزار به اتي آھي، جيڪي ھينئر ملئي پوتا سڏجن ٿا.

بگھياڙ درياءَ جي اتر پاسي ۾ ملڪو سِرڻ ۽ جابو اھي تي مياڻيون وسندڙ ھيون، جتي ملڪائي پاڙي جا ونگرا آباد ھئا، ملڪائين جي اوڙڪ يعني پاڙو بغدادي آھي، سي بغداد ڏانھن ويندڙ ۽ واپار ڪندڙ ناکٹا ھئا. ھن وقت ريڙھيءَ ۾ ملڪائين جو وڏو پاڙو آھي.

اھا اوڙڪ (پاڙو) ملڪائي ونگرن ۾ ملاح قسم جي اوڙڪ (پاڙو) آھي، جيڪي ھاڻ ملڪائي سڏجن ٿا، جيڪي ملڪي جي مياڻي ۽ بين مياڻين تي آباد ھئا. اٽويھ صديءَ جي شروع ۾ حاجي ابراھيم عرف تمر ملڪائي پائرن سان ناراض ٿي ريڙھي ڳوٺ ۾ اچي وينو. 1930ع ۾ ھڪ پڪي ماڙي ٺھرايائين، جيڪا اڄ به پراڻي حالت ۾ موجود آھي، جڏھن مياڻين تي منو پاڻي اڻلب ٿي ويو ھو ملڪ جي ورھاڱي ڪانپوءِ ملڪائي ونگرا به مياڻيون

ڇڏيندا اچي ريڑھيءَ ۾ آباد ٿيا هئا. ڪي وري لٽ بستيءَ ۾ اچي وينا، پر پوءِ اُهي به لٽ بستيءَ مان لڏي آچي ريڑھيءَ ميان ۾ آباد ٿيا.

حاجي ابراهيم عرف تمر ملڪاڻي جو پوتو عمر ملڪاڻي هن وقت ريڑھيءَ جو ناظم آهي، سادي طبيعت جو آهي، ريڑھيءَ ۾ ملڪائين جا ست پاڙا آهن. طالياڻي پاڙو اڳاراڻي پاڙو سڪڙيا پاڙو جلالاڻي پاڙو وسايااڻي پاڙو طالياڻي پاڙو حياتاڻي پاڙو

پنجواڻي پاڙو: هيءَ پاڙو موساڻي پاڙي مان آهي.

پيراڻي پاڙو: پينگراڻي پاڙو ڪائتاڻي پارو وريااڻي پاڙو جيڪي پنهنجن پنهنجن پاڻ جي نالن سان ريڑھيءَ ۾ سڃاتا وڃن ٿا.

پاڪراڻ، ريڑھيءَ ميان ڪان اوير طرف شاهه حسن جي جاءِ تي آهي، جتي ايجان به پيوا بلوچ آباد آهن. ونگين واري جا وانگرا هاڻوڪيءَ ريڑھيءَ ۾ آباد ٿيڻ لڳا هئا. تڏهن اتي اسماعيلاڻي پاڙي جو وڏو عيسو ۽ ان جو پٽ عثمان ۽ ان جو پٽ بڪر ۽ بڪر جو پٽ عثمان جيڪي اصل ريڪ ۽ ريل جا مقامي ويڙل هئا، ايوب ولد اسماعيل پينگهراڻي عرف ڇخلان مولود پڙهندو هو.

ڪارو ٻڌو يعني جبل جي ڪاري بني پٽريلي، جيڪا لٽ بستيءَ ڪان وڃي اولهه ۾ ڪارين جي ماڳ تائين ديهه ريڑھيءَ جي زمين اسماعيلاڻين جي هئي. جيڪي موسوي جو اولاد آهن، اصل ۾ اهي سونمياڻي ڪان 1835ع ڪان 1840ع واري ريڑھيءَ ۾ اچي آباد ٿيا، انهن ۾ ايوب ٻائولو نالي هڪ همراهه موساڻين ڪان لڏي اچي واڳو ڏر جي اوير طرف ۾ اچي وينو جنهن کي ڪانوڙ نالي سان به سڏيندا هئا. لٽ بستيءَ جي نئين جي پيٽ ۾ برڙ جو وڻ هو جيڪو شيخ دين محمد جي نالي سان مشهور هو لٽ بستيءَ جا شيخ به مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جا مريد هئا.

شيخن کي بکري ونگر لٽ بستيءَ ۾ ٿوري زمين کيٽ آباد ڪرڻ جي

لاءِ ڏني هئي، لٽ بستيءَ ۾ اڳاريو نالي جت رهندو هو جيڪو اُٺ چاريندو هو. 1914ع ۾ بکر ونگرو ان اڳارو جت کي به ٿوري زمين کيٽ آباد ڪرڻ جي لاءِ ڏني هئي، لٽ بستيءَ ۾ حاجي روسو نالي جت جيڪو پانڊياٽي پاڙي جو اصل وڏو ۽ اُٺ چاريندو هو.

قٽي ڪريڪ جي اُتر پاسي ۾ يوسف شاهه اولياءَ جي مزار آهي ۽ دبلا اُن جو ميلو ڪندا آهن. دبي ڪريڪ جي ڏکڻ ڪوس پاسي شيخ لوڏڻ جي مزار آهي، جيڪا دبي درياءَ ۽ پيٽياٽي درياءَ جي وچ تي آهي. پيٽياٽي ۽ دبي ڪريڪ جا منهن گڏيل آهن، ڪڏي ڪريڪ جي اُتر پاسي ۾ قاسم شاهه ڪرٽي واري بزرگ جي مزار آهي، چاڻ ڪريڪ جو منهن ڏکڻ ۾ حجامڙي درياءَ سان گڏ آهي.

چاڻ ڪريڪ جي اوير طرف ۾ سيتا نالي ڏورو آهي، جيڪو چاڻ ڪريڪ ۾ چوڙ ڪندو هو ۽ ڪري ٿو.

سمنڊ ڪان پنجاهه ميل سنڊو ندي بن ڪاٽن ۾ هڪ بگهياڙ ۽ ٻيو سيتا ۾ ورهائجي ويندي هئي، هنن جا ٻيا به ڪيترائي نالا آهن، پر چوڙ واري پاسي ۾ هنن کي منيجا ۽ واٽياٽي به ڪونيو ويندو هو اهي مل ڪريڪ ۾ مُنٽي درياءَ جي چاڻ ۾ به چوڙ ڪندو هو. هن کي بعد ۾ قلندري ڪات به سڏيو ويو جيڪو انگريز سرڪار 1904ع جي نقشي ۾ موجود آهي ۽ مِڪيه وهڪري کان ڇڇڻ وقت ايترو ته جهجهو پاٽي هوندو هو جو اُڪرڻ به مشڪل ٿي پوندو هو. ڪيدي واري به منيجا جي ننڍي چاڙهه هئي.

ڪنهن زماني ۾ سنڊو ندي يارهن ڪاٽن ۾ چوڙ ڪندي هئي. قٽي، پيٽياٽي، جوهه، ريچل، ڪيهر، مل، سيتا، سير ڪريڪ، حجامڙو، ڪيدي واري، ڪوڪي واري ڪجهه ڪات بگهياڙ جون چارون هيون، انهن ۾ قٽي، پٽياٽي، جوهه، ريچل ۽ ڪيهر

ڪيهر ۽ مل اهي سيتا جون چاڙون هيون.

حجامڙو ڪيدي واري ڪوڪي واري سير ۾ ڪوري جيڪا سير ڪريڪ سڏبي آهي، اهي پنياري ۾ قليليءَ سان لاڳاپيل هيون. منيجا جي وهڪري جو پاٽيُ ڪوڪي واري يعني قلندري ڦاٽ وسيلي سمنڊ ۾ پوندو آهي. هي سنڌو درياءَ جو وڏي ۾ وڏو ڇوڙ آهي. اڳئين وقت ۾ هن کي گوڙا سڏيو ويندو هو. ڇاڻ ڪريڪ ۾ حجامري جي وچ تي بگهاڙ جي ندي شيشا نالي درياءَ وهندو هو ۽ ملڪي درياءَ بگهاڙ جي اپرنديٰ پاسي ۾ آهي. ملڪي درياءَ جي اوپر ۾ ميدان جو مقام ۽ ان جي اوپر ۾ لنبي ڏورو آهي. لنبي ڏوري جي ڪنڌيءَ تي مئين پٽائي ڏاڏي بچل جي مزار آهي، حجامڙو درياءَ تي پيرو شاهه بزرگ جي مزار آهي، حجامرو درياءَ جي ڏکڻ پاسي کان ترساڻ ڪريڪ نڪري ٿي، جيڪا سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿي. ترسياڻ درياءَ ۽ گورا درياءَ، گورا يعني گهوڙو ڪريڪ ٻنهي جا منهن گڏيل آهن، جيڪي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿا، وچ ۾ اوپر پاسي کان کوبر درياءَ اهي، جنهنڪري جو اتريون پاسو کيدي واري ۾ آهي، ۽ ڏکڻيو پاسو گهوڙي ڪريڪ سان ملي ٿو. کوبر درياءَ جي اولهه طرف ۾ به درياءَ آهن، هڪڙي جو نالو گئو ۽ ٻي جو نالو ٻئي آهي، کوبر درياءَ اپرندي طرف ۽ سامهون پوري نالي گوٽ ۽ ڏورو آهي، جيڪو قلندري ڦاٽ جو مکيه حصو آهي. جڏهن قلندري درياءَ ملڪي وٽان بگهاڙ جي ندي مان وهڪرو ڪري مل ڪريڪ ۾ پوندو هو تہ ان وقت قلندريءَ جو ٿورو پاڻي ٻي پاسي وهڙ جي ڪري مُٺي نالي هڪ وڏو درياءَ ٿي پيو جيڪو اڳئين زماني ۾ سنڌو ندي جو مکيه ڇوڙ وارو مرڪزي درياءَ هو پر هاڻي سوڙهو ٿي ويو آهي ۽ منجهس بڻا پئجي ويا آهن.

گهوڙو ڪريڪ جي اوپر طرف ۾ ونو نالي درياءَ آهي، جيڪو ڦاٽ درياءَ مان ڏکڻ طرف پوريءَ جي ماڳ وٽان وڃي پوءِ ڇار واري ڏوري ۾ پوي ٿو. اڳي هتي ماڻهن جي ڳٽيل آبادي هئي، ڇار واري ڏوري ٿي هڪ پڪي سرن جي مسجد ٺهيل هئي ۽ ايان به زبون حالت ۾ ان جا نشان موجود آهن، جنهن کي

چار واري مسجد سڏيو ويندو آهي. وڏو درياءَ جي اوير ۾ هڪ ننڍڙو درياءَ ڪٽ يا ڪٽنڊ آهي، جيڪو اتر ڦاٽ کان ڏکڻ جي طرف ور وڪڙ ڪري هلندو ميرواهه نالي ڏوري ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ ٻارواري سان ملي ٿو. مُٺي درياءَ جي اتر طرف کان ڏکڻ طرف نڪري ٿو ٻن ٽن ميلن کانپوءِ سوڪي بندر جيڪو ميرواهه جي ڏکڻ طرف آباد هو. سوڪي بندر جا هن وقت بہ ڦٽل آثار موجود آهن. ميرواهه درياءَ ان کان بہ اڳتي هلي اولهه طرف ۾ هڪ سنهڙي نالي هڪ چاڙ چڏيائين. ٻي چار اوير طرف ۾ واڙ جي نالي سان چڏيائين، پوءِ سنهڙي ۽ واڙ ڇاڙون ٻئي هن وقت سنڌو درياءَ ۾ واڙ درياءَ جي نالن سان آهن. اهي ٻئي ڇاڙون درياءَ جي صورت اختيار ڪري سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪن ٿيون. سنهڙي درياءَ ۽ واڙ درياءَ تي قاسماڻي جت آباد هئا ۽ ٻيون ذاتيون بہ آباد هيون.

سوڪي بندر جي اولهه طرف گابار نالي هڪ ڏورو موجود آهي، جنهن کي هن وقت گابار درياءَ بہ سڏين ٿا. جيڪو اڳ ۾ سنڌو نديءَ سان ڳنڍيل هڪ وڏو درياءَ هو جتي ان وقت ڪيترائي ڳوٺ آباد هئا. هن وقت اهي خالي پٽ نظر اچن ٿا، جنهن جي ڇٻو طرف سمنڊ جو ڪارو پاڻي آهي. ميرواهه سوڪي بندر جي ڏکڻ ۾ اڳاريا پاڙي جا ملڪائي ونگرا آباد هئا. ڪائنر درياءَ ۾ پوي ٿو ۽ ڪائنر درياءَ سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو جتي جوڪيا قبيلي جا ماڻهو اڳ ۾ آباد هئا.

پکٽيڙي درياءَ جي ڏکڻ پاسي ۾ گهوڙو درياءَ ۽ ديهه موجود آهي، جيڪو ڪانئر ڪريڪ ۾ پوي ٿو انهن سيني ڏورن، چارن، دريائن ۾ سنڌو نديءَ جو منو پاڻي سڄو سال موجود هوندو هو تڏهن اهي سڀ ڪيٽ ٻيٽ سهڻي ساوڪ پيري سونهن سان آباد هوندا هئا.

وقت جي وهڪري سان گڏوگڏ قلندري درياءَ مان اولهه ڪان اوير طرف پاڻيءَ جي وهڻ ڪري هڪ ڦاٽ ڦاٽو درياءَ 1950ع ۾ جيڪو آٽرڪيءَ جي

ماڳ وٽان اتريون حصو سنڌو نديءَ جيءَ موجوده حيدرآباد کان هيٺ سنڌوءَ درياءَ جي مِکيه وهڪري جو رخ ڏکڻ ۾ اولهه طرف هوندو هو منجهس ٻن ٽوٽ وَهڪرن کانسواءِ وهڪرو سڌو آهي، سندس پهريون وڪڙ ان ماڳ تان ڏسبو جتان پنياري ڦات ڇڇي ڏار ٽيندو آهي، ٻيو وڪڙ اتان ٻيهي ڏسبو جتان حجامڙو درياءَ ڦٽي نڪري ٿو. هن وهڪري جي سڌي ماپ 90 ميل آهي ۽ ور وڪڙن وار فاصلو 112 ميل ٽيندو.

ڇوڙواري علائقي ۾ هن وهڪري جا ڪيترائي نالا آهن، سمنڊ جي پرسان هن کي منيجا يا واٽياٽي سڏبو هو ٻارنهن ميلن کان مٿي هن کي موگرا، پوپٽ، سيتا ۽ قلندري ڦات سڏيو ويندو هو. سڄي ڪنار واري ايراضي کي ڪوڪاري پرڳڻو ڇيو ويندو آهي، هتي ڪيترائي وسندڙ ڳوٺ آباد هئا، جن جي پرسان ۾ کارويون هيون، ڪنهن زماني ۾ انهن کارين کي گورا ڇوڙ سڏيو ويندو هو ۽ گهوڙا رک ۾ ڇيو ويندو هو. هاٽي هن کي گهوڙو ڪريڪ جي نالي سڏيو ويجي ٿو.

ڇوڙ کان چار پنج ميل مٿي ٻيٽڙيءَ جو ڳوٺ هو ۽ اڃان به آهي. کيدي واري ڇوڙ پرسان پورو ڇوٽ ڪيترين کارين ڏسبيون، ٻيٽڙي ڳوٺ جي 9 ميلن کان مٿي هن وهڪري جي ويڪر 890 گز هئي، ان ماڳ تان مُٽي ڦات منجهانس ڇڇي ڏار ٽيندو هو جيڪو هاٽي واريءَ جي ڏڻ سان پرجي ۽ ڦٽي سوڙهو ٿي ويو آهي. ڪنهن زماني ۾ هن ڦات جو پاٽي ڪيهر جي ڇوڙ وسيلي سمنڊ ۾ پوندو هو. سمنڊ جي پنجن ڇهن ميلن جي مٿي مَل درياءَ جو پراٽو پيٽ ڏسي سگهجي ٿو. جنهن طرف کان کاروچاڙ شهر. نٽي ضلعي جو مشهور شهر ۽ هن وقت تعلقو آهي. کاروچاڙ ۾ اڳ تمام گهٽي آبادي رهندي هئي، پر سمنڊ جي کاري پاٽيءَ جي ڪري هيءَ وڏي وسنديءَ وارو شهر ڦٽندو وڃي ٿو هن وقت ٿورڙي آبادي اڄ به قائم آهي. مُٽي درياءَ جي اوير طرف پکيڙي جو ڏورو هو جيڪو هاٽي درياءَ آهي، ان جي ڏکڻ طرف ۾ مُٽي

درياءَ جي هڪ چاڑ نانگ واري جي نالي سان ورن وهڪرن وارو وڏو ڏورو ايجان بہ آهي، جنهن کي وَرِي وارو ٽڪر ڪري سڏيندا هئا. اتي رتاٽي جت آباد هئا. نانگ واري ۾ واڙ جا اپرندا منهن آڏياڙي درياءَ ۾ پون ٽا، جيڪو وهڪري سان ملي ۾ ڏکڙ پاسي روهڙو نالي درياءَ ٿيو. روهڙو درياءَ ڏکڙ ڪان گولائي ڪري اوپر جي طرف لانياري نالي درياءَ ۾ پوندو هو. لانياري درياءَ جو ڏاکڻيو حصو شڪراني درياءَ سان ملي پوءِ مل ڪريڪ ۾ وڃي اهي ڇوڙ ڪندا هئا.

لانياري درياءَ جو اوپر وارو حصو ڪڏو درياءَ ۾ پوندو آهي، جيڪو واڙي ڪريڪ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو. لانياري درياءَ جي ڏکڙ پاسي ميون لال بزرگ جي مزار آهي، جنهن جي مينهن ۾ سونو پاڏو هوندو هو. واڙي درياءَ تي حاجي ابراهيم واڙيءَ واري جي مزار آهي. لانياري درياءَ جي اُتر طرف ڏبو درياءَ پوي ٿو جيڪو هاٽي نوڙهي نالي ديهه ۾ ڳوٺ سان مشهور آهي.

گهڙو درياءَ جيڪو ديهه بہ آهي، ان مان هڪ چاڙ نڪري تي جنهن کي هڏن وارو ڏورو سڏبو آهي، جيڪو اڄ بہ آهي، اتي پراڻو قبرستان آهي، جيڪو هڏن واري ڏوري جي ڪري مشهور آهي. هڏن وارو ڏورو ڪانئر درياءَ ۾ پوي ٿو. ڪانئر درياءَ جي اولهه طرف تي فقيراڻي جتن جو ڳوٺ آهي.

لانياري درياءَ جي ڏکڙ ۾ مل ڪريڪ، ان جي اوپر طرف ٽڪي جو ڳوٺ ۾ ديهه ٽڪو آهي، جتي جت رهن ٿا. جڏهن ڪانئر ڪريڪ مان اوپر طرف مل ڪريڪ ڏانهن پاڻيءَ جو وهڪرو ٿيو تہ باغ واري يا واڻي واري درياءَ جي اولهه طرف ۾ فقيراڻي جتن ۾ لکين جا وڏا ڳوٺ آباد هوندا هئا. باغ واري درياءَ تي ڪريم ڏنو شام جو ڪنهن وقت عاليشان باغ هو.

ڪانئر ڪريڪ جي اوپر طرف ۾ هڪ ڏورو نالي ڪوٽ نڪتل آهي، جيڪو پلاڙ ڏوري ۾ پوي ٿو. اهو ڏورو ڏکڙ جي طرف هلي ڪري جهب درياءَ ۾ داخل ٿئي ٿو. جهب درياءَ جي ڏکڙ طرف ڪان گولائي ڪري اوپر ۾ مل دريا

ڏکڻ اولهه ۾ آمن وارو ڏورو آهي، جنهن ۾ پوي ٿو. جهڙ درياءَ جي اوپر طرف ۾ فقيراڻي جتن جا اڄ به گهر آباد آهن. سامونڊي ۾ جيڪي ڏورا آهن، انهن کي درياءَ به سڏيندا آهن. ڇوته اهي درياڻن جون چاڙون آهن. باغ واري درياءَ جي هڪ چاڙ اتر طرف ۾ شڪراني درياءَ سان هلي ٿي، پوءِ اهو روهڙي ۾ لانياري درياءَ سان ملي ٿو جتي ميران پير جو آستانو مشهور آهي، ان آستاني تي جت هر سال ميلو لڳائيندا آهن.

❊❊❊

باب ستون

جاموٽ تڙ تي ٽي ڇڙا موٽر سائيڪل تي آيا، انهن مان هڪ ڇڪو هيٺ لهي، تڙ تي بينل هڪ خلاصيءَ کان ناکئي ابو وادي جي پڇا ڪئي تہ اُن خلاصي کين ٻڌايو تہ:

ادا... ابو وادو پن پاڙي جي نئين واري بندر تي هوڙو ناهي رهيو آهي. اوهين اوڏانهن ويندا تہ ملي ويندو.

پوءِ اُهي ٽئي ڇڙا موٽر سائيڪل تي چڙهي اسماعيل عرف ڪُتيرو قاسماڻي جي تڙ تي آيا، جتي ڪيترائي هوڙا بينل هئا، انهن جي پاسي ۾ نئين وارو بندر هو. جڏهن اُتي پهتا، هنن ابو وادي کي هڪ هوڙي تي ڪم ڪندي ڏٺو. ابو وادو به دوستن کي ڏٺو تہ هوڙي تا، هيٺ لهي اچي انهن دوستن سان خوشيءَ وچان پاکر پائي ... سوري جي ير ۾ بينل هڪ شخص کي آواز ڏنو.

ناکئا گل حسن شيخ! ابراهيم حيدريءَ کان دوست آيا آهن، انهن لاءِ پاڻي ۽ چانهہ ونې اچ. پوءِ گل حسن شيخ مهمانن سان هٿ ملائي هليو ويو تہ ابو وادي دوستن کي ٻڌايو تہ هي گل حسن شيخ هوڙي جو مالڪ آهي. ان جو هوڙو ناهي رهيو آهيان. ان جو هوڙو جهُري پيو آهي. هوڙي جا داسا، پيرچا ۽ فيڙو لڳائي رهيو آهيان.

ناکئا طالب ڪچي ماحول ۾ ڪچهريءَ جو رنگ پرينڊي پراٽيون ڳالهيون ياد ڪندي ابو وادي کي چيو.

ادا... ابو! ياد اٽئي هڪڙي پيري يونين ڪائونسل ۾ ڪلچر پروگرام ٿيو هو اُتي سنڌي ڪلام رڌم ۾ ڳايو ان وقت محمد علي شاهہ سان گڏ هڪ انگريز آيو هو اهو تنهنجو ڪلام ٻڌي، ڪلام جي آن ۽ رڌم تي هال ۾ نچڻ

لڳو. انهيءَ واقعي کي تيرنهن سال گذري ويا آهن.

ادا... ابو! اهو ڪلام ٻڌاءِ...؟

ناڪئو ابو خوش ٿيندي چيو.

ادا طالب ڪچي! هير اهو ڪلام ياد نہ پيو اچي، هير توکي پيو ڪلام ٻڌايان ٿو.

ايتري ۾ هوڙي تي ڪهه ماڻهو ڪني ٿي ويا. اهي ابو وارڊي جو ڪلام ٻڌڻ لاءِ هوڙي تي چڙهي ويٺا. هڪڙو نوجوان تڪڙو تڪڙو هوڙي ڏانهن آيو. اهو اچي ابو وارڊي کي جهڪي هٿ ڏنو تہ ابو وارڊو ان جو تعارف ڪرائڻ لڳو.

ادا.ء مارڪي (1) وارا! هي نوجوان ريڑهيءَ جو رزاق راهي آهي، ريڑهيءَ جو سنو فنڪار ۽ منهنجو شاگرد آهي. پوءِ ابو وارڊو ڪلام ٻڌائڻ لڳو.

اسين آهيون ميرَ مهاڻا، مڇيون ماريون ٿا،
مڇيون ماريون ٿا، سانا ماريون ٿا،
هيرا ماريون ٿا، سوئا ماريون ٿا.
ڪڏهن پري اچون، ڪڏهن خالي ايئن گذاريون ٿا،
اسين آهيو ميرَ مهاڻا، مڇيون ماريون ٿا.
اسين روز رڇ ناهيون، ڪري جوپ هڻون ٿا يون،
ڪي سئيا ٿا لڳايون، ڪي دڦيون ٿا ٻڌون،
ڪي ناهيون رڇ نوان، پراڻا ساريون ٿا،
اسين آهيون ميرَ مهاڻا، مڇيون ماريون ٿا.
اسين لانچون ٿا هلايون، ته هلايون هوڙا،
جنهن ۾ ننڍڙا بار آهن، ٻيا پڪا پوڙها،
سيٽيون گڏجي اسان کي، اگهه ۾ ڪين روڙا،
ٻيو وري تور جي ڪلو ۾ ٿا لاڻئين ڇوڙا

اسين مشڪل سان پيٽ پاريون ٿا
اسين آهيون مير مهاڻا، مڇيون ماريون ٿا.
ڪي ريلون، پٽون گهورين، ڪي گورين وڇيو ڪورا،
ڪي ڪٽيو رڇ ڪلهن تي، سي سائين وڇيو ڏورا،
ڪي ميڙيو دڦيون درياءَ تان، ڪاڻين وڇيو پورا،
ڪي سنگل ڪاڻين ڏنگريون وڇيو ڪوڪا جهلين ڇورا،
ڪي ڪوڪا ٿا جهلين، ڪي وڇهين ڏوريون ٿا،
اسين آهيون مير مهاڻا، مڇيون ماريون ٿا.
ابو وادي ڪچهريءَ وارن ڪي چيو.
ادا... هن آخريءَ بند ۾ مڇين جا نالا آهن.
ڪي چوڏيون، ڪاڙهون، منڊيون، ڪي ڦس ڦرا،
ڪي سٽيا، ڪُنڊ، ڪنگا پيا ماريون ٿا مرا،
ڪي لوڙ ڪچڪ، ڪولگر، اچو پالجن پاليرا،
ڪاسا، مِتوءَ، مسڪا، پلا آهن پورا،
ڪي پنيون، چما، بانگڙا، ڪي ڪرڪن ڪانڊيرا،
ابو وادا، انهن مڇين کي اوکين ڇاريون ٿا،
اسين آهيون مير مهاڻا، مڇيون ماريون ٿا.

ڪچهريءَ ۾ واهه... واهه تي وئي، پوءِ ناڪئو يوسف قلاٽي ڪجهه سوچي چوڻ لڳو.

ادا... ابو وادا...! پاڻ ريڑهيءَ ۾ ڪانگ ناڪئي جي گهر ۾ محفل موسيقيءَ جون محفلون ڪندا هئاسين. جنهن ۾ انگريز عورتون ۽ مڙدا چي ويهندا هئا، سي تنهنجي راڳ تي خوش ٿينا ها هئا. اسان کي اهو پراڻو گيت ٻڌاءِ.

اها ڳالهه ٻڌي ابو وادو سيني ويٺلن کي ريڑهيءَ جي پراڻين ڳالهين بابت ٻڌائڻ لڳو.

ادا... ناڪا يوسف ڦلاٽي، ناڪا طالب ڪيڃي ۽ آڏا ڪوثر صادق بلوچ آنجو ڪهڙو حال آهي؟

ادا... ابوا الله جو شڪر آهي، تون سُڀاءِ، تو جا ڪهڙا حال آهن؟

ادا... طالب! عيدون لڳيون پيون آهن، آنجو خير مان اچڻ ٿيو...

ادا... ابوا آياسين ڪنهن سان ملڻ، پوءِ تو ڏانهن ڦيرو ڪيوسين، هير تون حال ٻڌاءِ.

پوءِ ابو وڏو دوستن کي چوڻ لڳو:

ادا... سيئي آيا، جي آيا... ڏنڏو آهي، ڪونہ سا تن تي.

پوءِ ناڪا ابو دوستن کي ناڪا يوسف ڦلاٽي بابت ٻڌائي رهيو هو.

ادا... منهنجڙ دوست ناڪا يوسف ڦلاٽي اصل ابراهيم حيدري بندر جو آهي، اسان جي دوستيءَ کي ويهہ پنجويهہ سال ٿي ويا آهن. يوسف ڦلاٽي ڏاڍي پراڻي ڳالهہ ياد ڏياري آهي. ان ٽيم ۾ ٻڌڻ وارا محفل موسيقي کي سمجهندا هئا، داد ڏيندا هئا. اڄ اهو محفلَ موسيقيءَ جو قدر ڪينهي. پهرين دور راڳ لاءِ سنو هو. هن دور ۾ سنڊي موسيقي کي نظرانداز ڪري ڇڏيائون.

ادا... آءٌ هيڪو واقعو اوهان کي ٻڌايان ٿو تہ هيڪي جاءِ دوستن شاديءَ جي محفل ۾ اچڻ جي دعوت آهي، جڏهن اُتي محفل چالو ڪئي سون، آءٌ ڳاليان پيو تہ تيسين پوليس موبائيل آئي، ان جو صوبيدار هو تنهن چيو محفل موسيقي بند ڪريو اوهان ڪنهن جي اجازت سان محفل موسيقي ڪري رهيا آهيو.

ڪاڃ جا جيڪي مالڪ هئا، تن صوبيدار کي چيو.

هيءَ شاديءَ جي خوشيءَ جي محفل آهي.

اها ڳالهہ ٻڌي صوبيدار سپاهڙين کي آرڊر ڏنو تہ طلبا ۽ هارمونيم اهي سپ گاڏيءَ ۾ ڪٽي بند ڪريو ۽ فنڪارن کي گاڏيءَ ۾ ويهاريون.

ان دور ۾ ڪاڃ وارا ملاڪ هئا، تن صوبيدار کي چيو اسين محل بند ٿا ڪريون.

پوءِ موبائيل هلي وئي، ايتري ۾ به سپاهي آيا، اهي محفل ۾ ويهي رهيا، انهن مالڪن کي چيو توهين شاديءَ جي منائي صوبيدار کي ڪارايو پوءِ پلي محفل چالو ڪيو. سپاهي مالڪ کان منائي ونڊي هليا ويا.

پوءِ صبح تائين اسان محل ڪئي سون.

ادا... ان ٽيم ريڑهيءَ ۾ ادبي محفل ۽ موسيقيءَ کي ريڑهيءَ جا ماڻ چاهه سان پڌندا هئا، ريڑهيءَ ۾ جيڪي ماڻهو هئا، سي شوقين راڳ جا هئا، اهي گهٽو راڳ کي پسند ڪندا هئا، سي مٿو ڪچيءَ جي محفل ۾ جاموٽ غفور اڻ جو والد صاحب غلام محمد جاموٽ مٿوءَ ڪچيءَ جو راڳ شوق سان پڌندو هو ۽ ريڑهيءَ جو سڃڻ هو.

ايئن چئي ابو وادو هيڪ گيت پڌائڻ لڳو.

نهاري سير ۾ سيران، سڃڻ تي سج لٿي ماريان،
آکين مان رت ڳڙا روئي، هنئين تان هار جيئن هاريان،
ڪري ارمان اوسيئڙا ادن لايون اويرون اڄ،
نٿا ماگر موتيا منهنجا، مگر مانگر ڪنهين نه ماريا.
سنيالج گيڙ کي گهاتو آئي ڪوڪٽ ڪلاچيءَ ۾،
اٽئي اسرار اونهيءَ ۾ اٽس ڳچ جيترا ڳاريا.
بنا بيڙا ڪٽي پالا، چڏين پاتار ۾ پيرو،
ڪري ويريءَ مٽي وارو، وارٽن جا ويڑ جنهن واريا.
مٿو مهراڻ کي ڏئي، اُڇٽ آٽي باهر اچليون،
اڄان عبرت ڪندو اُن جو ڏسڻ سان ڏيل جنهن ڏاريا.
اٽئي اسرار اونهي ۾ رکج اونو اهو احمد،
نه لاهو لاهه جو غم لاهج، جي لهرين لال للڪاريا.

ابو وادي جي گيت کانپوءِ ريڑهيءَ جو نوجوان فنڪار رزاق راهي محفل ۾ ويٺلن کي مائي حوا جي ياد ۾ هڪ گيت پڌائڻ لڳو.

ميربحرن ۾ مهاڻن کان مياڻيون کڻهن کسيون!
ڪُن ڪنارا، ڪپ ڪنڊيون، ڇڇ ڇاڻيون کڻهن کسيون!
مُورڙي جي ماڳ تي اڇ، ڏاڪ ڏاريون جي ڏسو
راڄ ريلن تي رهيا ٿي، سي رهاڻيون کڻهن کسيون،
ٿي هتي مهمان آيا، ملڪ جا مالڪ ٿيا،
ملڪيتون ماروئن کان پنهنجون ماڻيناڻيون کڻهن کسيون،
جن ابن ڏاڏن کان آهي، سمنڊ جي سيوا ڪئي،
پنهنجون جاگيرون تنين کان اڄ اباڻيون کڻهن کسيون.
راند گرگٽ جي اسان جي ڪاهي پيئي قوم ۾،
وانگين ڪان وَنجهه وٽيون ۾ لِڳ لِڪاڻيون کڻهن کسيون،
اي غفور شاهه ظلم جو ويو حد کان وڌي،
هت حوا جهڙيون هزارين راڄ راڻيون کڻهن کسيون.

پوءِ يوسف ڏلاڻي، طالب ڪچي ۽ ڪوثر صادق بلوچ ڪچهريءَ وارن کان ۽ ابو وادي کان موڪلائڻ لڳا.

ادا... ابو! هاڻ موڪلائي ڪانهي، بس سدائين گڏ زندگي رهي تہ وري ملنداسين. باقي محفل جو پراڻيون ڳالهيون ياد ڪري مزو اچي ويو. پراڻيون ڳالهيون تازيون ٿي ويون.

صبح جي وقت سليمي پنهنجي پٽ کي تيار ڪري استاپ تي آئي ۽ پين پارڻن سان اچي گڏ بيٺي، جيڪي اسڪول جي بس لاءِ انتظار ۾ بيٺا هئا. اُتان ايليءَ جو گذر ٿيو سا سليمي کي ڏسندي ان سان ملڻ آئي. پوءِ سليميءَ کي ڀيور ۽ پين پارن کي ڏسي ڏاڍو ساهه پري سليميءَ کي چوڻ لڳي.

ادي! اوهان جا ڀيور ڪهڙا چتال ۾ پوشيدا ٿيا پيا آهن!؟ ائين چئي ايلي خاموش ٿي وئي ۽ پنهنجي ڀيور جو احساس ٿيَ رهيو هوس، جيڪو ڇهن ستن سالن جي عمر ۾ ناڪئن ۽ خلاصين سان گڏجي هوڙي ۾ چڙهي

درياءَ تي شڪار جي لاءِ ويو هو.

سليمي سمجهه واري عورت هئي. ايلي جي چهري تي اُپرندي لڪيرن ۽ ايليءَ جي آکين ۾ آيل ڳوڙهن جي معنيٰ سمجهي وئي. پوءِ ايليءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چوڻ لڳي.

ايلي! جيڪر ڳوٺ ريڙهيءَ جا سيئي ڳيپور پڙهن ته اسين ڏکن سورن ۽ عذابن کان بچي پئون. هنن ڳيپورن کي پڙهائيو ته پنهنجو پلو ٽي پوندو.

سليمي ڳالهه پوري ڪئي ته اسڪول جي بس ملڪائي پاڙي کان آئي ۽ اچي هنن جي اڳيان بيٺي ته بارڙا ڏوڙندا، مشڪندا، هڪبئي کان اڳ ڪيندا بس ۾ چڙهندا ويا. ايلي بارن کي بس ۾ چڙهندو ڏسي سليميءَ کان موڪلائڻ بنا هلي وئي.

سليمي پنهنجي پٽ کي بس ۾ سيٽ تي ويهندي ڏسي خوشيءَ مان هٿ لڏي الوداع چئي واپس گهر آئي ۽ رڇ کي الاڙ ۾ لڳي وئي. سليمي اڄ خوش هئي، جڙ سوين اميدون، مرادون سايائيتون ڏسڻ ۾ آيون. جو پنهنجي ڳيپور کي اسڪول موڪلي ان کي وڏيڪ پڙهائڻ جون من ۾ ستائون ستي رهي هئي ته منهنجو ڳيپور اسڪول ۾ پڙهي وڏو ٿيندو پنهنجي روزي ڪمائي سڀني کي سکيو رکندو. هير ناکئو جانو هجي ها ته پنهنجي ڳيپور کي اسڪول ويندي ڏسي کيڏو خوش ٿئي ها...

اهو سوچي سليمي جي آکين ۾ پاڻي اچي ويو. سليمي اڃان انهن خيالن ۾ هئي ته هن گهر ۾ ڪنهن مرد کي داخل ٿيندي ڏٺو ته هن کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ وڏي دانهن ڪيائين.

اي ناکئا جانو تون.....!

سامهون هڪ ماڻهوءَ کي ڏٺائين، جنهن جو ڏهرو ۽ هيڏو بدن، ان جي بت تي ۽ وارن ۾ سمنڊ جي کاري پاڻيءَ جو لوڻ جايل هو. سليمي ان کي چٽائي ڏٺو ۽ کيس سڃاڻي ورتائين.

اچين، ڪٽ تنهنجو مڙد واپس اچي تہ ڪونہ ويو آ...؟

مائي سارو جي انهيءَ جملي سليميءَ جي اندرواري ڳالهہ کي پڌرو ڪري ڇڏيو. پوءِ سليمي سيني عورتن ڏي نهاري مائي سارو کي مخاطب ٿيندي چيائين.

هان... ناڪئو خير سان گهر پهتو آهي، ان جي لاءِ ٻوڙونڌ آئي آنيان، ماني پچائي رکي آئي آنيان...

هوتل ۾ ويٺل عورتون سيني واري واري سان سليميءَ کي مبارڪون ڏنيون، ڪنهن چيو.

لي! وڏي پاڳ واري تو آئين، جو خير سان تنهنجو مڙد موتي آيو.

هڪ عورت وات ۾ گٽڪو وجهي چپن تي مرڪ آڻيندي سليميءَ ڏي ڏٺو ۽ واڌايون ڏيندي چوڻ لڳيس.

اي سليمي! مبارڪ هجن تي، جيئن تنهنجو مڙد موتي آيو تيئن ٻين جا بہ مڙد موتي اچن، پنهنجن ٻچن سان ملن، تون دل واري هئينءَ جو پاڻ کي آڻڻ ڏئي، مزدوري ڪري پنهنجي درد کي سنياڻي ويٺينءَ ڪنهن کي پنهنجا سور ڪين جتايا. باقي ٻيون عورتون پنهنجن مڙدن جي وڇوڙي ڪري چريون ۽ ديوانيون ٿيو وڃن. مٿي مان مٽي ڪونہ ڪڍن، سارو ڏينهن ويٺيون پار ڪڍن، تون هيڪي عورت ان، جيڪا غم ۽ وڇوڙي جو مقابلو ڪري پنهنجا هڏ ڏوکي ڪري، پنهنجو ٻچو سنياڻي ۽ پڙهائين پي.

مائي سارو ٿيلهيءَ ۾ ٻوڙو وجهي اچي سيلمي کي ڏيندي چيائين.

اي سليمي! هي ٻوڙوٽ، تکڙو گهر ڪٽي وچ، تنهنجو ماڙو بکيو هوندو خوامخواهہ هي مايون توکي مارکي ۾ جهلي ٻيهي رهيون.

سليمي ٻوڙو ونڊيندي مائي سارو کي ڏوکڙ ڏيڻ لڳي تہ مائي سارو چيس.

لي! آءُ توکان ڏوکڙ نہ ٿي وٺان، تکڙو گهر وڃي مڙد کي ماني کاراءِ، ٽڪل ۽ بکايل هوندو.

اي ناڪا جان! تون...

ها... سليمي... آءُ آئيان، مڪي پهريائين پاٽيءَ جو ڏول پيار ته هوش ۾ اچان... پوءِ ڪو تڪر ڏي، بک ۾ صفا چٽ آهيان، پوءِ مڪي گرم پاٽي رکي ڏي، بت تي لوڙ ڇايا پيا آهن، وارن ۾ لوڙ ۽ متي پئي آهي.

سليمي مٽ مان پاٽيءَ جو ڏول پري آئي، اچي ناڪئي کي ڏنائين، ناڪئو جانو پاٽيءَ جو ڏول وٽي پي، وري سليميءَ کي چيائين.

لي! اڄان ٻيو ڏول پري ڏي، اڄ ڪونه لٽي آهي. سليمي جلديءَ ۾ ٻيو ڏول مٽ مان پري آئي ۽ جانو کي ڏنائين، پوءِ هنڌو ڪٽي پپولو مان پاٽي اوتي ۽ ڳل تي رکيائين. وري اچي جانوءَ جي لاءِ ماني تيار ڪئي، تيسين پاٽي به گرم ٿي ويو. سو ڪٽي غسل خاني ۾ رکي آئي ته جانو ناڪئو تڙ ڪري ويو. سليمي ڪوٽيءَ مان نوان ڪپڑا ڪٽي اچي غسل خاني جي در تي رکي ناڪئي جانو کي چوڙ لڳي.

جانو! آءُ مائي سارو موساڻي جي هوٽل تان ٻوڙ وٽي اچان ٿي، ماني پچائي ڇڏي آهي، تون ٽُبي(4) ڪپڑا بدلائي اچي ويهه ته آءُ ٻوڙ وٽي سگهو اچان ٿي.

سليمي اڄ ڏاڍي خوش هئي، هن کي سڀ ڪجهه ملي ويو خوشي مان هن جو بدن مور جيان ٽلندو ٿي رهيو هر ڪم جلديءَ ۾ ٿي ڪيائين. هيءَ جڏهن مائي سارو موساڻيءَ جي هوٽل تي ٻوڙ وٺڻ جي لاءِ آئي ته اتي ويٺل عورتون سليمي جي نڙندڙ ۽ خوشيءَ کان ٻهڪندڙ چهري کي ڏسندي حيران ٿي ويون، هڪ ڄڻي دل ۾ چيو.

سليمي ايڏو ڪڇا لاءِ خوش آهي؟

مائي سارو تنهن سليميءَ کي ڏسندي چيو.

لي! ڳچ ڏينهن کانپوءِ آئي آنئين، ڪر خبر، اڄ خوش پئي ڏسڻ ۾

(2) ٽُبي ونجهي غسل ڪري اچ.

ساروا تنهنجي مهرباني!

اٿين چئي سليمي پنهنجي گهر ڏي تڪڙي تڪڙي هلي وئي.

ناڪئو جانو تڙ ڪري اچي پڙش تي ويٺو هن کي پنهنجي پٽ جي يادگيري آئي، ان بابت سوچڻ لڳو. ايتري ۾ سليمي ٻوڙ وٺي آئي، پوءِ ماني ۽ پاڄي مڙس جي اڳيان اچي رکيائين.

ناڪئو جانو پٽ جي باري ۾ سليمي کان پڇيو.

لي! احمد ڪٿي آهي؟

ڙي! اسڪول ويو آ، پڙهي پيو...!

جانو اها خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. پوءِ سليميءَ کي چيائين.

واهه... واهه سليمي! اهو ڏاڍو سٺو ڪيو پر تون ڏوڪڙ ڪٿان آندا...؟

ناڪئا! تنهنجي ويڙ ڪانپوءِ الو خلاصي ريڇ الارڙ جي لاءِ ڏئي ويندو هو ۽ چاپري ۾ سانا چلڙ ويندي هيس.

خلاصي گُهڇ ۾ مدد ڪندو هو اهو ريڇ جون پتيون الارڙ لاءِ ڏيندو ۽ روز ٽي سئو روپيا مزدوري ڏيندو هو. مِڪي چيائين آءٌ هير ريڇ ڪوٽ الاريان، پوءِ ٻين ناڪئن کان ريڇ الارڙن جي لاءِ وٺي اچي مِڪي ڏئي ويندو هو. انهن پئسن مان ڳيپور کي پاريندي هيس، ڪپڙا لٽا وٺي ڏيندي هيس ۽ اسڪول ۾ داخل ڪرائي آيس، ڳيپور پڙهي پوندو. مِڪي درياءَ جو الڪوٽ ڪين ٽيندو وڏو ٽي نوڪريءَ سان لڳندو.

ناڪئو جانو ماني کائيندي سليميءَ جي ڳالهه ٻڌندو رهيو. سليمي هٽ سان مِڪين کي هڪليندي رهي، پوءِ ناڪئي جانوءَ جي منهن ۾ نهاري چيو.

ناڪئا! هان... سڌائي ڪِٽ هئين؟

لي! آءٌ توکي سُلايو (2) ڪِين، مون جو هوڙو گهريو پيو آهي، تنهن ڪري ابراهيم حيدريءَ ۾ ناڪئي احمد وٽ هوس. ان سان گڏ درياءَ گهوريو ويس، اسين حيدريءَ کان ڪورنگي نر ۾ اڌ ڪلاڪ جي وقت ڪانپوءِ

(3) سُلايو: سڌايو: ٻڌايو.

پهتاسين. وري ڦٽي نر وياسي، چاليهه منٽن کانپوءِ جن درياءَ ۾ سکوڙو کان ٽيندا ڪڏي درياءَ ۾ آياسين. پوءِ کاهي درياءَ، وري پٽياٽي درياءَ کان ڏبو درياءَ تي وياسين. ان کانپوءِ چاڙ درياءَ تي پهتاسين. پوءِ پاڃهر وارو حجامن کوبر ترساٽي کانپوءِ گهوڙو درياءَ کان ٽيندا سنهڙي ۾ وياسين. سنهڙو نر کانپوءِ ڪانئر، آمنوا، مل درياءَ، واڙي درياءَ کان هلندا ڪاجر، پوءِ سير درياءَ، پاڏالو درياءَ کان ٽيندا اسين بستا نر ۾ هوڙو بيهاري رڇ پوکيو. ڪورنگيءَ درياءَ کان بستا نر تائين اسان کي چوويهه ڪلاڪ لڳي ويا. اسين رڇ پوکي سمهي رهياسين. جڏهن سار ٿي ته ڏٺوسين ته رڇ ڪنڊيءَ ۾ پالجي (3) رهيو. پوءِ اسين رڇ گهريوسين پئي، ان وقت سيئي خلاصي پنهنجي ڪم ۾ هجن، ناڪئي جو خيال رڇ ۾ خلاصين ڏانهن هو. اتي انڊيا جي بوٽ آئي، ان جهلي ورتو پوءِ اسان کي چڏيو ته ٿي. اتي ويهاريو ويٺا هئا. اسين انهن کي ڏسي چيوسين.

ڪنهن ٽاٽي يا جيل موڪلي چڏيو.

انهن اسا کي نه ڪنهن ٽاٽي تي موڪليو ۽ نه جيل موڪليو. اسين سيني کي ويهاري ويهاري پنج مهينا گذري ويا. پوءِ اسين سيئي هوڙي جا ماڙو صلاح ڪري پچڻ جو پروگرام بڻايوسين. پوءِ ٽپڻ هنڊ بسترا ۽ هوڙا سڀ چڏي اسين جان کٽي پڳا آهيون. اهي ستا پيا هئا، سو رات جو وقت هو هر ڪو لڪندو ڇپندو پڃندو ڪو ڪيڏانهن وي ته ڪو ڪيڏانهن، هر ڪو سر بچائڻ ۾ هو. آءٌ پاٽيءَ منجهه ترندو تيز لهرن جو مقابلو ڪندو ترندو رهيس پئي، مِڪي سنهين مڇين جا چڪ به لڳندا رهيا، مڇين جي چڪن جو ڊپ ڪونه هو، پر انڊين نيويءَ وارن جو خوف هو پوءِ همٿ سان پاٽيءَ ۾ ترندو رهيس، ڪنهن وقت تيز طوفان ۽ برسات اچي وئي، پوءِ مِڪي لهرن اڇتي وڌڻ نه ٿي ڏنو.

لي! ڪئين توکي جتايان، طوفان ۽ برسات جي ڪيڏي دٻ لڳي پئي

(4) پالجي: لڳي رهيو. بيهي اٽڪي رهيو.

هئي!؟ پوءِ اها رات ورندي پيو ڏينهن پاڻيءَ منجهه لڳي ويو. ايتري ۾ آٿر ڪي تڙ وارن مهاڻن جو هوڙو آيو. تن جي خلاصين مڪي پاڻي منجهه بيحال ڏسي ورتو. پوءِ انهن مڪي پنهنجي هوڙ ۾ ڪنيو پاڻي پياريو. کاڏو ڏنائون ته پوءِ بت ۾ جان آئي. آٿر ڪيءَ وارن مهاڻن جو هوڙو پاڏالو درياءَ ڏانهن ويو پئي، ان هوڙي وارن مڪي پاڏالو درياءَ جي اوپرندي ڪنڊيءَ جي تڙ وٽ اکاريو. پاڏالو درياءَ جو بيٺ ٽريلو آهي، اتي ننڍا وڏا درڙا، تن متيءَ جي دڙن منجهان تيز هوا تي واريءَ جي لٽ اڏندي رهي، سا منهنجي آکين ۾ منهن ۾ پوندي پيي رهي. پوءِ هوري هوري هلندو سانولو فقير جي تربت تي آيس.

لي! توکي اهو سلايان پيو ته سانولو فقير جي اصل تربت پاڏالو درياءَ تي آهي، سانولي فقير جو پيءُ راڌا هو تنهن جي تربت..... آهي.

جانو ڳالهه ڪندو مان ٿي ويو. شايد پاڏالو درياءَ جي پٽن ۾ گم ٿي ويو پوءِ سليمي هٿ هٽندي چوڻ لڳس.

جانو! ڪيڏانهن گم ٿي وئين..!!

نه... نه... لي... بس پاڏالو درياءَ جو منظر آکين اڳيان اچي ويو.

ائين چئي جانو ٻيهر پنهنجي ڳالهه کي جاري رکيو.

لي! آءُ اها رات سانولي فقير جي درگاهه تي گذاري، ڪجهه بت جو ٽڪ لٽو ٻڌي ڏينهن صبح جي وقت اتان اچي هيڪي هوڙو وٺاٽو انهيءَ مڪي ڪٽي سير درياءَ تي چڏيو. پوءِ انڊين نيويءَ وارن جو خوف ڏهن تان لٽو پنهنجي علاقي ۾ پنهنجن ماڻهن، ملاحن ۽ مهاڻن ۽ جتن سان پاڻ کي ڏنو ته وڏي دل اتي ويم. مڪي سير درياءَ تان فقير اٽي جتن جي هوڙي ڪنيو. تنهن اچي ڪاجر درياءَ تي چڏيو اتان احمد ڪاتيار جو هوڙو حاجي ابراهيم شاهه واڙي واري جي درگاهه تي وڃي رهيو هو. آءُ ان هوڙي ۾ چڙهيس، ابراهيم شاهه واڙيءَ واري جي درگاهه تي آيس، ڪجهه وقت احمد ڪاتيار وارن سان هوس، جيڪي باس باسڻ جي لاءِ ابراهيم شاهه واڙي جي درگاهه تي آيا هئا.

شام جي وقت هيڪي هوڙو ڪانئر درياءَ جو مليو. تن هوڙي وارن مڪي ڪانئر ڪريڪ تي ڇڏيو.

ناکئو جانو ماني کائيندو رهيو ۽ ڳالهه ٻه ڪندو رهيو. پوءِ سليمي ڏانهن ڏسي وري چوڻ لڳو.

لي! ڪانئر ڪريڪ تي ناکئا ۽ خلاصي جهجها دوست هجن. تنهن مڪي پاڻ وٽ وهايو. اها رات آءُ انهن وٽ گذاري. پوءِ پنهنجي هوڙي منجهه ويهاري مڪي ريڙهيءَ ڇڏي هليا ويا.

ناکئو جانو ماني کائي هٿ ڏوئڻ لاءِ اٿيو هيءَ پيولي مان پاڻي جي ڇل پري هٿ ڏوئي خوشيءَ مان سليمي ڏانهن ڏٺو. پوءِ مشڪندو پڙش تي اچي وينو. سليمي ڏانو ڪٽي پيولي جي پرسان رکي واپس آئي ته ناکئو جانو کيس چيو.

لي! سچ پچين ته سارو ٽڪ. بت جو سور وسري ويو. مڪي تنهنجي اوڏ هوندي هئي. ڳيور جي ڳڻتي ٽيندي هئي ۽ تون هيڪي ڪيئن گذارو ڪندي هوندين..!!؟

سليمي هٿ وڌائي ناکئي جانو جي هٿ کي پکڙي چوڻ لڳي.

ناکئا! آءُ ڏينهن رات تنهنجي انتظار ۾ گذاريندي رهيس. مڪي خلاصي آلو ۽ گهج رڇ الارڙ لاءِ ڏئي ويندا هئا. گهج کي ناکئا رڇ الارڙ جي ڏيندا هئا. سي مڪي آڻي ڏيندو هو ۽ چوندو هو.

لي سليمي! تون اوڏ نه ڪر. هير آءُ رڇ الاريان ڪونه. مڪي ناکئا رڇ الارڙ جي ڏئي ويندا. اهي رڇ جون پتيون سڀ توکي آڻي ڏيندس.

آءُ رڇ الارڙ کانپوءِ سانا صاف ڪرڻ ٻه ويندي هيس. ائين پنهنجي ڳيور جو ۽ پنهنجو پيٽ پاريندي هيس.

ناکئو جانو خوش ٽيندي سليمي کي پنهنجي پاکر ۾ ڪري ڇڏيو. ايتري ۾ در وٽ ڪنهن جي اچڻ جو آواز ٽيو. ناکئي جانو در ڏانهن ڏٺو ته

سندس ڪپور اسڪول جي پوشاڪ ۾ ٽيلهو ڪنڊ ۾ ڪيون بينو هو. ڪپور جي نگاهه جيئن پيءُ جانوءَ تي پئي تہ ڪنڊ وارو ٽيلهو لاهي ڊوڙندو ٽيلهو پڙش تي اڇلائي، اڇي پيءُ کي پاڪر پاتو جانو پٽ کي ڪراڙين سان وڻي ويو سليمي اڇي پٽ جو ٽيلهو ڪٽي ڪوڻيءَ ڏي هلي وئي.

ناڪئي جانوءَ جي اڇڻ واري خبر سڄي پاڙي ۾ پکڙجي وئي. اها خبر مائي سارو جي هوٽل ۾ وينل عورتن پکيڙي هئي.

ناڪئو جانو پٽ کي جهولي ۾ ويهاريو ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ايتري ۾ ٽي عورتون گهر ۾ داخل ٿيون انهن ناڪئي جانوءَ کي مبارڪون ڏنيون. سليمي ڪوڻيءَ مان ٻاهر آئي، عورتن کي ڏسندي.

ايلي.. صغريٰ.. شالي... اچو.. اچو...

ايليءَ جي هٿ ۾ ٽيلهي هئي، سان سليمي کي ڏيندي چيائين.

سليمي! هي توجي لاءِ آونگ آندا اٿم بند گيري جي ڏينهن ۾ آءُ سان سڪائي ڪٽي رکيا هئا، منهنجي گهر ۾ بي ڪا هاج ڪانه هئي، اهي سانا رکيل هجن، سي ڪٽي آئي آهيان. صغريٰ جي هٿ ۾ ننڍڙي هڙ هئي اها بہ سليمي کي ڏنائين. پوءِ ايليءَ چيو.

سليمي! آونگ جي باري ۾ شاهہ سائين عبداللطيف جو بيت آهي تہ

ايلي ۽ صغريٰ جا ٿورا مجيندي سليمي چوڻ لڳي تہ آءُ اهي ٿورا ڪيئن لاٿيندس.

سليمي! ائين نہ چئو... اسين شام جو وري اينديون سين. پوءِ ٽئي ڇٽيون هليون ويون.

ناڪئي جانوءَ جي خبر ريڑهي وارن کي پڄجي وئي، شام جي وقت ناڪئي جا دوست، مٽ مائٽ، ناڪئا ۽ خلاصي سيئي هن جي گهر ڏي اڇڻ لڳا.

ناڪئو جانو نوان لٽا ڪپڑا پائي وينو هو. هن پنجن ڇهن ماڻهن کي گهر جي ڊرَ وٽ ڏٺو تہ انهن کي چيائين.

اچـــــو... اچـــــو... منجهـــــن ويهـــــو
ناکئو جانواڻي ٻيهي هر هڪ کي نالي سان سڏيندو ويو.
"اچـو... اچـو ناکئا حسين وريـاڻي عـرف دمـاني،
ناکئا! اسماعيل قاسماڻي عـرف لشڪري، اچـو
ناکئـا! عبـدالله ملڪـائي عـرف لونگـاڻي،
ناکئا! حـاجيءَ اسـماعيل عـرف حـاجي ڪچـا،
سـائين يـونس خاصـخيلي اچـو
ادا.... فيضـو خاصـخيلي، اچـو.

ناکئو جانو سيني کي نالن سان سڏيندو ڪيڪاريندو ۽ خوشيءَ مان انهن سان پاڪر پائي مشڪندو هٿ ملائيندو ويو. پوءِ سيني کي پڙش تي ويهڻ جي لاءِ چيائين.

ناکئو جانو گهر واريءَ کي آواز ڏنو.

اي سليمي! هان ڪا چانهه ڪاڙهي وٺ، ناکئا آيا آهن ملڻ جي لاءِ تن سان ماڻهو ڪريان.

پوءِ ناکئي سيني کي پنهنجي ڳالهه ٻڌائي، ڪيئن سندن هوڙو بستا درياءَ تي جهلجي پيو هو.

ناکئو حسين دماني مبارڪون ڏيندي ناکئي جانوءَ کي چيو.

واهه... ناکئا واهه. خوش نصيب آن، نه ته جيڪي جهليا آهن، اهي سلامت گهٽ ايندا آهن.

پوءِ ناکئو اسماعيل چوڻ لڳو.

ناکئا جانوا! توکي مبارڪون هجن، مڪي ڏاڍي خوشي ٿي آ، آءُ سيني کي دعوت ڏيان ٿو ورانڊ منهنجي اوتاري تي اچي ڪائجو.

اينري ۾ چار ڇٽا ناکئي جانوءَ سان ملڻ آيا، انهن کي ڏسندي ناکئي جانو وراڻيو.

ادا... غلام نبي جت

ادا... حاجي خادم علي شيخ

ادا... ڊاڪٽر جليل ڪٽي

ادا... حاڪي ابوبڪر خاصخيلي

اچو... منجھ اچو... پڙش تي ويھو. ناڪئو جانو انھن نون مھمانن سان خوشيءَ وڇان ملندو خوش ٿيندو. انھن سان گڏ پڙش تي وينو تہ ھن جيءَ گھر واري پنگيءَ مان آواز ڏنو.

اي ناکئا! چانھہ تيار آھي..!

ناڪئو جانو گھر واريءَ جو آواز ٻڌي پڙش تان اٿيو پنگيءَ ۾ گھڙيو تہ سليمي ٽالھہ ۾ چانھہ جا ڪوپ رکي ناڪئي جانوءَ کي سڏ ڪندي چيو.

اي ناکئا! ھي چانھہ دوستن ۽ ناڪئن کي پيار...

ناڪئو جانو چانھہ ڪٽي آيو ۽ دوستن کي ڏيندو ويو تہ ھن کي درجي ٻاھران سڏ ٿيو.

اي ناکئا جانو! گھر منجھ آنئين؟ ناڪئو جانو وراٽي ڏيندي.

ھا... ھا... آھيان... منجھ اچو... ٻيا دوست بہ وينا آھن... اچو...

ايتري ۾ تي جڻا گھر ۾ داخل ٿيا تہ جانو انھن ڏانھن ڏسندي کين ٽالن سان سڏيندو ويو.

ادا... محمد حسن واجا بلوچ

ادا... ايوب شان خاصخيلي

ادا... سعيد بلوچ، اچو... ويھو

ٻوءِ اھي مھمان پڙش تي ٻين مھمانن سان گڏ وينا. ناڪئو انھن مھمانن جي لاءِ چانھہ ڪٽي پنگيءَ ڏانھن ويو ۽ ڪلاڪ کن سيني مھمانن ناڪئي جانوءَ سان خبرون چارون ڪيون. ٻوءِ موڪلائي ھلڻ لڳا تہ ناڪئو حسين دماني بيھي رھيو ۽ ناڪئي جانوءَ کي چوڻ لڳو.

ناکٹا! تون جو هوڙو گهريو رکيو آهي، توکي ڏوکڙ ڏيان ٿو تون هوڙي تي وڃ ويهار ۾ ڪاٺ وڻي اڇ پوءِ ڪم ڪار شروع ڪر. هوڙو تيار ڪري پنهنجو گذر سفر ڪر.

اها ڳالهه ٻڌي ناکٹو جانو ڏاڍو خوش ٿيو.

شام جي وقت عبدالغفور جاموٽ تڙ تي ريڑهيءَ جا فنڪار پنهنجن سازن سميت آيا. استاد عبدالله ملڪاڻي جيڪو گند (سنهي مڇي) جو واپاري هو ان جي دڪان ۾ محفل موسيقي رکيل هئي. ناکٹو جانون ۾ ان جا دوست به محفل ۾ آيا. عبدالغفور جاموٽ بندرگاهه ريڑهيءَ جو مڪيه ۾ وڏو بندرگاهه آهي، تڙ تي ڪيترائي هوڙا ۾ ٻيڙيون بينل هيون ۾ مڇي ڪٹڻ جي لاءِ ڏاتسنون به بينل هيون. هوري هوري ريڑهيءَ جا نوجوان، يار ۾ وڏي عمر جا ماڻهو ڪني ٽيندا ويا، هر هڪ جي چهري تي خوشيءَ واري مرڪ هئي، هو پنهنجي فنڪارن کي ڏسي هڪٻئي سان کل پوڳ ڪندا رهيا.

استاد عبدالله ملڪاڻي عرف ننبڪڙيءَ ڏوهڙو پيش ڪيو.

تنهن کان پوءِ استاد ابو واڍو ريڑهيءَ جي جهوني فنڪار محفل وارن کي گيت ٻڌايو.

ہم ملاح مچھلی والے، دولت والے ہیں
ہمیں اور دنیا کہتی ہے، سمجھ یہ کنگالے ہیں
کمزور نہ ہماری کشتی ہے، دریائوں میں موج و مستی ہے
ہم کو آگے جانا ہے، وہاں پر ہماری بستی ہے
ہمارے تو اُدھر باندھے ہوئے جالے ہیں
سمندر میں جب جاتے ہیں، تو تیز ہوائیں بھی آتی ہیں
لہروں کا سینہ چیر کے، پھر ہم اپنی منزل پاتے ہیں
ہم آندھیوں اور طوفانوں کے تو پالے ہیں
کشتی میں ہمارا سفر ہے، بس اللہ کا یہ شکر ہے
آج نہیں تو کل ملے گا، یہی ہماری صبر ہے
ہم برسوں کا یہ دُکھ سکھ ، سہنے والے ہیں
ماہیر ہماری ذات ہے، یہ سچی بکل بات ہے
ابو واڈہا جہاں بھی جاتا ہے، رحمت اللہ کی ساتھ ہے
ہم سچ سمندر اللہ کے حوالے ہیں، ہم ملاح مچھلی والے ہیں۔

ڳوٺ چنيسر ڪراچيءَ کان آيل نوجوان فنڪار حميد لاسي سريلي مڙئي آواز ۾ مهاڻن جي معاشي زندگيءَ انهن جي گذر سفر جي حوالي سان گيت ٻڌايو.

مڇيءَ تي آ گذر اسان جو
رڇ ڪلهي تي يارو
يارو اسين ڪونہ ڪيون ٻني ٻارو
سياري اونهاري پاڻيءَ ۾ رهون ٿا
پلي وسي پيو پارو
يارو اسين ڪونہ ڪيون ٻني ٻارو
ٻيڙين ۾ چڙهي مزدوري ڪريون ٿا
گهمون لانچن ۾ ڪارو
يارو اسين ڪونہ ڪيون ٻني ٻارو
رڇن تي رهي اوجاڳا ڪريون ٿا
وجهون مڇين ۾ مارو
يارو اسين ڪونہ ڪيون ٻني ٻارو
الانا گراٽا غريب آهيان مان
مولا ورائيندو وارو
يارو اسين ڪونہ ڪيون ٻني ٻارو

[illegible] ٻارن، نوجوانن ۽ وڏي عمر جي ماڻهن فنڪار کي داد ڏيندي زور سان تاڙيون وڄائيندا رهيا.

گهڇ پنهنجي مخصوص انداز سان نچندي جهمر هڻندي سيني جا ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ڇڏيا. پوءِ ڪيترائي نوجوان گهڇ سان گڏ جهمر هڻڻ لڳا. گهڇ جهمر هڻندي شعر چيو.

تاڙيون تاڙيون زور تاڙيون،

پيو فنڪار تا چاڑهيون.

محفل ۾ ٿهڪڙو مچي ويو. هن محفل ۾ ڪاروچاڙ ڪان آيل الهڏنو خاصخيلي ۽ جليل ڪتي فنڪار کي داد ڏنو. ان کان علاوه ريڑهي جا ماڻهو عثمان ڪاتلي ملڪائي، قاسم جت، نواز دبلو بهادر علي عمراڻي، عبدالقادر موساڻي، سومار علي موساڻي، سائين جمن موساڻي، سيٺ گل محمد موساڻي، شعبان موساڻي، شهزاد موساڻي، رشيد موساڻي، محمد جمن موساڻي، علي محمد موساڻي، جميل احمد موساڻي، ابراهيم ملڪائي، زبير احمد ملڪائي، اسماعيل ملڪائي، يامين ورياڻي، يونس موساڻي، محمد اسحاق ملڪائي ۽ ٻيا ڪيترائي ٻار ۽ نوجوان فنڪارن جي محفل پڏڻ لاءِ ايندا رهيا.

محفل وارن جي فرمائش تي ريڑهيءَ جي نوجوان فنڪار رزاق راهي موساڻي، سائين غفور شاهه جو ڪلام پيش ڪيو.

محفل رات جو پارنهين وڳي تائين هلندي رهي. پوءِ فنڪارن کي داد ڏيندي واري واري سان اچي پاڪرين پوندا موڪلينداهليا ويا.

***

ريڙهي ميار

منصور تلهو



Brother Mansoor is a renowned novelist and short story writers of sindhi language as Shah Latif says, "live through death so you can see the beloved's beauty", likewise, brother Mansoor has witnessed salty waters of Rehri Marian by living through death. The way he has observed and portrayed the lives of fisher-folk in his novels is matchless-when these fisher folk plung themselves into deep seas and leave their hearths families behind, desolate. Brother Mansoor had had to live for 5 years in USA but is now preparing his return to the same salty waters, where he belongs.

Brother Mansoor has also worked on the dialect of Sindhi spoken in and around Rehri Marian and a produced research based work on the topic, which would help connect intellectuals of Sindh with fisher-folk of Rehri Marian.

Because a true, lovers and a good creator's words understand and portray reality and brother Mansoor is both.

Brother Mansoor has authored the following books:

1. Jeevan Leekha (Novel-2005)
2. Je Hyanu na Haareen (collection of stories-2005)
3. Zindagi Bhogg (Novel-2007)
4. Mitti aen Muhaana (Novel-2008)
5. M.Phil thematic and artistic similarities between sindhi and Siraiki Novels from 1871 to 2007 (Un Published)
6. Rehri Marian (Novel-2011)
7. Akhar Patti (Words of the coastal areas of Sindh 2014)

ABDUL LATEEF LAGHARI

Dated: 19-04-2015 Hyderabad, Sindh

PARAS HYD: 0300-3014195

پڑهندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ جٽيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، پَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، پاڙي، ڪائُو، پاڃوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِ چان "**پڙهندڙ**" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، بين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري **پَـنَ** جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا **پَنَ** بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ھِيں لفظ ”**پَنَ** کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

کوشش اھا ھوندي تہ **پَنَ** جا سي ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ **پَنَ** پاڻ ھِڪَجِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڈي وَڻُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. **پَنَن** پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان کو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي کوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ھيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڈھن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ يلي ڪمائي، رُڳو **پَنَن** سان اُن جو کو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڈجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٹائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ جاڻ کي ڦھلائڻ جي کوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مجن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻُ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُکارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ جڙ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄ ڪلهه نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہ جڙ گوريلا آهن.....
... ...
هي بيتُ اَتي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوڻ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽـٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتر ڪينرو)